# ظفر حسن جي ڊائري



# ظفرحسن جي ڊائري

[ 14 آگسٽ 1982 کان 31 مارچ 1984 تائين ]

## جلد پهريون

سڀ حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

| | | |
|---|---|---|
| ڪتاب جو نالو | : | ظفر حسن جي ڊائري |
| ليکڪ | : | ظفر حسن سيد |
| موضوع | : | ڊائري/ آتم ڪٿا |
| ڇاپو | : | پهريون. مارچ، 2003 |
| تعداد | : | هڪ هزار |
| ڇپيندڙ | : | ناليج سينٽر، ڪراچي |
| قيمت | : | 200 روپيا |
| ڀاران | | ايم ايڇ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو. |

All Rights are Reserved with Publisher

| | | |
|---|---|---|
| Title | : | Zafar Hassan Ji Diary<br>[Zafar Hassan's Diary] |
| Author | : | Zafar Hassan Sayyed |
| Subject | : | Diary / Autobiography |
| Edition | : | First. March, 2003 |
| Copeis | : | 1000 |
| Printers | : | Knowledge Centre, Karachi |
| Price | : | Rs. 200 |

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ارپنا

امڙ بي بي حسينا سيد جي نالي
جنهن
27-جون 1982ع تي
اج کان
انيتاليهہ ڏينهن اڳ
وفات ڪئي.

"امان، جيڪي چوندس سچ چوندس."

ظفر حسن

# فهرست

## 1982


14 آگست ........ 1
21 آگست ........ 13
27 آگست ........ 17
31 آگست ........ 20
7 سیپتمبر ........ 24
11 سیپتمبر ........ 35
13 سیپتمبر ........ 46
15 سیپتمبر ........ 54
16 سیپتمبر ........ 56
18 سیپتمبر ........ 59
19 سیپتمبر ........ 61
20 سیپتمبر ........ 63
21 سیپتمبر ........ 67
23 سیپتمبر ........ 68
26 سیپتمبر ........ 77
29 سیپتمبر ........ 78
30 سیپتمبر ........ 83
1 آکتوبر ........ 91
2 آکتوبر ........ 96
10 آکتوبر ........ 98

15 آڪٽوبر ... 107
21 آڪٽوبر ... 111
27 آڪٽوبر ... 113
8 نومبر ... 116
12 نومبر ... 118
13 نومبر ... 120
26 نومبر ... 121
27 نومبر ... 122

## 1983

1 جنوري ... 124
15 جنوري ... 126
16 جنوري ... 128
26 جنوري ... 131
31 جنوري ... 133
1 فيبروري ... 134
4 فيبروري ... 136
11 فيبروري ... 139
17 فيبروري ... 140
19 فيبروري ... 141
23 مارچ ... 143
13 اپريل ... 144
1 مئي ... 145

3 مئي ........ 146
4 مئي ........ 148
26 مئي ........ 150
10 جون ........ 153
11 جون ........ 156
12 جون ........ 159
13 جون ........ 160
16 جون ........ 168
17 جون ........ 170
18 جون ........ 172
19 جون ........ 176
29 جون ........ 178
4 جولاء ........ 181
5 جولاء ........ 183
6 جولاء ........ 191
7 جولاء ........ 192
8 جولاء ........ 196
9 جولاء ........ 202
10 جولاء ........ 205
11 جولاء ........ 207
12 جولاء ........ 208
13 جولاء ........ 211

14 جولاءِ ........ 218
15 جولاءِ ........ 223
16 جولاءِ ........ 225
30 ڊسمبر ........ 232
31 ڊسمبر ........ 234


## 1984


1 جنوري ........ 237
4 جنوري ........ 239
5 جنوري ........ 242
11 جنوري ........ 251
12 جنوري ........ 253
13 جنوري ........ 255
17 جنوري ........ 256
18 جنوري ........ 259
27 جنوري ........ 266
28 جنوري ........ 268
29 جنوري ........ 269
30 جنوري ........ 272
31 جنوري ........ 273
9 فيبروري ........ 281
31 مارچ ........ 286

# 14- آگسٽ 1982ع

اڄ منهنجو جنم ڏينهن آهي. پڪ ڪانه اٿم ته ڪائون جنم ڏينهن آهي. چوئيتاليهون، پنجيتاليهون يا ڇائيتاليهون؟ ڪڏهن حساب ڪونه ڪيو اٿم. 1937ع ۾ پيدا ٿيو هوس. باقاعدي ويهي حساب ڪريان ٿو. حساب ڪرڻ کان پوءِ هاڻي پڪ سان چئي سگهان ٿو ته اڄ منهنجو پنجيتاليهون جنم ڏينهن آهي. حياتيءَ جا پنجيتاليهه سال پورا ٿي چڪا آهن ۽ هاڻي ڇائيتاليهون سال شروع ٿي چڪو آهي. مون ڪڏهن به پنهنجي حياتيءَ جا سال باقاعدي ياد ڪونه رکيا آهن. هميشه پاڻ کي ننڍو ئي سمجهيو اٿم ۽ هميشه اهو ئي سوچيو اٿم ته جيڪي ڪم ڪرڻا اٿم، تنهن لاءِ حياتي پئي آهي. پر اڄ پهريون ڀيرو پنهنجي جنم ڏينهن تي اداس آهيان. امان جي وفات کان پوءِ هيءَ پهريون جنم ڏينهن اٿم.

متئين سٽ لکڻ کان پوءِ، پنهنجي ئي لکيل سٽ کي پڙهان پيو. پهريون ڀيرو پنهنجي هٿ سان امان لاءِ وفات جو لفظ لکيو اٿم. ايئن ٿو لڳي ته هي لفظ منهنجا لکيل ڪونهن. جي منهنجا لفظ لکيل آهن ته اعتبار نٿو اچي ته اهي ڪيئن لکي سگهيو آهيان. ڇا امان سچ پچ گذاري ويئي آهي!؟ سچي حياتي ان حقيقت تي مڪمل ويساهه نه ڪري سگهندس. بس ڪيڏي مهل محسوس ٿو ٿئيم ته امان واقعي گذاري ويئي آهي ته ڪيڏي مهل محسوس ٿو ٿئيم ته نه اهو ناممڪن آهي. امان ڀلا ايئن ڪيئن ٿي مري سگهي؟ امان هينئر به مون ڏانهن نهاري مرڪي رهي آهي. سڄي ڄمار ان مرڻ ۽ نه مرڻ جي ڇڪتاڻ ۾ رهندس.

"ظفر، ڏس ڀلا آئون ڪا هيءَ جهان ڇڏي وئي آهيان؟ آئون ته هينئر به توکي ڏسي مرڪان پيئي. تون ڀلا ڇو ٿو ايئن سوچين؟ ڏس، تنهنجو منهن هينئر به لٿل لٿل پيو لڳي. اکيون به پرجي آيون اٿئي" امان جا هٿ پنهنجي ڳلن تان لهندي هيٺ ڪاڏيءَ تائين محسوس ڪريان ٿو، جيئن امان سدائين پاپوهه مان

مون کي اُلڪيونڊ ڏسي ڪندي هئي. ڪنن ۾ امان جي پچڪار جون گھنڊڙيون وڄڻ لڳن ٿيون.

امان، تنهنجا لفظ تہ آئت پريا آهن پر تنهنجي نلهي پچڪار ۾ ئي ڪيڏي نہ آئت ملي ٿي. ڏس امان اڄ منهنجي سالگرهہ آهي نہ. ڪيئن نہ آسيس وٺڻ لاءِ تو وٽ ڊوڙندو ايندو هوس پر هاڻي سڄو ڏينهن گهر ۾ ئي گذري ويو. رات جا يارنهن پيا لڳن پر ايئن پيو لڳي تہ اڄ سڄي رات ننڊ نہ ايندي ۽ توکي ياد ڪندو رهندس جيسين وڃي اک لڳي.

اڄهو امان ماهرا بہ پنهنجي ڪمري مان اٿي مون وٽ هلي آئي آهي.

"بابا، الائي ڇو ننڊ نٿي اچي! توهان اڄو اسان جي ڪمري ۾ مون کي اچي سمهاريو نہ!"

لڳي ٿو ابهم ماهرا کي بہ توهان جي ياد آئي هوندي. آئون کيس سندس ڪمري ۾ سمهارڻ وني ٿو وڃان. ٿوري دير ۾ ئي کيس ننڊ ڪٽي ٿي وڃي.

شايد ٻار بہ وڏن وانگر ٻنان ڪارڻ لاشعوري طرح بي چين ٿي تا وڃن.

اڄ ڦهريون پيرو مون کي پنهنجي جنم ڏينهن جو احساس ٿيو آهي، تہ مون پنهنجي حياتيءَ جا پنجيتاليهہ سال گذاري ڇڏيا آهن. مون ڇا ڪيو آهي انهن سالن ۾؟

اڄ منهنجي محاسبي (Accountability) جو ڏينهن آهي. پنهنجو پاڻ کان حساب وٺڻ جو ڏينهن!

ڇا ڪيو اٿم انهن سالن ۾؟ ڇا لکيو اٿم انهن سالن ۾؟ آخر منهنجو ڪهڙو ڪنٽريبيوشن آهي هن سماج ۾؟ مون پنهنجي جيجل سنڌ ۽ ان جي ٻوليءَ لاءِ ڇا ڪيو آهي! امان تو تہ پنهنجو فرض پورو ڪيو. تو ظفر کي جٽي پالي تاتي پڙهائي لکائي جيجل لاءِ جڳ ۾ موڪليو، پر تنهنجي پٽ ڇا ڪيو آهي جيجل؟ آئون سمجهان ٿو تہ تون پنهنجي پٽ کي هزار خامين جي باوجود پنهنجي اکين ۾ جاءِ ڏيندينءَ. پر آئون بہ تہ تنهنجو پٽ آهيان. تو تہ پنهنجي اولاد لاءِ پنهنجي سڄي حياتي ڏينهن رات ڪم ڪري تياڳي ڇڏي پر ڇا تنهنجي اولاد بہ پنهنجي جيجل لاءِ ايئن ڪيو آهي؟ حياتي قربان ڪرڻ تہ وڏي ڳالهہ آهي، پر وقت جي قرباني بہ ڏني آهي؟ يا رڳو گهمڻ ڦرڻ ڪچهريون ڪرڻ، ريڊيا ٻڌڻ ۽ ٽي وي ڏسڻ ۾ پنهنجو وقت وڃايو آهي.

مون سڀ کان پهرين 'سهڻي' ۾ طارق اشرف سان سهڪار ڪيو. وقت جو بہ پئسي جو بہ. مون پريس کولي، اتي بہ وقت ۽ پئسي جي قرباني ڏني. مون 'ڌرتي اڪيڊمي'، 'عالمي ادب'، 'سماجي سائنسون' ڪيڊيون، 'ماهوار سائنس' ۾ ڪم ڪيو ۽ 'سنڌي ادب جي مختصر تاريخ' (1) ڪتاب پبلش ڪيو. ڪجهہ ڪهاڻيون لکيم، ڪجهہ ڪالم لکيم، هڪڙو ڪهاڻين جو مجموعو شايع ٿيو ۽ ڪجهہ فنڪشنن ۾ مقالا پڙهيم. پنهنجي نظر ڪريان ٿو تہ ڪوبہ ڪم باقاعدگيءَ سان منظم نموني (Systematically) نہ ٿيو. ڪنهن بہ ڪم جو بنياد پڪو نہ پيو. ڪوبہ ڪم باقاعدگيءَ سان اڳتي هلي نہ سگهيو.

ڪو جاگرافيءَ تي ڪتاب نہ لکيو. جاگرافيءَ ۾ پي ايچ ڊي نہ ڪيم. جاگرافيءَ ۾ ڪي خاص ڪوجنائي مضمون بہ نہ لکيم. پنجيتاليهہ سال ايئن ئي گذري ويا.

پر امان تون تہ مون مان خوش هئينءَ. ماءُ جو هئينءَ. هاڻي جڏهن تون هن جڳ ۾ نہ آهين تہ احساس ٿو ٿئيم تہ منان مون تي ڪو مياري ٿي چوي تہ حسينا جي پٽ مان تہ اسان کي وڏيون اميدون هيون پر هن ڪو ٻوٽو ڪونہ پاريو.

امان مون کي ڪجهہ ڪرڻو پوندو. ڪجهہ حياتيءَ ۾ باقاعدگي آڻڻي پوندي. امان آئون تنهنجو نالو امر ڪرڻ گهران ٿو. ان ڪري پاڻ کي امر ڪرڻ لاءِ هاسيڪار ڪوشش وٺڻي پوندي. منهنجي مرڻ کان پوءِ ماڻهو ايئن چوندا، آخر تہ حسينا جو پٽ هو!

ها، سچي هڪڙو ٻيو اهم مامرو رهجي ويو. علمي ۽ ساهتي محاذ تہ نهيو پر مون گهرو ۽ ڪٽنبي يا ڳوٺ جي محاذ تي بہ ڪجهہ ڪونہ ڪيو. بابا جڏهن گذاري ويو تہ آئون پري مئٽرڪ ۾ هوس، سؤ کن ايڪڙ زمين هئي، چاچا جيئرا هئا، تي چاچا ۽ ٽيئي بي اولادي، ويچارا هر طرح مدد ڪرڻ لاءِ تيار پر مون شهري جيوت جي نشي ۾ ڳوٺ ۽ زمينن جي ڪا سار سنڀال نہ لڌي. ڳوٺ جو گهر اجڙي ويو، زمينون ويران ٿي ويون. اسين زمين جي پرگهور لهون ها ۽ بابا جي دوستن کان جائز فائدا وٺون ها تہ اها سچي زمين هيئنر باغ هجي ها. پر مون زمينون بہ بي پارتيون ڪيون. ڳوٺ بہ سڌري نہ سگهيو. ڳوٺ وارا بہ مون کي عزت ڏيڻ لاءِ تيار هئا. سچو ڳوٺ منهنجو چيو مڃي ها ۽ اهڙي طرح اسان جو ڳوٺ ماڊل ڳوٺ بڻجي پوي ها. بهرحال مون ڪجهہ بہ سڌارو نہ آندو. ايتري

(1) ليکڪ عبدالجبار جوڻيجو (مرتب)

قدر جو يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ کان پوءِ به اک نه ڪليم ۽ نه گهر ٺهرايم، نه پلاٽ ورتم، نه پئسا بچايم. بس بي اونائي ۽ غير ذميواريءَ واري حياتي بسر ڪندو رهيس ۽ حيرت جي ڳالهه آهي ته اجا تائين منهنجو اهو ئي لاڙو آهي. جينوٽيڪ گهٽا پيرا پاڻ سڏارڻ، علمي، ساهتي، گهرو، ڳوناٽي ۽ ذاتي محاذ تي منظم نموني ڪم ڪرڻ لاءِ سوچيو اٿم، پر اجا رڳو سوچ ئي رهي آهي، عمل ذرو به نه ٿيو آهي. سوچيان ٿو ته اينترا محاذ ته نهيو پر ڪنهن به هڪڙي محاذ تي ئي ڪم ڪريان ها ته آئون تڏهن به هڪ سيٽلڊ ماڻهو هجان ها.

اڄ 14 آگسٽ 1982ع تي آئون پنهنجي امڙ جي آڏو وچن ٿو ڏيان، ته آئون هر ڪم مڪمل نموني منظم تي، Organised ۽ Systematic نموني ڪندس. اڄ کان آئون ايئن سمجهندس ته آئون هڪڙي ڪمپني آهيان، هڪڙي فرم آهيان، جنهن جو آئون جنرل مئنيجر، مئنيجنگ ڊائريڪٽر ۽ مالڪ آهيان. انهيءَ فرم يا اداري کي هلائڻ منهنجي لاءِ للڪار آهي. منهنجي قابليت، Competence ۽ Efficiency جو امتحان آهي. جيڪو ماڻهو پنهنجي ذاتي مامرن کي قابليت سان نٿو هلائي سگهي، انهيءَ کي In-efficiency جي بنياد تي Service rules پٽاندر نوڪريءَ مان ڪڍي سگهجي ٿو. يعني ان کي هن جڳهه ۾ رهڻ جو حق ڪونهي. پلا جي مجي به ڪٽي ته جيئرو رهڻ جو حق آهي ته گهٽ ۾ گهٽ ڪيس سماج سان ڪا شڪايت نه ڪرڻ کپي. ڇو ته جهڙا منهنجا افعال آهن ۽ اهڙا ئي منهنجا حال آهن ته پوءِ ڏوهه نه سماج جو، نه حڪومت جو، نه مائٽن جو ۽ نه حالتن جو آهي. آئون پنهنجي حالتن جو پاڻ ذميوار آهيان. جي پي ايچ ڊي نه ڪئي اٿم، جي پروموشن لاءِ ڪوجنائي مقالا نه لکيا اٿم، جي گهٽيون ڪهاڻيون نه لکيون اٿم، جي ناول نه لکيو اٿم، جي قومي سطح تي پنهنجي حيثيت پٽاندر پنهنجو ڪم نه ڪيو اٿم، جي اجا پنهنجو گهر شهر ۾ نه ٺهرايو اٿم، جي پنهنجو گهر ڳوٺ ۾ به نه ٺهرايو اٿم، جي پنهنجون زمينون نه سڌاريون اٿم ۽ انهن سڀني ڳالهين جي ڪري هڪ سڦل ماڻهو نه آهيان، جي آدرشي پٽ نه هوس، جي آدرشي ڀاءُ نه آهيان، جي آدرشي پيءُ نه آهيان، جي آدرشي ور نه آهيان ته انهن مڙني ڳالهين ۾ پنهنجو ڏوهه اٿم. پر جي آئون هر مٿئين کيتر ۾ يا ڪنهن به هڪڙي کيتر ۾ پنهنجي مڪمل جاکوڙ ڪريان ها ۽ پوءِ اسڦل ٿيان ها ته پوءِ آئون اينترو ڏوهي نه هجان ها، نه آئون اينترو مياري هجان ها.

اجوڪو ڏينهن ”پاڻ حساب“ جو ڏينهن آهي. پنهنجو جنم ڏينهن يا

نئين سال جو پهريون ڏينهن (New year's day) ظاهر ۾ تہ ملهائڻ لاءِ ۽ خوشيون ڪرڻ لاءِ هوندو آهي، پر حقيقت ۾ اهو حساب ڪتاب (Stock-taking) جو ڏينهن هوندو آهي. ماڻهوءَ کي پنهنجي گذريل سال جي افعالن جو حساب ڪتاب ڪرڻ کپي تہ جيئن گذريل سال يا گذريل سالن جو ڇيد (Analysis) ڪري اڳتي حياتي، منظم نموني سان گذارڻ جي ڪوشش ڪري.

خير، هينئر جيڪي وقت گذري ويو سو ڇٽو. ان تي افسوس ڪرڻ اجايو آهي، پر ان کي وسارڻ نہ گهرجي، ڇو تہ اهي ئي اسڦلتائون (Failures)۽ اهي ئي گهٽتائيون اصل ۾ اهي تجربا آهن، جن مان سکي ئي اڳتي ڪجهہ ڪرڻو آهي. اهو ماڻهو جنهن کي پنهنجي اسڦلتائن جو احساس هوندو ۽ تڏهن ئي هو پاڻ ۾ سڌارو آڻي سگهي ٿو. نلهو احساس نہ پر احساس کان پوءِ عمل ڪرڻ جو عزم ۽ پختو ارادو.

اڄ امان، جڏهن تون هن جڳ ۾ نہ آهين، تڏهن پهريون ڀيرو تنهنجي اڳيان پنهنجين اسڦلتائن ۽ گهٽتائين سميت تو آڏو بيٺو آهيان. سوچيان ٿو اڳ ۾ اهڙو احساس ٿئيم ها تہ شايد تون ايتريون تڪليفون نہ ڏسين ها ۽ سوير ڪان ئي تون سکي ستابي ٿي رهين ها. شايد تون وقت کان اڳ نہ گذاري وڃين ها. شايد توکي بلڊ پريشر نہ ٿئي ها. شايد توکي اڌرنگ نہ ٿئي ها. ۽ تون وڏي حياتي ماڻين ها. مون کي لڳي ٿو تہ وقت کان پهرين تنهنجي موت ۾ منهنجو هٿ آهي.

پر امان تو تہ ڪڏهن بہ شڪايت ڪانہ ڪئي، تو تہ مرڻ گهڙي مهل بہ اسان کي خوش ڏسڻ ٿي گهريو. ڪيڏو نہ ڏک هو مون کي تنهنجي موت تي! ڪيڏو نہ مايوس هوس تنهنجي موت تي! پر سوچيان ٿو تہ تون پنهنجي اولاد کي خوش ڏسڻ جي هڪڙي اها ئي خواهش ڪٺي جي رهي هئينءَ. مون کي خبر آهي، ڪير اسان جون خوشيون هڪڙي پاسي ۽ تنهنجو موت ٻئي پاسي ڪٺي تنهنجي آڏو اچي تہ تون گهٽو اڳي موت کي گلي لڳائين ها. تنهنجي تہ جڳ ۾ رهڻ جي ٻي خواهش ئي ڪانہ هئي، سواءِ اسان کي خوش ڏسڻ جي.

امان، مون کي لڳي ٿو تہ جيسين تون جيئري هئينءَ، اسان جا وڏا ڏک ۽ وڏيون تڪليفون توکي ايترا ڏکيا نہ لڳن ها، جيترا هاڻي تنهنجي گذاري وڃڻ کان پوءِ توکي محسوس ٿيندا. هاڻي تہ اسان جا ننڍڙا ڏک ۽ هلڪيون سلڪيون تڪليفون بہ توکان شايد برداشت نہ ٿينديون. انهيءَ ڪري هاڻي آئون منظم

نموني اهڙي طرح سچو پنهنجو سرشتو هلايان جو ڪنهن به ڏک ۽ تڪليف جو آئون پاڻ سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح ذميوار نه بڻجان. باقي اهي ڏک ۽ تڪليفون جيڪي منهنجي وس ۾ ڪونهن، اهي ته بهرحال قدرت پاران ئي لکيل هونديون، جن تي ڪنهن ماڻهوءَ جو وس نٿو هلي سگهي.

باقي جيڪي منهنجي وس ۾ آهي، اهو سڀڪجهه پنهنجي بهترين صلاحيتن سان پورو ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪندس. مون کي خبر آهي ته هن ڪان پهرين ته جيڪي به ڀُلون ٿيون، سي تو معاف ڪري ڇڏيون آهن پر هن ڪان پوءِ هاسيڪار منهنجي معمولي ڀُل کي به معاف نه ڪندينءَ. ڇو ته هاڻي مون کي پنهنجي پاران ملندڙ ڏک ۽ تڪليف کي تون هاڻي برداشت نه ڪري سگهندينءَ.

اڄ 14 آگسٽ 1982ع تي پنهنجي پنجيتاليهين جنم ڏينهن تي، پنهنجي نئين منظم حياتيءَ جي، تنهنجي دعائن سان شروعات ڪريان ٿو.

امان ڪان پوءِ اڄ پهريون ڀيرو ٽي وي ڪوليوسون. امان جي وفات 27 جون تي ٿي هئي، يعني انيتاليهه ڏينهن ڪان پوءِ. حيرت جي ڳالهه آهي ته ايترا ڏينهن نه ٽي وي هلايوسون ۽ نه ريڊيو. ها البت جولاءِ جي مهيني ۾ ريڊيو ضرور ڪوليو هئم، جو انگلينڊ ۽ پاڪستان جي وچ ۾ هلندڙ ڪرڪيٽ ٽيسٽ مئچ جو اسڪور ٻڌڻو هئم. پر باقاعدي ويهي لڳاتار ڪامينٽري نه ٻڌم. بس ٿورو ڪولي اسڪور ٻڌي ريڊيو بند ڪري ڇڏيندو هئس. وڌيڪ حيرت جي ڳالهه آهي ته ايترا ڏينهن ٻارن به خواهش نه ڏيکاري. جينوٽيڪ ٻار ۽ قمر ئي ٽي وي شوق سان ڏسندا آهن. آئون وڌ ۾ وڌ هفتي ۾ هڪ ڀيرو سنڌي پروگرام ناٽڪ سيا ڏسندو آهيان يا وري ويڪ اينڊ سنيما. اردو ناٽڪ منهنجي زال البت شوق سان ڏسندي آهي. اڄ تائين ڪنهن به زال ته نهيو پر ٻارن به ٽي وي کولڻ لاءِ نه چيو. ماهرا جي ڄمار ست سال آهي ۽ ناظرا جي ڄمار نوَ سال آهي پر حيرت آهي ته اهي به امان جي ڪري گهر ۾ چپ چاپ واري ماحول تي اهڙا نهڪي ويا آهن، ڄڻڪ گهر ۾ ٽي وي سيٽ آهي ئي ڪونه. حيرت جي ڳالهه اها آهي ته اڄ به ٽي وي نيٺ مون ئي ڪوليو ته جيئن پاڪستان ۽ انگلينڊ جي ٽيسٽ مئچ جو ڪلاڪ لائيو پروگرام ڏسي سگهان. ٿوري دير ۾ ٻار به اوچتو ٽي وي جو آواز ٻڌي

مڙي آيا ۽ اهڙي طرح اڄ ٽي وي هلائي عام حياتيءَ کي معمول تي آڻڻ جي ڪوشش ڪئي سون.

اڄ آئون قمر کي بهرحال ڪريڊٽ ڏيندس ته هن ڪڏهن به ريڊيو نه کوليو ۽ نه ئي ٽي وي کولڻ لاءِ اشارن ۾ ئي، ٻارن جو ئي ٻهانو ڪري ٽي وي کولڻ لاءِ ڪا ڳالهه ڪئي. قمر ضرور اهو سوچيو هوندو ته جيسين پٽ پنهنجي هٿ سان ريڊيو، ٽي وي نه کوليندو تيسين هو ٽي وي نه ڏسندي. پاڻ ته وري به ننهن هئي. مٿان مٿس اهو الزام اچي ته ماءُ ۽ سس ۾ فرق ٿيندو آهي، ان ڪري هن کي پلا ڏک جو اينترو احساس ٿورو ئي هوندو.

آئون سوچيان ٿو جي واقعي قمر مون کي ٽي وي کولڻ لاءِ پاڻ چوي ها ته ڪيترو نه ڏک ٿئي ها. آئون اهو به مڃيان ٿو ته هڪ پٽ کي جيترو ماءُ جي مرڻ جو ڏک هوندو، اوترو ننهن کي سس جو نه هوندو، پر هن پنهنجي مڙس جي جذبات جو خيال رکيو. شايد ڪو حقيقت پسند يا جدت پسند اهو چوي ته اها منافقي آهي جو جيترو ماڻهو محسوس ڪري، ان کان وڌيڪ پاڻ کي ظاهر ڪري. پر آئون سمجهان ٿو ته نه، اها ئي صحيح سوچ آهي ته ماڻهو ٻين جو خيال رکي. ٻين جي جذبن ۽ احساسن جو خيال رکي ۽ ٻين جي ڏک کي پنهنجو سمجهي، انهيءَ ۾ ڀاڳي ڀائيوار ٿئي.

اڄ آئون قمر جو ٿورائتو آهيان. مون کي سندس سياءُ جي انهيءَ رخ منهنجي من ۾ سندس لاءِ مان وڌائي ڇڏيو.

اڄ پاڪستان جي آزاديءَ جو ڏهاڙو آهي. يونيورسٽيءَ ۾ جيڪو پروگرام آيو هو، ان ۾ لکيل هو ته نوين وڳي جهنڊو ڦڙڪائڻ جي رسم ادا ٿيندي. ڪٿي ادا ڪئي ويندي، اهو لکيل ڪونه هو. حيدرآباد جي استادن جون بسون جيڪي هونئن ساڍي ستين وڳي روانيون ٿينديون آهن، سي به انهيءَ ساڳئي ٽائيم تي روانيون ٿينديون. اهو پروگرام ۾ لکيل ڪونه هو ته ڪلاس ٿيندا يا نه. بهرحال آئون پوري سوائين انين وڳي ڪلاس ٽائيم تي ڊپارٽمينٽ پهتس. ڊپارٽمينٽ بند هو ۽ تالو لڳل هو، پندرهن منٽ ڪن بينس پر ڪير نظر نه آيو ۽ موٽي جڏهن گهر پئي آيس ته ڪجهه استاد موٽرن ۾، موٽر سائيڪلن تي وي سي آفيس ڏانهن ويندا نظر آيا. پريان وي سي آفيس ڏي نظر ڪيم ته سڀ بسون اتي پهتل هيون ۽ ماڻهو به نظر پئي آيا. سرڪيولر ۾ اهو لکيل ڪونه هو

تہ نيو ڪيمپس ڄامشوري ۾ رهندڙ اسٽاف ڪيئن ايندو. شهر مان ايندڙ اسٽاف تہ بهرحال سڌو سنئون وي سي آفيس پهچايو ويو هو. باقي ڄامشوري ۾ رهندڙ اسٽاف ظاهر آهي تہ پهرين پنهنجي آفيس ۾ پهچندو.

آئون جهنڊي ڦڙڪائڻ واري رسم ۽ قومي ترانو ڳائڻ واري فنڪشن کان پاڻ کي بچائي ويس جو اهو منهنجي سرڪاري ڊيوٽيءَ جو فرض نہ هو. ڇو تہ سرڪيولر ۾ نہ جهنڊي ڦڙڪائڻ واري رسم جو ماڳ لکيل هو ۽ نہ ئي اسان سڀني کي شرڪت لاءِ ضروري چيل هو. بس اينترو لکيل هو تہ سڀني کي دعوت آهي، پوءِ هرويرو دعوتَ تي پڄندا ڇو وڃون. آئون اڄا پنهنجي ڊپارٽمينٽ کان واپس ئي موٽي رهيو هوس تہ گهٽا استاد کي ڪارن ۾، کي موٽر سائيڪلن تي ايئن حيدرآباد ڏانهن واپس ويندا ٿي نظر آيا جيئن ڪو جند ڇڏائي پڄندو هجي ۽ هو بہ ايئن جهنڊي ڦڙڪائڻ واري پنجن منٽن جي رسم لاءِ حيدرآباد مان ٻارهن ميلن جو سفر ڪري آيا هئا تہ جيئن مڙيئي 'حاضري' لڳي ۽ 'محب وطن' جو ٺپو بہ لڳي، نہ تہ انهيءَ پنجن منٽن واري رسم ڪانپوءِ ڪوڏي ڪوڏي راند بہ هئي ۽ سنڌالاجيءَ ۾ ڪتابن جي نمائش پڻ. پر اها ڏسڻ لاءِ مڙس نہ ترسيا. ٻي ڳالهہ تہ هر ماڻهو خاص طرح شلوار قميص ۾ يعني 'پاڪستاني ڊريس' ۾ آيو هو، رڳو اهو ڏيکارڻ لاءِ تہ قومي ڏينهن تي ڏسو تہ پاڪستاني ڊريس پائي آيا آهيون.

آئون بنيادي طرح نان ڪنفارمسٽ (Non-conformist) آهيان. انهيءَ ڪري هاسيڪار آئون پتلون قميص ۾ ڊپارٽمينٽ ويو هوس. خاص ڊريس پائڻ لاءِ ڪو سرڪاري آرڊر ڪونہ هو ۽ نہ ئي مون کي ڪنهن کي بہ پنهنجي 'محب وطني' ڏيکاري 'محب وطن' جو سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي ضرورت هئي.

اڄ يونيورسٽيءَ کان موٽندي اوچتو نظر آيو تہ ذري گهٽ هر پٽ تي ڪي نوان نعرا لکيا پيا هئا. لڳي ٿو رات جو ئي ڪي لکي ويا هوندا. سوچيم سڀاڻي اچي نعرن کي نوٽبڪ ۾ درج ڪندس. اهو بہ هڪ تاريخي رڪارڊ آهي.

آئون رڳي هڪڙي اخبار گهرائيندو آهيان ۽ اها آهي، ڪراچيءَ مان انگريزيءَ ۾ شايع ٿيندڙ اخبار 'ڊان' . جون 1982ع تائين، ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ سنڌي اخبار 'هلال پاڪستان' بہ گهرائيندو هوس. بہ ٽي سال پهرين ٽي اخبارون گهرائيندو هوس يعني اڙدو اخبار 'جنگ' بہ. 71-1970ع واري هنگامہ

خيز دؤر ۾ ته سپيئي انگريزي، اڙدو ۽سنڌي اخبارون ۽ سپ اڙدو، انگريزي ۽ سنڌي رسالا گهرائيندو هوس، جن ۾ سياسي مواد هوندو هو.

جڏهن گهر ۾ ويهي ايتريون اخبارون ۽ رسالا نه رڳو پڙهندو هوس پر انهن جو اڀياس به ڪندو هوس ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ لڳي ويندا هئا. چو ته نه رڳو پڙهندو هوس پر اهم خبرن ۽ مضمونن کي باقاعدي مارڪ به ڪندو هوس ۽ پوءِ انهن مارڪ ڪيل سرخين کي نوٽ بڪ ۾ درج ڪري هڪڙي ڏسٽي به ناهيندو هوس. اهو هيئن ته ان اهم خبر يا مضمون جو سرو يا پهرين سٽ لکندو هوس ۽ پوءِ اخبار جو نالو، تاريخ ۽ صفحو نمبر لکندو هوس. مون وٽ اجا تائين اهي ٻن ٽن سالن جا نوٽ بڪ ۽ سپ اخبارون ۽ رسالا ڳوٺين ۾ بند پيا آهن. نيٺ ٻن ٽن سالن ۾ اهو ڪم ڇڏي ڏنم ۽ وري ڪافي عرصي کان پوءِ 1981ع کان نه رڳو ڊان جي مارڪنگ ڪندو آهيان پر هڪڙو الڳ سيٽ وٺي ماهوار پڪو جلد به ٺهرائيندو آهيان. پر اڄڪلهه خرچ وڌي وڃڻ ڪري الڳ اخبار خريد نه ڪندو آهيان ۽ جولاءِ 1982ع کان جُلد ٻڌائڻ به ڇڏي ڏنو اٿم، چو ته نه رڳو ايترو خرچ ڪرڻ منهنجي وس ۾ ڪونهي پر ايتريون اخبارون، بائينڊ ڪرائي رکڻ لاءِ به جاءِ ڪانهي، تنهنڪري 1981ع کان 'ڊان' سان گڏ هلال پاڪستان، به بائينڊ ڪرائيندو آهيان.

تنهن کان سواءِ، جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ به باقاعدي 1981ع کان هر ماهه جو الڳ ڪٽنگس جو فائيل ڊان منجهان تيار ڪرائيندو آهيان. جنهن ۾ سنڌ لاءِ سڌيون توڙي اڻ سڌي طرح ڪارائتيون خبرون ۽ مضمون ۽ ٻيا اهڙا اٽڪر قومي مسئلا هوندا آهن، جي هڪ عام ماڻهوءَ جي ڄاڻ لاءِ ضروري هجن.

آئون سمجهان ٿو ته آئون ڊان اخبار کي جهڙي طرح پڙهندو آهيان، مارڪ ڪندو آهيان ۽ اڀياس ڪندو آهيان، اهڙو ڪو ٻيو ماڻهو ورلي ڪندو هوندو، چو ته اخبار نه رڳو گهر ۾ پر ٻيهر ڊپارٽمينٽ ۾ ڪٽنگ لاءِ ور ور پڙهندو آهيان. آئون دعويٰ سان چوان ٿو ته هن وقت سنڌ ۾ مون کان وڌيڪ ٻيو ڪو به سنڌي، ڊان اخبار جي هڪڙي هڪڙي سٽ، هڪڙي هڪڙي ڪنڊ اهڙي طرح گهرائي سان پڙهندو يا مارڪ نه ڪندو هوندو! پر جيڪڏهن منهنجي دعويٰ ڪنهن غلط ڪري ڏيکاري ته وري به مون کي خوشي ٿيندي ۽ اطمينان ٿيندو ته سنڌ ۾ اهڙا ماڻهو به آهن، ته پوءِ اسين وڏي سگهه ماڻي سگهون ٿا.

هڪ ڏينهن جي اخبار ۾ اهڙيون اهڙيون ته خبرون هونديون آهن، جن تي

ايڊيٽر کي خط لکي سگھجي، يا واسطيدار اختياري وارن جو ڌيان ڇڪائي سگھجي يا ڪا خبر يا مضمون سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي سگھجي ۽ ان کي شايع ڪرائي سگھجي ته سنڌين کي خبر پئي، يا سنڌي اخبارن کي خط لکي عام ماڻھن جو ڌيان يا اختياري وارن جو ڌيان ڇڪائجي يا سنڌي اخبارن جي معرفت ان مسئلي تي مھم ھلارائي سگھجي ۽ ماڻھن ۽ سنستائن طرفان وفد وٺي سرڪار سان ملجي، اخبارن کان ايڊيٽوريل لکارائي سگھجي. مطلب ته گھڻا قومي ۽ مڪاني مسئلا آھن جن جو اسان سان سڌو سنئون واسطو آھي ۽ اسان تي سخت اثرانداز ٿيندڙ ڳالھيون ٿيـن پيون پر اسان، آئون ڏسان ٿو، مات ڪريو ويٺا آھيون.

مھم ھلائڻ ته پري رھيو پر ڪي اھم خبرون ته سنڌي اخبارون ڏين ئي ڪونه ٿيون، ۽ ان ڪري منھنجي دل گھُرندي آھي ته اھڙو ھفتيوار رسالو ھجي جيڪو رڳو ٻين اخبارن ۽ رسالن مان مواد ڪڍي سنڌيءَ ۾ پيش ڪري. مون جھڙو ماڻھو ته روزانو ڪالم يا گھٽ ۾ گھٽ ھفتيوار ڪالم لکي سگھي ٿو يا ڪتابي سلسلن ۽ ايڪڙ ٻيڪڙ رسالن ۾ اھم واقعن ۽ خبرن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪري ماڻھن کي سڌ سماءُ ڏيئي سگھي ٿو.

مون گھڻا ڀيرا ڪوشش ڪئي آھي پر باقاعدگيءَ سان، روزانو ته وڏي ڳالھه آھي، پر ھفتيوار ڪالم به لکي نه سگھيو آھيان. اڏوگابريون ڪوششون ته ضرور ڪيون اٿم ۽ اھڙين خبرن تي ٻَڌل ايڪڙ ٻيڪڙ ڪالم ڪتابي سلسلن ۾ ۽ ڊان اخبار ۾ ايڊيٽر کي خطن جي ڪالم ۾ منھنجا مشاھدا ايندا رھندا آھن پر باقاعدي ڪا ڪوشش نه ڪئي اٿم. ڪارڻ وقت جو گھٽ ھجڻ ۽ ھڪ ماڻھوءَ کان متي جو ڪم ھئڻ آھي . ضروري آھي ته سنڌ جي ھڪ رضاڪار تنظيم Sindh Research Institute جي بنياد تي ھجي، جنھن ۾ ڄاڻو ماڻھو روزانه يا ھفتيوار ڳڏجي اھم مامرن، خبرن، واقعن ۽ حڪومتي پاليسي جو اڀياس ڪن ۽ پنھنجون Findings ۽ Recommendations سنڌ جي ماڻھن ۽ سرڪار کي اخبارن ۽ پريس رليز ذريعي پيش ڪري سُڌ ڏين. اھڙي تنظيم جي بھترين جڳھه سنڌ يونيورسٽي يا سنڌالاجي ٿي سگھي ٿي. چو ته ھي ڪم ڪو زير زمين ڪونھي، ڪو غيرقانوني ڪونھي، ڪو سياسي ڪونھي پر ھي ڪم علمي (Academic) آھي، جنھن ھيٺ سنڌ جا ڄاڻو Specialists in International Relations, Journalists, Economists, Sociologists, Political Scientists, Geographers وغيره ۽ ٻيا سنڌ جي مسئلن سان ھمدردي رکڻ وارا ڳڏجي ھي

ڪم ڪري سگھن ٿا. باقي هڪڙي منهنجي يعني هڪڙي ماڻهوءَ يا ٻن ٽن ماڻهن جي وس جي ڳالهه ڪانهي. هيلتائين رڳو هڪڙو ساٿي ڊاڪٽر هارون رشيد هٿ ڪري سگھيو آهيان جيڪو منهنجين مارڪ ٿيل اخبارن جي ڏسٽي ناهي ٿو. پر جي هجي ڪا ٽيم* ته اهي اهم خبرون مختلف مسئلن جي فائيلن ۾ آڻي سگھون ٿا. يعني ٽيون ماڻهو رڳو فائيلنگ ڪري ۽ پوءِ اسين پنج ڇهه ماڻهو گڏجي اهم خبرن جي ترجمي جو ڪم پاڻ تي ورهائي ڪٽون ۽ پوءِ ڪنهن اهم مسئلي تي گڏجي نوٽ ناهيون ۽ سنڌي اخبارن کي پريس رليز يامضمون جي صورت ۾ مواد فراهم ڪيون ۽ پوءِ ڪين ايڊيٽوريل لکڻ لاءِ اُڀاريون.

تمام وڏو ڪم آهي ۽ آئون رڳو اڄوڪي ڏينهن جي ڊان اخبار ڪٽي نموني طور اوهان آڏو ان ۾ آيل مواد تي سنڌ جي لحاظ کان ٽيڪا ٽپڻي ڪريان ٿو ته جيئن اوهان کي خبر پوي، ته ڪيترين نه بظاهر ننڍڙيون، پر اهم ڳالهيون آهن جيڪي اسين درگذر ڪريون ٿا ۽ اهڙي طرح اسين پنهنجن معاملن تي بي حس ٿي ويهي رهون ٿا. آئون سمجهان ٿو ته اڄڪلهه جهڙي سنڌي قوم سڄي، بيڪار ۽ بي حس آهي، هن کان پهرين ڪونه هئي. هتي قوم جو منهنجو مطلب اسان جو سنڌ ۾ رهندڙ پڙهيل ڳڙهيل ڪلاس آهي جنهن ۾ آفيسر، آفيسن ۾ ڪم ڪندڙ، ليکڪ، دانشور ۽ استاد اچي وڃن ٿا ۽ خاص طرح اسان جو صحافي يا ڪٽي ايئن چئجي ته صحافت کان وڏيڪ سڄي ٻيو ڪو ڪونهي، ڇو ته گهٽ ۾ گهٽ اهو ڪم صحافت جو آهي ته ماڻهن کي آگاهه (Inform) ته ڪري. خط، ايڊيٽوريل ۽ مضمون ته پري رهيا پر گهٽيون خبرون سنڌي اخبارون هضم ڪريو وڃن.

---

* رڳي هڪڙي ڏينهن جي اخبار جو اپياس لکڻو آهي پر ان لاءِ وقت نه ڪڍي سگھيو آهيان. انهيءَ ڏينهن جي اپياس لکڻ جي ڪوشش ۾ ايترا ڏينهن گذري ويا آهن، جو انهيءَ وچ ۾ گهڻيون ڳالهيون ڊائريءَ ۾ لکڻ کان رهجي ويون آهن. انڪري انهيءَ اپياس کي آئون مڪمل ڪندي اڳتي ڊائري لکان ٿو ۽ جيئن ڪو موڪل جو ڏينهن مليو ته 14 آگسٽ واري ڊان جو اپياس ضرور لکبو. هن معاملي تي رڳو ايترو چوندس ته هڪڙي ڏينهن جي اخبار جو اپياس لکڻ ڪيڏو وڏو ڪم آهي جو هڪ ماڻهو ويهي لکي ته ٻيا ڪم ڇڏڻا پون ٿا ۽ اهو ثابت ٿو ڪري ته رڳو سنڌي نقطه نظر کان هڪ اخبار جو اپياس ڪرڻ هڪ ڪل وقتي ڪم آهي. اڳيان جڏهن آئون اپياس لکندس ۽ اوهان پڙهندؤ ته واقعي اوهان منهنجي ڳالهه کان متاثر ٿيندا. (ليکڪ)

اوهان ڪنهن به ڏينهن جي ڊان يا جنگ ڪڻي ان جون خبرون سنڌي اخبار هلال يا عبرت سان ڀيٽيو ته اوهان کي اسان جي صحافت جي سپت معيار جي پاڻيهي خبر پئجي ويندي. آئون هتي جنهن ڀيٽ جو ذڪر ڪريان ٿو، اهو گهڻا صفحا هئڻ، دلچسپ مواد هئڻ يا رنگين هجڻ جي ڳالهه نه ٿو ڪريان پر آئون رڳو خبرن جي ڳالهه ڪريان ٿو.

بهرحال اج 14 آگسٽ جي ڊان اخبار جي مواد جو جيڪو اڀياس ڪيو اٿم، ان جو احوال هيٺ ڏجي ٿو.(1)

●

---

ڊائري ۾ مواد موجود ڪونه آهي، ان ڪري هتي نه اچي سگهيو آهي. (مرتب)

# 21- آگسٽ 1982ع

14 آگسٽ کان 21 آگسٽ تائين پورا ڇهه ڏينهن گذري ويا. اڄ ستون ڏينهن آهي. ڪيترين اهم ڳالهيون هيون جي ڊائريءَ ۾ سلسليوار نوٽ ڪرڻ کان رهجي ويون. ڊائري لکڻ جي سستي ان ڪري ٿي جو 14 آگسٽ 1982ع جي ڊان اخبار جي اهم لکڻين جو اڀياس لکڻو هو ۽ اهو ڪم ايترو ته وقت وٺندڙ ٿي لڳو جو انهيءَ ڪري ٻيا واقعا ۽ احساس به درج ڪرڻ کان رهجي ويا.

انهن ستن ڏينهن ۾ ڪجهه ڳالهيون، جيڪي ياد اچن ٿيون، سي هي آهن:

14 آگسٽ تي سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن پاڪستان جو جهنڊو ساڙيو. ٻڌڻ ۾ آيو ته اهو پروگرام صبح جو ڏهين وڳي هاسٽلز ۾ ڪيو ويو ۽ يونيورسٽيءَ مان لنگهندڙ هڪ پبلڪ بس، جنهن ۾ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ رهندڙ ماڻهو وينا هئا، ان کي روڪي انهن مان مسافرن کي لاهي جهنڊي ساڙڻ واري رسم ڏيکاري ويئي ته جيئن اهي ماڻهو شاهد رهن!

اها به خبر پئي ته بي بي سي جهنڊي ساڙڻ واري رسم جي خبر ڏني.

اها به خبر پئي ته انهيءَ خبر جي ترديد سنڌ يونيورسٽيءَ جي رجسٽرار ڪئي. اهو شايد ان ڪري جو سنڌ جو وزير تعليم مسٽر جسٽس غوث علي شاهه ڪنهن جلسي ۾ شريڪ هو ته اتي ڪن ماڻهن شڪايت ڪئي ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پاڪستان جو جهنڊو ساڙيو ويو آهي. جنهن تي غوث علي شاهه سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته جيڪڏهن اهڙو واقعو ٿيو آهي ته پوءِ اهڙي حرڪت ڪندڙن کي سخت سزا ڏني ويندي.

16 آگسٽ 1982ع تي سنڌ جي مشهور ڪهاڻيڪار ثميرا زرين جي پنجين

ورسي هئي ۽ اها مهراڻ آرٽس ڪائونسل ۾ ملهائي پئي ويئي. آئون ڏاڍو ٿڪل هوس ۽ هوندي به ڄامشوري کان حيدرآباد وڃڻ نه پئي گهريم. پر هڪ ته منتظمين سان واعدو ڪيو هئم ته آئون ضرور ڳالهائيندس ۽ ٻيو ته ٿميرا جي وفات جو ڏينهن هو. ڀلا پنهنجي ويجهي جي وفات جو ڏينهن هجي ته آئون شرڪت نه ڪندس!؟ ان ڪري ڪيئن به ڪري شريڪ ٿيڻ پنهنجو قومي فرض سمجهيم.

انهيءَ فنڪشن ۾ هڪ تقرير ڪيم، جا لکيل هئي ۽ آئون لکيل ئي پڙهندو آهيان. اها تقرير الڳ نوٽبڪ تي لکيل اٿم. موقعو مليو ته هن ڊائريءَ تي اتاريندس. پر هينئر ان ڪري نه ٿو اتاريان جو متان اها تقرير اڄ لکي نه سگهان ۽ ان کي مڪمل ڪرڻ ڪري ڊائريءَ جو تسلسل رڪجي وڃي.(1) جيئن هڪ ڏينهن جي اخبار جو اڀياس لکڻ جي پروگرام ڪري، ساندهه ڇهه ڏينهن ڊائري لکي نه سگهيس.

هڪ ليڪڪ دوست گڏيو. پڇيومانس، "تون ڪونه آئين؟" وراڻيائين، "فلاڻي آرگنائيز ڪيو هو ان ڪري ڪونه ويس ۽ منهنجي گروپ جا ٻيا دوست به ڪونه ويا هئا."

مون چيومانس، "هيءَ ڪنهن گروپ جي ڪا ڳالهه ڪانه هئي. هي ته اسان جي ٿميرا جي وفات جو ڏينهن هو."

وراڻيائين، "اسان جي فنڪشن ۾ به ته اهي همراهه ڪونه آيا هئا."

مون چيومانس، "پر تو وارو فنڪشن خوشيءَ جو فنڪشن هو، هيءَ ته ٿميرا جي ورسي هئي. آئون سمجهان ٿو ته تنهنجي ڀيٽ صحيح ڪانهي."

سندس ڳالهائڻ مان مون اهو سمجهيو ته هو مون کي پنهنجي گروپ ۾ نه ٿو سمجهي ۽ آئون سمجهڻ لڳس ته هو ٺيڪ ٿو سمجهي ته آئون نه هن واري دوست جي گروپ مان آهيان، نه ڪنهن ٻئي گروپ مان آهيان. منهنجو پنهنجو الڳ گروپ آهي ۽ انهيءَ گروپ ۾ رڳو هڪڙو ڄڻو يعني آئون پاڻ آهيان!

پلي آئون جڏهن مري وڃان ته منهنجي ياد ۾ ڪوبه گروپ فنڪشن نه ڪري. نلهو تعزيتي نعراءُ به پاس نه ڪري. جيستائين منهنجي قوم جي وجود ۽ تشخص کي جيڪو هينئر سنگين خطرو آهي، اهو دور نه ٿيو آهي، تيستائين

(1) ذڪر ڪيل تقرير اصل مواد ۾ شامل نه هئڻ ڪري، هتي اها نه ڏني ويئي آهي. (مرتب)

آئون سيني گروپن جو آهيان. جي ڪير مون کي پنهنجي گروپ مان نہ بہ سمجهي تہ بہ آئون سيني کي پنهنجو سمجهان ٿو.

اڄ جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ وينو هوس تہ ادبي بورڊ مان فون آيو. خبر پئي تہ چاچا احمد علي ڳالهائي رهيو آهي بابا جو ننڍپڻ جو دوست. گهڙي پل لاءِ ايئن لڳو تہ بابا پاڻ پيو ڳالهائي. آئون ساڻس ملڻ لاءِ هڪدم بورڊ ڊوڙندو ويس.

اڄ اهو ڏاڍو عجيب احساس ٿيو هو. مون کي ايئن لڳو چاچا، بابا، جو هڪ حصو آهي، ڀاڱو آهي. رستي تي اڪيون پرجي آيون. "بابا، توهان سان ملئي ٽيهہ سال ٿي ويا آهن. بابا، توهان کي خبر آهي، امان ويچاري بہ گذاري وئي. ساندهہ ٽيهہ سال اسان جي خدمت ڪري. بابا، توهان کان سواءِ امان اهي ٽيهہ سال ڪيئن گذاريا هوندا!؟ اسان کان تہ مهينا بہ نہ ٿا گذرن امان کان سواءِ. بابا، مون کي ياد نہ ٿو اچي تہ مون ويجهڙائي ۾ اوهان لاءِ ڪو رنو هوندو. امان پاڻ تہ گذاري وئي پر لڳي ٿو اوهان کي جيئاري وئي آهي. اڄ ڦهريون پيرو اوهان سان ڳالهايان پيو. مون کي لڳي ٿو، اوهان سامهون وينا آهيو ۽ منهنجي دل جو هي آواز جيڪو چپن تي بہ آيو آهي، ٻڌي رهيا آهيو." چاچا سان پيرين پئي گڏيس. دل چاهيو تہ چاچا کي ڀاڪر پايان. "توهان جي ننڍپڻ جو يار هو. اوهان ڏاڍا گهميا هوندا. ڪچهريون ڪيون هونديون. پر بابا، بورڊ ۾ ٻيا ماڻهو ڏسي همت نہ ٿي. چاچا سان ورلي ملندو آهيان. سال ۾ هڪ بہ ڀيرا. هاڻي چاچا سان ايندي ويندي ملندم. ڪيڏي نہ ڀاڀوهہ سان مليو، ڳراٽڙي پائي، سوچيان ٿو سندس گهر وڃي ڀاڪر پائيندس ۽ چوندس، "چاچا، توهان بابا آهيو نہ منهنجا بابا." مون کي تہ ايئن لڳي ٿو تہ بابا اڃا جيئرو آهي. جيسين تائين بابا جا دوست، بابا جا اهي مائٽ، جن بابا کي جيئرو ڏٺو ۽ انهن سان گڏ ڏينهن گهاريا، اهي زندهہ آهن تيسين بابا جيئرو آهي. "امان مون بورڊ پهچندي ئي بورڊ ۾ بنگلي واري در ڏانهن نهاريو ڪٿي تون ويل چيئر تي وينل نظر نہ اچي وڃين، پر تون نظر نہ آئين. سوچيم تہ جي در اوچتو کلي پئي ۽ تون وينل نظر اچي وڃين تہ!"

ڪيڏا نہ سٺا ڏينهن گذاريا هئم امڙ سان ادبي بورڊ واري گهر ۾. ڪيترو

نہ تون ٻاهر ورانڊي ۾ ويهي ياچيون پوڪيل ڏسندي هئينءَ ۽ ڪيئن نہ تون مون کي هڪ منٽ ۾ آفيس مان سڏائي وٺندي هئينءَ. ماڻهو سمجهندا هئا تہ آئون ادبي بورڊ ۾ ٺٺ وينو ڪريان. سندن نظر ۾ ظاهري ٺٺ هو. پر مون کي خبر هئي تہ تون سان ايترو ويجهو هئڻ ڪري واقعي ڪيترو نہ ٺٺ ڪيو سون. منهنجي حياتيءَ جا بهترين ڏينهن مون تون سان ادبي بورڊ واري گهر ۾ گذاريا.

چا تو سان گذاريل هيترن ڏينهن مان رڳو هڪڙو ڏينهن ملي سگهندو! رڳو هڪڙو ڏينهن!

●

# 27 آگسٽ 1982ع

امان، تون وٽ آئي ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن. ڪراچيءَ مان موٽيو هوس ته 9 آگسٽ تي تون سان ملڻ آيو هوس ۽ هاڻي 27 تاريخ ٿي ويئي آهي، انهيءَ وچ ۾ تون وٽ نه اچي سگهيو آهيان. يڪا سارا ارڙهن ڏينهن تون سان نه مليس. ويساهه نه ٿو اچي ته ايترا ڏينهن تون سان ملڻ بنان ڪيئن گهاريا هوندم.

رات هڪ وڳي ڌاري موٽيو هوس. سوچيم پئي ته دير تائين صبح جو ستو پيو هوندس ۽ مظفر کي به چئي آيو هوس ته صبح جو اٺين وڳي ڌاري تائين نه پهچان ته هو پلي ڳوٺ هليو وڃي. پر صبح جو امان، سوير ئي اک کلي پئي. تون سان ملڻ جو اتساهه ايترو ته هو جو من پئي گهريو ته هينئر ئي تون ڏي هليو اچان.

صبح جو ايئن پيو تيار ٿيان ڄڻ تون سان جيئري ملڻ ايندو هجان. دل اهڙي پئي خوش ٿئي جو هر ڪم ۾ قدرتي ڦڙتي پئي اچي. وڪون پاٿيهي پيون کڄن. پوري اٺين وڳي آئون، ناظرا ۽ ماهرا ٿيئي مظفر (1) وٽ پهچي وياسون. امان، تو کي ڏاڍي حيرت ٿيندي ته ناظرا ۽ ماهرا نه رڳو ڳوٺ جي خوشيءَ ۾، پر تو سان ملڻ لاءِ به اهڙيون ئي آتيون پئي لڳيون جهڙو مون پاڻ پئي محسوس ڪيو.

رستي تي اگربتيون ورتيونسون. ناظرا ۽ ماهرا لاءِ الڳ الڳ پئڪيٽ. ناظرا ۽ ماهرا هر قبر تي پاڻ اگربتيون لڳائيندي يون آهن. تو کي اها ڏاڍي حيرت ٿيندي ته ناظرا هر قبر کي سجائي سگهي ٿي. تنهنجي دفن ٿيڻ کان پهرين ته مون کي به قبرن جي پرواهه ڪانه هئي. تو وٽ اچي اچي آئون به هر قبر سجائڻ لڳو آهيان ۽ ناظرا ۽ ماهرا به سجائڻ لڳيون آهن. تنهنجي، بابا جي، ڏاڏا شير محمد جي، چاچا شاهڏني جي، منهنجي ننڍڙي ادي زينب جي، ننڍڙي ڀاءُ اصغر

(1) ظفر حسن سيد جو ڀاءُ (مرتب)

جي، ڏاڏي سڪاج جي، چاچا يوسف جي، چاچا لائق جي، چاچا يعقوب جي، ادا صابن؟ ۽ جيجيءَ جي.

امان، اهو به تنهنجو ڪنٽريبيوشن آهي جو اسين پهرين مقام تي ويندا ئي ڪونه هئاسون. قبرون سجاڻڻ ته پري رهيو پر هاڻي تنهنجي ڪري باقاعدگيءَ سان اسين سڀ پائر، پينر ۽ اسان جا ٻار وڃڻ لڳا آهن. ۽ امان ٻي ڳالهه ٻڌ. ڏاڏيءَ جي ۽ هڪ ٻه ٻيون قبرون ڊهي اڌ به نه رهيون هيون ۽ هاڻي اسان نئين سر قبرن تي مٽي وجهرائي انهن کي تورو مٽي ڪيو آهي.

امان، تون يقين رک، اسين ڳوٺ جي مقام کي اهڙي ته سهڻي جاءِ ڪري ڇڏينداسون، جو اتي اچي، ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي سگهي، سچو جهنگ ڪٽرائينداسون، چوڌاري پڪي پٽ ڏيارينداسون ۽ سڀني قبرن کي پڪو ڪرائينداسون.

تنهنجي به ته اها خواهش هئي نه! تون جڏهن به بابا جي قبر تي ويندي هئينءَ ته تون اسان کي مقام کي سڌارڻ لاءِ چوندي هئينءَ. امان، اسان تنهنجي جيئري ته سستي ڪئي پر هاڻي جيترو ترت ٿي سگهيو اوترو مقام کي ناهينداسون، تون جو هاڻي اتي آهين. پلا اهڙي جهنگ ۽ برپٽ جهڙي مقام ۾ تو کي ڪيئن رهڻ ڏينداسون. مظفر چيو پئي ته ڪيس ٻنين لاءِ اينترو پاڻي ملي ٿو جو قبرستان ۾ سهڻو باغ لڳائي سگهجي ٿو.

انور[1] به ڏاڍي سني ڳالهه ڪئي پئي. انور پئي چيو ته سندس سنڌو اعجاز علي شاهه چيو پئي ته انهن پنهنجي آبائي ڳوٺ هالاڻيءَ ۾ مقام کي ويهڻ جي جاءِ ناهيو آهي، جتي هو وڃي گهڻي دير ويهي ذهني طرح آرام ڪندا آهن ۽ تنهن کان سواءِ ڪو مسئلو درپيش ايندو اٿن ته وڃي مقام ۾ ويهي سوچ ويچار ڪندا آهن. مون کي اها ڳالهه ڏاڍي دل سان آنڙي آهي.

امان، تون هميشه اهو گهُرندي هئينءَ ته اسين ڪنهن به مسئلي تي تو آڏو ويهي ڳالهايون ۽ بحث ڪريون. تون اسان کي الڳ ويهي ڳالهائڻ نه ڏيندي هئينءَ. تون جيتوڻيڪ دخل اندازي نه ڪندي هئينءَ پر تنهنجي حاضريءَ ۾ ويهي بحث ڪرڻ سان اسين دماغ جاءِ رکي ڳالهائيندا هئاسون ۽ اهڙي طرح جذباتي ٿيڻ ۽ پاڻ ۾ تکو ٿيڻ کان بچي ويندا هئاسون. تون جڻ ته "مادرِيٽر" يا "صاحب صدر" جو رول ادا ڪندي هئينءَ.

امان، هاڻي به ايئن ڪنداسون. جڏهن به ڪا ڳالهه مونجهارو پيدا ڪندي

---

(1) ظفر حسن سيد جو ڀاءُ (مرتب)

۽ حل طلب هوندي تہ اسين تنهنجي آڏو ويهي ئي ڳالهائيندا سون. ڪيڏو نہ سڪون ملندو، ۽ امان، رڳو تنهنجي آڏو نہ، تون سان گڏ بابا، چاچا ۽ ڏاڏا، ڏاڏي بہ هوندا.

امان، جڏهن مقام تي پهتاسون تہ ڪيڏي نہ خوشي ٿي. اڪيون تہ پرجي آيون هيون پر ايئن پئي لڳو ڄڻ تون ڏسين ويٺي ۽ تو سان اسين ملي رهيا آهيون. امان، تنهنجي قبر تي تنهنجي ڳل واري جاءِ تي جڏهن چمي ڏنم تہ تون جيئري جاڳندي محسوس ٿئينءَ. ڪيڏي نہ آٿت ملي ٿي، تو سان ملي. امان دل ٿي چئي تہ روز تو سان ملڻ اچان. ڇو تہ تو سان ملڻ ڪان پوءِ سڄو ڏينهن ڏاڍو سٺو ٿو گذري. بلڪل ايئن جيئن تو سان ملڻ ڪان سواءِ هينئون ڳرو ڳرو لڳندو هو پر تو سان ملڻ ڪان پوءِ هينئين تان ڄڻ بار لهي ويندو هو.

ڪيڏو نہ خوشيءَ سان ناظرا ۽ ماهرا هر قبر تي اگربتيون پئي لڳايون ۽ جڏهن اسان قبر تي دعا پئي گهري تہ ناظرا ۽ ماهرا جا ڪنيل معصوم هٿ ڏاڍا موهيندڙ پئي لڳا. دعا لاءِ هٿ واقعي ٻارن جا ئي ڪڄڻ ڪپن. جيڪڏهن دعا قبول ٿيڻ جي ڪا بہ سچائي آهي تہ اها انهن معصومن جي هٿن ۾ آهي. باقي اسان جا هٿ. خير امان، هتي آئون نہ ٿو ذڪر ڪريان. تنهنجي آڏو تہ اسين بہ معصوم آهيون. امان، اسين جڏهن بہ مقام تان موٽندا آهيون تہ ادي آسو ۽ ادي حلوءَ جي گهر ويهي چانهہ پيئندا آهيون. ڏاڍو لطف ايندو آهي انهيءَ چانهہ جي ڪوپ ۾، هڪڙو تہ تو وٽ ويهي چانهہ پيئندو هوس تہ ڏاڍو وٽندو هئم ۽ هاڻي تو سان مقام مان ملي، پوءِ ادي آسوءَ جن وٽ. اهو چانهہ جو ڪوپ منهنجي حياتيءَ جي بهترين خوشين مان هڪڙي خوشي آهي.

●

# 31 آگسٽ 1982ع

اڄ اسين ڪينجهر ڍنڍ تي پڪنڪ ڪرڻ لاءِ آيل آهيون. ڊپارٽمينٽ ۾ ريفريشرس ڪورس هو، جنهن ۾ اندرين سنڌ جا سڀ جاگرافي جا استاد آيل آهن ۽ اسين سڀ گڏجي گهمڻ لاءِ اتي پهتا آهيون.

ڪينجهر ۾ مختلف ترسڻ جون جايون آهن ۽ هن پيري بوٽ ڪلب ۾ ترسڻ جو موقعو مليو آهي. هن کان پهرين ڪڏهن به هتي هن جڳهه ۾ ترسڻ جو موقعو نہ مليو آهي.

ڏاڍو سهڻو هنڌ آهي. هن کان پهرين ايترو پُرلطف هنڌ ترسڻ لاءِ نہ مليو آهي. چون ٿا تہ وي آءِ پي ريسٽ هائوس ان کان وڌيڪ سٺو آهي. پر اتي اسان جهڙن کي جڏهن موقعو ملي.

سوچيان پيو ڪيتري نہ من کي آٿت پئي ملي، سهڻا سهڻا نظارا پسي. ڏور تائين ڍنڍلو ڍنڍلو پيو ڪنارو پيو نظر اچي. پاڻي، چوڌاري وشال آڪاس جيان ڦهليل پيو لڳي. پريان ڪنارو جڻ جهڙ جا ٽڙيل پکڙيل ٽڪرا هجن.

اينتري من موهيندڙ ڏيک ۾ ڪجهہ ڪمي پئي محسوس ٿئي. ايئن پيو لڳي جڻ ڪٿي ڪو خال رهجي ويو آهي، ڪا ڪسر رهجي وئي آهي. ڪجهہ تہ ڳالهہ آهي ۽ هاڻي آئون من اندر ان مني مونجهہ جو ڪارڻ سمجهڻ لڳان ٿو. امان، تون جو هن جڳ ۾ نہ آهين تہ ايئن پيو لڳي، هر خوشي هر منزل اڻ پوري لڳندي. تون جيئري هئينءَ، اڏ رنگ وگهي هنڌ تي سُٺي پئي هوندي هُئينءَ، تہ بہ ايئن لڳندو هو تہ منهنجين خوشين ۾ تون مون سان گڏ آهين، پر هاڻي لڳي ٿو، توکان الڳ رهي آئون ڪڏهن بہ ڪا خوشي پربور ماڻي نہ سگهندس.

اهڙي موهيندڙ نظاري جو ڏيک آهي. آئون اڪيلو بہ نہ آهيان. چوڌاري يونيورسٽيءَ جا ساٿي ڪل پوڳ ڪري رهيا آهن ۽ اينتري گوڙ هوندي بہ، اينترن

ماٺهن هوندي، چوڌاري سانت پئي لڳي. ايئن پيو لڳي ڄڻ آئون اڪيلو آهيان. امان، جيڏي مهل بہ تنهنجي ياد ايندي آهي تہ هر ڪو مون کان ڏور ٿي ويندو آهي. بس تون ۽ آئون اڪيلا رهجي ويندا آهيون. جڏهن اکيون پرجي اينديون آهن تہ تنهنجي ڳراٽڙي مون کي محسوس ٿيڻ لڳندي آهي.

ڪينجهر ڍنڍ تي گهمندي، مڪليءَ جو مقام ڏسندي ۽ شاهجهاني مسجد ڏسندي اهو احساس ٿيو تہ اسين پنهنجن وڏن کي، ننڍن کي، خاص ڪري زائفائن کي گهر کان ٻاهر يا شهر کان ٻاهر وٺي ئي ڪونہ ٿا وڃون. ڪو ڪيترو بہ غريب ڇو نہ هجي، سال ۾ ٻن سالن ۾ - هڪ ڀيرو ڪٿي نہ ڪٿي ٻارن کي، ماءُ کي وٺي وڃي سگهي ٿو. ڪي تہ ملڪ جا يا دنيا جا گهٽا هنڌ ڏيکارڻ جي سگهہ ساري سگهن ٿا. پاڻ گهمن ٿا تہ زال ۽ ٻارن کي نہ ٿا وٺي وڃن. جي زال ۽ ٻارن کي وٺي وڃن ٿا تہ ماءُ ۽ پيءُ کي نہ ٿا وٺي وڃن.

مون سوچيو آهي تہ ڪنهن وقت وٺي ڪري، ڳوٺ جي ٻارن ۽ انهن عورتن کي ڪينجهر، مڪلي، پٽ شاهہ ۽ اهڙا ٻيا هنڌ گهمائڻ وٺي ويندس جتي هو ڪڏهن ڪونہ ويا آهن.

مون کي ياد آيو. چاچي گذريل سال سٺ ورهين جي ڄمار ۾ پهريون ڀيرو ڪراچي گهمڻ وئي. مون چيومانس، ”ڪيئن چاچي ڪراچي گهمڻ تي اوهان جي دل تہ ڏاڍي هوندي.“

”ابا ها، ڪراچي گهمڻ جي دل تہ ڏاڍي آهي، پر مون کي سمنڊ ضرور ڏيکارجان ۽ سڄي ڄمار سمونڊن جون ڳالهيون ٻڌيون اٿم پر ڏسڻ جي سدائين دل ۾ تانگهہ رهي آهي.“

۽ جڏهن ڪراچي ۾ پهريون ڀيرو سمنڊ ڏنائين تہ ان جي وشالتا ڏسي چوڻ لڳي، ”ڪٿي سپنو تہ ڪونہ پئي ڏسان! مون تہ سمجهيو هو، حياتي گذري ويندي پر سمنڊ ڏسڻ بہ نصيب ڪونہ ٿيندو.“ ۽ آئون سوچڻ لڳس تہ اسان وچولي درجي ۽ هيٺئين درجي وارن جون خواهشون آهن بہ ڪهڙيون! بس رڳو ڏسڻ جي حد تائين. ڪا شيءِ حاصل ڪرڻ تہ پري رهيو پر اسين ڪين رڳو اکين ذريعي پسڻ جي مهرباني نہ ٿا ڪري سگهون!

مڪليءَ جو مقام گهمندي هڪڙو عجيب ويچار آيو. ايڏو وڏو مقام ۽ اهو اجا تائين ڪيئن محفوظ رهجي ويو! شايد شاندار مقبرن ۽ اڪريل پٿرن جي قبرن جي ڪري. يا انهيءَ ڪري جو هن تر ۾ ڪو ڪراچي ۽ حيدرآباد جهڙو شهر نہ وسي ۽ ويجهي سگهيو. ڪٿي آهن حيدرآباد جا قديم قبرستان؟ ميان سرفراز جي مقبري وارو مقام ۽ ٻيا ڪيترا ننڍا مقام، جي مون پاڻ پنهنجي حياتيءَ ۾ ڏٺا هئا. هاڻي اتي ڪالونيون اڏجي ويون آهن. صدر ۾ ايس آر ٽي سي جو جتي وڏو اسٽئنڊ هو هاڻي اُتي پلازا ۽ دُڪان ٺهي ويا آهن. اهو هڪ مقام هو، جيڪو پاڪستان کان پوءِ ڪجهہ ڏينهن تائين موجود رهيو، پوءِ سرڪار ٿي ان کي ڳڙڪائي وئي! ڇا ڪنهن ڏينهن اسان جي ڳوٺ جو مقام، جو حيدرآباد کان رڳا نوَ ڪن ميل پري آهي، اڄ کان سوين سالن تائين لٽجي ويندو ۽ اتي بہ ڪچيون آباديون ۽ ڪالونيون ٻڌجي وينديون، ۽ پوءِ اسان جي وڏن جون قبرون، بابا جي قبر، امان جي قبر ۽ خود منهنجي قبر بہ هڪ ڏينهن لٽجي ختم ٿي وينديون؟

ويچار آيم تہ ڇا پنهنجو مقام ناهڻ ۽ قبرون پختيون ڪرڻ هڪ عارضي وقتي ڳالهہ آهي، انهيءَ ڪري مقام کي اجڙيل ڏتڙيل ٿي ڇڏجي؟

عجيب خيال ۽ وسوسا من ۾ جاڳندا رهيا. پر اهي سڀ منفي ويچار هئا. ماڻهو تہ آخري پساهہ تائين رت جي آخري ڦڙي تائين ويڙهاند ڪندو آيو آهي ۽ آئون سؤ ٻن سؤ سالن جي ڊپ کان مقام جي اهميت کان انڪاري پيو ٿيان.

مون کي پنهنجن جي مقام ۽ هڪ هڪ قبر جي رکوالي ڪرڻي آهي، جيستائين آئون جيئرو آهيان ۽ مون کان پوءِ منهنجي ايندڙ نسل کي رکوالي ڪرڻي آهي. اهي ذهن ۾ هٿ، جيڪي اسان جي مقام ۽ هڪ بہ قبر جي نشان کي متاثر ڪرڻندا، انهن سان وڙهڻو آهي. جيستائين بہ منهنجي نسل جو آخري فرد رهندو اهو وڙهندو، پر شرط اهو آهي تہ اهو نسل اهو ماڳ ڇڏي ڀڄي نہ وڃي يا اقتصادي فائدي خاطر ملڪ جي ٻي ڪنهن ڪنڊ ۾ وڃي نہ رهي يا ملڪ ڇڏي ٻئي ملڪ ۾ نہ وڃي وسي. اسان ڳوٺن کان شهرن ڏانهن تہ وڃي رهيا آهيون، پر ان سان گڏ ڳوٺن کان هر تعلق ٽوڙي ڀڄي وڃي رهيا آهيون. مون کي اهي سنڌ ورڪي هندو ياد ٿا اچن، جيڪي اسان کان سؤ پيرا سٺا هئا،

جيڪي پرڏيهه ۾ وڏيون ڪوٺيون وجهي واپار ڪندا هئا پر پئسو اچي سنڌ ۾ لڳائيندا هئا ۽ سندن هر ڪٽنب جي هڪ پڪي جاءِ سنڌ ۾ هوندي هئي.

اسان ڪي به ايئن ڪرڻ گهرجي. گهٽ ۾ گهٽ هڪ ننڍو گهر پنهنجي ڳوٺ ۾ ضرور ناهرائجي. ڪراچي ۽ حيدرآباد جهڙن شهرن ۾ بنگلا ناهڻ وارا پنهنجن ڳوٺن ۾ ٻن ڪمرن جو گهر به نه ٺا ناهي سگهن! ڇا انهن ڪي پنهنجن ڳوٺن سان ڪو سنٻنڌ ناهي رهيو؟ ڇا انهن جو ڳوٺ جي مقام ۾ دفن ٿيل ابن ڏاڏن سان به سنٻنڌ ناهي رهيو؟

آئون سوچيان ٿو ته مسلمان هئڻ جي ناتي، اهو ته فائدو رهيو ته اسان جا مڙهه دفن ڪيا وڃن ٿا ۽ جتي دفن ڪيا وڃن ٿا، انهن جي سار سنڀار ۽ حفاظت هر مسلمان فرض سمجهي ٿي ڪري، من انهيءَ لحاظ کان اسان جون زمينون، اسان جا ڳوٺ ۽ اسان جا شهر اسين پاڻ بچائي سگهون.

۽ امان، مڪليءَ جو مقام ڏسي اهو سوچيم ته مقبرا ناهڻ ته امير ماڻهن جو ڪم آهي، باقي آئون تنهنجي قبر تي اهو پٿر لڳرائڻ جي ڪوشش ڪندس، جنهن تي چٽ ڪڍيا وڃن ٿا، جيئن چوکنديءَ جي مقام تي قبرن تي هنيا ويا آهن. خبر پئي ته اجا ڪاريگر آهن، جيڪي پٿر کي ٽُڪي چٽ ڪڍن ٿا ۽ عيسيٰ خان ترخان ۽ مرزا جاني بيگ جي مقبرن ۾ پڳل ڊنل پٿرن جي جاءِ تي نوان پٿر لڳرايا پيا وڃن. آهي ته منهنجي حيثيت کان وڌي ڳالهه، پر وري به ڪوشش ڪندس ۽ ممڪن ٿي سگهيو ته پٿرن جون سهڻيون قبرون نهرائيندا سون ۽ مقام ۾ باغ به لڳارائيندا سون، بلڪل عيسائين وانگر خوبصورت چبر ۽ وڻ. مقام ۾ جيڪو باغ لڳل هوندو، اُهو ۽ پٿر جون قبرون هڪ اهڙو موهيندڙ هنڌ هوندو، جتي پري پري جا ماڻهو ڏسڻ ايندا.

سوچيان ٿو، پنهنجن محدود وسيلن سان، ٿوري خرچ سان، پر گهڻي محنت، سان، ڳوٺ ۾ اهڙو يادگار ناهي سگهجي ٿو، جيڪو پوءِ آثار قديمه وارا ان ڪي پنهنجي تحويل ۾ ڪٽي، ايندڙ صدين لاءِ محفوظ ڪري ڇڏين. ڏسجي، حياتي رهي ته ڇا ٿو ڪريان.

امڙ، تنهنجو نالو ۽ نشان رکو پاڻ تائين نه پر جڳ تائين مشهور ڪندس. منهنجي امڙ، تون امر هئينءَ ۽ تنهنجو اولاد، ان جو اولاد، نسل در نسل توکي امرتا ڏيڻ ۾ ڪين گهٽائيندو!

●

# 7 سيپٽمبر 1982ع

جڏهن کان مون ڊائري لکڻ شروع ڪئي آهي، تڏهن کان مون محسوس ڪيو آهي تہ مون وٽ روز اينترو تہ مواد لکڻ لاءِ ذهن ۾ جمع ٿي وڃي ٿو، جو جيڪڏهن روز نٿو لکان تہ ذهن ۾ ئي رهجي وڃي ٿو. ڊائري لکڻ ڪري هڪ ٻي ڊيولپمينٽ اها ٿي آهي، جو آئون تمام گهرو مشاهدو ڪرڻ لڳو آهيان ۽ هر وقت منهنجي ذهن ۾ ڪو واقعو ڏسي يا ٻُڌي يا پڙهي اهو ويچار اچي ٿو تہ اهو تہ ڊائريءَ ۾لکڻ جهڙو آهي. اهڙي طرح هڪڙي ڏينهن ۾ ئي ذهن ۾ گهڻو مواد لکڻ لاءِ جمع ٿي وڃي ٿو. البت اهو نقصان بہ مون کي پهتو آهي تہ ڊائري لکڻ جي سوچ منهنجي ذهن ۾ ايتري تہ مسلسل رهي ٿي، جو ڪهاڻي يا مضمون، يا ڪٿي ايئن چئجي تہ تخليقي لکت لاءِ ذهن کي سوچڻ لاءِ وقت ئي نہ ٿو ملي. تخليقي لکڻ لاءِ ذهني عمل هر وقت هڪ ئي ويچار ۾ مگن رهڻ کپي، جيئن تخليقي لکت پهرين ذهن ۾ پچي راس ٿئي ۽ پوءِ ڪاغذ تي اتارجي. پر ڊائري لکڻ جي وچ ۾، مون تي تخليقي عمل هڪ طرح سان روڪ وجهي ڇڏي آهي.

هاڻي ڏسو، 31 آگسٽ کان 7 سيپٽمبر تائين پاڻ ڊائري لکڻ لاءِ گهڻو مواد ذهن ۾ ئي رهجي ويو ۽ هاڻي ساڳي تاريخ تي اها ڳالهہ نہ پيو لکان، جنهن تاريخ تي اها ڳالهہ ذهن ۾ آئي هئي.

مثال طور تي ڳالهيون تہ ياد اٿم، جيڪي هاڻي اڳتي لکندس. هڪ تہ 21 آگسٽ واري ڳالهہ تہ آل انڊيا ريڊيو تان مرهيات نور عباسيءَ تي لڇمڻ ڪومل جي تقرير، 3 سيپٽمبر تي ڪنهن ريڊيو اسٽيشن تان شايد ريڊيو سيلون تان 25 ميٽر بئنڊ تي، صبح جو ستين وڳي سنڌيءَ ۾ مسيحي پرچار جو پروگرام ۽ ڪالهہ 6 سيپٽمبر تي آل انڊيا ريڊيو تان لڇمڻ ڪومل جو منهنجي ڪتاب ”رهيل قرض“ تي تبصرو. اهي تہ ٽي ڳالهيون ڊائريءَ ۾ اڄ 7 سيپٽمبر تائين بہ

نوٽ نہ ڪري سگهيو آهيان. تنهن کان سواءِ بيون گهٽيون ڳالهيون نوٽ ڪرڻ کان رهجي ويون آهن.

آئون سمجهان ٿو تہ آئون ڊائري تمام تفصيلي لکي رهيو آهيان. ضروري نہ آهي تہ روز ئي ڪا ڳالهہ ڊائريءَ ۾ لکجي. ضروري ئي نہ آهي تہ هر ڪا ڳالهہ بہ نوٽ ڪجي. پر مون سان مصيبت اها آهي تہ آئون روز ڊائري لکڻ گهران ٿو، ڇو تہ روز ڪونہ ڪو اهم واقعو رونما ٿئي ٿو. مان هر ڳالهہ لکڻ گهران ٿو ڇو تہ هر ڳالهہ جيڪا مان لکڻ گهران ٿو، ان کي اهم سمجهان ٿو ۽ اسان پنهنجي قومي وجود، سڃاڻپ ۽ تشخص قائم رکڻ لاءِ جيڪا جدوجهد ڪري رهيا آهيون، انهيءَ پس منظر ۾ آئون اجا بہ ڊائريءَ کي مختصر سمجهان پيو. دل پئي گهري تہ اجا بہ وڌيڪ ذاتي، سماجي، خارجي ۽ داخلي ڳالهيون لکان، اجا بہ تفصيل سان لکان. 14 آگسٽ کان 7 سيپٽمبر تائين نوٽ بڪ جا 35 صفحا گهٽ ڪونهن پر دل مطمئن نہ آهي. سچ پڇو تہ تمام گهڻا واقعا، انهن ويهن ايڪيهن ڏينهن ۾ درج ڪرڻ کان رهجي ويا آهن، جيڪي تمام اهم هئا. اصل ۾ ڳالهہ اها آهي تہ سوچ جي رفتار جيتري تکي آهي، اوتري ڪلڪ جي رفتار نہ آهي.

آئون ڪوشش ڪندس تہ ڊائري بہ مڪمل لکان، ڪهاڻيون بہ لکان، ناول بہ لکان، جاگرافيءَ جو ڪم بہ ڪريان، پبلشنگ ۽ ٻين سماجي ڪمن ڪارين کي بہ منهن ڏيان. بهرحال ڪجهہ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ڪيتري تفصيل ۾ ڊائري لکان، ڪهڙا واقعا لکان، ڪهڙا واقعا ڇڏيان ۽ وقت ڪيئن ڪيان. مون کي وقت سان ۽ پنهنجو پاڻ سان هڪ صحتمند ويڙهاند ڪرڻي آهي، جيئن آئون هر ڪم ۾ هڪ سنتو (Balance) يعني توازن رکي سگهان.

جيئن واقعا وسري نہ وڃن ۽ فلئش بئڪ ۾ ويهي ڪهڙي بہ تاريخ جي ڳالهہ ڪهڙي بہ ٻي تاريخ تي لکي سگهان، ان سلسلي ۾ هڪ مني ڊائري وانگر، ڊائري لکڻ شروع ڪندس. يعني جنهن ڏينهن جيڪا ڳالهہ ڊائريءَ ۾ لکڻ جهڙي هوندي، ان جو سرو يا سٽ اشاري (Hint) طور ڪنهن الڳ پني تي يا هن ئي نوٽ بڪ ۾ آخري خالي صفحن تي نوٽ ڪندو ويندس ۽ جڏهن مون کي فرصت ملندي، جهڙوڪ موڪل جو ڏينهن وغيره تہ ان ڏينهن تي ويهي پوين تاريخن واريون ڳالهيون فلئش بئڪ ۾ ويهي لکندس. ان طريقي سان ڪابہ ڳالهہ رهجي نہ ويندي ڇو تہ ان اشاري جي وسيلي آئون اها ڳالهہ ياد ڪري وٺندس.

امان ويچاري ٻارن کي تہ نهيو پر وڏن کي بہ خرچي ۽ سوئيٽس ڏيندي هئي. گذريل پيري ڪراچيءَ کان آئي هئي تہ چاڪليٽن جا پترا مون کي، قمر کي ۽ چاچي مينا کي ڏنا هئائين، جيڪي اسان فرج جي فريزر ۾رکي ڇڏيا هئا. اسان تہ پنهنجا چاڪليٽ کائي ڇڏيا هئا، پر فريزر جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ چاڪليٽ جو پترو ڪو اتفاق سان رهجي ويو هو. آئون اهو ڪٽي آيس ۽ اچي ان جو ريپر لاهي اجا چڪ هڻڻ تي هئس تہ ماهرا هٿ مان چاڪليٽ ڦريندي رڙ ڪئي:

"اڙي امان جانيءَ جو چاڪليٽ!" ايئن چئي هن هڪدم چاڪليٽ کي چمي ڏني ۽ مون کي تکو تي چوڻ لڳي، "بابا توهان ڪمال تا ڪريو! امان جانيءَ جو چاڪليٽ بنا چمڻ جي تا کائو!" ايئن چئي ٻيهر چمي ڏيئي مون کي چاڪليٽ موٽائي ڏنائين.

امان جاني، تو ڏٺو ماهرا جو پيار! ڪيتري اڪنڊ ۽ اڪير سان تنهنجي شيءِ چپن تي لڳائي هئائين. تو لاءِ ايتري معصوم پيار جي چڪ! ۽ پوءِ امان، اسان تنهنجي ڏنل چاڪليٽ مان سڀني ٽڪرو ٽڪرو ڪري کاڌو- مون، قمر، ناظرا ۽ ماهرا.

اسان سڀني تنهنجي انهيءَ ڏنل شيءِ مان تنهنجو واس محسوس ڪيو ۽ گهڙي ڪن لاءِ ڀاڻ مرادو چپ ٿي وياسون، ڇڻ تصور ۾ تو کي ڏسي رهيا هجون.

فلئش بيڪ: (1) اڄ آل انڊيا ريڊيو دهليءَ تان سنڌي پروگرام ۾ نور عباسيءَ جي وفات تي لڇمڻ ڪومل جي تقرير ٻڌم. جيتوڻيڪ نور عباسي آگسٽ ۾ گذاري ويو هو پر تڏهن بہ آل انڊيا ريڊيو تان پندرنهن ڏينهن پوءِ تفصيلي تقرير ٻڌم، جنهن ۾ نورعباسيءَ کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪيو ويو هو. اهو هڪ تمام وڏو ڪارنامو آهي. منهنجو خيال آهي تہ اها تقرير پندرنهن منٽن جي تہ واهہ جي هوندي! شابس آهي لڇمڻ ڪومل کي ۽ شابس آهي آل انڊيا ريڊيو وارن کي، جن سنڌي ليکڪ تي پندرنهن منٽن جو پروگرام ڏنو.

(1) 21 آگسٽ جو واقعو، 7 سيپٽمبر تي لکيل. (مرتب)

مون کي پڪ آهي ته نور عباسيءَ جي وفات جي خبر يا ان تي پروگرام ڪيترو به مختصر ڇو نه سهي، ريڊيو پاڪستان جي حيدرآباد ۽ ڪراچي اسٽيشن نه ڏنو هوندو. بهرحال آئون مراد علي مرزا ۽ ممتاز اعوان [1] کان پڇي پڪ ڪندس.

ٻي ڳالهه ته حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ وارن جيڪڏهن اهڙو پروگرام ڏنو به هوندو ته اهو سنڌ ۾ وڏ ۾ وڏ پاڪستان تائين ٻڌندڙن ٻڌو هوندو. پر هي آل انڊيا ريڊيو جو سنڌي پروگرام، جيڪو ميڊيم ويوَ کان سواءِ، 31 ميٽر بئنڊ تي به ايندو آهي، سو پڪ ڏورانهن ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين به ٻڌو هوندو ۽ اها به مون کي پڪ آهي ته پاڪستان کان ٻاهر رهندڙ سنڌي، اهو آل انڊيا ريڊيو وارو ئي پروگرام ٻڌندا هوندا، ڇو ته پاڪستان جي ايڪسٽرنل سروس تان ولايت ۾ رهندڙ پاڪستانين لاءِ جيڪو خاص پروگرام ايندو آهي، اهو رڳو اڙدوءَ ۾ هوندو آهي.

يعني ولايت ۾ رهندڙ سڀني پاڪستانين کي، پوءِ انهن جي مادري ٻولي سنڌي، پنجابي، پشتو، بلوچي، سرائڪي ۽ براهوئي ڇو نه هجي، رڳو اڙدوءَ ۾ ئي پروگرام ٻڌڻو آهي. اها صحيح ڳالهه آهي ته اڙدو پاڪستان جي سرڪاري ۽ قومي ٻولي آهي، پر اها به صحيح ڳالهه آهي ته ماڻهوءَ کي جيتري خوشي پنهنجي مادري ٻولي ٻڌڻ سان ٿيندي، اها ڪنهن ٻي ٻولي ٻڌڻ سان هرگز نه ٿيندي. پاڪستان کان ٻاهر رهندڙ پاڪستاني سنڌين کي اهو به حق ڪونهي ته سندن ٻوليءَ ۾ پروگرام سندن پياري ملڪ مان ٻڌي سگهن. ڪين پنهنجي مادري ٻوليءَ جي پروگرام ٻڌڻ لاءِ ڪنهن ڌارئي ملڪ[2] جو سهارو وٺڻو پوندو. ڇا سنڌين جي دلين ۾ پاڪستان مان سنڌي پروگرام ولايت وارن لاءِ نشر نه ڪرڻ تي محرومي جو احساس (Sense of deprivation) نه ٿيندو.

هڪڙو ٻيو نقطو ته سنڌي پاڪستاني ليکڪ تي آل انڊيا ريڊيو تان پروگرام اچي سگهي ٿو پر پاڪستان ريڊيو ۽ ٽي وي تان هندستاني سنڌي ليکڪ جو نالو به نه ٿو وٺي سگهجي!.

---

(1) اهي ٻئي صاحب ترتيبوار حيدرآباد ۽ ڪراچي ريڊيو اسٽيشن سان لاڳاپيل رهيا آهن. (مرتب)

(2) ۽ ڪن جي نظر ۾ پاڪستان ۽ مسلمانن جو دشمن ملڪ

فلش بئڪ(1): آئون روز صبح جو ستين ڪان ساڍي ستين وارو سيلون ريڊيو جو هندي پروگرام ضرور ٻڌندو آهيان. هڪڙو ته انهيءَ اڌ ڪلاڪ ۾ پراڻين فلمن جا گانا ايندا آهن، جيڪي مون کي ڏاڍو وڻندا آهن. ٻيو ته انهيءَ پروگرام لاءِ وقت به هوندو آهي، جو آئون آفيس لاءِ تيار به ٿيندو ويندو آهيان ۽ پس منظر ۾ گانا به وڄندا رهندا آهن.

پر اڄ ستين وڳي، 25 ميٽرن تي سئي گھمائيندي، ريڊيو سيلون جي اسٽيشن وٽ ڪو اوچتو سنڌي آواز ڪنن تي پيو. غور ڪيم ته سنڌيءَ ۾ عيسائين جو ڪو مذهبي پرچاري پروگرام هو. ڏاڍي سٺي سنڌيءَ ۾ پئي واعظ ڪيائين ۽ پس منظر ۾ اقبال جوڻيءَ جي مُرليءَ تي ڌُن به وڄي رهي هئي. انائونسمينٽ دوران وري مائي ڀاڳيءَ جي ڳايل لوڪ گيت "ڪڙي نيم کي نيچي" جي اليڪٽرانڪ آرگن تي ڌُن پئي وڄائي ويئي. پروگرام ڏاڍو سٺو پئي لڳو ۽ خاص طرح ڳالهائيندڙ جي سنڌي ته ايئن پئي لڳي ته اها هندڪي سنڌي نه، پر مسلمانڪي سنڌي آهي. آخر ۾ اهو ثابت ٿيو ته اهو پروگرام رڪارڊ به پاڪستان ۾بلڪ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيل هو ۽ هن جيڪا ائڊريس ٻڌائي اها مون هڪدم نوٽ ڪئي: انچارج پروگرام 'هلال/ اميد'، پوسٽ باڪس نمبر 358، حيدرآباد، سنڌ. آئون سمجهان ٿو ته جنهن اسٽيشن تان اهو پروگرام ايندو هوندو، اهو به ريڊيو سيلون ئي هوندو، پر چينل نمبر به هوندو، ڇو ته ريڊيو سيلون جا انگريزي ۽ هندي چينل 25 ميٽرن تي گڏوگڏ ايندا آهن. ولايت ۾ رهندڙ پاڪستاني سنڌي ڀائرو ۽ ڀينرو.·اوهان جي ڀاڳ ۾ جيئن ته پنهنجي پياري اسلامي ملڪ پاڪستان جو ڪو سنڌيءَ ۾ پروگرام ٻڌڻ لاءِ لکيل نه آهي، ان ڪري اوهان آل انڊيا ريڊيو ۽ سري لنڪا تان سنڌي ٻڌي دل خوش ڪري سگهون ٿا.

۽ مون اهو فيصلو ڪيو ته حيدرآباد واري انهيءَ عيسائي مِشينري وارن جي ائڊريس تي خط لکندس ۽ کين سنڌيءَ ۾ پروگرام شروع ڪرڻ جي مبارڪباد ڏيندس ۽ کين اهو به لکندس ته جيڪڏهن سنڌي لوڪ ڌنن سان گڏ هڪ ٻه سنڌي لوڪ گيت آوازن وارا به نشر ڪن ته ڏاڍو سٺو. آئون سمجهان ٿو، مذهبي پروگرام سان ساز سنگيت ڏيئي سگهجي ٿو، ڇو ته جيڪڏهن سنگيت

(1) 3 سيپٽمبر جو واقعو، 7 سيپٽمبر تي لکيل. (مرتب)

مذهب ۾، خاص طرح اسلام ۾، نه هجي ها ته پاڪستان ۾ شراب ۽ پبلڪ ناچ سان گڏوگڏ سنگيت تي به بندش هجي ها. پر ناچ ته شايد اسلام ۾ حرام ڪونهي، ڇو ته پاڪستان سينسر بورڊ وارا فلمن ۾ ناچ جي اجازت ته ڏين ٿا!

(۽ هفتي ۾ هڪ ڀيرو آچر جي ڏينهن تي به پروگرام ڏين)

فلئش بيڪ[1]: اڄ آل انڊيا ريڊيو تان سنڌي پروگرام ۾ ڪتابن جي تبصري جي پروگرام ۾ منهنجي ڪهاڻين جي ڪتاب ”رهيل قرض“ تي تبصرو اچڻو هو.لڇمڻ ڪومل کي شابس هجي جو هن اڳواٽ سندس دوست عمر قاضيءَ [2] کي اهڙو اطلاع ڏياري موڪليو هو، نه ته تي سگهي ٿو ته مون کان اهو ٻڌڻ رهجي وڃي ها.

پلا ڪنهن کي خوشي نه ٿيندي ته هن جي ڪتاب جو ريڊئي تان تبصرو نه ٿئي ۽ اهو به آل انڊيا ريڊيو تان، جيڪو هند ۽ پاڪستان کان سواءِ باقي دنيا ۾ به ٻڌو وڃي ٿو. اسين سڀ گهر جا ڀاتي ڏاڍو چاهه سان ريڊيو کي ڪن لڳائي ويناسون. هونئن به آئون پنجين کان ڇهين وڳي تائين پاڪستان ٽائيم موجب شام جو سنڌي پروگرام باقاعدي ٻڌندو آهيان.

لڇمڻ ڪومل جي تبصري ٻڌندي، اسان کي هڪڙي ڏاڍي خوشي تي ۽ اها هئي ته لڇمڻ ڪومل منهنجي ڪتاب ۾ منهنجي بابا ۽ امان جي نالي ڪيل سڄي ارپنا پڙهي ٻڌائي. مون کي خاص طرح سان اها ارپنا ريڊيو تان ٻڌي، جيڪا خوشي تي اها آئون بيان نه ٿو ڪري سگهان. لڇمڻ ڪومل باقاعدي بابا نذر علي سيد ۽ امان حسينا سيد جا نالا کڻي ٻڌايا.

۽ امان، اهڙي طرح تنهنجي پٽ ۽ تنهنجو ۽ بابا جو نالو سڄي دنيا ۾ گونججي ويو. امان، ٿي سگهي ٿو، ماڻهو اها معمولي ڳالهه سمجهندا هجن، پر سچ پڇو ته منهنجي لاءِ اها وڏي ڳالهه هئي ته تنهنجو ۽ بابا جو نالو آل انڊيا ريڊيو جي شارٽ ويو تان نشر ڪيو وڃي.

مون کي ائين لڳو جيئن مون لڇمڻ ڪومل کي پاڻ چيو هجي ته منهنجي ڪتاب تي تبصرو ڪرڻ وقت امان ۽ بابا جا نالا ضرور وٺجان. سوچيان ٿو،

(1) 6 سيپٽمبر جو واقعو، 7 سيپٽمبر تي لکيل (مرتب)

(2) ڏيسين وٽ پرديس ۾ (19) جو لبڪ ( مرتب)

منهنجي من جي ڳالهه لڇمڻ ڪومل تائين ڪيئن پهتي!؟ ڪومل کي ڪيئن خبر پئي ته مون کي تبصري کان وڌيڪ امان ۽ بابا جي نالن ٻڌڻ سان اڻ مئي خوشي ٿيندي!؟ ڇا اسان جون دليون اينٽريون ڳنڍيل آهن جو اسين هڪ ٻئي جا احساس پنهنجي دلين ۾ پنهنجن احساسن وانگر لاشعوري طرح ڪنيو وتون؟ مون کي ماورائي ڳالهين ۾ ته ويساهه ڪونهي، پر اينٽرو ويساهه اٿم جيڪڏهن ڏک سور ساڳيا هجن ته پوءِ هڪ ٻئي جي درد کي سڃاڻڻ جي ضرورت ئي ڪانهي. هڪ ٻئي جا درد هڪ ٻئي جي دل ۾ سمايا پيا آهن.

تنهنجو سور منهنجي دل ۾ آهي،
منهنجو سور تنهنجي دل ۾ آهي،
(ڪنهن جو سور ڪنهن جي دل ۾ آهي)
ساڳيو سور ساڳي ئي دل ۾ آهي.

هي سٽون ويني ويني دل ۾ تري آيون. آئون شاعر ته ڪونه آهيان پر آئون سمجهان ٿو ته احساس ۽ جذبا جڏهن به انتها کي پهچندا آهن ته اهي شاعري بڻجي ويندا آهن.

هڪ نقطو نوٽ ڪرڻ جهڙو آهي ته پاڪستان ۾ ڇپجندڙ سنڌي ڪتاب تي آل انڊيا ريڊيو تان تبصرو اچي سگهي ٿو، پر ريڊيو پاڪستان تان هندستاني سنڌي ڪتاب تي تبصرو ته ڇڏيو، پر نالو به نه ٿو کڻي سگهجي.

فلئش بئڪ [1]: شوڪت شوري جڏهن ٻڌايو ته ڪيس خبر ملي آهي ته موهن ڪلپنا کي دل جو دورو پيو آهي ته آئون گهڙي کن لاءِ ته پٿر پهڻ بڻجي ويس. مون پاڻ پنهنجي دل جو ڌڙڪو محسوس ڪيو. آئون جڏهن به دل جي دوري جي ڪا خبر ٻڌندو آهيان ته سمجهندو آهيان ته هاڻي انهيءَ شخص جو بچڻ ڏکيو آهي، ڇو ته آئون پاڻ مرندي مرندي بچيو آهيان. ڇا ڪلپنا به ايئن اوچتو مري ويندو ۽ اسان سنڌ جي رهندڙن جي کيس ملڻ جي حسرت ايئن ئي دل ۾ رهجي ويندي جيئن دادا ملڪاڻيءَ سان ملڻ جي حسرت اسان سنڌ واسين ۾ خاص طرح منهنجي دل ۾ رهجي وئي؟

(1) 30 آگسٽ جو واقعو، 7 سيپٽمبر تي لکيل (مرتب)

شوڪت ٻڌايو تہ ڪيس هري موٽواڻيءَ جو خط پهتو آهي، جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ ڪلپنا تي دل جو دورو پيو آهي ۽ ڪيس نازڪ حالت ۾ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. شوڪت اها خبر هلال پاڪستان اخبار ڏانهن اماڻڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو هو. خبر ناهي تہ هلال اها خبر پبلش ڪئي يا نہ(1). پر منهنجي دل گهريو تہ اڄ ئي ۽ هينئر ئي موهن ڪلپنا جي گهر يا هري موٽواڻي کي بمبئيءَ فون ڪري طبيعت پڇان. ٻنهي جا فون نمبر مون وٽ آهن ۽ جڏهن کان هند ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ٽپال ۽ تار جو سرشتو بحال ٿيو آهي، تڏهن کان وني دل ۾ حسرت رهي آهي تہ هند جي سيني سنڌي ليکڪن سان نہ تہ ٻن چئن سان ڳالهائي دل جي حسرت پوري ڪريان. اسان جون خوشيون مهانگيون ڪونهن. بس اهو دل گهرئي ماڻهوءَ سان ملڻ ۽ ڳالهائڻ. مون ڪي دادا ملڪاڻيءَ سان فون تي ئي سهي، نہ ڳالهائڻ جو ايترو تہ پڇتاءُ دل ۾ رهيو آهي جو جيسين جيئرو رهندس، اهو پڇتاءُ دل ۾ چپندو رهندو ۽ هاڻي ڪلپنا بہ ايئن مري ويندو، جنهن کي ڏسڻ تہ نهيو پر ان سان ٻہ ٻول بہ ڳالهائي نہ سگهيس ۽ ڪلپنا جي دل جي اها حسرت بہ دل ۾ رهجي ويندي تہ هو ڪڏهن سنڌ گهمي ۽ هو جڏهن سنڌ گهمندو تہ ڪيس خبر پوندي تہ هو ڪيڏو نہ هر واسي آهي، بلڪل ايئن جيئن فلمي جڳت ۾ دليپ ڪمار.

پر افسوس جو آئون اڄا تائين ڪنهن سان بہ فون تي ڳالهائي نہ سگهيو آهيان. ڇو؟ اهو ان ڪري جو آئون محتاط آهيان يا سڌو سنئون اهو ڪٿي چوان تہ آئون ڊڄان ٿو تہ متان هند جي ڪنهن ماڻهوءَ سان ڳالهائڻ ڪري منهنجو نالو سي آءِ ڊي ۾ نہ اچي وڃي، جيڪو آئون سمجهان ٿو تہ اڳيئي هوندو. يا ڪٿي ايئن چئجي تہ سي آءِ ڊي ۾ اهو شڪ اڃا بہ پختو نہ ٿي وڃي تہ آئون هندستان جو ايجنٽ آهيان، جيئن هر انهيءَ سنڌيءَ کي سمجهيو وڃي ٿو، جيڪو سنڌ جي جائز حقن جي ڳالهہ ڪري ٿو. باقي هند ۽ پاڪستان جي اڙدو ليکڪن کي عام موڪل مليل آهي تہ اهي هڪ ٻئي جي ملڪ ڏانهن اچن وڃن، ۽ اهو بہ سرڪاري طرح ! ۽ اڙدو ليکڪن جي مان ۾ خانگي ۽ نيم سرڪاري ادارا ۽ سرڪاري ادارا ۽ عام سنستائون دعوتون ڪن، فنڪشن ڪن، ايتري قدر جو اڙدو ليکڪ ڪراچي يونيورسٽيءَ جي پليٽفارم تان بہ ڳالهائين، آل پاڪستان مشاعري ۾ وزيرن جي صدارت ۾ پنهنجو ڪلام پڙهن، ۽ پوءِ پلي اهي ليکڪ هند جي ڪميونسٽ پارٽي جا ميمبر بہ هجن. پر اسين سنڌي ليکڪ نہ تہ

(1) پوءِ خبر پئي تہ اها خبر هلال ۽ عبرت ٻنهي شايع ڪئي. (ليکڪ)

سرڪاري طرح سڏايا وڃون ۽ نه ئي خانگي طرح اچون ۽ وڃون. هيستائين هند-پاڪ تعلقات جي بحاليءَ کان پوءِ رگهو لڇمڻ ڪومل هتان تي ويو آهي ۽ سنڌ مان ماهتاب محبوب، خيرالنساءَ جعفري ۽ ڪنول لوهاڻو هندستان مان تي آيا آهن. خير ڳالهه پئي ڪيم هند جي سنڌي ليکڪن سان فون تي ڳالهائڻ جي. ڇا اهڙي سولي سڏي ۽ سستي، پئسن جي لحاظ کان حياتيءَ جي هڪ بهترين خوشي به نه ٿا ماڻي سگهون! مون کي ياد آهي ته هند-پاڪ جي ٽپال ۽ تار جي سرشتي جي بحاليءَ کان پوءِ مون شمع (دهلي) ۾ پڙهيو هو ته هڪ فلمي اداڪار پران هڪدم ئي بمبئي مان فون تي نورجهان سان لاهور ۾ ڳالهايو هو ۽ مون کي انهيءَ وقت ويچار آيو هو ته ڪاش آئون به هڪدم بمبئي ۽ ڪلڪتي دادا ملڪاڻي، اتم ۽ ڪلپنا سان ڳالهائي سگهان. پر گهڻو چاهڻ جي باوجود ايئن نه ڪري سگهيو هوس ۽ اڄا تائين هيترا سال گذرڻ جي باوجود ايئن نه ڪري سگهيو آهيان. انهيءَ وچ ۾ دادا ملڪاڻي ته اسين وڃائي به چڪا آهيون ۽ ٻيا گهڻا ليکڪ ۽ دانشور به هن دنيا ۾ نه رهيا آهن ۽ اڄ ڪلپنا جي اوچتو بيماريءَ جو ٻڌي دل کي هڪ جهٽڪو آئي ۽ سوچيم ته اڄ ئي ڊوڙندو ٽيليفون آفيس وڃان ۽ فون ڪري ڪلپنا جي طبيعت جو پڇان. هري موٽوانيءَ جي خط پهچڻ ۾ به ته ست اٺ ڏينهن لڳا هوندا، منهنجي پياري موهن جي انهن ڏينهن ۾ الائي ڪهڙي حالت رهي هوندي.

پر آئون فون ڪرڻ نه ٿو وڃان، گهڻو چاهڻ جي باوجود. ڀلي موهن مري وڃي ته مري وڃي يا بچي وڃي ته بچي وڃي، پر هڪ ڏينهن ڪٿان نه ڪٿان خبر ملي ويندي. آئون ڪانئر آهيان. مون ۾ همت ڪانهي. آئون گيدي آهيان.

مون هڪڙي هنڌ ڏاڍي سٺي چوٽي پڙهي هئي: ڊپ ته بذات پاڻ ڪجهه ڪونهي، پر اهو ڊپ جو ڊپ آهي جو ماڻهوءَ کي ماري ٿو وجهي.

فلئش بئڪ [1]: اڄ اوچتو شهر ۾ هڪ هنڌ محبوب شيخ [2] ملي ويو. سائس گڏ هڪ شخص ويٺل هو. محبوب ۽ ان شخص سان هٿ ملايم. محبوب ان شخص ڏانهن اشارو ڪندي مون کي چيو، "ٽهل رام آزاد". منهنجي وات

(1) 4 سيپٽمبر جو واقعو، 7 سيپٽمبر تي لکيل (مرتب)
(2) ليکڪا ماهتاب محبوب جو مڙس. (مرتب)

مان حيرت منجهان آواز نڪتو: ”هان!“ ماٺهوءَ جي حيرت جي انتها ’هان‘ ۽ ’اڙي‘ جهڙا ٻول ئي آهن، جڏهن هو دل جي اڌمن جو اظهار ڪرڻ کان قاصر رهجي ويندو آهي. منهنجا هٿ پاٽمرادو هڪدم دادا تهل رام جي پيرن تي هليا ويا، پر انهيءَ احترام جي باوجود دل سيراب نه ٿي ۽ هڪڙو زور پريو پاڪر پاتومانس. ان پاڪر سان وچي ڪجهه د ل کي آٿت ملي.

مون هڪدم پڇيومانس: ”سائين ڪريو خبر موهن ڪلپنا جي!“ منهنجو پهريون سوال هو.

”مون کي ته ڪا خبر ناهي. آئون ڪالهه ئي بمبئيءَ مان روانو ٿيو آهيان. اهڙي ڪا ڳالهه هجي ها ته مون کان ته نه لڪي ها.“

”پر هري موٽواڻيءَ شوڪت شوري کي خط ۾ ايئن لکيو آهي.“ آئون پاڻ حيران ٿي ويس ۽ ڪجهه آٿت به ملي ته موهن ايترو سخت بيمار نه هوندو، جهڙو اسان سمجهيو آهي.

”ٿي سگهي ٿو، ٿورو گهڻو دل جي دوري جي شڪايت ٿي هجيس، پر اهڙي ڳڻتيءَ جي ڳالهه هجي ها ته اسان کي ضرور خبر پئي ها!“ دادا آزاد وڏيڪ وضاحت ڪئي ۽ دادا آزاد جي انهيءَ يقين ڏيارڻ کان پوءِ، من تان اها مونجهه ۽ بار لٿو، جيڪو مون کي چئن پنجن ڏينهن کان پريشان ڪري رهيو هو.

هاڻي وچي مس مس دادا آزاد کي چڱي طرح ڏٺم. ڳوري ۽ ڳاڙهي رنگت ۽ چهري تي اها تازگي، جنهن جو ذڪر ماهتاب محبوب پنهنجي سفرنامي ۾ هند جي بزرگ ليکڪن خاص ڪري دادا رام پنجواڻيءَ جي باري ۾ ڪيو آهي. اها تازگي جا جوان نه پر نوجوان چهرن تي ٿيندي آهي. ڳلن مان جڻ رت ٽمندڙ، مٿي تي روپا گهاٽا وار، جيڪي مرد جي سونهن ۾ اضافو ڪندا آهن ۽ گريس بخشيندا آهن، پر مرد الائي ڇو ڪين ڪيس ڪري پنهنجي سونهن ۾ گهٽتائي ڪري ڇڏيندا آهن. دادا آزاد سان ملي ڪهڙو نه سڪون مليو دل کي. هن کان پهرين رڳو لڇمڻ ڪومل سان ئي مليو هوس. جيتوڻيڪ اجا به گهڻو پهرين 1960ع جي شروعاتي ڏهاڪي ۾ اُتم ۽ سندري جڏهن سنڌ آيا هئا، تڏهن اتم سان ته هٿ به ملايو هئم ۽ به ٻول به ڳالهايا هئم، پر سندريءَ کي رڳو ڏٺو هئم. مرحيات عبدالغفور انصاري اُتم سان ته منهنجي واقفيت ڪرائي هئي. پر سندريءَ سان ڪرائڻ رهجي ويئي هئي پر تڏهن به شڪر جو مون سندس ديدار ته ڪيو هو. هند جي ليکڪن جو جڏهن به ذڪر ايندو آهي ۽ انهن ۾ اُتم، سندري

۽ لڇمڻ جا نالا ڪٽندا آهيون ته هو جيئرا جاڳندا اسان جي سامهون اچي بيهندا آهن. باقي ٻين ليکڪن لاءِ منهنجا تصوراتي عڪس جوڙيل آهن، جيئن اڻ ڏٺل پر مشهور ماڻهن لاءِ هر ڪنهن جي دل ۾ هوندا آهن. ۽ اڄ هند جي ليکڪن ۾ هڪڙو ٻيو نالو وڌيو: تهل رام آزاد.

آئون سوچيان ٿو، اسين بنگلن، ڪارن ۽ ٻين مادي خوشين لاءِ ڪيترا نه ديوانا ٿيو پيا گهمون ۽ نه ملڻ جي صورت ۾ مايوسين سان پاڻ کي پريشان ڪريو وجهون ۽ اهي انيڪ خوشيون جڏهن ڪنهن من گهرئي ۽ دلبر شخصيت سان ملڻ ۾ حاصل ٿين ٿيون ته انهن کي ته ليکي ۾ ئي ڪونه ٿا آڻيون. مون کي جيڪا خوشي تهل رام آزاد سان ملڻي حاصل ٿي آهي، اها انهن مادي خوشين کان لک ڀيرا وڌيڪ آهي، جنهن لاءِ اسان اتاولا ٿيو پيا گهمون. دادا آزاد سان ملڻ کان پوءِ، دل کي جيڪو آنند مليو، ان لاءِ اينترو ئي چوندس ته لفظ "آنند" اهڙو ته سهڻو لفظ آهي، جو ان جي ڪٽڻ سان سچي پچي دل کي آنند مليو وڃي. جيڪڏهن آئون شاعر هجان ها ته "آنند" تخلص رکان ها.

اهڙو هو اهو "آنند" ، جيڪو مون کي تهل رام آزاد کي ملڻ سان مليو.

●

# 11 سيپٽمبر 1982

فلئش بيڪ (1): مون اڄوڪي ڏينهن لاءِ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ راتون رات پنين تي لکيل نعرن جو ذڪر ڪيو هو. مون سوچيو هو تہ پاڻ وچي اُهي هڪ هڪ ڪري پڙهندس ۽ پوءِ ڊپارٽمينٽ ۾ اچي لکندس تہ جيئن ٻاهر لکندي ڪو ڏسي نہ وٺي. پر نعرا اينترا تہ لکيل هئا جو پڙهي اچي ڊپارٽمينٽ ۾ لکڻ ويٺس تہ گهٽا نعرا ياد نہ پيا اچن. انهيءَ ڪري اهو فيصلو ڪيم تہ ڪنهن ويساهہ پرئي شاگرد کي ۽ اهوبہ ڪو ليکڪ وغيره هوندو تہ ان کي چوندس تہ هو سڀ لکي آڻي ڏي. ها سچي، هڪڙي ٻي ڳالهہ اها بہ هئي تہ هڪ پوسٽر چپيل بہ لڳل هو، جنهن کي ياد ڪري اتارڻ منهنجي وس جي ڳالهہ ڪانہ هئي، انهيءَ ڪري اهو سڄو ڪم هڪ ليکڪ دوست ۽ شاگرد تي رکيم.

پر حيرت جي ڳالهہ آهي تہ انهيءَ شاگرد بہ ٽي پيرا چوڻ جي باوجود لکي نہ ڏنا. هڪڙي پيري لکي بہ ڪٽي آيو تہ مڪمل ڪونہ هئا ۽ پوسٽر تہ هن پهچارائيو ئي ڪونہ. بهرحال اهو ڪم نيٺ مون کي پاڻ تي رکڻو پيو ۽ انهيءَ لاءِ مون کي 11 سيپٽمبر جو ڏينهن چونڊڻو پيو، جو اهو قائداعظم جي وفات جو ڏينهن بہ هو ۽ يونيورسٽيءَ ۾ موڪل هئي. انهيءَ ڪري صبح جو روٽين واڪ (Routine walk) ڪرڻ لاءِ سپر هاءِ وي جي بدران يونيورسٽيءَ ڏانهن هليو ويس. نيٺ اتي بہ ڏاڍي خبرداريءَ سان نعرا نوٽ ڪرڻا پيا، جو ڪونہ ڪو ماڻهو يا شاگرد اچيو پيو نڪري. اهڙي طرح ڪافي دير لڳي، جو مون هڪ هڪ نعرو نوٽ ڪيو ۽ هڪ هڪ پاسو يونيورسٽيءَ جي بلڊنگ جو ڏسڻو پيو.

مون مٿين تمهيد ان ڪري ٻڌي آهي جو آئون اهو ثابت ڪريان تہ اهو هڪ معمولي ڪم ڪرڻ لاءِ وقت جي سيڙپ ۽ ٿوري عقل استعمال ڪرڻ جي بہ

---

(1) 14 آگسٽ جو واقعو، 11 سيپٽمبر تي لکيل. (مرتب)

ضرورت هئي ۽ 14 آگسٽ جو سوچيل ڪم وچي مهيني کن ۾ 11 سيپٽمبر تي پورو ٿيو. نعرا هيٺ ڏجن ٿا:

- پاڪستان جي حامين تي لعنت: JSSF
- سنڌيو سجاڳ ٿيو: JSSF
- جنگ آزادي لاءِ تيار ٿيو: JSSF
- سنڌ ۽ فلسطين جي قومي جدوجهد زنده باد: JSSF
- نه گهرجي نه گهرجي پاڪستان نه گهرجي: JSSF
- پاڪستان، آمريڪا، اسرائيل تي لعنت: JSSF
- حبيب الله ناريجي جا وارنٽ رد ڪريو: JSSF
- رسول بخش ٿيبو ۽ قمر پٺيءَ کي آزاد ڪريو: JSSF
- اليڪشن ڪرايو: JSSF
- سنڌي مزدورن تي ڪارخانن ۾ تشدد بند ڪريو: SST
- تعليمي ادارن کي درست ڪريو: SST
- سليمان ڏاهريءَ کي آزاد ڪريو: SST
- سنڌ جي غدارن تي لعنت: JSSF
- غلام نبي پنهور، گل انقلابي، دودو مهيري، سڪندر ميراڻي، قربان ارباب، يوسف ڳاهي، نورالدين ڪيريو کي آزاد ڪريو: JSSF
- سنڌ ۾ ڌارين جي آمد بند ڪريو:JSSF
- سنڌ جا دشمن ڪير، پنجابي پناهگير: JSSF
- تعليمي ادارن ۾ فوجي مداخلت بند ڪريو: JSSF
- قومي ۽ طبقاتي جدوجهد زنده باد: JSSF
- سنڌين جي زمين سنڌين کي ڏني وڃي: JSSF
- سنڌين تي ظلم بند ڪريو: JSSF
- فوجي ڪتن تي لعنت :JSSF
- سنڌو ديش سچو، پاڪستان ڪُوڙو: JSSF
- پنجابيو سنڌ خالي ڪريو: JSSF

- آزاد سنڌوديش ٺاهيو پاڪستان ڊاهيو: JSSF
- افغان انقلاب زنده باد SST
- محترم پليجي تي ڪوٽ لکپت جيل ۾ تشدد بند ڪريو: SST
- مارشل لا مرده باد: JSSF
- پاڪستان جو مطلب ڇا، ڦاسي ڦٽڪا مارشل لا: JSSF
- پاڪستان يا پنجابستان؟ پنجابيو سنڌ مان نڪري وڃو: JSSF
- پنجابي سامراج تي لعنت: JSSF
- آزاد سنڌوديش زنده باد: JSSF
- فلسطيني جدوجهد زنده باد: JSSF
- جمهوريت بحال ڪريو: SST
- سنڌو ديش جي انڪارين تي لعنت: JSSF
- قوم پرستي زنده باد: JSSF
- ڊاهينداسين ڊاهينداسين، پاڪستان ڊاهينداسين، ٺاهينداسين ٺاهينداسين سنڌوديش ٺاهينداسين:JSSF
- نہ کپي نہ کپي، پاڪستان نہ کپي: JSSF
- جيئي سنڌ جا محب وطن يا اشتهاري يا ڌوهاري: JSSF
- احمد علي شيخ ۽ عاشق گوپانگ کي آزاد ڪريو: JSSF
- تنهنجو ديش منهنجو ديش، سنڌو ديش سنڌو ديش: JSSF
- ولي محمد جمالي، غلام نبي پنهور، صيفل جکراڻي جا ريسٽيڪيشن آرڊر واپس ونو: JSSF
- الطاف، نورالدين عباسي، زيب، سڪندر ميراڻي، گل حسن، لطيف لغاري کي آزاد ڪريو: JSSF
- سنڌوديش امر آهي: JSSF
- ڪوڙا ڊوميسائيل رد ڪريو: SST
- ڪوڙن ۽ ڦٽڪن جون وحشي سزائون بند ڪريو: SST
- شاگرد سنگت جون چونڊون ڪرايو: SST
- انقلاب دشمن افغان پڳوڙا واپس ڪريو SST

- وطن يا ڪفن (ج.س.ا.ف)
- دودو مهيري، الطاف تنيي کي آزاد ڪريو: JSSF
- غلام مصطفيٰ جانوري، شيخ حبيب ۽ ٻين جيئي سنڌ جي ڪارڪنن جي داخلا بحال ڪريو: JSSF
- بنگالي عوام جي قاتلن ۽ بهارين کي سنڌ ۾ آباد نہ ڪريو: JSSF
- جيئي سنڌ جي ڪارڪنن جي والدين کي آزاد ڪريو: JSSF
- ريسٽيڪيشن آرڊر واپس وٺو: JSSF
- معزوريءَ جا آرڊر واپس وٺو: JSSF
- آزادي يا موت: JSSF
- اسرائيلي جارحيت مرده باد: SST
- علي احمد شاھ کي آزاد ڪريو: JSSF
- سائين جي ايم سيد جي نظربندي ختم ڪريو: JSSF
- جيڪو پاڪستان جو يار آهي، غدار آهي غدار آهي: JSSF
- تنهنجو رهبر، منهنجو رهبر، جي ايم سيد، جي ايم سيد JSSF
- گل محمد جکراڻيءَ سميت جيئي سنڌ جي ڪارڪنن جا وارنٽ رد ڪريو: JSSF
- غلام نبي سومري، اختيار روشن کي آزاد ڪريو: JSSF
- پاڪستان نا!: JSSF
- مارشل لا مرده باد: SST
- سنڌ جي غدارن تي لعنت: JSSF

- Nationalism Zindabad (JSSF)
- We want Sindhu Desh (JSSF)
- Azad Sindhu Desh Zindabad (JSSF).
- We don't like Pakistan. We want to crush Pakistan (JSSF)

۽ هڪڙو نعرو "ضيا نہ کپي" (MRD)، يعني ايم آر ڊي طرفان رڳو هڪڙو اهو نعرو.

ٻي ڳالهہ تہ JSSF يعني جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن هر نعري جي هيٺان پنهنجا انيشيئل نہ ڏنا آهن، پر نعرن مان اندازو لڳايو اٿم تہ اهي جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن وارن جا ئي آهن.

ٽين ڳالهہ تہ رڳو هڪڙو نعرو MRD يعني Movement for Restoration of Democracy وارن طرفان لکيل آهي. حيرت آهي تہ اهو هڪڙو نعرو بہ ڪنهن لکيو هوندو، ڇو تہ شاگردن ۾ MRD جو ڏڙو تہ ڪونهي ۽ ها البت MRD ۾ شامل جماعتن طرفان ڪو لکي سگهي ٿو.

چوٿين ڳالهہ تہ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن طرفان هڪڙو نعرو بہ لکيل ڪونهي.

پنجين ڳالهہ تہ جمعيت طلبا جيڪا جماعت اسلاميءَ جي تنظيم آهي، سا ظاهر ظهور سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ آپريٽ نٿي ڪري.

مٿيان نعرا جڏهن نوٽ پئي ڪيم تہ اهي هرويرو 14 آگسٽ جي صبح جو سپ نظر نہ آيا هئا، پر ڪجهہ انهن مان اڳ جا بہ لکيل آهن.

ڪجهہ نعرا رهجي بہ ويا آهن سي هاڻي نوٽ ڪريان ٿو:

- فوجي ڪتا ملڪ ڇڏي وڃو
- پنجابي بربريت مرده باد. (1)

نعرن کان سواءِ جيڪو پوسٽر هو، ان جو متن هن ريت آهي:

ڪير آهي جو ڪو، پن رستو جهلي- نہ بندوق نہ گولي تن کي پلي،
نہ جيلن کان دهليا هي جوڌا جوان - سندم ساٿيهہ جا جوان.
لاٽ ٻرندي رهي - ساٿ هلندو رهي.

"سنڌ جا واسيو!

سنڌ جا واسيو سجاڳ ٿيو. اوهان پنهنجي سنڌ ۾ غير ٿا لڳو. وطن ۾ بي وطن ٿا لڳو. اوهان سرسبز سنڌ ۾ پيٽ بکيا ۽ انگ اگهاڙا ٿا لڳو.

---

(1) هونئن تہ مٿين نعرن تي ٽيڪا ٽپڻيءَ جي گهڻي گنجائش آهي، پر هڪڙي ڳالهہ ثابت ٿي تہ SST وارن پنهنجي هر نعري هيٺ SST لکيو آهي ۽ انهن جو ڪوبہ نعرو پاڪستان يا پاڪستان جي ڪنهن بي قوم پنجابي وغيره جي خلاف نہ آهي. انهيءَ ڪري هنن هر نعري جي هيٺيان SST لکي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ هو پاڪستان ۽ پاڪستان جي بي ڪنهن قوميت جي خلاف ڪونهن. SST سنڌي شاگرد تحريڪ جا انيشيئل آهن جيڪا رسول بخش پليجي جي پاڪستان عوامي تحريڪ جو شاگرد ڌڙو آهي. (ليکڪ)

اوهان جي ديس ۾ اسي لک ايڪڙ زمين پنجابين جي قبضي ۾ اچي چڪي آهي. سنڌ جي ڪارخانن، آفيسن ۽ ٻين ذريعن ۾ لکين ملازمن مان ڪجهه هزار سنڌي آهن. سنڌ جي ٻاهتر ارب ڪمائي مان صرف هڪ ارب روپيا خرچ ڪيا پيا وڃن. باقي رقم مان پنجابين جي زندگيءَ کي رنگين بنايو ٿو وڃي. جڏهن جيئي سنڌ جا ڪارڪن سنڌي قوم سان ٿيندڙ زيادتين خلاف احتجاج جو طوفان بڻجي اٿيا آهن ۽ پنجاب سامراج کان سمورو حساب چڪتو ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺا آهن ته انهن کي روڪڻ لاءِ انهن جي نرم نڪن جسمن تي ڦٽڪا وسايا وڃن ٿا، اشتهاري ڏوهاري قرار ڏيئي مارڻ جون سازشون ڪيون وڃن ٿيون، جيلن ۾ بند ڪيا وڃن ٿا، تعليمي ادارن ۾ هميشه لاءِ خارج ڪيا وڃن ٿا، انهن جي باعزت والدين کي جيلن ۾ بند ڪري انهن تي جيلن ۾ تشدد ڪيو وڃي ٿو ۽ انهي ڏوهه ۾ سنڌ جو قومي اڳواڻ جي ايم سيد ويهن سالن کان جيلن ۾ نظربند رهيو آهي. انهن کان سواءِ لکين بهارين کي سنڌ ۾ وري آباد ڪيو وڃي ٿو. سنڌ ۾ ڌاريا اڳي ئي 45 سيڪڙو تي پهچي چڪا آهن. سنڌ جي ماٺهن کي سنڌوديش جي آزاديءَ جي جدوجهد ڪرڻ لاءِ شهيد ڏاهر، دريا خان، مخدوم بلاول، هوشو شيدي، هيمون ڪالاڻي ۽ ٻين ڪيترن شهيدن جو روح رڙيون ڪري رهيو آهي. اچو ته انهن جي رت ڦڙن جي روشنيءَ ۾ آزاديءَ جي لاٽ ٻاريون ۽ ڌارين کي ديس مان ڌڪي ڪيون."

حيرت جي ڳالهه اها آهي ته مٿيون پوسٽر جنهن ليٿو پريس جو ڇپيل هو يعني ته اهڙيون پريسون به آهن، جي اهڙو پوسٽر ڇپي سگهن ٿيون. هڪڙي وڏيڪ حيران ڪندڙ ڳالهه اها آهي ته سنڌين جي ڪا به ليٿو پريس ڪانهي. انهيءَ ڪري لازمي طرح اهو ڪنهن غير سنڌي پريس مان ڇپيو هوندو. اها ٻي ڳالهه آهي ته اهڙي سخت پوسٽر لاءِ انهيءَ پريس ڊبل چارج ڪئي هوندي. نتيجو اهو ٿو نڪري ته جي پئسو هجي ته پاڻ غير سنڌين کان اهو ڪم وٺي سگهجي ٿو، جنهن جو تصور به نٿو ڪري سگهجي. هتي شاگردن کي به جَس ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي ته هنن اهڙو جوکم کٽي ڪنهن پريس مان اهڙو پوسٽر ڪيئن ڇپارايو. پريس وارو ته نلهي ها ڪري سيني کي ٻَڌرائي به سگهي ٿو.

هڪ ٻي ڳالهه "نعرن" جي باري ۾ ڪرڻ وسري وئي. اها هيءَ ته من

گهري پيو ته انهن نعرن مان جيترا به نعرا، انهن شاگردن جي باري ۾ آهن، جي ريسٽيڪيٽ بار بار ٿيا آهن، جيڪي مفرور قرار ڏنا ويا آهن ته ڪي جيلن ۾ آهن، انهن مان هر هڪ شاگرد جي مڪمل واقفيت ۽ ڏوهه جو ڪارڻ ۽ ايف آءِ آر ۾ درج ٿيل ڏوهه، آڏي پڇا دوران ڪيل سوال ۽ جواب ۽ شاگردن جي ذاتي زندگيءَ جو احوال سڀ گڏ ڪجي. پر اهو ڪم ڪير ڪندو؟ مون وٽ نه ايترو وقت آهي ۽ نه ئي آئون ان سلسلي ۾ ظاهر ٿيڻ ٿو گهران. پر ڪنهن شاگرد يا ليڪڪ کي چوان، پر بنيادي سُستي وگهي رڳو ڳالهيون ٿينديون ۽ ڪم ڪڏهن به نه ٿيندو. ڏسو ڪيتري نه ڏکيائي آهي، رڳو معلومات جمع ڪرڻ ۾!

اهڙي طرح سنڌ ۾ شاگردن کي سياسي طرح جيلن ۾ بند ڪرڻ ۽ ڦٽڪن جهڙيون وحشي سزائون ڏيڻ تي ايمنسٽي انٽرنيشنل (Amnesty International) کي تفصيلي مڪمل رپورٽون ڪري انٽرنيشنل سطح تي موجوده حڪمرانن کي پڌرو ڪري، انهن تي انٽرنيشنل دٻاءُ آڻائي سنڌ جي شاگردن کي ڪافي حد تائين بچائي سگهجي ٿو. پر اها هر گهربل ۽ جيل ۾ پيل شاگرد جي معلومات تيار ڪري ڪير؟

فلئش بئڪ(1): اڄ سليم قريشيءَ جي ڪتاب "ديس پرديس" جو مهورت هو. هي ڪتاب هندستان جو سفرنامو آهي ۽ سڀ کان وڏي سنڌي ڪُتب فروش "ادبيات" جي مالڪ جو آهي. اڄ کان چار پنج ڏينهن اڳ مون کي فون تي سليم قريشيءَ پاران نثار حسينيءَ فون ڪري نه رڳو فنڪشن تي اچڻ جي نينڊ ڏني هئي پر مون کي مهورت تي ڳالهائڻ لاءِ به چيو هو، جيڪو مون خوشيءَ سان قبول ڪيو هو. آئون فنڪشن ۾ ڳالهائڻ پاڻ لاءِ اعزاز ۽ دعوت ڏيندڙ جي مهرباني سمجهندو آهيان چو ته اهو سهڪاري اعزاز آهي. دعوت ڏيندڙ ايترن ماڻهن مان اهم ماڻهن جي چونڊ ڪري ٿو، جيڪي ڳالهائين ۽ اهڙي طرح دعوت ڏيندڙ جي فنڪشن کي مانُ بخشين ته وري ڳالهائيندڙ لاءِ به اهو مانُ آهي ته ايترن ماڻهن مان ڪيس چونڊي ڳالهائڻ لاءِ چيو ويو. آئون ڪنهن فنڪشن ۾ ڳالهائي منتظمين تي ڪا مهرباني ڪريان ٿو يا نه، پر اهو منتظمين جو احسان ضرور سمجهندو آهيان ته هنن مون کي مانُ ڏيئي ڳالهائڻ جو شرف بخشيو ۽ آئون دل ۾ دعوت ڏيندڙن جو سدائين ٿورائتو رهندو آهيان.

(1) 9 سيپٽمبر جو واقعو، 11 سيپٽمبر تي لکيل. (مرتب)

اهوئي ڪارڻ آهي جو مون هڪدم ها ڪئي. فنڪشن ڪان ٻه ڏينهن پهرين سليم قريشيءَ سان ملاقات تي پر هن فنڪشن جي پاڻ ڪا ڳالهه ئي ڪانه ڪئي، ايترو به نه چيائين ”ته اوهان اچو پيا نه!“ هونئن دستور اهو آهي ته فون تي، ڪارڊ ذريعي يا ڪنهن به ذريعي ڪنهن کي دعوت ڏجي ته پهريون پيرو جيڪڏهن اتفاق سان سامهون ملاقات ٿي وڃي ته هڪ به اکر اهي ”اچو پيا نه“ وغيره جا ورجائبا آهن ۽ مون کي جڏهن پاڻ دعوت نه ڏني هئائين ته پوءِ ته ڪيس پنهنجي واتان چوڻ انتهائي ضروري به هو.

هڪ ٻي حيرت جي ڳالهه اها ٿي جو انهيءَ فنڪشن واري ڏينهن تي مون کي ڪو ڪارڊ پهتو ئي ڪونه. عام حالتن ۾ ته ماٺوءَ کي پوءِ ته وڃڻ ئي نه کپي، پر مون سوچيو ته سنڌي ڪتاب جو مهورت آهي، ان ۾ ڳالهائڻ ته عين سعادت پر نلهو شرڪت ڪرڻ به قومي فرض آهي. ان ڪري هتي دل ۾ ڪرڻ جو ڪو موقعو ڪونهي. ٻي ڳالهه ته هڪ پبلشر جو پنهنجو پهريون لکيل ڪتاب هو، ان جي همت افزائي ڪرڻ به فرض هو. ٽي ڳالهه ته سليم قريشيءَ سان دعا سلام آهي. جيتوڻيڪ گهٽ ۾ گهٽ ٻن اهم موقعن تي هن مون وٽ پير نه پريو آهي. خير! ان ڪري مون ان ڳالهه جي هوندي به، ته مون کي فنڪشن جي شروع ٿيڻ جي وقت جي خبر به نه هئي، آئون ساڍي ڇهين ڌاري پهچي ويس. خبر پئي ته فنڪشن جو وقت ڇهه هو پر اجا فنڪشن شروع نه ٿيو هو. ساڍا ست ٿي ويا پر فنڪشن اجا به شروع نه ٿيو جيتوڻيڪ صدر رئيس ڪريم بخش نظاماڻي (1) ۽ عنايت الله عباسي ٻکيه مهمان پڻ موجود هئا. پوءِ جڏهن پوڻا اٺ ٿيا ته آئون بنا ڪنهن کي ٻڌائڻ جي هليو ويس. ڇهين وڳي جو وقت ڇپيل ۽ پوڻي اٺين وڳي تائين فنڪشن شروع نه ڪرڻ، اها سراسر زيادتي هئي. آئون ڪو احتجاج طور اٿي نه ويس، نه ئي مون کي ڪا ڪاوڙ لڳي، پر مون کي دل ۾ سخت ڇڪتاڻ هئي جو اها مون لاءِ ڏاڍي ڏکي ٿيندي آهي. هن دؤر ۾ ايئن وقت برباد ڪرڻ سراسر زيادتي هئي.

پوءِ مون کي خبر پئي ته اٺن ۾ پنج اٺ منٽ ڪن هئا ته فنڪشن شروع ٿيو جيڪو پوءِ پوڻين ڏهين وڳي ختم ٿيو. هڪ ٻي ڳالهه جي خبر پئي ته منهنجو نالو پڪاريو ويو ۽ ڪامپيئر نصير مرزا شروعات ۾ ڪجهه واقفيت ۾ تعريفي

---

(1) پهرين سنڌي فلم ”ايڪتا“ جو هيرو. (ليکڪ)

جملا بہ چيا ۽ پوءِ جڏهن آئون نہ پهتس تہ پوءِ ڪيس ٻئي ڪي سڏڻو پيو. آئون سمجهان ٿو تہ مون غلطي ڪئي جو آئون چئي ڪونہ آيس تہ آئون وڃان پيو. سليم قريشي يا نثار حسينيءَ ڪي چوان ها تہ هو شايد نہ ڇڏين ها. پر ڪنهن دوست ڪي چئي ڇڏيان ها تہ منهنجي وڃڻ جو ڪين ٻڌائي ڇڏي ها تہ پوءِ ڊائس تان منهنجي نالي پڪارڻ جي ضرورت بہ نہ رهي ها. پر آئون اهو بہ سوچيان ٿو تہ ايئن ڏير ٿئي تہ چپ چاپ ماڻهو هليو وڃي ۽ پوءِ جڏهن نالي وٺڻ سان ڳالهائيندڙ مٿي نہ اچي تہ ماڻهو سمجهن تہ پڪ ڏير ٿيڻ ڪري ڳالهائيندڙ هليو ويو هوندو، نہ تہ پهرين نظر تہ آيو هو. انهيءَ مهابي ڪين ڏير ٿيڻ جو احساس ٿيندو ۽ من ان سان ڪو سڏاري جو احساس پيدا ٿئي.

پر آئون سوچيان ٿو تہ نہ، ايئن چپ چاپ اٿڻ منتظمين لاءِ ناراضگيءَ جو باعث ٿيندو ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڪين ڏير سوير جو پوءِ بہ احساس نہ ٿئي ،ان ڪري سوچيو اٿم تہ اڳتي ايئن چپ چاپ اٿي نہ ويندس پر ڪنهن ڪي ٻڌائي ويندس. منهنجي ايئن چپ چاپ اٿي وڃڻ سان پڪ سان سليم قريشيءَ ڪي ڏک پهتو هوندو، جنهن لاءِ آئون سليم قريشيءَ آڏو هٿ ٻڌي معذرت ڪريان ٿو، جيڪو اميد اٿم تہ هو وڏي دل ڏيکاري قبول ڪندو.

سليم قريشيءَ جي ڪتاب تي منهنجو تبصرو اڳ ۾ ئي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان "ماهنامو" پروگرام ۾ اچي چڪو هو، جنهن جو نقل مون وٽ نہ هو. (1) هر ليکڪ کي پنهنجي هر تقرير، مضمون، لکٽيءَ جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي ۽ نہ ئي اهو تبصرو ٽيپ ٿيل سليم قريشيءَ وٽ هو، جيئنوٽيڪ هن پاڻ بہ ريڊيو تان ٻڌو هو. اهو ريڊيو وارو تبصرو نہ ملڻ ڪري ۽ اها خبر بہ هجڻ ڪري تہ مهورت تي ڳالهائيندڙن جو تعداد تمام گهڻو آهي ۽ ماڻهو تمام گهڻا ڳالهائيندڙ ۽ ڊگها مضمون ٻڌي بيزار نہ ٿي پون، پوءِ ڪٽي ڪيترو بہ اهم ڪتاب ڇو نہ هجي يا ڪيتري اهم شخصيت ڇو نہ هجي، ان ڪري مهورت لاءِ هڪ الڳ مختصر مضمون لکيو هئم جيڪو هيٺ ڏجي ٿو:

"انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ سفرناما نهايت هر واسي (Popular) ٿي رهيا آهن. ايتري قدر جو هاڻي "سفرنامو" مخصوص

---

(1) "ديس پرديس" تي جيڪو مون ريڊيو تي تبصرو ڪيو هو، اُن جو نقل پروگرام پروڊيوسر مراد علي مرزا کان حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس تہ جيئن اهو بہ رڪارڊ تي رهي (ليکڪ) پر شايد ليکڪ کي اهو حاصل نہ ڪري سگهيو. (مرتب)

سنڌي صنف سمجهڻ ۾ اچڻ لڳي آهي. اها نهايت خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو سنڌيءَ ۾ هڪ مخصوص صنف، اهڙي هر واسي ٿي رهي آهي جو اسان انهيءَ جو آئيڊيا ٻي هنڌان چورائيو ناهي. ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته جيڪا صنف، جيڪو اسٽائيل اڙدوءَ ۾ هر واسي ٿئي ٿو ته ان جي نقل ۾ سنڌيءَ ۾ به هر واسي ٿئي ٿو، پر سفرنامي جي مقبوليت سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪٿان آئي ڪانهي. نه اڙدو مان، نه انگريزيءَ مان، نه هندستان جي سنڌي لکڻ مان. پر هن صنف جي روايت نج سنڌي ٻوليءَ ۽ نج سنڌ ۾ ئي شروع ٿي آهي. انهيءَ ڪري سفرنامي جي سنڌ ۾ بانيڪار ته نه، پر سفرنامن کي مقبوليت بخشڻ واري بانيڪار، سفرنامن جي سردار الطاف شيخ جي نالي سان اچوڪي مضمون جي شروعات ڪريان ٿو. الطاف شيخ لڳاتار مسلسل سفرناما لکي، چپارائي، اينتري قدر جو ڪنهن به سفرنامي جي ڪتاب کي مارڪيٽ مان ختم (Out of Stock) نه ڏيڻ ڪري، اڄڪلهه سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪهاڻيءَ کان به مٿي، سفرنامن کي عوامي ڪري ڇڏيو آهي. الطاف شيخ کان پهرين به ويجهڙائي ۾ ڪجهه سفرناما آيا پر مسلسل نه. الطاف کان پوءِ، ذري گهٽ جيڪو به ليکڪ ٻاهر ويو آهي، تنهن سفرنامو لکيو آهي. پر هڪڙو هٽ جڳ جو اهڙو به هنڌ آهي، جيڪو ويجهو هوندي به الطاف کان پري رهيو. اهو آهي هندستان. ۽ هندستان ۾ سفرنامي جي شروعات ماهتاب محبوب ڪئي ۽ هي ٻيو سفرنامو آهي جو هندستان جي پس منظر ۾ آهي. جيتوڻيڪ اخبارن ۾ محبوب عالم ۽ فقير امداد علي سرائيءَ جا سفرناما مختصر نموني شايع ٿيا آهن. ماهتاب ته بهرحال ليکڪ هئي ۽ هن اهو بانيڪاريءَ وارو ڪم ڪيو جو هن کان پهرين ڪنهن نه ڪيو. پر سليم قريشيءَ به نهه پهه هندستان جي سفرنامي سان ٻيو نمبر حاصل ڪري ورتو. ماهتاب محبوب جو ته بهرحال ڪريڊٽ وڏيڪ آهي پر سليم قريشيءَ جو به گهٽ ڪونهي ،چو ته سڀ کان پهرين رشيد ڀٽي ۽ شيخ اياز هندستان مان ٿي آيا پر انهن سفرنامو نه لکيو. طارق اشرف ۽ غلام نبي مغل هندستان مان ٿي آيا پر انهن به سفرناما نه لکيا. اُتم پاڪستان مان ٿي ويو پر هن به رڳو نئين دنيا ۾ مختصر سفرنامو لکيو. خير، اهي ته 1965ع کان پهرين جا احوال هئا. ويجهڙائي ۾ لڇمڻ ڪومل پاڪستان مان ٿي ويو پر هن به لفظ نه لکيو، ان کان پهرين هڪ ٻيو ليکڪ جنهن جو نالو مون کي ياد نه ٿو اچي، ان هر سال به ٿي قسطون ڪنهن رسالي ۾ لکيون. ويجهڙائي ۾ هندستان مان ويجهڙائي مان ٿي

ايندڙ سنڌي ليکڪن مان خيرالنساءِ جعفري هڪ لفظ به ناهي لکيو.[1] ڪنول لوهاڻو به تي آيو، پر هن به هڪ لفظ نه لکيو. سروپ چندر شاد به تي آيو آهي، ان وٽان به ڪجهه به نه مليو. ان ڪري شابس آهي سليم قريشيءَ کي جيڪو ليکڪ به ڪونهي پر انهيءَ هڪدم هندستان مان موٽي سفرنامو اوهان جي آڏو اچي رکيو آهي. ڇا اهو پنهنجي جاءِ تي ڪمال ڪونهي ته هيڏن ليکڪن ۽ دانشورن جي هندستان مان تي اچڻ جي باوجود سفرنامو وري به هڪ اهڙي شخص اچي لکيو، جنهن هن کان پهرين ڪتابن جي پڙهڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ساهتي ڪيتر ۾ ڪم ڪيو ئي ڪونهي. ها هڪ ٻه ٻيا نالا رهجي ويا آهن. هڪ ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب ۽ ٻيو نورالدين سرڪي، جيڪي به هندستان مان تي آيا آهن. پر ڊاڪٽر بلوچ جڳ جو تمام گهٽو سير ڪيو آهي پر پاڻ ڪوجنائي ڪم جي ڪري سفرناما لکڻ لاءِ وقت نه ٿو ڪڍي سگهي. پر نورالدين سرڪيءَ مان ته مون کي اميد هئي ته هو سفرناما ضرور لکندو. تنهن کان سواءِ ٻيا ڪجهه ليکڪ به ذهن ۾ اچن ٿا جيڪي هندستان ته نه، پر ٻاهران ولايت مان تي آيا آهن، پر انهن ڪو سفرنامو ناهي لکيو، جهڙوڪ نعيم دريشاٽي جيڪو ڏهه سال ولايت ۾ رهيو، تنوير عباسي جيڪو ويجهڙائي ۾ تي سال اڳ يورپ جي سير تان تي آيو آهي.[2] حميد سنڌي ته شايد گذريل سال يورپ ۽ آمريڪا مان گهمي آيو آهي. قمر واحد آمريڪا ۾ پنج سال گذاري آئي آهي. رشيده حجاب به چار پنج سال اڳ آمريڪا مان تي آئي آهي. سڀ کان اهم ڳالهه ته جويو صاحب اڄ کان 25 سال اڳ آمريڪا مان تي آيو. شيخ اياز وائيس چانسلريءَ جي دوران سوويت يونين ۽ برطانيا مان تي آيو. مشتاق شورو آمريڪا ۾ آهي پر اتان هڪ لفظ به نه موڪليو اٿس. توهان سوچيندا ته سليم قريشيءَ جي ڪتاب جي مهورت تي ٻين جو ذڪر ڇو؟ اهو ان ڪري ته آئون اهو ثابت ڪري سگهان ته سليم قريشيءَ کي سنڌي طرح يا اڻ سڌي طرح ڪريڊٽ ڏيئي سگهون، جنهن جو هو حقدار آهي. مون کي اميد آهي بلڪ پڪ آهي ته هاڻي جڏهن به هو ٻاهر ويندو، اسان جي ٻوليءَ کي سفرنامو ضرور ملندو ۽ ٻين ليکڪن وانگر نلهو سفرنامو لکڻ جو خيالي پلاءُ نه پچائيندو.

●

---

(1) غير النساءِ جعفري هندستان جو سفرنامو پوءِ لکيو، جنهن جون ڪجهه قسطون "آرسي" ڪتابي سلسلي ۾ شايع ٿيون. (مرتب)

(2) تنوير عباسيءَ جو سفرنامو "ڏوري ڏوري ڏيهه" جي عنوان سان پوءِ 1984 ۾ شايع ٿيو. (مرتب)

# 13 سيپٽمبر 1982ع

سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن (UGC) جي ريجنل آفيس آهي، جنهن جي ريجنل ڊائريڪٽر مهتاب راشدي آهي. اڄ انهيءَ آفيس ۾ هڪڙي سمپوزيم ۾ مون کي وڃڻو هو. اهو سمپوزيم، شاگردن ۾ بي چينيءَ جا ڪارڻ "Causes of Student Unrest and its Remedies." سري تي هو انهيءَ سمپوزيم هيٺ سنڌ جي، سواءِ ڪراچيءَ جي، يونيورسٽين مان مختلف استادن کي سڏيو ويو هو. پر سيني کي هڪ وقت نه پر الڳ الڳ وقتن تي الڳ گروپن ۾ سڏيو ويو هو. آئون جنهن گروپ ۾ هئس، انهيءَ ۾ ڇهه استاد هئا. سيني پنهنجي پنهنجي ليکي ڳالهايو پر مون دل کولي پنهنجا نقطا، جيڪي آئون لکي کڻي ويو هوس، مون پيش ڪيا.

حيرت جي ڳالهه اها آهي ته انهي مون واري گروپ ۾ سڀ سنڌي هئا، ته به ڏاڍيون عجيب ڳالهيون ٿيون. جيئن شمس الدين ٽگڙ، ائگريڪلچر يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۽ مسز زاهده غوري، پوليٽيڪل سائنس، سنڌ يونيورسٽي، اها ڳالهه زور ڏيئي ڪئي ته ليڪچر انگريزيءَ ۾ ڏنا وڃن ٿا، جيڪي شاگرد انگريزي نه ٿا سمجهن. مون انهيءَ نقطي جي مخالفت ڪئي ۽ کين ٻڌايو ته اهو بلڪل غلط آهي ته ڇوڪرا انگريزي نه ٿا سمجهن پر شاگردن کي محنت ڪري پڙهايو ئي نه ٿو وڃي ۽ استاد پڙهائڻ ۾ ڪا دلچسپي نه ٿا وٺن. نه پاڻ محنت ٿا ڪن، ۽ نه ئي کين محنت تي اُڀارين ٿا. ان ڪري شاگردن کي به پڙهڻ ۾ دلچسپي پيدا نه ٿي ٿئي. کين مون مثال ڏنو ته ماسڪو ۾ ۽ ٻين ملڪن ۾ جتي انگريزي ٻولي ڪانهي، رڳو هڪ سال ڏاري ٻولي پڙهي،انهيءَ ٻوليءَ جو Working knowledge حاصل ڪري استاد پي ايڇ ڊي (Ph.D) ڪري اچن ٿا. پوءِ اسان جا شاگرد، جيڪي اسڪول کان وٺي ڪاليج تائين ٿوري گهڻي انگريزي پڙهي اچن ٿا، ڇا انهن کي اينتري به انگريزي نه ايندي هوندي جيتري

هڪ سال ۾ پاڪستاني ڏاري درسي ٻولي سکي پي ايچ ڊي ڪري اچن ٿا. بهرحال روس ۽ پاڪستان ۾ فرق اهو آهي ته روس ۾ پڙهڻ مهل شاگرد مڪمل طرح پنهنجي پڙهائي ۾ ذري گهٽ چوويهه ڪلاڪ رڌل رهي ٿو، پر انهيءَ جي ابتڙ هتي شاگرد ڪلاس ٽائيم ۾ رلندي ۽ شام جو گهمندي نظر ٿا اچن. ڪلاس ٽائيم ۾ رلندي، ان ڪري جو استاد باقاعدگيءَ سان ۽ محنت ڪري ڪلاس نه ٿا وٺن ۽ جي ڪلاس وٺن به ٿا ته محنت نه ڪرڻ ڪري پنهنجي ڪلاس ۾ دلچسپي نه ٿا پيدا ڪن. ان ڪري شاگرد گهٽوڪري رلندا نظر ايندا آهن ۽ چاڪاڻ جو ڪلاس گهٽ ٿين ۽ جي ٿين ته به ڪام چلائو ته پوءِ شام جو يا رات جو شاگرد ڏوڙ پڙهندو. مون زاهده غوري کان سوال ڪيو ته "ڀلا اوهان اهو ٻڌائي سگهندا ته يونيورسٽي جا استاد پاڻ ڪيتري انگريزي ڄاڻن ٿا جو شاگرد انهن جا ليڪچر سمجهي نٿا سگهن. انهيءَ تي مهتاب راشدي ۽ خود زاهده غوريءَ اها ڳالهه مڃي ته گهڻا استاد واقعي انگريزي چڱي نه ٿا ڄاڻن. تنهن تي مون ثابت ڪيو ته انگريزيءَ ۾ ليڪچر نه سمجهڻ واري ڳالهه غلط آهي. واقعي محنت سان ۽ دلچسپي پيدا ڪري پڙهائجي ته شاگرد انگريزي سمجهي سگهن ٿا ۽ انگريزي بهتر به ڪري سگهن ٿا. لنچ ٽائيم تي مون زاهده غوري ۽ ڊاڪٽر شمس الدين تگڙ کان سوال ڪيو ته ڀلا جي انگريزي شاگرد نه ٿا سمجهن ته پوءِ ڇا ۾ ليڪچر ڏنو وڃي جو شاگرد سمجهن؟ ظاهر آهي ته پوءِ اوهان جي مٿان اڙدو ئي مڙهي ويندي ۽ جي اوهان جي ڪلاس جي پنجاهه شاگردن مان پنج به اڙدو ڳالهائيندڙ شاگرد هوندا ته اوهان کي ليڪچر اڙدوءَ ۾ ڏيڻو پوندو. ۽ اڙدو استاد ته هر صورت ۾ اڙدوءَ ۾ ليڪچر ڏيندا، پوءِ ڀلي پنجاهه ئي شاگرد سنڌي ڇو نه هجن. مطلب ته انگريزي جي بدران رڳو اڙدو ئي هلندي. ان ڪري اوهان هڪ سنڌيءَ جي حيثيت ۾ انگريزيءَ جي مخالفت ڪرڻ وقت ڪجهه سوچيو ته اوهان ڪيڏو نه غلط قدمي ڪري رهيا آهيو. انگريزي هوندي ته هر قوميت کي برابر جو چٽا ڀيٽيءَ جو موقعو ملندو، پر جي اڙدو هوندي ته اڙدو ڳالهائڻ وارا يا اڙدو ميڊيم ۾ پڙهي ايندڙ پنجابي اوهان کان نلهو زبان تي ئي گوءِ کٽي ويندا.

زاهده غوري چرچي ۾ چيو ته "اسان وٽ ته ڪي استاد انگريزي، اڙدو ۽ سنڌي ٽنهي ٻولين ۾ ليڪچر ڏين ٿا."

شمس الدين تگڙ وراڻيو "اسان وٽ، ايگريڪلچر يونيورسٽيءَ ۾، ته انهن ٽن ٻولين سان گڏ بلوچي ۽ پشتوءَ ۾ به ليڪچر ڏيڻا پون ٿا."

ڳالهيون نٿيون ڪن. ان ڪري سنڌي شاگرد ۾ جيڪا بيچيني (Unrest) آهي، ان جا اهي سڌا سنوان ڪارڻ آهن. توهان ڇا اهو چاهيندا ته جنهن قوم جو تشخص ختم ٿيندو هجي، جيڪا پنهنجي صوبي ۾ اقليت ۾ تبديل ٿيندي هجي، جنهن جا سياستدان خاموش هجن يا مورڳو ئي جائز حقن جي خلاف هجن، جنهن جون اخبارون ڊڄنديون هجن، جنهنجو مڊل ڪلاس ۽ دانشور طبقو مفاد پرست بڻجي وڪامجي چڪو هجي، اتي شاگرد خاموش ويهن؟

منهنجو ٻيو نقطو هو، جيئن مين يو جي سي ڇيو ته اوهان اهي ڳالهيون، جيڪي اسان جي وس ۾ نه هجن، انهن جي باري ۾ نه ڇئو. اوهان حالتن جا، جيڪي Constraints آهن، مثال طور اظهار راءِ جي پابندي، اهي هوندي به اسين شاگردن مان بي چيني ڪيئن ٿا دور ڪري سگهون، جيئن يونيورسٽين جو ماحول بهتر رهي.

پر آئون پنهنجو نقطو بيان ڪندو رهيس:

اوهان جيڪڏهن ماڻهن کي اظهار راءِ جي آزادي ڏيو ته پوءِ پلا شاگرد ڇو سياستدان جي چٽي ۾ ايندا؟ ڇو ته سياستدان پاڻ پنهنجو موقف بيان ڪندا پر شاگردن جي سياسي وابستگي وري به رهندي، پر اها ايتري ظاهر نه رهندي جيتري هو ظاهر ڪرڻ لاءِ عملي صورت اختيار ڪن ٿا. آخر اسان جي به ،خود منهنجي ۽ خود اوهان جي به، سياسي وابستگي آهي، پر اسين ظاهر ڪونه ٿا ڪريون .بس ڪمري ۾ ويهي هم خيال دوستن سان ڳالهائيندا آهيون. پر جڏهن ووٽ ڏيندا آهيون ته ظاهر آهي ته پنهنجي سياسي نظريئي سان هم آهنگ پارٽي کي ئي ڏيندا آهيون: ان ڪري اسان جي يونيورسٽين کي بهترين بنائڻو اٿوَ، اسان جي هر اداري کي بهترين بنائڻو اٿوَ، اسان جي ملڪ کي بهترين بنائڻو اٿوَ ته پوءِ اسان جي ملڪ کي جمهوريت ڏيڻي پوندي ، ڇو ته ملڪ ۾ استحڪام تڏهن پيدا ٿيندو جڏهن هر ماڻهو، هر صوبي وارو ماڻهو، هر ٻوليءَ وارو ماڻهو، هر سياسي نظريئي وارو ماڻهو پنهنجي پنهنجي تشخص کي اظهارِ راءِ جي آزاديءَ سان منطقي طرح بچائي سگهندو، نه ته هو غير جمهوري طريقا استعمال ڪندو ۽ ٻيا ڪن نه ڪن، پر اسان جو شاگرد، جنهن کي نوڪريءَ وڃڻ جو فڪر ڪونهي، جنهن کي ڪنهن جو دٻ ڪونهي ،اهو ضرور ٻاهر ميدان تي نڪرندو. اسان جو شاگرد قوم جو سڀ کان باهمت ۽ غير منافق طبقو آهي!

ٻيو نقطو: سنڌ جي شاگردن سان هر قسم جو متڀيد روا رکيو ٿو وڃي.

ڪراچيءَ ۾ اسٽوڊنٽس يونين جون چونڊون باقاعدگيءَ سان ڪرايون ٿيون وڃن ۽ ڇو ته اتي جمعيت طلبه جي ڪٽڻ جا چانس آهن ۽ انهن کي کٽايو به وڃي ٿو. پر سنڌ جي ٻين يونيورسٽين ۾، جتي سنڌي شاگردن جي اڪثريت آهي، اتي چونڊون نٿيون ڪرايون وڃن، ڇو ته اتي جيئي سنڌ وارا کٽندا. ڇا اهو مٽيپيد نه آهي؟ اسان جا شاگرد جڏهن اهو مٽيپيد ڏسن ٿا تڏهن اهو محسوس نه ٿا ڪن ته هو ٻئي درجي جا شهري آهن؟

تنهن کان سواءِ اوهان ڏسو ته هيستائين ڪيترا سنڌي شاگرد رسٽيڪيٽ، ايڪسپيل ۽ جيل موڪليا ويا آهن، ڪيترا مفرور قرار ڏنا ويا آهن ۽ انهن جا ڏوهه ڪهڙا آهن. انهن جي مقابلي ۾ جيڪي ٻين يونيورسٽين جا شاگرد اهڙي طرح ڪڍيا ويا آهن، انهن جو مقدار ڪيترو آهي ۽ انهن جا ڏوهه ڪهڙا آهن. ڇا سنڌي شاگردن جا ڏوهه ۽ غير سنڌي شاگردن جا ڏوهه هڪ جيترا سنگين آهن؟ اوهان ڏسندا ته معمولي ڳالهه تان سنڌي شاگرد کي رسٽيڪيٽ يا جيل اماڻيو ويو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ ٻين يونيورسٽين جي شاگردن کي هٿ به نه لاتو ويو آهي.

سڀ کان اهم ترين ڳالهه ته سنڌي شاگردن کي جيترو مارشل لا هيٺ ڪيس ڪري جيل اماڻيو ويو آهي، اوترو سڄي پاڪستان جي سيني يونيورسٽين جي شاگردن کي ملائجي ته به اُهي گهٽ ٿين . تنهن کان سواءِ، ڦٽڪا رڳو سنڌي شاگردن کي لڳايا ويا آهن ۽ غير سنڌي شاگردن کي ڦٽڪن کان محفوظ رکيو ويو آهي. ڇا سنڌي شاگرد ڪرمنل آهن؟ اها ڳالهه ٻڌي چيئرمين يو جي سي چيو ته اهي ڳالهيون غلط آهن ۽ مون کي چئلينج ڪيائين ته تون انگ اکر پيش ڪر. مون وٽ شاگرد کي ڦٽڪن لڳڻ ۽ مارشل لاءِ هيٺ ڪيسن جا مڪمل انگ اکر نه هئا، پر مون ڪيس واعدو ڏنو ته آئون انگ اکر پيش ڪري ثابت ڪندس ته سنڌي شاگردن کي، آفريڪا جي ڪارن وانگر، ٻئي درجي جو شهري سمجهي، ڦٽڪا لڳايا وڃن ٿا.

حيرت جي ڳالهه ته مهراڻ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر مسٽر ايس ايم قريشي مارشل لا جي ڪيسن جي حمايت ڪئي ۽ هڪڙي ڊگهي بڪواس ڪنديءَ سرڪار جي ۽ يو جي سي جي چمچاگيري ڪندي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته وي سين (V.Cs) کي امن امان رکڻ لاءِ ۽ پڙهائي جاري رکڻ لاءِ مارشل لا جا شاگردن تي ڪيس ڪرائڻ ضروري آهن ۽ مون سنڌيءَ ۾ چيو مانس

واھ سائين واھ اسين پيا پاڻ سان زيادتين ۽ ظلم جو ذڪر ڪريون ۽ اوھان پاڻ هروڀرو پيا سرڪار جي حمايت ڪريو. لنچ ٽائيم تي ڦڪو ٿي ايس ايم قريشيءَ چيو، مون کي اھا ڳالھ ڪرڻ ضروري آھي جو مٽان اھو سمجھن تہ آئون مارشل لا جي مخالفت پيو ڪريان.

مون وڏيڪ تہ ڪجھ ڪونہ چيو مانس پر ايترو ضرور سو چيم تہ اوھانکي پنھنجي وائيس چانسيلري بچائڻي آھي. مارشل لا هيٺ وي سي شپ ھلائڻ معنيٰ وي سيءَ جي ناڪامي! جيڪو مروج ماٺھو سول لا پٽاندر يا سروس رولس پٽاندر ادارو ھلائي نہ ٿو سگھي، اھو وي سي ناڪام آھي. ھر سنڌي وي سيءَ کي سڀ کان ڀھرين پنھنجي وي سي شپ پياري آھي. اھو انھيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ ھر ڪنڌو ڪم ڪري سگھي ٿو. اھو ھاڻي ثابت ٿي چڪو آھي.

متيبيد هيٺ ھڪ معلومات ڏني مانس تہ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سواءِ سنڌي ڊپارٽمينٽ جي، ھڪ بہ سنڌي استاد مقرر نہ ڪيو ويو آھي، جڏھن تہ اڄ بہ سنڌ جي ٻين يونيورسٽين ۾ غير سنڌي استاد ڀرتي ڪيا وڃن ٿا. يو جي سي جي چيئرمين چيو تہ پشاور ۾ بہ پٺاڻ غير پٺاڻ کي ڀرتي ٿيڻ ڪونہ ٿا ڏين. تنھن تي مون چيو مانس تہ اھا ڀيٽ صحيح ڪانھي ڇو تہ ھو پٺاڻ صوبي ۾ پٺاڻ اداري ۾ غير پٺاڻ کي اچڻ نہ ٿا ڏين، پر سنڌ صوبي ۾ سنڌ جي اداري ۾ سنڌيءَ جي ڀرتي نہ ٿئي، اھا الڳ ڳالھ آھي! اھا ڀيٽ ٻڌي چيئرمين چپ ٿي ويو.

ٽيون نقطو: مون يونيورسٽيءَ ۾ وي سين جي چاھ نہ وڻڻ جو ٻڌايو. اڄ ٽائين ڪنھن بہ استاد کي چيڪ نہ ڪيو ويو آھي تہ:

(1) ھو پنھنجو ڪلاس باقاعدگيءَ سان وٺي ٿو يا نہ.

(2) جي ڪلاس باقاعدي وٺي ٿو تہ پوري وقت جو وٺي ٿو يا دير سان وڃي سوير ڇڏي ٿو.

(3) جيترو بہ ھو پڙھائي ٿو، تيار ٿي پڙھائي ٿو يا ايئن ئي قصو ھلائي ٿو.

(4) ڪلاس کان ٻاھر استاد موجود آھي تہ جيئن شاگردن کي ذاتي طرح ٽائيم ڏئي سگھي.

(5) ڇا استاد پنھنجو ڪورس ختم ڪري ٿو؟

(6) جيڪڏھن ڪورس ختم ڪري ٿو تہ واقعي چڱيءَ طرح ختم ڪري ٿو يا ائين ئي مٿاڇرو ٽڙتڪڙ ۾ ڪم پورو ڪريو ڇڏي؟ اڄ ٽائين ڪوبہ استاد

پاڪستان جي ڪنهن به يونيورسٽيءَ ۾ نااهليت جي بنياد تي نوڪريءَ مان ڪڍيو نه ويو آهي!

اهو نقطو ٻڌي ڪنهن چيو ته وي سي ايترن استادن جا ڪلاس ڪٿي چيڪ ڪندو. تنهن تي مون چيو ته وي سي چيئرمين جا ڪلاس چيڪ ڪري ۽ چيئرمين ٻئي اسٽاف جا ڪلاس ڏسي. مون کين سمجهائيندي چيو ته انهيءَ چيڪنگ جو مقصد استاد کي نااهليت جي بنياد تي ڪڍڻ نه آهي. انهيءَ جو مقصد هر استاد جو ڪلاس چيڪ ڪرڻ به نه آهي. پر استاد ۾ اهو ڊپ ويهارڻ آهي ته ڪيڏي مهل به سندس ڪلاس چيڪ ٿي سگهي ٿو ۽ کيس نااهليت جي بنياد تي سندس انڪريمنٽ ۽ پروموشن روڪي سگهجن ٿا ۽ نوڪري مان ڪڍي به سگهجي ٿو. انهيءَ ڊپ هيٺ هر استاد پڙهي ايندو ۽ محنت ڪري پڙهائيندو ۽ اهڙي طرح شاگرد ۾ پڙهڻ جو چاهه پيدا ڪرائيندو ۽ اهڙي طرح شاگرد گهڻو وقت ڪلاس ۾ ويهندو ۽ شاگرد گهڻو وقت گهر ۾ يا هاسٽل ۾ پڙهڻ کي ڏيندو ۽ اهڙي طرح شاگرد مصروف ٿيندو ۽ هو سياست ۾ گهٽ حصو وٺندو.

تنهن کان سواءِ ڪٿي آهي راند جو ميدان ڪٿي، ڪٿي آهن آڊيٽوريم، ڪٿي آهن ڊراما، ڪٿي آهن ڊبيٽون، ڪٿي آهن ڪلچرل فنڪشن؟ پر اهي ثانوي ڳالهيون آهن. اوهان جيسين سنڌي شاگردن کي اهو احساس نه ڏياريندؤ ته هو به پاڪستان جي ٻين شاگردن جي برابر آهن تيسين اوهان اهو سمجهو ته هو به ائنٽي پاڪستاني ٿي سگهن ٿا. آئون پاڻ ائنٽي پاڪستاني ٿي سگهان ٿو. قائداعظم پاڻ شروع ۾ ڪانگريس جو ميمبر هو ۽ اکنڊ ڀارتي هو، پر هندن جي ذهنيت ڏسي هن الڳ ملڪ جو مطالبو ڪيو. انهيءَ ڪري جيڪي ماڻهو اکنڊ پاڪستاني آهن، اهي به پاڪستان جي خلاف ٿي سگهن ٿا.

هونئن ته مون ڏاڍو ڳالهايو، جنهن ۾ استادن جي پگهارن ۽ چونڊ جي طريقن تي به اعتراض ڪيو ته ڪيئن نااهل جاهل استاد سفارش تي ڪچي اچن ٿا، پر اهي ڳالهيون مٿين ڳالهين آڏو ثانوي حيثيت رکن ٿيون.

۽ امان، مون جڏهن پنهنجي ڳالهايو ته مون کي اهو محسوس ٿيو ته اوهان مون کي پرکي رهيا آهيو ته آئون ڇا ڳالهائي رهيو آهيان. مون کي اهو احساس نه هو ته آئون وائيس چانسلر نه، پروفيسر به نه، هڪ عام استاد آهيان ۽ جيڪڏهن ڪڍي ڇڏيائون ته به پرواهه نه آهي. مون کي پروموشن نه کپي امان، مون کي

پڪي نوڪري نہ آهي ڪرائي. مون کي حق ۽ انصاف جي ڳالهہ ڪرڻي آهي، جنهن جو سبق اوهان ڏنو هو ۽ امان هڪ ڏاڍي دلچسپ ڳالهہ تي جڏهن آئون ڳالهائيندي هڪ بہ سيڪنڊ رڪجي تي ويس تہ متان ڪو اهڙو گفتو نہ نڪري وڃي تہ چيئرمين چيو. "اوهان پرواهہ نہ ڪريو، دل کولي ڳالهايو، آئون پريزيڊنٽ کي ڪونہ ٻڌائيندس" تہ مون بہ نهہ پهہ وراڻيومانس، "آئون تہ پاڻ انهيءَ ڪري اوهان کي ٻڌايان پيو تہ پاڻ اوهان پريزيڊنٽ کي ٻڌايو، ضرور ٻڌايو!" اها همت بہ مون کي اوهان وٽان ملي آهي.

۽ امان آئون سمجهان ٿو تہ اڄ مون پنهنجو ضمير زندهہ رکيو ۽ پنهنجو قومي فرض پورو ڪيو. امان يقين رکو، آئون پنهنجي مفاد کي ڪڏهن بہ قومي فرض تي ترجيح نہ ڏيندس. آئون توهان جو پٽ آهيان. جيڪو پٽ پنهنجي ذاتي مفاد کي سنڌ جي قومي مفاد تي ترجيح ڏئي ٿو، اهو پنهنجي ماءُ جو پٽ سڏائڻ جو حقدار آهي؟!" آئون سوچيان ٿو.

چيئرمين يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن مون کي "شاگردن ۾ بي چئنيءَ جا ڪارڻ" جي سلسلي ۾ سڏايو هو. هن مون کي اهو چيو هو تہ آئون انگ اکر پيش ڪريان تہ مارشل لا جا گهٽي ۾ گهٽا ڪيس سنڌي شاگردن تي آهن. سنڌي شاگردن کي غير سنڌي شاگردن جي پيٽ ۾ ڪهڙن ڪيسن ۾ ڦاسايو آهي، جنهن هيٺ غير سنڌي شاگردن کي هٿ بہ نہ لاتو ويو آهي ۽ رڳو سنڌي شاگردن کي ئي ڦٽڪا لڳايا ويا آهن. اهي هيون منهنجون دعوائون. هاڻي چيئرمين جي چوڻ تي اهي انگ اکر ڪٿان پيش ڪريان؟ ڪهڙن شاگردن کي چوان؟ شاگرد منهنجي عزت تہ ڏاڍي ڪندا آهن پر گهٽ شاگردن کي نالن سان سڃاڻان ئي ڪونہ . آئون تہ رڳو هڪڙي عبدالاحد آزاد کي سڃاڻان . اهو بہ انهي ڪري جو هو ليڪڪ آهي. آئون ڪيس چوندس تہ اهي انگ اکر هٿ ڪري ڏي. پر اميد گهٽ آهي جو اسين منظم نموني ڪم ڪرڻ جا قائل ئي ڪونہ آهيون. هاڻي ڏسجي تہ هڪ ڏارئي، هڪ اهم عهديدار مون کي چئلينج ڏنو آهي تہ آئون سنڌي شاگردن تي ٿيندڙ زيادتي ۽ ڏاڍ جا انگ اکر پيش ڪريان. هاڻي ڏسجي تہ آئون سڦل ٿيان ٿو يا نہ.

●

# 15 سيپٽمبر 1982ع

آئون ٽي وي جا پروگرام، سواءِ سنڌي پروگرامن جي ۽ انگريزي فلمن ۽ سيريز جي، ٻيا پروگرام ڏسندو ئي ڪونه آهيان. سنڌي پروگرام به خاص طرح ”ناٽڪ سيا“ ۽ ”روشن تارا“ ڏسندو آهيان.

ڪالهه ڪنهن گهر ۾ وينو هوس ته هڪ ڪاميڊي پروگرام ”چئنل نمبر2“ هيٺ ناٽڪ ڏسڻو پئجي ويو. پروگرام هوندئن ته بڪواس پئي لڳو پر لکندڙ به ٽي ڳالهيون اهڙيون ڪيون جنهن جي ڪري لڳي ٿو ته لکندڙ ڪا ڳالهه ڪري ويو آهي. انهيءَ ڪري اهو پروگرام بڪواس نه پر نهايت انٽيليجينٽ پروگرام هو.

انهيءَ ناٽڪي پروگرام ۾ هڪ ڪردار ”ڪائونسلر“ جو هو، جيڪو اشارو ميونسپل جي چونڊيل ڪائونسل ڏانهن به هو ته تاقيل ”صوبائي ڪائونسل“ ڏانهن به! اهو هڪ خوشامدي، چاپلوس ڪردار هو، جو ٻئي ڪي مخاطب ٿي ”قدردان، مهربان،“ پيو چئي ۽ ٻيو ڪوبه اسم صحيح تلفظ ۾ ادا نه پيو ڪري. يعني چاپلوس ۽ خوشامديءَ سان گڏ جاهل به هو، ڇو ته اهو ڪردار ڪنهن مسئلي اهو به راند، جهڙي مسئلي تي ڳالهائي نه پيو سگهي. يعني جنهن ”ڪائونسل“ کي پاڪستان جي قومي راند ”هاڪي“ جي به خبر ڪانهي انهيءَ کي ٻين مسئلن جي کهڙي خبر هوندي!

ٻيو هڪ چرڪائيندڙ جملو هن ادا ڪيو. هن کي ڳالهائيندي ڳالهائيندي لفظن کي غلط نموني اچارڻ جي عادت ڏيکاريل هئي ۽ هن چيو ته ”هاڪستان ۾ پاڪي....“ يعني ته هو پاڪستان ۾ هاڪي جي بدران ”هاڪستان ۾ پاڪي“، چئي ويو. انهيءَ مان نتيجو اهو نڪتو ته هاڻي ڪوبه ريڊيو- ٽي وي پروگرام يا ڪابه لکت جي پاڪستان جو لفظ ٽوڙي مروڙي پيش ڪري ته اجازت

آهي ۽ بي ڳالهہ تہ پاڪي يا پاڪائي تہ خير اسين جنهن نموني اڙدوءَ يا سنڌيءَ ۾ استعمال ڪريون ٿا پر "پاڪي" اصطلاح جنهن نموني برطانيا ۾ استعمال ڪيو وڃي ٿو، اهو (Derogatory) طور استعمال ڪيو وڃي ٿو، "پاڪي" هن ٽي وي پروگرام ۾ استعمال ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانہ هئي ۽ "هاڪستان ۾ پاڪي" ۾ ئي هونءَ تہ ڪا ڪل يا ٽوڪ ڪانهي، پر پاڪستان کي هاڪستان چوڻ يعني جتي رڳي: هاڪي اسٽڪ" هلندي هجي ۽ ان جو رهندڙ وري "پاڪي" آهي اهو ئي برطانيا وارو "پاڪي"، تہ پوءِ انهيءَ جملي ادا ڪرڻ سان ان جي پويان لڪل ٽوڪ ظاهر ٿئي ٿي.

●

# 16 سيپٽمبر 1982ع

اهڙي طرح اوچتو ٽي وي؛ تي هلنڊڙ ويڪ اينڊ سئنيما هيٺ هلنڊڙ اڙدو فلم تي نظر پئجي ويئي جنهن ۾ هڪ منظر اهو ڏيکاريو ويو ته ايوب خان جي تصوير جي چوڌاري شمعون ٻاريون پيون وڃن. فلم جو نالو ”چوڏوين صدي“ هو. هڪ ته اها فلم ايوبي دور جي نهيل نه به هجي، اهو منظر ڏيکارڻ حيرت انگيز هو. ڇو ته جتي جتي ٿوري ٿوري ڳالهه سينسر ٿئي، اتي ايوب خان جي تصوير سينسر نه ڪئي وئي. هاڻي جيڪڏهن ڪو فلم وارو ٻيو ڪو ”ليڊر“ ايوب خان وانگر ڏيکاري ته! پر اهو سينسر ٿيندو، ڇو ته اسان وٽ هڪڙو اصول نه آهي.

ٺهلرام آزاد اڄ وڃڻو هو ۽ نيٺ منهنجي دعوت رهجي ويئي. شروع وارن ڏينهن ۾ ته آئون سُستي ڪندو رهيس، پر آخر وارن ڏينهن ۾ دادا آزاد ۽ محبوب شيخ تي، جنهن جي گهر هو ترسيل هو ڏاڍو زور آندم، ته دادا آزاد منهنجي گهر پير ضرور پري وجي. پر سندس پروگرام اهڙو ته مصروف ٻڌل هو جو هو وقت نه ڪڍي سگهيو، ۽ نيٺ آئون انهيءَ سعادت کان محروم رهجي ويس ته دادا جهڙي شخصيت منهنجي گهر پنهنجا پير گهمائي وجي.

سوچيان ٿو ته شروع ۾ جڏهن آزاد آيو هو، انهي وقت دعوت جو چوان ها ته هو ضرور وقت ڪڍي ها ڇو ته شروع ۾ چوڻ سان ماڻهو پنهنجو پروگرام رٿي به سگهندو آهي ۽ وقت به هوندو آهي پر پڇاڙيءَ ۾ ڪجهه وزٽ يا ڪجهه ٻيا ڪم ڪار ۽ وري هر ڪنهن جو دعوت تي زور پرڻ ڪري، ماڻهو ڏکيو ٽائيم ڪڍي سگهندو آهي. بهرحال اهو سبق سکيم ته اڳتي جڏهن به اهڙو موقعو

مليو تہ آئون شروع ۾ ئي وقت وٺڻ جي ڪوشش ڪندس. اصل ۾ ماڻھوءَ کي جيئڻ ئي ڪنھن اھڙي مھمان جي خبر پئي تہ ھڪدم ملاقات ڪري ۽ ھڪدم ئي دعوت لاءِ ڏينھن ۽ وقت ئي گھري. امان ھميشہ ائين چوندي ھئي تہ جڏھن بہ دعوت ڪرڻي ھجي تہ ھڪدم ڪريو، نہ تہ رھجي ويندي.

فلئش بئڪ [1]: اڄ ھڪ دوست وٽ دعوت آھي ۽ انھيءَ وٽ راڳ جو بندوبست ڪيل آھي. ڳائڻو ھڪ تہ اعليٰ درجي جو آھي بيو تہ ليکڪن ۽ دانشورن جو دوست بہ آھي. مطلب تہ ھو اھو پرفيشنل ڪونھي جھڙي طرح عام ڳائڻا ھوندا آھن، پر ھڪ پڙھيل ڳڙھيل شخص آھي. ڪچھريءَ ۾ بہ ليکڪ ۽ دانشور وينل آھن.

ڳائڻو، جن شاعرن جو ڪلام ڳائي ٿو انھن مان شيخ اياز، تنوير عباسي، تاجل بيوس ۽ استاد بخاري جو گھڻو تڻو ڪلام آھي. اھو شيخ اياز جنھن سنڌي استاد يونيورسٽيءَ مان ڪڍيا، اھو شيخ اياز جنھن اھا ڳالھہ معلوم ھوندي بہ تہ ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ اڄ تائين ڪنھن بہ سنڌي استاد کي، سواءِ سنڌي ڊپارٽمينٽ جي، نوڪري نہ ڏني وئي آھي، پوءِ بہ ھن ڏڌا ڏڙ غير سنڌي استاد ۽ بيو اسٽاف ڀرتي ڪيو. اھو شيخ اياز جنھن پنھنجي دور ۾ سيڻ کان وڌيڪ سنڌي شاگرد رسٽيڪيٽ، ڊبار ۽ ايڪسپيل ڪيا ۽ سيڻ کان گھڻن شاگردن کي ۽ ٻھريون پيرو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ شاگردن جي ھاسٽلن تي ڇاپا لڳرائي ڪين گرفتار ڪرايو. تنھن ڪانسواءِ ھن مارشل لا ۽ مھاجرن جي چوڻ تي اولڊ ڪئمپس ۾ سنڌي، اڙدو، اسلامڪ ڪلچر، مسلم ھسٽري وغيره جا نيو ڪئمپس کان الڳ ڪلاس شام جو ھلارائي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي ورھاڱي ۽ غير سنڌين جي حيدرآباد ۾ يونيورسٽي قائم ڪرڻ جو بنياد وڌو. تنھن کان سواءِ، حيدرآباد شھر جي اولڊ ڪئمپس ۾ انھن ڊپارٽمينٽن جا ڪلاس ھلارائي ٿيوريٽيڪل بنياد وڌو تہ غير سنڌي شاگرد اولڊ ڪئمپس ۾ گھڻي ۾ گھڻي داخلا وٺي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي شاگردن جي اڪثريت ختم ڪري سگھن ٿا. انھيءَ شيخ اياز جو ڪلام ڳاتو پئي ويو ۽ اسان جا ليکڪ ۽ دانشور دل کولي واھ واھ چئي رھيا ھئا.

(1) 10 سيپٽمبر 1982ع جو واقعو، 16 سيپٽمبر تي لکيل (مرتب)

تنوير عباسي جيڪو نه ڪنهن نوڪريءَ ۾ آهي ۽ نه سندس زال نوڪريءَ ۾ آهي، اهو به موجوده مارشل لا ئي صدر جي سڏ تي اسلام آباد ۾ اڪيڊمي آف ليٽرس جي ليکڪن جي ساليانيءَ ميڙ مان ٿي آيو ۽ ايوان صدر مان ماني کائي آيو ۽ ٿي سگهي ٿو شيرواني به پاتي هجئين. انهيءَ مئن آف ليٽرس نه پر بقول ڊان جي ڪالم نگار، غازي صلاح الدين جي ته ييس مئن آف ليٽرس جو ڪلام ڳاتو پئي ويو، جنهن موجوده غير جمهوري، مارشل لا حڪومت جي سڏ تي پچ لٽڪائو ليکڪ ٻڌجي سنڌ جي مفاد سان غداري ڪئي آهي ۽ اسان جا دانشور ۽ ليکڪ ڪلام ٻڌي واهه واهه ڪري رهيا آهن ۽ آئون چپ چاپ سنڌي برک ذهن جو ڏيوالو نڪرندو ڏسي رهيو هوس.

مون دل بهلائڻ لاءِ ديوار تي لڳل تصويرن ۾ ٻين نادر شين کي ڏسي پنهنجي دل پئي وندرائي. اها گڏجاڻي ٿهلرام آزاد جي مان ۾ نور محمد فوٽوگرافر ڪئي هئي ۽ شيخ اياز ۽ تنوير عباسي جي ڪلام تي محمد ابراهيم جويو، جمال رند، حميد سنڌي، مراد علي مرزا، ع ق شيخ ۽ ويچارو دادا ٿهلرام به واهه واهه ڪري رهيو هو. ڪاش دادا ٿهلرام کان پڇان ها ته اوهان تي ميار ته ڪانهي ڇو جو اوهان کي حالتن جي خبر ئي ڪانهي پر جيڪو قوم سان غداري ڪري اهو ڪيترو به اوچو ڪلام چوي ڪيترو به بهترين نثر لکي ۽ ڪيتري به قرباني ڏئي، پر پوءِ به سنڌ سان غداري ڪري ته ڇا ڪيس حق آهي؟

جڏهن اندرا گانڌي هنگامي حالتن (State of emergency) هيٺ جمهوريت جو گلو گهٽي رهي هئي ته ان وقت جن اندرا گانڌيءَ جو ساٿ ڏنو، انهن ليکڪن، دانشورن ۽ سياستدانن کي اوهان ڇا ٿا سمجهو؟

●

# 18 سيپٽمبر 1982ع

اڄ ٽيليويزن تي سنڌي نائٽ فلم هيٺ 1862 ۾ وڪٽر هيوگو جي لکيل ناول ”لي مزربل“ (Les Miserables) تي ٺهيل فلم هئي. اها فلم مس ڪرڻ جي نه هئي ڇو جو ”لي مزربل“ دنيا جي بهترين ناولن مان هڪ آهي ۽ فرينچ ٻوليءَ ۾ لکيل آهي. لي مزربل (Les Miserables) دنيا جي طويل ترين ناولن مان هڪ آهي ڇو ته مون وٽ جيڪو مختصر ڪيل ايڊيشن آهي، اهو به نوَ سؤ صفحن جو آهي. مون کي جيستائين ياد ٿو پوي ته انهيءَ مختصر ڪيل انگريزي ترجمي جو اڃا به وڌيڪ مختصر ڪيل سنڌيءَ ۾ ترجمو ورهاڱي کان اڳ ٿيل آهي شايد ان جو سرو ”دکي انسان“ آهي.

مون کي هڪڙو ته اهو انٽريسٽ هو ته ايڏي وڏي ناول ۾ جنهن ۾ هيري جا ٽي حياتيءَ جا دور ڏيکاريل آهن، اهو پردي تي ڪهڙي ٽيڪني ۾ پيش ڪيو ٿو وڃي؟ ۽ اهو به ذهن ۾ هو ته فلم ڪڏهن جي پروڊيوس ڪيل آهي؟ ڪهڙي ملڪ جي آهي؟ ۽ اداڪار ڪهڙا اٿس؟

اها فلم ٽوئنٽيٿ سينچري فاڪس هالي ووڊ جي طرفان ٺهيل هئي ۽ ڊئريل ايف زئنڪ (Daryul F. Zannuck) جي پروڊيوس ڪيل هئي. (1) ان فلم ۾، پنهنجي دور جي ٻن مشهور اداڪارن فريڊرڪ مارچ ۽ چارلس لافٽر (Fredrick March ۽ Charles Laughter) ترتيب وار رول ادا ڪيا هئا ۽ اها اهڙي ته بهترين نموني ٺهيل هئي جو ٻن هزار صفحن جي ناول جي روح کي ٻن ڪلاڪن جي پڪچر ۾ اهڙو ته بهترين نموني سمويو هو جو اها فلم هڪ لاجواب ٿيڃي ويئي. ناول ته جڳ مشهور ڪلاسڪ آهي پر فلم به فلمي جڳت

(1) پاڪستان ۽ هندستان ۾ پروڊيوسر فلم ۾ ناٿي لڳائڻ وارو هوندو آهي. جڏهن ته ٻاهر پروڊيوسر، ڊائريڪٽر کان به وڌيڪ جاٺو هوندو آهي ۽ سڄي فلم جي رٿابندي، اداڪارن جي چونڊ وغيره ڪندو آهي. (ليکڪ)

جي مشهور ڪلاسڪ بڻجي ويئي. ڪاش مون وٽ وي سي آر هجي ها تہ اها فلم رڪارڊ ڪريان ها ۽ پنهنجي دائمي وڊيو ڪئيسٽ لائبريري ۾ رکان ها. پاڻ ور ور ڏسان ها ۽ دوستن کي ڏيکاريان ها. باقي دل ۾ اهو احساس ضرور ٿيم تہ جن وٽ وي سي آر آهن، سي الائي ڪهڙيون بيڪار فلمون پاڻ ڏسن ٿا ۽ پنهنجن ٻارن کي ڏيکارين ٿا پر اهڙي ئي لي مزربل جهڙي فلم نہ پاڻ ڏسندا نہ ٻارن کي ڏسڻ جي صلاح ڏيندا. منهنجو وس پڄي تہ آئون اهڙن ناولن تي ٻڌل فلمن کي پهرين هڪ ليڪچر ڏيئي انٽروڊيوس ڪريان ۽ پوءِ فلم ڏيکاريان تہ ماڻهن جوءِ منهنجي پنهنجي ٻارن جو ذوق بهتر ٿئي. جن وٽ وي سي آر آهن، سي تہ مون اهڙا شوقين بہ ڏٺا آهن جو ٽي وي تي پلي لي مزربل جهڙي فلم چو نہ هلندي هجي، پر هو وي سي آر تي ڪا بيڪار بلڪ واهيات انڊين فلم ڏسڻ ۾ محو هوندا آهن.

هتي مون کي لي مزربل، جو ذڪر ڪندي فريڊرڪ مارچ جو نالو وري دل تي تري اچي ٿو. مون فريڊرڪ مارچ کي سندس حياتيءَ جي پوئين دور ۾ پوڙهن واري ڪردار ۾ ڏٺو آهي، خاص طرح هڪ مشهور فلم ۾ جنهن ۾ "ڊارون جي ٿيوري" هيٺ افريڪا ۾ جيڪو ممڻ متو هو ۽ سرڪار تي چرچ وارن ڪيس ڪيو هو تہ. ڊارون جي ٿيوري تہ انسان باندر مان اسريو آهي، مذهب جي خلاف آهي. انهيءَ ۾ فريڊرڪ مارچ ويڪل جو ڪردار ادا ڪيو هو. پر هن فلم لي مزربل ۾، فريڊرڪ مارچ جوانيءَ واري عمر ۾ ڏاڍو سهڻو ۽ گريس فل پئي لڳو. چارلس لافٽر کي پڻ مون مشهور جاسوسي ناول لکندڙ ليکڪا، آگاٿا ڪرسٽيءَ جي فلم "وٽنيس فار پراسيڪيوشن" Witness for prosecution ۾ ڏٺو هو ۽ ڪيس هن فلم ۾ ڏسي اهو محسوس ٿيو تہ ڪي فنڪار لازوال هوندا آهن. جينوٽيڪ فريڊرڪ مارچ فلم ني چانيل هو پر چارلس لافٽرن بہ گهٽ نہ هو.

ڪاش انهيءَ فلم جي وڊيو ڪيسٽ ملي ۽ وڊيو ڪيسٽ خريد ڪرڻ جي سگهہ بہ هجي تہ لي مزربل جي وڊيو ڪيسٽ ضرور وٺان ۽ وري وري اها فلم ڏسان.

●

# 19 سيپٽمبر 1982ع

اڄ هڪ ٻي چرڪائيندڙ فلم ڏٺم. ٽيو هيئن جو ٻارن زور ڪيو تہ جيري ليوس جي فلم "هارڊلي ورڪنگ" (Hardly Working) هلي ڏيکاريو. جڏهن فلم ڏسڻ ويا سون تہ مون کي اها خبر ڪانہ هئي تہ ڊبل پروگرام هو يعني هارڊلي ورڪنگ سان گڏ هڪ ٻي فلم بہ ڏيکاري پئي ويئي. اها فلم هئي "بئٽل آف آلجيئرس" (Battle of Algerias) جيڪا آلجيريا جي جنگ آزاديءَ تي هئي ۽ رڳو شهر آلجيئرس جي پس منظر ۾ هئي. فلم بلئڪ اينڊ وائٽ ۾ هئي پر اهڙي تہ زبردست فلم هئي جو ويجهڙائي ۾ مون اهڙي حقيقت ڀري فلم ناهي ڏٺي. اها فلم فرينچ ٻوليءَ ۾ هئي ۽ انگريزي سب ٽائيٽل ۽ انگريزي ڪامينٽريءَ سان هئي. سب ٽائيٽل انهيءَ کي چوندا آهن جڏهن فلم جا ڊائلاگ تہ هڪڙي ٻوليءَ ۾ هوندا آهن پر اُهي ڊائلاگ ترجمو ٿي لکت ۾ هر منظر هيٺ ايندا رهندا آهن. ٻي حيرت جي ڳالهہ اها هئي تہ اها دنيا ۾ فلم پنج ڇهہ فلم انعام حاصل ڪري چڪي آهي. سڀ کان سٺي ڳالهہ اها آهي تہ فلم ۾ هڪڙو توازن هو، جيڪو آمريڪي فلمساز ڪڏهن نہ ڏيکاريندا آهن ۽ هميشہ ريڊ انڊينن کي يا جرمنن کي فلم ذريعي خوار ڪندا رهندا آهن. پر هيءَ فلم جيڪا اٽليءَ ۽ آلجيريا، آزاديءَ کان پوءِ گڏجي ناهي هئي، تنهن ۾ اهڙو تہ سٺو توازن رکيل هو جو نہ تہ فرينچن کي رڳو خوار ڪيو ويو هو ۽ نہ ئي آلجيريا وارن کي ئي فرشتو پيش ڪيو ويو هو. اهو ئي توازن هو، جنهن ڪارڻ شايد هن فلم کي ايترا انٽر قومي انعام ملي چڪا آهن.

آئون سوچيان ٿو تہ ٻار جيڪڏهن جيري ليوس جي چرچائي فلم ڏسڻ لاءِ زور نہ ڀرين ها تہ آئون هڪ مهان فلم ڏسڻ کان محروم ٿي وڃان ها. ۽ اهڙي سٺي فلم جيڪڏهن ڪنهن کان رهجي ويئي تہ اهو سڄو ڏوهہ اسان جي مڪاني

اخبارن عبرت، آفتاب، مهراڻ ۽ سنڌ نيوز جو آهي، جو تہ هر مڪاني اخبار شهر ۾ هلندڙ ڪلچرل سرگرمين جي مختصر معلومات ڏينديون آهن ۽ ماٺهو پنهنجي اخبار جي رپورٽ تي سني فلم، سنو ناٽڪ يا سنو فنڪشن اٽينڊ ڪندا آهن ۽ هر مڪاني اخبار جو نمائندو هفتيوار يا روزانہ اڌ ڪالم ڪن ۾ (وندر) Entertainment جي سري هيٺ شهر ۾ هلندڙ سني فلم، سني ناٽڪ يا ڪنهن ٻئي ڪلچرل فنڪشن جي باري ۾ ٻہ ٽي لفظ ڏيندا آهن تہ جيئن پڙهندڙ انهيءَ رپورٽ جي آڌار تي سني فلم، سنو ناٽڪ يا ٻيو ڪو سنو پروگرام ڏسي سگهي.

پر اسان جي اخبارن ۾ اهو حال ڪٿي؟ آئون سمجهان ٿو دنيا جي بيڪار ترين اخبارن ۾ سنڌي اخبارن کان وڌيڪ ٻي ڪا اخبار ڪانہ هوندي.

●

# 20 سيپٽمبر 1982ع

حيدرآباد ۾ اڄ پير حسام الدين راشديءَ جو 71 هون جنم ڏينهن پاران شيخ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊميءَ ملهايو پئي ويو. شيخ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊميءَ جي سيڪريٽري خان محمد پنهور ان سلسلي ۾ مون کي به ڳالهائڻ لاءِ چيو هو ۽ ڪارڊ ۾ پڻ منهنجو نالو ڇپيو هو. آئون پهرين ته ڳالهائڻ لاءِ تيار هئس پر جڏهن مون کي ڪارڊ پهتو ته خبر پئي ته شيخ عبدالمجيد سنڌي اڪيڊميءَ جو صدر علاما غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب جن آهن ۽ جيئن ته علاما صاحب جن سنڌ صوبائي ڪائونسل تي ناڦيل (Nominated) ميمبر آهن، ان ڪري مون کي پنهنجي اصول پٽاندر اهڙي ڪنهن فنڪشن ۾ حصو وٺڻو نه آهي، جنهن ۾ ناڦيل ميمبر، صوبائي توڙي مرڪزي مجلس شورا يا وزير هجن ڇو ته اهي سڀ ميمبر موجوده مارشل لا حڪومت ناڦيا آهن ۽ اهي سڀ ناڦيل ميمبر جمهوريت جا دشمن آهن ۽ انهن جي سهاري هيٺ يا انهن جي صدارت ۾ ٿيندڙ هر فنڪشن جو اسان کي بائيڪاٽ ڪرڻ کپي ڇو ته اهڙن ماڻهن سان ٿيندڙ فنڪشن ۾ شريڪ ٿيڻ، حصو وٺڻ جي معنيٰ موجوده مارشل لا حڪومت جي پنيرائي ڪرڻ يا اجا به ايئن چوڻ ته تسليم ڪرڻ جي برابر آهي.

آئون هتي هڪڙي ڳالهه واضح ڪري ڇڏيان ته علاما قاسمي صاحب جن(1)، سان منهنجو ڪو ذاتي اختلاف ڪونهي. اسان جا تعلقات نهايت خوشگوار رهيا ۽ علاما صاحب جن سدائين منهنجي عزت ڪندا آهن، جيتوڻيڪ آئون علاما صاحب جي علم ۽ ڄاڻ جي اڳيان هڪ ٻار آهيان.

ٻي ڳالهه اها واضح ڪريان ته پير حسام الدين راشديءَ جي فنڪشن ۾ نه وڃڻ ۽ نه ڳالهائڻ، ته مون لاءِ ظاهر ۾ ته زيادتي ٿي لڳي ڇو ته پير صاحب جي ڏهاڙي تي نه وڃڻ، نه ڳالهائڻ، معنيٰ آهي پنهنجي پيءَ جي فنڪشن ۾ نه وڃڻ ۽

(1) جيڪي منهنجي بورڊ جي سيڪريٽري شپ واري دؤر ۾ به چيئرمين هئا. (ليکڪ)

نہ ڳالهائڻ. آئون اهو صاف چوان ٿو تہ جي منهنجي سڳي پيءُ جوبہ ڪو تاقيل ميمبر يا ان جي ڪنهن اداري طرفان فنڪشن هجي ها تہ بہ آئون بائيڪاٽ ڪريان ها.

آئون سمجهان ٿو تہ جمهوريت جي علمبردار، حق ۽ انصاف جي پوئلڳ جي مارشل لا جي تاقيل ميمبر جي جماعت پاران فنڪشن ۾ مون نہ وڃي پير صاحب جي روح کي سڪون بخشيو هوندو ۽ هو هرگز مون تي ڪاوڙيا نہ هوندا. هوڏانهن فنڪشن ڪرڻ وارا ۽ ڳالهائڻ وارا ۽ فنڪشن اٽينڊ ڪرڻ وارا اهو سمجهندا هوندا تہ سندن فنڪشن ۾ حصي وٺڻ ۾ پير صاحب جو روح خوش ٿيو هوندو. بهرحال پنهنجي پنهنجي سوچ آهي ۽ آئون جمهوريت پسند آهيان ۽ اختلاف راءِ جو حق رکان ٿو ۽ ساڳيو حق ٻين کي بہ ڏيان ٿو. اهو ماڻهن تي ڇڏيل آهي تہ جنهن جي ڳالهہ صحيح سمجهن اها مڃين. هڪ اهم نقطو جيڪو هن بائيڪاٽ ۾ سمايل آهي ان جي بہ وضاحت ڪري ڇڏيان. جيڪو هتي ورجائڻ ضروري ڪونهي ڇو تہ سنڌ تي هن ڪان وڌيڪ ڏکيو وقت تاريخ ۾ ڪڏهن آيو ڪونهي. ڇو تہ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو Population factor (1) اسان جي خلاف وڃي رهيو آهي يعني تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ پنجاهہ سيڪڙي کان بہ گهٽجي ويندا ۽ پوءِ بهترين جمهوريت، بهترين ڪميونزم ۽ بهترين اسلام بہ اسان جي تشخص کي بچائي نہ سگهندو. ڇو تہ گهڻو بہ بهترين نظام هجي، ان ۾ اڪثريت جو راڄ هوندو. ايئن ئي جيئن يو ايس اي، ڪئناڊا، نيوزيلئنڊ ۽ آسٽريليا. مصر ۽ ٻين ملڪن ۾ اصلوڪا رهاڪو اقليت بڻجي ويا ۽ ڌاريا پنهنجي اڪثريت سان پنهنجي ٻولي ۽ ڪلچر جي رياست قائم ڪري ويا. جيڪا هاڻي وري اصلوڪن رهاڪن کي موٽي ملڻ ناممڪن آهي. ڇو تہ هو پاپوليشن جو 50 سيڪڙو کان گهٽ مورڳو ئي ڏهہ پندرنهن سيڪڙو وڃي رهيا آهن. هاڻي انهن ملڪن ۾ بهترين جمهوريت يا بهترين ڪميونزم بہ ڪين پنهنجو حق نہ تي ڏيارائي سگهي، ڇو تہ حڪومت اڪثريت وارن جي ئي هوندي.

سنڌ جي تاريخ ۾، انهيءَ اهم ترين موڙ تي، جيڪي حڪومتون ۽ سياسي پارٽيون پنهنجي پاليسين، پڌرنامن ۽ آئين سان سنڌ ۽ بلوچستان جي عوام کي انهن جي صوبن ۾ ئي تيزي سان اقليت ۾ تبديل ڪري رهيون آهن، انهن جي مخالفت ڪرڻي پوندي.

(1) آدم جو توازن (ليکڪ)

۽ مون جهڙي مڊل ڪلاس واري جي مخالفت ۾ بس اها ئي آهي ته آئون انهن ماڻهن، انهن حڪومت وارن جو سماجي ۽ سياسي بائيڪاٽ ڪريان ۽ اهڙي طرح اسين سڀ ڪريون ته سنڌ جي مفاد سان غداري ڪرڻ وارا پڌرا ٿي ويندا. جو ته هو اڪيلا ٿي پوندا ۽ پنهنجو پاڻ محسوس ڪندا ته عوام سندن خلاف آهي ۽ ڪانئن متنفر آهي ۽ ڪانئن بدلو ورتو ويندو ۽ اهڙي طرح سنڌي سماج ۾ پرو سنڌي ۽ ائنٽي سنڌي ماڻهن جا به واضح ڌڙا ٿي پوندا. هاڻي اسين انهن جي فنڪشن ۾ وڃي مقالا پڙهي، انهن کان صدارتون ڪرائي اهو ثابت ٿا ڪريون ته اسين انهن سان گڏ آهيون، انهن جي عملن جي پنيرائي ٿا ڪريون، انهن کي مڃتا ٿا ڏيون، جيتوڻيڪ هو تاريخ ۾ ڪڌو ترين ڪم ڪري رهيا آهن.

اڄ جي سنڌي قوم فيصلو ڪري وٺي ته اسين انهن غدارن جو مڪمل سياسي ۽ سماجي بائيڪاٽ ٿا ڪريون ته حالتون مختلف ٿي وينديون يا گهٽ ۾ گهٽ غدار محسوس ته ڪندا ته هو غدار آهن ۽ ڇوڏاري سندن تي لعنت ملامت ڪئي ٿي وڃي نه ته موجوده صورتحال ۾ ته پاڻ ڪڳيون پيا هٽندا هوندا ته اسان جي ڪُڌي ڪم کي عوام ته ڇا پر ليکڪن، دانشورن ۽ مڊل ڪلاس جي چاڻو طبقي به محسوس نه آهي ڪيو.

5 جولاءِ 1977ع کان وٺي الائي آئون به ڪيترن اهڙن جلسن، فنڪشنن ۾ شريڪ ٿيو آهيان، جنهن ۾ اهي ٽاڦيل ميمبر صدر رهيا آهن يا جن سماجي جماعتن سان اهي ٽاڦيل ميمبر شريڪ رهيا آهن.

سڀ کان پهرين غلط ڪم [1] مون ته اهو ڪيو هو ته سگا (Sindh Graduates Association) وارن جي لطيفي قافلي سان گڏجي (شايد 1978ع ۾) پاڪستان جي ڏوري تي ويا هئاسون ۽ اسلام آباد ۾ مير علي احمد ٽالپر ٽاڦيل مرڪزي وزير دفاع جي صدارت ۾ مقالو پڙهيم، ۽ ملتان ۾ پڻ هڪ[2] وزير.... جي سربراهيءَ ۾ سگا جي جلسي ۾ شريڪ ٿيس. تنهن کان پوءِ جيڪي فنڪشن ياد اچن ٿا سي آهن پاڪستان نيشنل سينٽر حيدرآباد ۾ مير رسول بخش ٽالپر جي اڳواڻيءَ ۾ هڪ فنڪشن، سگا جو ڏهون ڪنوينشن

---

(1) غداريءَ (ليکڪ)

(2) ليکڪ وزير جو نالو نه لکيو آهي. (مرتب)

1982ع جنهن جي صدارت تاقيل وزير داخلا مرڪزي محمود هارون ڪئي. تنهن کان سواءِ غلام مصطفيٰ شاهه جي سڏايل ساهت ڪانفرنس 1981ع جنهن جي صدارت به محمود هارون ڪئي ۽ ٻيا انهيءَ ساهت ڪانفرنس جا سيشن، جنهن ۾ تاقيل مرڪزي وزير صنعت الاهي بخش سومري ۽ تاقيل مرڪزي وزير جوگيزئي صدارت ڪئي.

آئون انهيءَ ڳالهه تي Convinced آهيان ته انهن فنڪشن ۾ شريڪ ٿي، مقالا پڙهي مون سنڌ جي مفاد سان غداري ڪئي ۽ آئون اتر سنڌ ۽ ان جي اولاد کان انهيءَ غداريءَ جي معافي وٺان ٿو ۽ وعدو ٿو ڪريان ته جيسين جيئرو هوندس تيسين پنهنجي واعدي تي قائم رهندس.

هڪڙو اهم نقطو واضح ڪري ڇڏيان، وزيرن کي سڏي اسان جي سماجي ۽ ساهتي جماعتن وارا ايئن چوندا آهن ته اسين سندن منهن تي مطالبا ڪري کين سنڌين سان ٿيندڙ ڏاڍاين کان واقف ڪريون.

انهيءَ سلسلي ۾ گذارش اها آهي ته ڇا وزير، ڇا حڪومت، ڇا بيوروڪريسيءَ وارا انهن ڏاڍاين کان واقف ڪونهن؟ هتي هڪ هڪ سنڌي سڄاڻ جو فائيل کُليل آهي. ان جي هڪ هڪ ڳالهه هڪ هڪ موومينٽ رڪارڊ تي آندي وڃي ٿي ته ڇا مجموعي طرح سنڌين سان ٿيندڙ سنڌين تي ڏاڍاين جي انهن وزيرن ۽ مجلس شورا ۽ سنڌ ڪائونسل جي ميمبرن کي خبر ڪانهي؟ ڇو ته اهي وزير ۽ حڪومت وارا ئي ته ڏاڍايون ڪري رهيا آهن. ڇا اهي ڏاڍايون آسمان مان پيون ٿين؟

هڪڙو اهم سوال خاصْ طرح سگا وارن کان پڇندس ۽ عام طرح ٻين جماعتن کان جيڪي وزيرن ميمبرن کي سڏائين ٿيون يا جن جماعتن جا پاڻ اهي سرڪاري ميمبر به ميمبر آهن ته اوهان يعني سائين غلام مصطفيٰ شاهه سوڌو وزيرن جي آڏو هيلتائين جيڪي مطالبا پيش ڪيا آهن انهن مان ڪيترا انهن منظور ڪري داد رسي ڪئي آهي.

ڇا سگا وارا، سائين غلام مصطفيٰ شاهه وارا ۽ ٻيا هڪڙو وائيٽ پيپر شايع ڪندا ته هنن انهن وزيرن آڏو ڀرين فنڪشن کان وٺي آخري فنڪشن تائين هيترا مطالبا پيش ڪيا آهن ۽ انهن مان هي مطالبا قبول ڪيا ويا آهن!

●

# 21 سيپٽمبر 1982ع

اڄ خبر پئي تہ پير حسام الدين راشديءَ جو جنم ڏينهن جيڪو ڪالهہ حيدرآباد ۾ ملهائڻو هو، اهو ستين وڳي شروع ٿيو، جڏهن تہ ڪارڊ ۾ پنجين وڳي جو ٽائيم ڏنل هو. يعني سڄا سارا ٻہ ڪلاڪ ليٽ!

●

# 23 سيپٽمبر 1982ع

فلئش بئڪ [1]: اڄ حيدرآباد ۾ آسٽريليا ۽ پاڪستان جي وچ ۾ ون ڊي انٽرنيشنل ڪرڪيٽ مئچ آهي. مون کي ڪرڪيٽ جي راند سان جنون جي حد تائين شوق آهي، پر هي اهو شوق ڪونهي جيڪو رڳو ملڪ يا مذهب جي ڪري ٿيندو آهي، جيئن گهڻو ڪري پاڪستانين ۾ ٿيندو آهي. پاڪستاني انهيءَ راند سان چرپائپ جي حد تائين شوق رکندا آهن جنهن ۾ پاڪستان ڪنهن مخالف ٽيم سان راند ڪندو هجي، يا دنيا جو ڪوبه مسلمان ڪنهن به غير مسلمان سان چٽاڀيٽي ڪندو هجي. انهيءَ نتيجي تي پهچڻ ڪان پوءِ ته آئون اينئن به چوندس ته پاڪستان کي ڪرڪيٽ يا هاڪيءَ سان به ڪا خاص دلچسپي ڪانهي جو ته ڪرڪيٽ يا هاڪيءَ راند ۾ پاڪستاني تڏهن دلچسپي وٺندا آهن، جڏهن پاڪستان راند ۾ حصو وٺندو هجي، نه ته دنيا جون بهترين ڪرڪيٽ ٽيمون يا هاڪيءَ جون ٽيمون راند ڪنديون هجن پر ان ۾ پاڪستان شامل نه هجي ته ڪين ڪا دلچسپي ڪانه هوندي آهي. انهيءَ جو هڪ ثبوت ته اهو آهي پاڪستان جون اردو اخبارون ڪرڪيٽ يا هاڪيءَ جي راند جي ڪابه خبر جنهن ۾ پاڪستان شامل نه هجي نه ڏينديون آهن، البت انگريزي اخبارون مختصر طور اهڙيون ڪرڪيٽ، هاڪي ۽ ٻين راندين جون خبرون ڏينديون آهن.

پاڪستانين کي ڪرڪيٽ يا هاڪيءَ جي راند سان هوندئن به ڪا خاص دلچسپي ڪانهي جو ته هو ڪرڪيٽ يا هاڪيءَ جي مڪاني ٽورناميننٽ جي مئچن ۾ تمام گهٽ ويندا آهن. ڪرڪيٽ جون مڪاني ٽورناميننٽون يعني پاڪستان اندر مختلف صوبن ۽ ادارن جي مئچن ۾ ته رڳو آرگنائيزر مئچون ڏسندا آهن پبلڪ ته بنهه ڪانه ويندي آهي. البت هاڪيءَ ۾ ڪجهه ماڻهو ويندا

(1) 20 سيپٽمبر جو واقعو، 23سيپٽمبر تي لکيل. (مرتب)

آهن پر اهي بہ تڏهن جڏهن سندن صوبي يا اداري جي هاڪي ٽيم راند کيڏڻ ويندي هجي.

هڪ ٻيو مثال باڪسنگ جو آهي. جيسين محمد علي باڪسنگ ڪري رهيو هو تيسين سندس هر مقابلو ٽيليويزن تان لائيوَ ڊيڪاريو پئي ويو پر جڏهن کان محمد عليءَ جا ٽپڙ ٽيشڻ تي ٽيا آهن، تڏهن کان خبر ناهي ڪيترا هيوي ويٽ چئمپين شپ جا مقابلا ٿيا آهن جو اهي لائيوَ تہ نهيو پر انهن جي رڪارڊنگ بہ نہ ڏيکاري وينئي آهي. خير اها تہ هئي راند جي باري ۾ پاڪستانين جي ذهنيت .

سو ڳالهہ پئي ڪيم تہ اڄ حيدرآباد ۾ پاڪستان ۽ آسٽريليا جي وچ ۾ ون ڊي انٽرنيشنل ڪرڪيٽ مئچ هئي. آئون نہ رڳو پاڪستان پر هر ٽيم جي راند ۾ ڏاڍو چاهہ وٺندو آهيان ۽ انگلينڊ، آسٽريليا، انگلينڊ، ويسٽ انڊيز ۽ انڊيا ۾ ٿيندڙ ٽيسٽ مئچن جي ڪامينٽري ٻڌڻ لاءِ بہ وقت ڪيڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. اهو بہ صحيح آهي تہ ٻين ملڪن جي مئچن جي ڀيٽ ۾ پاڪستان جي ٻئي ملڪ سان مئچ دوران وڌيڪ چاهہ سان ڪامينٽري ٻڌندو آهيان جا هڪ قدرتي ڳالهہ آهي پر اُن ۾ پاڪستانين وارو اهو روايتي جنون ڪونهي جو هر حالت ۾ پاڪستان جي آئون سپورٽ ڪريان.

ان سلسلي ۾ ويچار ڪيو آهي تہ آئون اصل ۾ ڪمزور (Under Dog) جو حامي آهيان. ان ڪري پاڪستان جڏهن ٻاهر ڪنهن بہ ملڪ ۾ راند ڪندو آهي تہ آئون پورو پاڪستان ٻڄي پوندو آهيان ڇو تہ ٻاهريان ملڪ انگلينڊ، آسٽريليا، ويسٽ انڊيز تہ هوئڻ ئي پر انڊيا خاص طرح پنهنجي هوم گرائونڊ تي ڏاڍائي ڪندو آهي. ان جي ڀيٽ ۾ پاڪستان ۾ ٽوئر ڪرڻ جيڪو بہ ملڪ ايندو آهي تہ پوءِ آئون ان ٽوئر ڪندڙ ملڪ جي پاسي هوندو آهيان ڇو تہ پاڪستان وري پنهنجي هوم گرائونڊ تي ڏاڍائي ڪندو آهي. باقي هڪڙو ملڪ اهڙو آهي جتي پاڪستان اڃا ٽوئر ڪرڻ نہ ويو آهي پر جي اتي پاڪستان وڃي تہ پوءِ تڏهن بہ آئون ان ڏارين ملڪ جو حامي ٿيندس ۽ اهو ملڪ آهي سري لنڪا ڇو تہ اهو سڀ کان جونيئر ملڪ آهي، جنهن انٽرنيشنل ڪرڪيٽ ۾ ٽيسٽ جو درجو حاصل ڪيو آهي ۽ ايئن ڪٿي چئجي تہ ڪرڪيٽ ٽيسٽ ۾ اڃا "ٻار" ملڪ آهي. بهرحال مون اهو ٻڌائڻ جي ڪوشش پئي ڪئي تہ آئون انڊر ڊاگ يعني ڪمزور ٽيم جو حمايتي آهيان.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو آئون هن وقت پاڪستان ۾ ٿيندڙ پاڪستان - آسٽريليا سيريز ۾ آسٽريليا جي طرف آهيان ڇو ته آسٽريليا جي ٽيم يا ڪنهن ٻئي ملڪ جي ٽيم ڪيتري به مضبوط ڇو نه هجي، پاڪستان جي هوم گرائونڊ تي پاڪستان اڳو ڪمزور آهي ڇو ته هوم گرائونڊ تي ڪمزور ٽيم به تماشائين جي سپورٽ ڪري ۽ پنهنجي مانوس ماحول يا پنهنجائپ واري ماحول جي ڪري يا امپائرن جي پاسخاطريءَ ڪري شينهن ٿي ويندي آهي.

منهنجي ڏاڍي خواهش هئي ته حيدرآباد ۾ ون ڊي انٽرنيشنل ڏسان پر هاڻي هڪ مسئلو اهو ٿيو ته ڏسجي ڪيئن!؟ حيدرآباد ۾ مئچ جون سوين پاسون ته جاري ٿينديون آهن، پر اها مون کي ڪٿي ٿي ملي! ها البت ڊپٽي ڪمشنر، روشن ضمير سان يونيورسٽيءَ واري دؤر ۾ دوستي رهي چڪي آهي ۽ هن پهرين به هڪ مئچ جي پاس ڏياري موڪلي هئي. پر هن ڀيري هن کي ياد نه رهي هوندي ڇو ته آئون به آفيسرن دوستن سان سال ۾ هڪ ٻه ڀيرا راهه ويندي ملي ويندو آهيان جتي ٻيا ماڻهو نئين واقفيت ڪري به ويجها ٿي ويندا آهن، اتي آئون پراڻي واقفيت هوندي به پري ٿيندو ويندو آهيان ان ڪري هن ڀيري روشن ضمير مون کي پاس نه موڪلي ته به ان تي ميار ڪانهي. ٻي واهه اها هئي ته آئون کيس فون ڪريان ۽ پاس گهرايان. جيئن آئون پهرين به ٻه ٽي ڀيرا ايئن ڪري چڪو هوس. پر اڄ پهريون ڀيرو منهنجي من ۾ اهو انڪشاف ٿيو ته ڪنهن کي ڪا شيءِ پاس گهرائڻ يعني دعوت گهرائڻ، ماڻهوءَ جي عزت ۽ اصول جي خلاف آهي. جيڪڏهن آئون سرڪار کي يا ڪنهن اداري کي يا ڪنهن دوست کي پنهنجي جيڪا به حيثيت اٿم ان پٽاندر ياد نه آهيان ته مونکي پاڻ ڪا شيءِ دعوت گهرائڻ پوءِ اها ڪرڪيٽ مئچ هجي، ڪلچر شو هجي، سيمينار هجي، سمپوزيم هجي، منهنجي پنهنجي بي عزتي آهي. منهنجي ظفر حسن جي بي عزتي آهي، منهنجي يونيورسٽي استاد جي بي عزتي آهي ۽ منهنجي ليکڪ جي بي عزتي آهي.

اڄ مون پنهنجو شوق ماري پنهنجي انا جي تسڪين حاصل ڪئي آهي ۽ سوچيان ٿو جيڪو ماڻهو پنهنجي عزت پاڻ نه ٿو ڪري سگهي ۽ پنهنجي شوق، لئي يا مزي يا وري ضرورت جي ڪري به پاڻ جهڪي ٿو اهو ڪيئن ٿو دعوا ڪري يا شڪايت ڪري ته سماج ۾ سندس عزت ٿئي ۽ کيس مانُ ۽ مرتبو ملي. اڄ آئون ڏاڍو خوش آهيان جو هڪ معمولي پر اصولي طرح اهم آزمائش ۾ سڦل ويو آهيان.

خير ذاتي ڳالهين کان پوءِ وري ڪرڪيٽ تي اچان ٿو. ڪرڪيٽ منچ ته ٽڪيٽ خريد ڪري به ڏسي سگهجي ٿي پوءِ ڇو نه پئسا خرچ ڪجن پوءِ پلي اها سو ڏيڍ سؤ رپئي جي ٽڪيٽ ڇو نه هجي پر پنهنجي وات سان پاس يا دعوت نامو گهرڻ کان لک ڀيرا بهتر آهي. جيتوڻيڪ آئون ٽڪيٽ وٺي پيو سگهان پر آئون پاڪستان ۾ ٽينڊڙ ڪنهن به راند جي ٽڪيٽ وٺڻ پنهنجي قومي فرض خلاف سمجهان ٿو. اها ٽڪيٽ وٺي پاڪستان جي ڪرڪيٽ ڪنٽرول بورڊ جو فائدو ڪرايان يا ڪٽي ايئن چوان ته اسين سنڌي اهڙيون ٽڪيٽون خريد ڪري انهن بورڊن، انهن پليئرن ۽ انهيءَ حڪومت کي فائدو ڏياريون ،جيڪي اسان جي ٻوليءَ ۽ اسان جي شناخت جا دشمن آهن.

1947ع کان وٺي پاڪستان جي هاڪي ته نهيو پر ڪرڪيٽ ٽيم ۾ ڪو سنڌي پليئر نه کنيو ويو آهي. جڏهن ته هندوستان ۾ ٽيسٽ ۾ سنڌي پليئرز به کيڏي چڪا آهن اسين ڇو وڃون اهڙي پاڪستان جي منچ ڏسڻ!!؟ ها البت اسين منظم هجون ها ته ايئن ڪريون ها ، جو سؤ به سؤ ڄڻا تيار ٿي گرائونڊ ۾ آسٽريليا جي جهنڊين سان ليس ٿي وڃون ها ۽ آسٽريليا جي هڪ سٺي پائنٽ تي آسٽريليا زنده باد جا نعرا لڳايون ها ۽ آسٽريليا جون جهنڊيون ڦڙڪايون ها ته پاڪستان وارا ته نهيو دنيا وارا به عالمي پريس رپورٽرن ۽ ٽي وي سيٽلائيٽ ذريعي حيران ٿين ها ته هي سنڌ ۾ وري ڪهڙا ماڻهو آهن جي پرو آسٽريليا آهن!

جيجل امان! اڄ منهنجو ڳاٽ فخر کان اوچو آهي. اڄ مان هڪ معمولي ڳالهه ئي سهي، ان تي نه جهڪي، نه ناهه ڪري، ڏاڍي خوشي محسوس پيو ڪريان. امان! توهان به ته اسان کي هميشه عزت سان رهڻ جي تلقين ڪنديون هيون ته پنهنجي فائدي لاءِ ڪڏهن به نه جهڪجو. آئون امان ڪڏهن ڪڏهن سوچيندو آهيان ته منهنجي من مان جڏهن ڪو آدرشي ويچار ۽ ڪو آدرشي عمل پڙڪو ڪائي اوچتو اٿندو آهي ته هڪدم اوهان ياد اچي وينديون آهيو. اوهان هوندئن ته اسان کي سدا نهنائي سيڪاري هئي پر ٻين آڏو ڪنهن به نموني سنڌيءَ طرح يا اڻ سڌي طرح هٿ ٽنگڻ کان ڪيترو نه جهليو هو.

پلي بک پرمر جي شال نه وڃي شان.

فلئش بئڪ[1]: ڪالهه اوچتو آغا شُهاب الدين آيو ۽ چيائين ته هاڻي هو پرفيڪٽ پرنٽرس هلائي نه سگهندو. ان ڪري پريس واپس ڪرڻ لاءِ تيار آهي. ۽ چيائين ته آئون جڏهن پريس جي چارج وٺڻ لاءِ تيار هجان تڏهن هو ڏيندو. مون کيس چيو آئون ته اڄ ئي پريس جي چارج بلڪ هينئر ئي وٺڻ لاءِ تيار آهيان ڇو ته مان پريس جي چارج لاءِ ڪيترو وقت آتو وينو هوس. پر مون پريس وٺڻ لاءِ ڪڏهن به آغا کي نه چيو ڇو ته نه رڳو آغا منهنجو دوست هو پر آغا جا مون تي احسان به آهن ۽ خاص طرح هڪڙو تورو ته اهڙو به آهي جو سڄي ڄمار لاهي نه سگهندس. ۽ سچ پڇي ته احسان ڄمار ته نهيو پر نسلين به لاهي نه سگهبا آهن. امان ويچاري هميشه چوندي هئي ته "پٽ ڪيترا به سکيا ٿيو، ڪيترا به وڏا ماڻهو ٿيو، پلي هر ڳالهه وسري وڃي پر ڪنهن جو احسان ڪڏهن به نه وسارجو، پلي پوءِ پاڻ اهو ماڻهو ئي ڪا زيادتي ڇو نه ڪري." امان ويچاري سچ چوندي هئي. هه ٽي پيرا ڪيترن موقعن تي گهڻن ماڻهن ۽ ڪٽنبن جو ذڪر آيو هو ته انهن جي ڪنهن ڏاڍائي يا ڪنهن زيادتيءَ جي ڪري ڪجهه گهٽ وڌ ڳالهايو هو ته امان مون کي ياد ڏياريو هو ته "سندن اسان تي ڪهڙا ڪهڙا احسان آهن ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون مهربانيون آهن. هاڻي اهي سڀ وساري تون انهن جي هڪ ٻن معمولي ڳالهين تي ڇوهه وينو ڇنڊين" پوءِ امان کي مون ٻڌايو ته اهي ڳالهيون معمولي ڪونهن پر امان ويچاري به ڏاڍي پيار سان سمجهايو هو. "پٽ تون انهن کي معمولي سمجهي درگذر ڪر."

آئون سمجهان ٿو ته واقعي امان سچي هئي. ڪنهن مخصوص وقت ۾، ڪنهن مخصوص پل يا گهڙيءَ تي جڏهن ماڻهو سخت پريشان هجي پوءِ اها بظاهر معمولي ڳالهه ڇو نه هجي، ان گهڙي ڪنهن جي وقتائتي مدد هڪ اهڙو احسان آهي، جو ماڻهو حياتي پر لاهي نه ٿو سگهي پوءِ پلي ان کان بظاهر ڏهوڻا احسان ڪري. ماڻهو هر ڳالهه وساري سگهي ٿو، پر احسان نه ٿو وساري سگهي، جيتوڻيڪ گهڻا ماڻهو احسان وساري ڇڏيندا آهن. پر دل ۾ ياد هوندا اٿن پر ڪميٽائپ جي ڪري اهو احساس وساريندا ته هو احسان فراموش آهن.

امان ويچاري سچ چوندي هئي ته "ماڻهوءَ جي سڃاڻپ انهيءَ سان ئي

---

(1) 12 سيپٽمبر جو واقعو، 23 سيپٽمبر تي لکيل. (مرتب)

سچي ٿي سگهي ٿي تہ هو پنهنجي حياتيءَ ۾ هر احسان هر مهرباني ياد رکي ٿو يا نہ!؟ ڇو تہ تہ هر شيءِ جو بدلو چڪائي سگهجي ٿو پر احسان جو بدلو ڪيترو بہ چڪايو تہ بہ ڪسر رهجي ويندي. ڪڏهن بہ پلجي اهو نہ سوچجو تہ فلاڻي ماڻهوءَ جيڪو احسان ڪيو بدلي ۾ ان کان وڌيڪ ان ماڻهوءَ کي ڪم اچي تہ چڻ ان جو احسان چڪتو ٿي ويو. هڪڙي ڳالهہ ياد رکو تہ جنهن ماڻهوءَ اوهان تي احسان ڪيو، اهو سدا رهندو. ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيندو. احسان هميشہ دائمي ئي رهندو آهي!"

باقي هڪڙي ڳالهہ امان سان بحث ڪندي چئي هئم تہ ذاتي احسان ڪٿي ڪيترو بہ هجي پر ان ماڻهوءَ کي بخش نہ ڪجي، جيڪو قومي مفاد جي خلاف ڪم ڪندو هجي ۽ امان منهنجي طبيعيت کان واقف هوندي مرڪي وراڻيو هو، "غدار پٽ کي تہ مائرون بہ بخش نہ ڪنديون آهن."

آغا جو مون تي جيڪو احسان هو، اهو بہ حيرت جي ڳالهہ نہ آهي تہ پريس جي ڪري ئي هو اهو هيئن تہ مون جڏهن گهر وٽئي پريس لڳائي ۽ جڏهن سترنهن هزار رپيا ڪن خرچ ڪري وينس، جڏهن پريس لڳي هلڻ لاءِ تيار ٿي تہ طارق اشرف چيو تہ ٽائيپ لاءِ پئسا آهن ئي ڪونہ، آئون سخت پريشان ٿي ويس جو گهر جي وڪڻڻ کان پوءِ جيڪي پئسا مليا هئا اسان هڪ تہ قرض لاٿو سون بيو تہ مسواڙ گهر جي ائڊوانس مسواڙ ڏني سون ۽ هاڻي اسان وٽ پائي بہ ڪانہ هئي .ان سخت پريشانيءَ جي حالت ۾ مون آغا کان چار هزار رپيا گهريا، ڪمال تہ اهو آهي، جو هن بنا وڌيڪ پڇڻ جي ٻئي ڏينهن پئسا ڏنا ۽ اهڙي طرح پريس هلي. آغا مون کان انهيءَ ساڳيءَ پريس جونيڪو گهريو تہ مون ڪيس هڪدم ڏنو پر مون ڪجهہ نيڪي جا شرط يا اگهہ نبيري پوءِ ڪيس پريس جي ڇاپي سندس حوالي ڪئي.

شرط اهو هو تہ نيڪو چار سؤ رپيا ماهوار صافي هوندو. ادائي سو روپيا مسواڙ ۽ بجليءَ جو بل سڀ آغا پاڻ ڏيندو ۽ انفليشن کي نظر ۾ رکندي هر سال نيڪي تي پنجاهہ رپيا ماهوار اضافو ٿيندو.

ڏهہ سال اڳ ڪانئس ورتل چئن هزار رپين مان انهن پئسن جي ڪٽڻ جي آچ ڏني. ڏهہ سال اڳ جا چار هزار ۽ اڄ سان ڏهہ ٻارنهن هزار تہ واهہ جا ٿيندا پر مون چار هزار رپيا ئي ڪٽڻ لاءِ چيو. تنهن تي آغا تہ مورڳو اهو چيو، ڪيس ياد

ڪونهن تہ هن چار هزار مون کي ڪي ڏنا هئا! ايئن چئي آغا مون تي اجا بہ وڏيڪ احسان ڪري ڇڏيو. بهرحال مون ڪيس چيو تہ سال 1979ع جا نيڪي جا چار سؤ روپين جي حساب سان ٿيا چار هزار اٺ سؤ، سو اهي قرض ۾ لٿا ۽ هاڻي مون کي 1980ع کان ساڍا چار سؤ رپيا ماهوار ڪري ڏجانءِ. ٻن ٽن مهينن کان پوءِ آغا بجليءَ جا بل ڪٽي آيو ۽ چيائين تہ (1) اسلم لغاري بجليءَ جو بل نہ ڏنو هو، سو اهي ڇهہ هزار، اٺ هزار يا ڏهہ هزار ڪن ٿين ٿا اهي تہ بهرحال توکي ڏيڻائي پوندا جو بجلي ڪٽي بہ ويا آهن. هاڻي آئون اهي ڇهہ هزار رپيا ڪٿان آڻيان؟" مون ڪيس اهو ئي چيو، مون وٽ تہ پئسا ڪونہ آهن البت هو ادائيگي ڪري ۽ پوءِ نيڪي جي رقم مان ڪاٽي وني. ان ڪري ٿلهي ليکي حساب ڪري ڪيس چيم تہ ساڍا چار سؤ رپين جي حساب سان 1980ع جا ٿيا پنج هزار چار سؤ ۽ 1981ع جا پنج سؤ رپيا ماهوار حساب سان ٿيندا ڇهہ هزار رپيا، سي ڪل ٿيندا يارهن هزار چار سؤ رپيا. سو اهي پئسا بجليءَ جي ادائيگيءَ لاءِ سمجهہ تہ پورا ٿيا ۽ جڏهن 1982ع شروع ٿئي تہ پوءِ مون کي ساڍا پنج سو رپيا ماهوار ڏيندو رهجانءِ.

وقت گذرندو رهيو ۽ 1982ع بہ نيٺ شروع ٿيو پر اڄ سيپٽمبر جي 12 تاريخ تائين مون کي پريس جي نيڪي مان هڪڙو پئسو بہ نہ مليو. پر آئون بہ مان ڪريو وينو هوس. هڪڙو دوست هو جو چار هزار رپيا اوڌارا ڏيئي وساري وينو هو ۽ ٻيو دوست اينترو ڪري پئي ها جو ساڍا پنج سؤ رپيا مهينو وٺڻ لاءِ وياج خور وانگر انهيءَ دوست جي در تي ويهو هجي ها. اها ڳالهہ روا نہ هئي. البت مون کي اها خبر هئي تہ آغا پريس چڱيءَ طرح نہ پيو هلائي، جو پاڻ بہ پريس مان ڪڪ آهي پر مون ڪيس ڪڏهن بہ نہ چيو تہ پريس موٽائي ڏي. چو تہ مون بہ پنهنجي ليکي اهو فيصلو ڪيو تہ پلي مون کي پريس مان ٽڪو بہ نہ ملي پر آغا کان ڪڏهن بہ رقم يا پريس جي گُهر نہ ڪندس. باقي دل ڏاڍو پئي گهريو تہ پريس، جي مون وٽ هجي تہ آئون انهيءَ پريس کي ڪتابي سلسلي يا ڪنهن رسالي لاءِ هلايان ۽ اها پريس آفيس ڪريان چو تہ هاڻي پريس کي جاب ورڪ تي هلائڻ لاءِ تيار نہ هوس جو منهنجي وس جي ڳالهہ بہ نہ هئي ۽ مون هونئن بہ طارق اشرف سان جيڪو پريس لڳائڻ جو پروگرام رٿيو هو تہ واپاري لحاظ کان ٻين جو ڪم ڪٽڻ بدران اسين پنهنجي پريس کي پنهنجن رسالن ۽ پنهنجي پبلشنگ هائوس جي ڪم تي هلائيندا سين.

---

(1) اڳوڻي نيڪيدار

۾ هاٽي جڏهن 1969ع جي خواهش 1982ع ۾پوري ٿيندي پئي نظر آئي ته مون هڪدم آغا کي ها ڪئي ۽ ڪيس هڪدم چيم ته آئون هينئر ئي پريس واپس وٺڻ لاءِ تيار آهيان.

اهڙي طرح 12 سيپٽمبر تي رات جو نوين لڳي هڪدم پريس جو قبضو ورتم، جيتوڻيڪ پريس ۾ ڪيترو ڪم اڌ ۾ رهيل هو. ڪي فارم ڇپائيءَ لاءِ تيار هئا، ڪي پروف ڏسجي رهيا هئا، ڪي ڪمپوز ٿي رهيا هئا. پر هينئر آئون وڌيڪ جوکم کڻڻ لاءِ تيار نه هوس. مون کي خبر هئي ته آغا جي انچارج کي ڏهه پندرهن ڏينهن وقت ڏيڻ گهرجي ها ته جيئن هو رهيل ڪم پورو ڪري ها. پر ٿي سگهي ٿو ته پوءِ آغا جو خيال بدلجي وڃي ها ۽ هو پريس وري هلائڻ جو سلسلو جاري رکي ها يا ڪا ٻي ڳالهه ٿي پوي ها ۽ هي هڪ سونهري وجهه هو ته پريس مون کي ملي رهي هئي ۽ مون وٽ پريس کي هلائڻ ۽ وڌائڻ جو هڪ خاص پروگرام هو ۽ اهو زبردست قومي نقصان ٿئي ها جي پريس مون کي واپس نه ملي ها. ڇو ته انهيءَ پريس ذريعي ئي مون کي ڪتاب، ڪتابي سلسلا، رسالا ۽ آخر ۾ روزاني اخبار ڪڍڻي آهي ۽ اهو انهيءَ ڪم کان وڌيڪ قومي ڪم آهي ته پريس ٺلهي هلندي رهي ۽ ٻين جا ڪتاب ڇپيندي رهي، جيڪي ٻين پريسن مان به ڇپجي سگهن ٿا پر منظم نموني نه ته اهي ڇپائڻ وارا ڪتاب يا ڪتابي سلسلا ڪڍي رهيا آهن ۽ نه ئي انهن مان ڪو به هڪڙو پبلشنگ ادارو مستحڪم ٿي اڀرندو جنهن کي روزاني اخبار تي پهچائي، اها ته اڻ ٽيٽي ڳالهه آهي ڇو ته غير منظم نموني ته ڪنهن ترقي ڪئي ڪانهي.

آئون پاڻ غير منظم رهيو آهيان ان ڪري ترقي نه ڪئي اٿم پر هاڻي پريس جو ڪم، ڪتابن جو ڪم، ڪتابي سلسلي جو ڪم، رسالن جو ڪم هر منظم نموني ڪندس. ڪئش بڪ، ليجر بڪ، جرنل، اسٽاڪ رجسٽر، ووچر، ڪئش ميمو، آرڊر بڪ سان به ڪندس ۽ آئون اهو ثابت ڪندس ته منظم نموني تي اڳتي وڌي سگهجي ٿو. اج امان! آئون خوش آهيان جو پريس جهڙي بنيادي شيءِ جومالڪ آهيان. اج ڪان اوهان ڏسنديون ته آئون ڪيئن نه ٿو اوهان جي دعائن ۽ آسيس سان ڪم کي اڳتي وڌايان.

هڪڙي دوست ناراضگي ڏيکاري ته تنهنجي اوچتي پريس بند ڪرڻ ڪري ڇهه ست مزدور بي روزگار ٿيا. مون چيومانس تون اهو ڇو نه ٿو سوچين

تہ منهنجي پبلشنگ هائوس برپا نہ ڪرڻ ڪري ڪيترا ليکڪ پنهنجن لکڻين تي پئسا نہ ڪمائڻ ڪري بک بيماريءَ وگهي پريشان ٿيا هوندا. يا ٿي سگهي ٿو مري بہ ويا هجن. تون اهو چو نہ ٿو سوچين تہ منهنجي روزاني اخبار نہ ڪڍڻ ڪري سو: سنڌي مزدورن کي روزگار نہ ملي سگهيو هوندو. اهو وقت ٻڌائيندو تہ مون ڇهہ ست مزدور بيڪار ڪيا يا سؤ بہ سؤ ماڻهن کي روزگار ۽ عزت ڏني.

اهو وقت ٻڌائيندو. آئون سماج کان ڪجهہ وقت جي مهلت گهران ٿو، جي جيئرو رهيس تہ!

# 26 سيپٽمبر 1982ع

آئون هي ڊائري گهر ۾ ئي رکندو آهيان ۽ اتي ئي لکندو آهيان. جيتوڻيڪ انهيءَ وچ ۾ ڄامشوري کان ٻاهر ڪيڏانهن نه ويو هوس پر مون سوچيو هو ته ڪراچيءَ يا ٻي هنڌ ڪٿي به وڃڻوپوي ته به ڊائري پاڻ سان ڪٿي نه ويندس.

پر گذريل خميس تي ٻن ڏينهن لاءِ ميرپورخاص ادا شفقت[1] جي پٽ جي شاديءَ ۾ وڃڻو پيو جتي ٻه راتيون گذارڻيون هيون. ان ڪري سوچيم ته گهڻو وقت ملندو ان ڪري ڇو نه ڊائري پاڻ سان کڻيو وڃان ڪجهه رهيل ڳالهيون نوٽ ڪري وڃان. سچي وقت ڏاڍو مليو نه رڳو رات جو پر ٻئي ڏينهن صبح جو ڏهين وڳي تائين ڏاڍو وقت مليو ۽ مون 94 صفحي کان 106 صفحن تائين يڪا سارا ٻارنهن صفحا لکيم. پر گهر کان ٻاهر ڊائري کڻي وڃڻ هڪ جوکم هيو. ڇو ته ڊائري ڪٿي رهجي به سگهي ٿي، ڊائري ڪو کڻي سگهيو به ٿئي ۽ تنهن کانسواءِ ڪو ڊائري پڙهي به سگهيو ٿئي، اجا به ڳالهه اڳتي وڌائجي ته ڊائريءَ سان گڏ ڪار ۾ ايڪسيڊنٽ به ٿي ٿي سگهيو. جيتوڻيڪ اهو اتفاق هزار ۾ هڪ جي چانس تي آهي ته به اهڙو جوکم ڇو کڻجي.

ان ڪري اهو نتيجو ڪڍيم ته ڊائري ڪڏهن به پاڻ سان گڏ ٻاهر نه کڻي نڪرندس. البت ٻاهر جي وڃڻو پيو ته الڳ پني تي اهي اشارا يا هنڌ نوٽ ڪندس جي ڊائريءَ ۾ لکڻ جهڙا هوندا ۽ پوءِ موٽي گهر ايندس ته انهن نقطن کي ڊولپ ڪري ڊائريءَ ۾ لکندس.

●

---

(1) ادا آفتاب (مرتب)

# 29 سيپٽمبر 1982ع

ٽن چئن سالن کانپوءِ ريل جو سفر ڪرڻو پئجي ويو. حيدرآباد کان ملتان وڃڻو هو. حيدرآباد ريلوي انڪوائري تي تيزگام جو وقت پڇڻ لاءِ فون ڪيم 227451 ٽيليفون نمبر ڊائل ڪيم:

"هيلو." آواز آيو.

"227451، ريلوي انڪوائري؟" مون رڳو ايترو پڇيو.

"جي ها، پر 227451 نمبر ٺيڪ نہ آهي، صاف ٻڌڻ ۾ نہ ٿو اچي، اوهان 227452 تي فون ڪريو." هن اڙدوءَ ۾ ٻڌايو.

مون وري 227452 نمبر ڊائل ڪيو.

"هيلو، ريلوي انڪوائري؟" هن جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ آيو.

"ادا مهرباني ڪري ٻڌائيندا تہ تيزگام جو حيدرآباد ۾ ڪراچيءَ کان آرائيول گهڻي وڳي آهي؟" مون ڪانئنس سنڌيءَ ۾ پڇيو. ڇو تہ مون شعوري طرح ڳالهايو هو ان ڪري جو منهنجو فيصلو ڪيل آهي تہ آئون سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهائيندو آهيان جيئن آئون هميشہ فون جي انڪوائري ۽ ڪمپلينٽ وغيرہ بہ سنڌيءَ ۾ ئي ڪندو آهيان.

"تيزگام جو آرائيول ست چوئيتاليهہ آهي" هن بہ بلڪل صاف سنڌيءَ ۾ جواب ڏيئي مون کي حيران ڪري ڇڏيو.

"هڪ معلومات بي بہ ڏيندا تہ تيزگام ملتان گهڻي وڳي ٿي پهچي ۽ ڪوٽڙيءَ ۾ سندس آرائيول ڪيترو آهي؟"

"هڪ بہ منٽ ترسو، مون کي ڏسي ٻڌائڻو پوندو." هن پيري بہ هن، سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهايو.

هڪ منٽ کن ۾ آواز آيو.

"ملتان ڪنٽونمينٽ تي تيزگام جو آرائيول ڇهه چوئيتاليهه آهي ڇو ته تيزگام ڇانوٽيءَ تي ٿي بيهندي آهي ۽ ڪوٽڙيءَ ۾ ست ايڪٽيهه تي پهچي ٿي" شايد منهنجي انڪوائري جو مطلب سمجهي وري چوڻ لڳو، "پر ڪوٽڙيءَ ۾ تي منٽ اسٽاپ اٿس ۽ حيدرآباد ۾ ٻارنهن منٽ."

"پوءِ ته حيدرآباد مان ئي چڙهجي. اسين هرويرو تڪليف ڪري ڪوٽڙيءَ پئي وياسون. اوهان جي وڏي مهرباني." ائين چئي آئون فون رکڻ تي هئس ته آواز آيو.

"ٻيو ڪو حڪم سائين" هن پيري ته هن سائين چئي مون کي اجا به حيرت زده ڪري ڇڏيو.

"بس مهرباني."

ايئن چئي مون فون ته رکي ڇڏيو پر دل ۾ ڏاڍي خوشي ٿيم ته جيڪڏهن اسين روزمره جي هر ڪم ۾، هر هنڌ سنڌي ڳالهايون، ريلوي ۾، ٽيليفون ڊپارٽمينٽ وارن سان، واپڊا بجليءَ وارن سان، دڪاندارن سان، رڪشا وارن سان، بس وارن سان ته جيڪر سنڌ ۾ سنڌي ٻولي واقعي عوامي ٻولي وري ٿي وڃي. جي ها وري چوڻ سان منهنجو مطلب آهي ورهاڱي کان پهرين جيئن سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت هئي. سنڌ ۾ هر هنڌ سنڌي ٻولي نه هلندي پر اسان غير سنڌين سان سنڌيءَ ۾ نه ڳالهائي، سنڌي ٻوليءَ کي پاڻ ختم ڪري رهيا آهيون. هونئن به سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائڻ ئي کپي ڇو ته جي سنڌ ۾ سنڌي ٻولي نه ڳالهائي ويندي ته پوءِ ڪٿي ڳالهائي ويندي، آسمان ۾!

هونئون به ڪنهن ٻولي سکڻ جو سڌو سنئون طريقو (Direct Method) اهو آهي ته جيڪو به ذاريو هوندو اهو پنهنجي مخصوص ماحول جا ٻول ٻڌي ٻڌي سکندو آهي ۽ پوءِ هوريان هوريان وڏيڪ ٻولي جي ڄاڻ وڌائيندو آهي. مثال طور فون جي ون سيون جي انڪوائري واري سان، پوءِ پلي هن جو سنڌ ۾ پهريون ڏينهن هجي، ڪهڙا سنڌي جملا هن جي ڪن تي پوندا؟ اهي ئي ته فلاڻي صاحب جي گهر جو نمبر ٻڌايو يا فلاڻي آفيس جو نمبر ٻڌايو، فلاڻي سئنيما جو نمبر ٻڌايو، فلاڻي ڊاڪٽر جو نمبر ڪهڙو آهي وغيره. يا فلاڻو نمبر ڊائل ڪريون رنگ ته وڃي ٿي جواب نه ٿو اچي، يا فلاڻو نمبر لڳاتار انگيج پيو اچي. اهي ئي مخصوص جملا هوندا جي هڪ فون انڪوائري وارو ٻڌندو. اهڙيءَ طرح مختلف

ڏنڊن وارا پنهنجي پنهنجي ڏنڊي جي مناسبت سان پنهنجا مخصوص جملا ٻڌندا ۽ ٻڌندي هڪ ڏينهن ۾ سمجهي ويندا. يعني ريلوي انڪوائري وارو پلي لاهور کان بدلي ٿي آيو هجي پر جي حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو سنڌي ٻولي جيڪا ڪن تي پوندس اها پهرئين ڏينهن ئي ڇهه ست ڪلاڪ ڊيوٽي ڏيڻ سان سمجهي ويندو. فلاڻي گاڏي ڪيڏي مهل ايندي، فلاڻي گاڏي ڪيتري ليٽ آهي، فلاڻي گاڏيءَ جي رزرويشن ڪرائڻي آهي وغيره. اهڙي طرح رڪشا وارو، ميوي واروءِ ٻين ڏنڊن وارا به ايئن مخصوص جملا ٻڌي سمجهي ويندا، باقي هڪڙي ڳالهه ته هو شروع ۾ مڪاني ٻولي هڪدم ڳالهائي نه سگهندو ۽ ڪجهه سوالن جا جواب جيڪي ها يا نه ۾ ڏيڻ جا هوندا، سي ها يا نه ۾ ڏيندو باقي تفصيلي جواب اڙدوءَ ۾ ڏيندو پر اهو شروع شروع ۾ ٿيندو پوءِ هو، ها يا نه ۾، به ٽي لفظ وڌائيندو ۽ اهڙيءَ طرح ڪجهه وقت ۾ سنڌي جملو مڪمل طرح سان ڳالهائي ويندو. ٻولي سکڻ جي پهرين اسٽيج ٻول سمجهڻ آهي پوءِ هڪ لفظي جواب آهي ۽ پوءِ به لفظي جواب ۽ نيٺ هڪ جملي جو جواب ۽ پوءِ هڪ کان وڌيڪ جملا ادا ڪري سگهبا.

پر اسان ته حد ڪري ڇڏي آهي جو ڪنهن سان به سنڌي ڪونه ٿا ڳالهايون، انهيءَ ڪري مون کي ڏاڍي حيرت لڳندي آهي جڏهن ڪو ماڻهو منهنجي سنڌي ڳالهائڻ تي اهو جواب ڏيندو آهي "معاف ڪجو آئون سنڌي نه ٿو سمجهان" اهو جواب هو ان ڪري ڏيندو آهي جو هن سان سنڌي ڪنهن ڳالهائي ئي ڪانه آهي. ان ڪري هن جي ڪنن تي سنڌي ڪانه پئي آهي، نه ته جيڪڏهن اسين غير سنڌين سان سنڌي ڳالهائيندا رهون ته هو ڪٿي جواب ٻي ٻوليءَ ۾ ڏين پر سنڌي سمجهندا ته سهي.

اسان جي گهر ۾ جيڪا پنگياڻي ايندي آهي، اها سنڌي سمجهندي ڪانه هئي جيتوڻيڪ هوءَ سو سيڪڙو سنڌين جي پاڙي ۾ ڪم ڪري ٿي ۽ رهي به اتي ٿي. شروع شروع ۾ جڏهن اسان وٽ ايندي هئي ته سنڌيءَ جو هڪڙو لفظ به سمجهندي نه هئي. ان ڪري منهنجي گهر واريءَ ان سان هميشه اڙدوءَ ۾ ڳالهائيندي هئيءِ پنگياڻي وري اڙدو به نه ڄاڻي ۽ جواب هميشه پنجابيءَ ۾ ڏيندي هئي

مون پنهنجي زال کي چيو،

"تون پلا هن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائين ڪ نه ٿي؟"

"پر هوءَ سنڌي سمجهي ته ڳالهايان."

"توکي وري هن مائيءَ سان کهڙي ڪچهري ڪرڻي آهي جو گهٽي سنڌي ڳالهائڻي پوندي. توکي اهي به ٽي جملا ئي ڳالهائڻا آهن، سي تون ور ور ڳالهائيندينءَ ته هڪ ٻن ڏينهن ۾ سمجهي ويندي، تنهن جا وري ٻيا ڪهڙا جملا هوندا. بس اهو ته اڄ دير سان ڇو آئين يا هتان صفائي ڪر يا فلاڻي جاءِ چڱي طرح صاف نه ڪئي اٿئي يا ڪچري جو دٻو ٻاهر اڇلائي اچ." اهڙي طرح به ٽي جملا پنهنجي زال کي ٻڌايم.

"پر هو ته اهي به ٽي جملا به نه ٿي سمجهي. هڪ ٻه ڀيرو ڇيامانس ته وري مون کي پنجابيءَ ۾ چوڻ لڳي، 'بي بي مون کي ته تنهنجي ٻولي سمجهه ۾ نه ٿي اچي' " زال لاچاري ڏيکاريندي چيو.

"بيشڪ ڪيس پهريون ڀيرو سمجهه ۾ نه آيا هوندا. شايد ٻيو ڀيرو به نه پر جي روز تون هوريان هوريان اهي جملا ورجائيندينءَ ۽ ان سان گڏ اشاري سان سمجهائيندينءَ ته پوءِ ڏس هو ڪيئن ٿي سمجهي! پوءِ مون باقاعدي روزانو زال کي ڀنگياڻيءَ سان سنڌي ڳالهائڻ ياد ڏياريندو رهيس. زال اڙدوءَ ۾ ڳالهائي ته آئون وري انگريزيءَ ۾ ياد ڏياريانس، "جاني لئنگويج" اهو اشارو زال کي ڏيان ته پوءِ هوءَ به سنڌي ۾ چئيس ۽ نيٺ ڀنگياڻي به سنڌي سمجهڻ لڳي. هونئن انگريزيءَ ۾ جي ڪنهن کي چئجي ته "لئنگويج پليز!" ته ان جي معنيٰ ته "سنڀالي ڳالهاءِ" پر مون کي به لاچاريءَ ۾ زال کي اهو ئي اشارو ڏيڻو پيو پوي. ڇو ته جي آئون زال کي چوان "جاني سنڌي پليز" ته وري ڀنگياڻي پاڻ به ٻڌندي ۽ ٿي سگهي ٿو ڪيس اهو خراب لڳي ته مڙس زال کي چئي ساڻس زوريءَ سنڌي ڳالهائڻ لاءِ پيو اصرار ڪري. جيتوڻيڪ آئون سمجهان ٿو ته هو پهرين ڏينهن کان سمجهي ويئي هوندي ته ساڻس زوري سنڌي ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي،پر جيڪڏهن هر ڪو ساڻس سنڌي ڳالهائي ها ته هو ڪڏهن به نه ايئن سمجهي ها. ڪيس هتي سنڌين جي پاڙي ۾ رهندي ڏهن سالن کان مٿي جو عرصو ٿي ويو آهي پر هو سنڌي ڳالهائڻ ته نهيو پر سنڌي سمجهي به ڪانه ٿي. پنجاب ۾ اوهان هليا وڃو، اوهان ڪڏهن ڪڏهن به اهو نه سمجهندا ته اوهان سان ڪوزوريءَ پنجابي ڳالهائڻ جي ڪوشش پيو ڪري يا اوهان کي پاڻ لاچار ڪيو پيو وڃي ته اوهان پنجابي ڳالهايو پر اتي هرڪو پنجابي ڳالهائي، پنجابي ماحول برقرار رکيو وينو آهي. اتي ڪو شعوري طور يعني هاسيڪار

پنجابي ڪونہ ٿو ڳالهائي پر لاشعوري طرح، عادتن پنجابي ڳالهائي ٿو۽ پنجابي ٻولي پنجاب جي روزمره جي حياتيءَ جو هڪ اهم جزو آهي. Its way of life ۽ جيڪا ڳالهہ حياتي جي روزمره واري جيوت جو هڪ حصو هوندي، اها ڪنهن کي خراب نہ لڳندي.

اسان بہ سنڌي ٻوليءَ کي استعمال ڪري سنڌيءَ ۾ Way of life جوڙيون، جنهن لاءِ پهرين اسان سڀني کي شعوري طرح ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ پوءِ پاڻهي هر هنڌ سنڌي ٻولي سمجهي ۽ ڳالهائي ويندي، هڪڙي ڳالهہ ياد رکجو تہ پنهنجي صوبي ۾ انهيءَ صوبي جي ٻولي ڳالهائڻ هر قسم جي انصاف جي لحاظ کان يعني جمهوري انصاف جي لحاظ کان، اسلامي انصاف جي لحاظ کان، ڪميونزم جي انصاف جي لحاظ کان ۽ پاڻ پاڪستاني نظريي جي لحاظ کان برحق آهي.

هوندئن بہ سنڌ ۾ روزمره جي ٻولي، Public language سنڌي هئڻ ڪا نئين ڳالهہ ڪانهي. غلام هندوستان ۾، جنهن جو هڪ صوبو غلام سنڌ هو ۽ جڏهن غلام مسلمانن سان گڏ غلام ڪافر هندو بہ پنجويهہ سيڪڙو هئا ۽ رڳو سنڌي ٻولي هلندي هئي. اينتري قدر جو ٻي ڪا ٻولي ڪير سمجهندو بہ نہ هو. انگريز آفيسر جي نوڪري تيسين ڪنفرم نہ ٿيندي هئي جيسين هو سنڌيءَ جو امتحان پاس نہ ڪندو هو.

●

# 30 سيپٽمبر 1982ع

اڄ اسين ڇنڇر ڏينهن لاءِ ملتان ڏانهن روانا ٿياسون. ملتان ۾ قمر جي ڀيڻ جي ڌيءَ جي شادي هئي. رات جو پوڻين انين وڳي تيزگام حيدرآباد مان رواني ٿي. اڄ ڪافي وقت کان پوءِ شايد ٻن ٽن سالن کان پوءِ ٽرين ذريعي روانا ٿي رهيا هئاسون ۽ اهو به "اپ" يعني حيدرآباد کان سکر واري پاسي ڏانهن. ناظرا ۽ ماهرا ڪيڏو نه خوش هئا. ٻار هوندي به ٽرين جو سفر ڏاڍو انجواءِ ڪندا آهن. ٻئي ڄڻيون دريءَ تي ويهي رهيون ۽ جيئن گاڏيءَ پليٽ فارم ڇڏيو ته مون ٻڌايومانِ ته هاڻي جلدي پنهنجي ڳوٺ جي اسٽيشن ايندي ڇو ته ڪٽياڻ روڊ ريلوي اسٽيشن حيدرآباد کان رڳو نون ميلن تي آهي.

ڪيڏي نه اڻ ٽڻ هئي ٻارن ۾ ته هو ٽرين ذريعي پنهنجي ڳوٺ جي اسٽيشن ڏسن. هونئن اسين ڳوٺ سدائين ٻاءِ روڊ ئي ويندا آهيون ۽ رستو ٽنڊي ڄام کان ويندو آهي. ان ڪري اسين هڪ حيدرآباد ميرپورخاص لائين وارو ڦاٽڪ ۽ ٻيو حيدرآباد-روهڙي وارو ڦاٽڪ اڪرندا آهيون. مون کين ٻڌايو ته اسين نه رڳو اسٽيشن پر ڦاٽڪ به اڪرنداسون ۽ ماهرا ته ڏاڍي خوش ٿي ۽ چوڻ لڳي:

"بابا اهو ئي ڦاٽڪ جتان پاڻ ڳوٺ ويندي لنگھندا آهيون!"

"ها بابا، اهوئي ڦاٽڪ" ۽ اهو ٻڌي ماهرا هڪ ڀڪيءَ وانگر ڇهڪڻ لڳي.

اينتري دير ۾ ڏيتا اسٽيشن لنگھڻ لڳي ۽ ٻنهي ڄڻين رڙيون ڪيون، "اوهه! اها ڳوٺ جي اسٽيشن! ڳوٺ جي اسٽيشن!"

مون کين ٻڌايو ته نه اها ڏيتا جي ريلوي اسٽيشن آهي. اسان سان گڏ سفر ۾ قمر جي وڏي ڀيڻ جي ڌيءَ ۽ منهنجي دوست ظهور جي زال مجيب به هئي؛ انهيءَ کي انهيءَ سڄي پس منظر جي خبر ڪانه هئي ۽ اها چوڻ لڳي:

"آخر اها ڪهڙي شيءِ آهي جو پيءُ ۽ ڏيئون سڀ ڏسڻ لاءِ آتا پيا لڳو. آهي ته هن پاسي ڪجهه به ڪونه!"

"اسين پنهنجي ڳوٺ جي اسٽيشن تا ڏسون" مون ڪيس ٻڌايو، پر سوچيم ته ڪيس ڪهڙي خبر ته جڏهن ماڻهو پنهنجي ڳوٺ جي اسٽيشن ايئن لنگهندي ڏسندو آهي. تڏهن هن کي ڪهڙو نه مزو ايندو آهي. شايد شهرن ۾ رهڻ وارا به پنهنجي شهر جي اسٽيسن ايئن لنگهندي ڏسي دل ۾ اها چڪ ۽ پريت محسوس ڪندا هجن، جيئن اسين ڳوناٺا پنهنجي ڳوٺ وٽان لنگهندي محسوس ڪندا آهيون. پر هو ته ڪراچي جي رهڻ واري هئي يا ڪٽي ايئن چئجي ڪراچيءَ جي رهاڪو بڻجي ويئي هئي. اهو شهر جتي اچي سڀ رستا ختم ٿين ٿا. ڪيس ڪهڙي خبر ته پنهنجي ڳوٺ وٽان لنگهندي ڪهڙو نه فخر جو احساس ٿيندو آهي ۽ ڪجهه ڏک جو به، ڇڻ ڪير پنهنجي ويجهي کان پنهنجي جگر جي ٽڪري کان موڪلائيندو هجي.

ڏيٺا کان پوءِ اهي ئي ڏنل وائنل وڻ وسنديون ۽ ڪيت گذرڻ لڳا، جيڪي جڏهن کان هوش سنڀاليو اٿم تڏهن کان اکين آڏو ايئن ئي لنگهندا رهيا آهن ۽ جڏهن ڇام واهه جا اجڙيل دڙا گذريا ته مون هڪدم رڙ ڪئي: "ٻارو اچي ٿي پنهنجي اسٽيشن!" ۽ پل ۾ ٽرين، اسٽيشن وٽان لنگهڻ لڳي، ناظرا ۽ ماهرا خوش ٿي چوڻ لڳيون "اها پنهنجي اسٽيشن! اها پنهنجي اسٽيشن!"

پر آئون ان وقت ڪجهه چُپ ٿي ويو هوس. منهنجو اهو ظاهري اتساهه ظاهر ۾ نه رهيو هو ۽ آئون سوچي رهيو هوس. نيڪ انهيءَ اسٽيشن جي سامهون سڌائي ۾ ميل ڏيڍ ڪن پنڌ تي اسان جو ڳوٺ آهي ۽ انهيءَ ڳوٺ جي مقام ۾ امان ليٽي پئي هوندي ۽ دل چيو شايد جاڳندي هجي ۽ آئون اڄ حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو ايئن پريان امان وٽان لنگهي رهيو آهيان. مون دل ۾ نه پر اتان ئي رڙ ڪئي، "امان جاني! سدائين گڏ." ۽ مون کي اهو محسوس ٿيو ته آئون جيئري ماءُ کان موڪلائيندو هجان ۽ هوءَ اتان خدا حافظ ڪندي هجي.

اڪيون ڀرجي آيون هيون ۽ مون ناظرا ۽ ماهرا کي چيو:

"ڏسو او پريان امان جاني ويٺل هوندي. ۽ ناظرا ۽ ماهرا به منهنجي هٿ واري آڱر جي سڌائيءَ ۾ ايئن ڏسڻ لڳيون. جيئن هو واقعي امان کي ڏسنديون هجن، جيئن ٽڪي تيزگامر جي پريان اسٽيشن ۽ ڦاٽڪ ٽڪائي سان پري ٿيندا پئي ويا ۽ منهنجي آڱر به انهيءَ ڳوٺ جي ڪنڊ ڏانهن مڙندي ويئي ته ٻارن کي چيم

ناظرا، ماهرا اوهان به امان جانيءَ کي خدا حافظ چئو نه!"

ء ناظرا ۽ ماهرا به مون وانگي رڙ ئي ڪئي "امان جاني! خدا حافظ."

۽ امان! تون پڪ سان اسان جا سڏ ٻڌا هوندا. امان! اهو به ڪمال آهي ته هيترا پيرا انهيءَ اسٽيشن وٽان لنگهيا آهيون پر ڪڏهن به اهو خيال نه آيو ته انهيءَ هنڌ بابا، چاچا، ڏاڏا، ڏاڏي ۽ جيجي سڀ سُتل آهن، تو ته اتي پهچي اسان جو وساريل احساس جاڳائي وڌو آهي. امان! تو جيئري ته اسان کي کهڙيون نه کهڙيون ڳالهيون سيکاريون پر مرڻ کان پوءِ به تنهنجو احسان اجا به وڌندا وڃن. تو اسان ۾ الائي ڪهڙا ڪهڙا احساس جاڳائي انسان هجڻ جو احساس ڏياري وڌو آهي.

اسٽيشن هاٽي ڪافي پري گذري چڪي هئي پر مون امان جون اکيون اجا به پاڻ ڏانهن نهاريندي محسوس ڪيون، بلڪل اينئن جيئن اڳي جڏهن به امان کان موڪلائي ويندا هئاسون ته امان جي اکين ۾ اها آسيس نظر ايندي هئي. اها ئي پابوهه پريل گهرائي اها ئي اکين ۾ مظلومي ته منهنجا پار ٻاهر وڃن پيا. منهنجي هٿ ۾ ته ڪجهه ڪونهي پر منهنجا ڏٿي منهنجن ٻچن کي پنهنجي امانَ ۾ رکجانءِ.

ملتان وڃڻ کان پهرين ٻن ڪمن جو سوچيو اٿم. هڪ ته پهريون پيرو سنڌ کان ٻاهر وڃي رهيو آهيان، پوءِ پلي ٽن چئن ڏينهن لاءِ ڇو نه ٻاهر ويندو هجان، سفرنامو پوءِ پلي ڪيترو مختصر ڇو نه سهي ضرور لکندس ۽ ٻيو ته هر هنڌ سنڌي ڳالهائيندس يا وڌ ۾ وڌ انگريزي، ڏسان ته بنا اڙدوءَ جي ڪم هلي سگهي ٿو يا نه!؟

14 آگسٽ تي جڏهن ڊائري لکڻ جي شروعات ڪئي هئم تڏهن پنهنجو محاسبو ڪندي. اهي ڪيترا يا محاذ پنهنجي آڏو رکيا هئم، جنهن ۾ آئون اسڦل رهيو آهيان.(1) اڄ ٽيهين تاريخ تي پنهنجي اسٽاڪ ٽيڪنگ لاءِ هر ڪم جو جائزو وٺندس.

(1) آئون ڪنهن به ڪم ۾ سڦل نه رهيو آهيان. (ليکڪ)

(1) پريس: اتفاق ڏسو تہ پريس جيڪا آغا شهاب الدين وٽ هئي جنهن مان مون کي ٽڪو بہ نہ ملندو هو. اها پريس آغا پاڻ خوشيءَ سان واپس ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو. 11 سيپٽمبر تي هو آيو ۽ 12 سيپٽمبر تي هن پريس واپس ڪئي. هاڻي مون کي پريس آرگنائيز ڪرڻي آهي. ڏسجي تہ ڇا ٿو ٿئي؟ پريس جي قيمت جي ڪٿ ڪرايم، معلوم ٿيو تہ پريس وڪڻڻ گهران تہ پنجاهہ هزار رپيا ملندا.!

(2) زمين: اتفاق ڏسو تہ بنيءَ جي سلسلي ۾ ڊائري لکڻ کان اڳ، ۽ امان جي وفات کان اڳ اسان ٽنهي ڀائرن گڏجي جنوري 1982ع ۾ گڏجاڻي ڪري ان جو نالو نذر علي سيد فروٽ فارمز رکيوسون ۽ فيصلو ڪيوسون تہ انهيءَ زمين کي باقاعدي هڪ فرم تصور ڪري، ان جو انچارج يا مئنيجنگ ڊائريڪٽر مظفر ٿيندو ۽ هوسڀ کان پهريون ڪم اهو ڪندو تہ، زمين جي باقاعدي ڪئش بڪ، ليجر بڪ، فائيلون، مطلب تہ مڪمل کاتو رکندو ۽ اسين ٽيئي ڀائر گورننگ باڊي هونداسون ۽ وقت بہ وقت پروگريس بہ ڏسنداسون ۽ باقاعدي منٽس رکي فيصلا ڪنداسون. پر مظفر ڏهاڙيءَ جو خرچ روزاني ڊائري وانگر تہ لکيو پر باقاعدي ڪئش بڪ، ليجر بڪ يا فائيل نہ ناهيا. هاڻي مظفر اهي سڀ ڪتاب وٺي تہ آيو آهي.جو تہ انهي 14 آگسٽ کان پوءِ ئي زور ڪري گهرايا اٿم. هاڻي انهيءَ ۾ داخلائون شروع ڪبيون. مظفر جو چوڻ آهي تہ ڪيس پهرين ڪنهن ڄاڻو ڪمدار يا مئنيجر جي ضرورت آهي، تنهن کان پوءِ هو بنيءَ جي ڪم کي آرگنائيز ڪندو.

(3) گهر جو خرچ: گهر جو خرچ مون پهريون ڀيرو ڊائري لکڻ کان اڳ ئي پهرين آگسٽ تي شروع ڪري ڇڏيو ۽ حياتيءَ ۾ پهريون ڀيرو مڪمل مهيني جو خرچ روزاني خرچ جي ڊائريءَ وانگر لکيم. پر آگسٽ واري خرچ جا سڀ پنا ڪٺي ڪري پيا. بهرحال هينئر سيپٽمبر جو خرچ باقاعدي لکي چڪو آهيان ۽ انهيءَ خرچ پڪي کي بہ گهرو اڪائونٽ هيٺ ڪئش بڪ ۽ ليجر بڪ تي لکندس. پر انهيءَ لاءِ ڇپيل بڪ نہ تہ تمام ڪاپين تي پنهنجي هٿ سان ڪالم ناهي لکندس. هڪ دلچسپ ڳالهہ تہ اسان جو آگسٽ مهيني جو پورو خرچ ڇهن هزار رپين کان مٿي ٿيو! انهي انگ اسان کي احساس ڏياريو تہ ڪيئن نہ، کهڙي مد ۾ ڪفايت ڪرڻ گهرجي.

(4) پبلشنگ: 12سيپٽمبر تي پريس ملي وئي ۽ هاڻي آڪٽوبر کان اڌائي

سئو رپيا ڪيسي مان ويندا. هاڻي آئون ڪو ڪتابي سلسلو ڪڍان جو اشتهار وني خرچ جو پورائو ڪريان. پر مون کي ٻه هڪ اسسٽنٽ جي ضرورت آهي جو پريس کي هلائي، ليکو چوکو رکي، اشتهارن لاءِ ڊوڙي، مون کي ٻه هڪ ماڻهوءَ جي ضرورت پوندي ان لاءِ ذاتي طرح ماڻهن کي چوان پيو. پر لڳي ٿو مون کي اخبار ۾ اشتهار ڏيڻو پوندو.

پبلشنگ جو ڪم جيڪو مون ولي رام سان گڏ ڪرڻ جو سوچيو هو، ان لاءِ اسان ٻنهي کي ٻه ٻه هزار رپيا ڀرين ڪڍڻا هئا. ان ڪري اڄ ولي رام کي هڪ هزار رپيا ڏيئي ڪم جي شروعات لاءِ چئي آيس ۽ ٻيو هزار رپيا ضرورت وقت ڏيندوسانس. اميد ته ڀريون پرچو ڊسمبر ۾ آئوٽ ٿي ويندو. تنهن کان سواءِ مون کي مرحيات ڏيپلائي "ساٿيه ڊائجسٽ" ڏيڻ جو واعدو ڪيو هو ۽ سندس وفات کان پوءِ محمد علي ڏيپلائي سان، انهيءَ سلسلي ۾ ڳالهايم پر ڪڏهن ٻه باقاعدي انهيءَ رسالي وٺڻ جي ڪوشش نه ڪيم. بس ڪڏهن وجي گهر نڪرندو هوس ته محمد علي نه ملي سگهندو هو يا وري فون ڪندو هوس ته ٻه نه ڪراچيءَ ۾ نه حيدرآباد ۾ ئي ڪا ويجهڙائيءَ ۾ هن سان ڳالهه ٿي. پر اڄ عيد جي موڪلن جي سلسلي ۾ هو گهر آيل هوندو، ان ڪري آئون وٽس لنگهي ويس ۽ هن "ساٿيه ڊائجسٽ" مون کي ڪجهه رقم عيوض باقاعدي ڏيڻو ڪيو پر هن چيو ته هو ڊڪليئريشن مظفر جي نالي ڪري پوءِ ڏيندو چو ته ڊڪليئريشن پنهنجي نالي رکي ۽ رسالو اسين هلايون اهو جوکم نه کڻندم. بهرحال آئون جيتوڻيڪ اڄ ٽيهين تاريخ تي ملتان وڃڻو هوس پر تڏهن به زوري وقت ڪڍي نه رڳو ولي رام وليءَ سان ملي هزار رپيا ڏيئي آيس پر محمد علي وٽ ٻه ڪلاڪ ٻه ويهي ساٿيه ڊائجسٽ جو فيصلو ڪرائي آيس. محمد عليءَ چيو ته هو ڊڪليئريشن بدلائي ڏيڻ لاءِ قانوني طرح لکپڙهه شروع ڪندو.

(5) ساهتي ڪم: 14 آگسٽ کان ساهتي ڪم ٻيو ته ڪجهه نه ڪري سگهيو آهيان پر آئون سمجهان ٿو اڄ 122 صفحن تائين ڊائري لکيم يا اڌ ساهتي ڪم البت ڪيو اٿم. الائي ڪيترا ڀيرا ڊائري لکڻ جي شروعات ڪئي هوندم پر ڪجهه تاريخن تائين ويهه ٽيهه صفحا لکي ڇڏي ڏني ڏنم. هي حياتيءَ ۾ ڀريون ڀيرو آهي 14 آگسٽ کان وني اڄ 30 سيپٽمبر تائين ڏيڍ مهيني تائين باقاعدي ڊائري لکي اٿم. باقي هاڻي جيئن ولي رام وليءَ سان گڏ ڪتابي سلسلو شروع ڪيو اٿم ته ان لاءِ ڪهاڻي ته ڏيڻي آهي ۽ هڪ ڪهاڻي رف تيل

گذريل پنجن ڇهن مهينن کان پيل آهي. پهرين ته اها فيئر ڪندس. پيو ته هڪ جديد لوڪ ڪهاڻي، به رف لکي پئي آهي، سا به ڪنهن رسالي يا ڪتابي سلسلي لاءِ فيئر ڪندس. باقي ڊائريءَ جا ورق ته هونئن ئي آئون ڪتابي سلسلن کي ڇپڻ لاءِ ڏيندو آهيان، سي هن ڊائريءَ مان چونڊ ڪري جي ڇپڻ جهڙا هوندا سي ڏيندو رهندس. تنهن کان سواءِ هن ڊائريءَ ساهتي ڪم لاءِ وڏو اتساهه ڏياريو آهي ته پنجيتاليهه ڏينهن ۾ سؤ ويهه کن صفحا لکي سگهجن ٿا. يعني هڪ مهيني ۾ ڪاپي سائيز جا اسي کن صفحا سراسر لکي سگهجن ٿا. ناول يا ڪهاڻيون به لکٽيون آهن هن ڊائريءَ کي به وقت ڏيڻو پوندو جيڪر انهي نج ساهتي ڪم لاءِ جي هڪ مهيني ۾ ٽيهه صفحا سراسر مهيني ۾ ڪڍي سگهجن ته به وڏي سڦلتا سمجهڻ کپي. هونئن به ساهتي ڪم کو اينئن حساب سان ته ٽيهه صفحا مهيني ۾ لکجن، لکي نه ٿو سگهجي. ٿي سگهي ٿو ماڻهو ڪهاڻي يا ناول لکڻ ويهي ته ٽيهن کان به وڌيڪ صفحا لکي وجي. پر اهو ٽيهن صفحن جو گهٽ ۾ گهٽ لکڻ جو شرط پاڻ تي لڳائي پاڻ کي ساهت لکڻ لاءِ پابند ڪرڻو پوندو. جي اينئن نه ٿو ڪريان ته پوءِ مهينن جا مهينا گذري ويندا، جيئن گذري ويا آهن ۽ ساهتي ڪم نه ٿي سگهندو، ان ڪري آڪٽوبر کان هر مهيني گهٽ ۾ گهٽ ٽيهه صفحا ساهت ضرور لکندس.

(6) علمي ڪم: جاگرافيءَ ۾ ڪم ڪرڻ کي اصل ۾ مون کي ساهتي ڪم، ڊائريءَ، گهمڻ ڦرڻ، سماجي ۽ سياسي ڪم مان سڀني تي فوقيت ڏيڻ گهرجي ها. جاگرافيءَ جو ڪم مون لاءِ ترجيحاتي (Top Priority) هجڻ کپي ڇو ته انهيءَ سان منهنجو ڪيريئر ۽ منهنجو رزق، منهنجي ٻارن ٻچن جو مستقبل وابستا آهي. پر هاڻي آئون سڀ ڪم ڇڏي چوويهه ڪلاڪ جاگرافي کي ڏيئي نه ٿو سگهان ڇو ته ڇمار جي هن حصي ۾ ڊائري جو ڪم ۽ ٻين ساهتي دلچسپين کي ڇڏڻ مون لاءِ ذهني ڇڪتاڻ جو ڪارڻ بڻجي سگهجي ٿو. سوچيان ٿو جاگرافيءَ جي ڪم لاءِ هڪ توازن هڪ بئلينس رکان جيئن منهنجي ذهن ۾ ڪا ڇڪتاڻ يا مونجهه يا ڪو بار نه رهي. ان ڪري سوچيو اٿم ته جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ جيتري دير هوندس. يعني صبح جو انين کان هڪ تائين ته ان ۾ جيڪو به وقت ڪلاس وٺڻ کان پوءِ ملندو، اهو جاگرافي ۾ ڪوجنا، پيپر پي ايچ ڊي ڪرڻ، ٻئي ڏينهن جي ڪلاس جي تياري ڪرڻ ۾ صرف ڪندس. هونئن به ڊپارٽمينٽ ۾ گهٽو وقت ڪچهري ڪرڻ يا ٻين دوستن وٽ ملڻ لاءِ وڃڻ ۾ صرف

ٿو ٿئي. آئون سوچيان ٿو ته هيستائين آئون رڳو ڊپارٽمينٽ وارو وقت ئي ڳڻپير
ڪم ڪرڻ لاءِ صرف ڪريان ها ته سوير پي ايچ ڊي ڪري چڪو هجان ها.
پروفيسري لاءِ جيڪي اڻ ڪوجنائي پيپر گهربل آهن انهن ڪان ڏهوڻا لکي چڪو
هجان ها. آئون ڊپارٽمينٽ ۾ مڪمل وقت جاگرافيءَ کي ڏيندس ته پڪ اٿم
انهيءَ ڪيتر جي ٽاپ پرائرٽي واري ڳالهه به صحيح لاڳو ٿيندي. هوندئن به هن
جمار ۾ ساهتي ذوق وارو ماڻهو جاگرافيءَ لاءِ روز ٽي چار ڪلاڪ ڪيڍي وجي،
پيو چئا ڪپي. هڪ ٻي ڳالهه آئون واضح ڪريان ته مون لاءِ هرويرو جاگرافي ذهني
بار به نه آهي، ڇو ته جاگرافيءَ جون به شاخون سياسي جاگرافي ۽ پاپوليشن
جاگرافي منهنجي ذوق؛ شوق ۽ سنڌ جي ضرورت وٽان آهن. آئون اهي ٻئي
شاخون ٿورو گهڻو مطالعو ڪري ان نتيجي تي پهتو آهيان ته، سنڌ لاءِ انهن ٻن
شاخن جي ڄاڻ هر ڄاڻ ڪان وڌيڪ ضروري آهي. سو جاگرافيءَ ۾ ڪم ڪرڻ ۾
مون کي ذهني آسودگي ملندي، ڇو ته انهيءَ ڪري آئون سنڌ جي سياست جي
پس منظر هيٺ علمي ڪم ڪري سگهندس. ٽي سگهي ٿو اهي سنڌ، پاڪستان
۽ دنيا جي پس منظر ۾ لکيل منهنجا پيپر سنڌ لاءِ ايترا اهم ثابت ٿين جو اڳتي
جا تاريخ نويس منهنجي ساهتي ڪنٽريبيوشن جي پيٽ ۾ منهنجي جاگرافيائي
۽ علمي ڪنٽريبيوشن کي اهم درجو ڏين. هوندئن به ڪوجنائي ڪم لاءِ آئون
هرويرو گهڻي تڪڙ نه ڪندس. اصل ۾ آئون ڪنهن به ڪم ۾ هرويرو تڪڙ ڪري
پاڻ کي ڇڪتاڻ ۾ نه رکندس. سواءِ ڪو ڪم هنگامي بنيادن تي ڪرڻو هجي.
آرام سان پر هوريان هوريان ڪم ڪرڻ ۾ئي سڦلتا آهي. Slow and steady
wins the race. بهرحال هر ڪم ۾ steady هئڻ ۽ consistency هئڻ .گهرجي
۽ مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ يا شايد هر ماڻهو لاءِ آخر سڦلتا انهيءَ باقاعدگيءَ ۾
ئي آهي.

اهي هتا ڇهه ڪم، جيڪي ڪرڻا آهن. 14 آگسٽ 1982ع تي ڊائريءَ جي
شروعات ڪرڻ مهل مون پنهنجي فرض يا مشن يا ڪمن يا مسئلن جي نشاندهي
ڪئي هئي. اڄ پهريون ڀيرو ان سلسلي ۾ پنهنجي آڌو پروگريس رپورٽ پيش
ڪئي اٿم، سوچيان ٿو ته اهڙي پروگريس رپورٽ هر مهيني پيش ڪريان. اهو به
سوچيان ٿو ته هر، مهيني مناسب رهندو يا هر ٻئي يا هر ٽئين مهيني مناسب

رهندو؟ ڪجهه نبيرو نٿو ڪري سگهان. هڪ ڳالهه بهرحال نبيرو ڪئي اٿم ته هن ڊائريءَ کان سواءِ ٻيا به ڇهه نوٽ بڪ يا ڪاپيون رکندس اهي اصل ۾ انهن ڇهن ڪمن جون ڊائريون هونديون، جن مان اها خبر پوندي ته فلاڻي ڪم جي پوئواري باقاعدگيءَ سان ٿي رهي آهي يا نه؟ مون کان ڪٿي سستي، ڍرائي ته نه ٿي آهي. پوءِ جي مناسب سمجهيم ته انهن ڇهن ڊائرين کي نظر ۾ رکي، هن ماسٽر ڊائري ۾ ماهوار يا ٻه ماهي يا ٽماهي رپورٽ لکندس. هن ڊائري لکڻ جو ڪو سماجي ڪارج هجي يا نه پر هي ڊائري جيئن مُون 14 آگسٽ، 1982ع تي لکيو هو منهنجي مٿان منهنجو باس آهي، آفيسر آهي ،جيڪو منهنجي حياتيءَ جي حاصلات ۾ فيصلو ڏيندو ته آئون اُن جي اهل (Competent) هئس يا نااهل. اهڙيءَ طرح اهي ڇهه موضوعاتي ڊائريون به منهنجي هر ڪم جي سلسلي ۾ اعمال نامو آهن. جيئن ته هيءَ ماسٽر ڊائري منهنجو مجموعي اعمال نامو يا ڪٿي ايئن چئجي ته ڪئش ٻُڪ آهي ته هرڇهه موضوعاتي ڊائريون درجي بنديءَ وارو اعمال نامو آهن يا ڪٿي ايئن چئجي ته ليجر بڪ آهن.

آئون اهي ڇهه موضوعاتي ڊائريون ان ڪري به رکڻ گهران ٿو جيئن اهي ڊائريون مون کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ۾ اتساهه ڏياريندڙيون رهن ۽ آئون پنهنجي عادتي سستي تياڳي سگهان. ٿي سگهي ٿو ٻيا ڦڙت ماڻهو اهڙين ڊائرين کان سواءِ ئي سڦلتائون حاصل ڪندا هجن ۽ سچ پڇيو ته اهي مون وانگر سست، ڍرا ، Lethargic نه هوندا آهن.

●

# 1 آڪٽوبر 1982

آئون فقيرن کي خيرات نہ ڏيندو آهيان. ان ڪري جو ڪنهن بہ ڌارئي فقير کي سنڌ ۾ خيرات ڏيڻي هن توهان کي سنڌ ۾ دائمي رهڻ جي سهوليت مهيا ڪيو ٿا. ٻي ڳالهہ تہ اهو فقير، خيرات مان پئسا ڪمائي پوءِ پنهنجي پيرن تي بيهي سنڌ جو پڪو شهري بڻجي ويندو. ٽي سگهي ٿو تہ فقير جوان آهي تہ شادي ڪري ٻار ٻچا پيدا ڪري ۽ اهڙي طرح سنڌ ۾ غير سنڌي پاپوليشن وڌائيندو. ٽي سگهي ٿو تہ فقير هن صوبي ۾ پنهنجي صوبي جي پيٽ ۾ ايترا پئسا خيرات مان وڌيڪ ڪمائي جو هن جي صوبي مان ٻين فقيرن کي بہ اتساهہ ملي ۽ هو پنهنجو صوبو ڇڏي سنڌ صوبي ۾ خيرات وٺڻ اچن ۽ هتي ئي رهي پون. ڪجهہ ڏينهن اڳ ”ڊان“ ۾ پڙهيو هئم تہ ڪراچيءَ ۾ عيد تي ”اپ ڪنٽري“ (Up-country) يعني اتر پنجاب ۽ سنڌ مان هر سال اٽڪل پنجويهہ هزار فقير اچن ٿا. ظاهر آهي تہ سڀ تہ وري موٽي نہ ويندا هوندا. اهڙيءَ طرح اسين انساني همدرديءَ ۾ فقيرن کي خيرات ڏيئي سنڌ صوبي ۾ ڌارين جي بينڪيت کي سڌو سنئون هتي ڏيون ٿا. آئون ڌارين فقيرن کي ان ڪري بنهہ خيرات نہ ڏيندو آهيان. آئون تہ سنڌي فقيرن کي بہ خيرات نہ ڏيندو آهيان. اهو ان ڪري جو اينئن سنڌي فقيرن کي خيرات ڏيڻ سان ڪين مفت خور، هڏ حرام ۽ ڪم چور بڻائي اسين سماج لاءِ هڪ طرف مصيبت پيدا ڪريون ٿا تہ ٻي طرف ڌنڌي ڪرڻ کان بچائي ڌارين کي موقعو ڏيون ٿا تہ اهي ڌنڌو ڪري سنڌ ۾ پنهنجا پير پختا ڪن. سنڌي فقير، مزوري ڪري، يا ننڍيون ننڍيون شيون وڪڻي، ڌارين کي ڌڪي سگهن ٿا. جيڪي اهي ڌنڌا ڪري ڪٽنبن ۽ برادرين سوڌو پنهنجا پير پختا ڪري رهيا آهن. ويچارن معذور فقيرن انڌن، پوڙهن، کي بہ خيرات ڏيڻ اسان جي ذميواري ڪانهي. ڇو تہ اهو حڪومت جو فرض آهي تہ معذورن جي سار سنڀال لهي ۽ هاڻي تہ زڪوات جي ڪٽوتيءَ کان پوءِ معذورن جي

ذميواري عام رهواسيءَ تان بنهه ختم ٿي ويئي آهي. حڪومت جيڪا زڪوات الائي ڪهڙن ماڻهن جي هٿان الائي ڪهڙن ماڻهن کي روڪڙ جي صورت ۾ ڏئي ٿي. ان جي پيٽ ۾ حڪومت کي گهرجي ته باقاعدي معذورن جا گهر ناهي، اسٽاف رکي انهن جي حفاظت ڪري. انهيءَ ڪري هاڻي عام شهريءَ تي، خيرات ڏيڻ ۽ ڪنهن به غريب فقير جي مدد ڪرڻ جوڪو به مذهبي، سماجي يا انساني فرض نه رهيو آهي.

اهو پس منظر خيرات جي باري ۾ رڪارڊ ڪرڻ ضروري پئي سمجهيم.

اسان جي ٽرين رات جا ٻارنهن گذاري سنڌ جون سرحدون ڇڏي پنجاب جي سرحد ۾ داخل ٿي چڪي هئي. مون پنهنجي بوگيءَ جي ڪاريڊرو ۾ سٽل هڪ وچولي چمار جي عورت کي پٽ تي سٽل ڏٺو هو جنهن کي آسي پاسي جي ڪمپارٽمينٽ جا ماڻهو اورانگهي ٽائليٽ وغيره ڏانهن ٽئي ويا. مون اها ڳالهه نوٽ ته ڪئي هئي ۽ مون کي اهو به خيال آيو هو ته شايد اها عورت ڪنهن جي نوڪرياڻي هجي. پر پوءِ سوچيم ته ڪير پنهنجي نوڪرياڻيءَ کي بنا ڪنهن چادر يا رليءَ جي ايئن لنگهه ۾ ڇڏيندو. آئون سمجهان ٿو ته اها فقيرياڻي هئي ۽ سنڌ جي ڪنهن شهر مان شايد ڪراچيءَ مان عيد وغيره جي ڏهاڙن ۾ خيرات ڪمائي پنجاب وڃي رهي هئي.

صبح سوير جا پنج ڪن ٿي رهيا هئا ۽ آئون پنهنجي ڪمپارٽمينٽ جو در کولي ٻاهر ڪاريڊور ۾ نڪتس ته اها عورت به جاڳي چڪي هئي پر هن مون ڏانهن نه نهاريو بس ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺي هئي.

مون کيسي مان پنج رپيا ڪڍي کيس ڏنا ۽ احسان مند نظرن سان مون ڪان ورتا.

سوچيم ته ڪونه ڪو هن جو به ته هوندو. مڙس، پٽ، ڌيئون يا پيڻ، ياءُ پر خيرات لاءِ سنڌ ۾ ايئن اڪيلو موڪلي ڇڏيو هوندائون! يا ٿي سگهي ٿو ويچاري لاوارث هجي. سندس دنيا ۾ ڪوبه مٽ مائٽ نه هجي. يا اهو به ٿي سگهي ٿو ته سندس ٻيا مائٽ به ساٿي فقير هجن ۽ اهي به ايئن ئي سنڌ مان ڪمائي بنا ٽڪيٽ فرسٽ ڪلاس ۾ سفر ڪري پنهنجي وطن يا ڳوٺ ويندا هجن، يا ٿي سگهي ٿو اها فقيرياڻي نه هجي ۽ ايئن سنڌ مان ڪٿان مٽن مائٽن سان مليو پنجاب ايندي هجي ۽ اها به مفت ۾.

مون کيس خيرات ڏيڻ کان پوءِ اجا به سوچيو ته هيءَ ڪا ڏنڌوڙي عورت

ئي ٿي سگهي ٿي. يا ته فقيرياڻي يا اپڻن مفت سفر ڪرڻ تي هريل هوندي چو ته ڪا به سادي عورت انهيءَ يقين سان فرسٽ ڪلاس جي ڪاريڊور ۾ بنا ڊپ ڊاءُ جي سٽي پئي هجي. اها پڪ سان انهيءَ نموني گهڻا ڀيرا سفر ڪري ڦٻي چڪي هوندي نه ته اهڙي يقين سان فرسٽ ڪلاس ۾ پنهنجي وطن نه وري ها. ڪا غريب سپاجهي عورت پهرين ته سفر ئي ڪانه ڪندي، ٻيو ته جي سفر ڪندي ته ٽرڊ ڪلاس جي عورتن واري ڪمپارٽمينٽ ۾ ڪندي. باقي اپڻن فرسٽ ڪلاس جي ڪاريڊور ۾ ڪڏهن نه. هتي ته اها عورت سفر ڪندي، جيڪا هريل هوندي ۽ پوءِ محسوس ڪيم ته هيءَ به هڪ ڏنڌوڙي، مفت خور ۽ اسان جي سنڌ تي بار هئي، جيڪا اسان جي سنڌ مان ٻين ڌارين وانگر پئسا ڪمايو ٽڪيٽ جا پئسا بچايو پنهنجي مٿن مائٽن سان مليو اتر پاسي وڃي رهي هئي. سوچيم ته ڀيهر ڪڏهن اهڙو تجربو ٿيو ته اهڙن ڪردارن سان ڪنهن نموني سان ڪچهري ڪري حال احوال وني پنهنجي مشاهدي جي ڪنفرميشن ٽيسٽ (Confirmation Test) وٺڻي پوندي. پر هيستائين شڪ جو فائدو هن عورت کي نه ٿو ملي[1] منهنجا پنج رپيا زيان ويا. مون وٽ به سماجي، اخلاقي ۽ انساني همدردي آهي پر اها پنهنجي قوم جي جوکم تي نه. چو ته دشمن اسان لاءِ ڪا به سماجي، اخلاقي، انساني يا مذهبي همدردي نه ٿو رکي. سنڌ ۾ فقيرن جي واڌ ۽ انهن جي آبادڪاري سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جو هڪ جزو آهي. اسان کي نهايت خبردار رهڻو آهي.

ملتان ۾ آئون پنهنجي زال جي وڏي ڀيڻ جي گهر رهيل آهيان. منهنجي سالي ۽ سنڍو ٻئي هڪ طرح سان سنڌي آهن. منهنجي سنڍوءَ سليم شيخ ورهاڱي واري دؤر ۾ ٽنڊي باڳي جي اسڪول ۽ نور محمد هاءِ اسڪول مان تعليم ورتي آهي. ٻئي زال مڙس سنڌي ڳالهائين ٿا جيتوڻيڪ ٻنهي جي گهرن ۾ ورهاڱي کان پهرين به اڙدو بولي هلندي هئي. ورهاڱي کان اڳ گهڻن گهرن ۾ اڙدو، پنجابي، فارسي ۽ پشتو بولي هلندي هئي. پر هر ڪنهن کي تعليم ته سنڌيءَ ۾ وٺڻي پوندي هئي. روزمره جي بولي Public language سنڌي هئي. ان ڪري گهر ۾ چاهي ڪو ڪهڙي به بولي ڳالهائي پر ان کي سنڌي ضرور ايندي

(1) قومي سوچ يا ڪم ۾ شڪ جو فائدو رکبو ئي ناهي. (ليکڪ)

هئي. سنڌي ڪانسواءِ سنڌن گذر ئي ممڪن نہ هو. پر پاڪستان ڪانپوءِ انهن ئي اڙدو، پنجابي ٻوليءَ وارن گهرن جو نئون نسل سنڌيءَ جو هڪ لفظ بہ ڄاڻي نٿو. ڇو تہ نہ هاڻي ڪين سنڌيءَ ۾ پڙهڻ جي ضرورت نہ آهي ڇو جو اسان سنڌ ۾ 14 آگسٽ کان پهرئين ڏينهن ئي اڙدو ميڊيم اسڪول کولي وڌا ۽ انهيءَ سان گڏ سنڌ جي روزمره جي ٻولي سنڌي ختم ڪري اڙدو پنهنجن هٿن سان Public language بہ ڪري وڌي.اسان ڏارين کي سنڌي ٻوليءَ ڳالهائڻ تي لاچار ڪرڻ بدران انهن جي اڙدو ٻولي ڳالهائي ڪين سنڌي سکڻ کان آزاد ڪري ڇڏيو. باقي رهيل ڪسر اسٽيشنن، پوسٽ آفيسن، روڊن تان حڪومت سنڌي نالا ختم ڪري واپارين ۽ پنهنجن دڪانن تان سنڌي ختم ڪري اڙدوءَ کي جاءِ ڏني ۽ اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي ورهاڱي کان پوءِ پنهنجا تيز ويڙهڻ ۾ لڳي پيئي آهي ۽ تاريخ ۾ پهريون ڀيرو سنڌين کي لاچار ڪري اڙدو پڙهڻ ۽ لکڻ تي مجبور ڪيو ويو آهي. هاڻي نئون نسل جنهن جي گهر ۾ ورهاڱي کان پهرين اڙدو ۽ سنڌي هلندي هئي، انهيءَ جو نئون نسل سنڌيءَ جو هڪ لفظ ڳالهائڻ تہ نهيو پر سمجهي بہ نہ ٿو. منهنجي سنڌو جا ٻار هڪ پٽ ۽ چار نياڻيون هڪ لفظ بہ سنڌي ڳالهائڻ تہ نهيو پر سمجهن بہ نہ پيا. اتي جيڪي سنڌن ٻيا مائٽ آيا، سڀ ورهاڱي کان پهرين جا هتي آيل انهن ۾ وڏا تہ سنڌي ڳالهائين پيا، پر انهن جو ٻار هڪ لفظ بہ سنڌي نہ پيو ڄاڻي ۽ مون بہ ڪنهن سان اڙدوءَ ۾ هڪ لفظ بہ نہ ڳالهايو. يا تہ ماٺ ڪريو ويٺو هوندو هوس يا انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندو هوس. پر جي ڪو اڙدوءَ ۾ جواب ڏيندو هو تہ بہ آئون انگريزي ۾ ئي ڳالهائيندو هوس. دل چيو تہ آئون پنهنجي زال جي انهيءَ سڄي برادريءَ جي لسٽ ناهيان جي سڀ گهرن ۾ اڙدو ڳالهائين ٿا ۽ انهن جا وڏا جيتوڻيڪ سنڌي بہ ڳالهائين پر انهن جو نئون نسل هڪ لفظ بہ سنڌي نہ ٿو سمجهي. باقاعدي ويهي لسٽ ناهي نہ سگهندس پر موقعو ملندو تہ هر ڪٽنب جو ذڪر ضرور ڪندس. هنن خاندانن ۾ اڙدو هلڻ ڪري سڀ کان وڏو نقصان اهو آهي تہ انهن جون ڇوڪريون جنهن بہ سنڌيءَ سان پرڻجن ٿيون ان جي گهر کي اڙدو ٻوليءَ ۾ تبديل ڪريو ڇڏين.انهن جا مثال بہ جيئن ملندا تيئن لکندو ويندس تہ ڪهڙي طرح سنڌي گهر اڙدو گهر ۾ تبديل ٿيو پوءِ اڙدو ڳالهائيندڙن سان اٿ ويهہ ڪندي، اڙدو وارن سان مٿي مائٽيون ڪندي مڪمل اڙدان ٿيو وڃن. البت نوڪريون ۽ ٻيا فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ اهي سنڌي سڏائين ۽ جي نہ بہ سڏائين تہ ڏاريا پنهنجي مفاد ۾ ڪين سنڌي قرار ڏيو پنٽي ڏکيو ڇڏين. اهڙا بہ ڪي ئي مثال آهن، جي وقت سر نوٽ ڪندو

ويندس. مير امداد علي ٽالپر "سنڌڙيءَ جا سڏڪا" ڪتاب ۾ انهن شاهوڪارن ۽ سڪين سٽابن سنڌين جي لسٽ ڏني آهي، جن غير سنڌين مان شادي ڪري پنهنجن ٻارن کي اڙدو ڪري نيٺ "مهاجر" بڻائي وڌو آهي. گهڻا ته ڪيس اهڙا عجيب آهن جا ماءُ به ستين نسلين سنڌي ۽ پيءُ به ستين نسلين سنڌي پر گهر ۾ اڙدو پئي هلي. اهڙن سنڌين سان ته سماجي بائيڪاٽ ڪرڻ کپي. آئون اهڙا ڪٽنب به ڄاڻائيندس جيڪي سؤ سيڪڙو سنڌي هوندي به اڙدو پيا ڳالهائين پر انهيءَ جو مطلب اهو نه ونڻ گهرجي ته انهن لاءِ جسٽيفڪيشن Justification پيو پيدا ڪريان، جن جي گهرن ۾ غير سنڌي زالن جي اچڻ ڪري سنڌيءَ کي تياڳيو ويو آهي. اسان لاءِ ته ٻئي قسم ساڳيا آهن. ڇو ته اهو مڙس جو فرض آهي ته هو جيڪا ٻولي گهر ۾ هلائي.

مون هن کان پهرين "ڊان" اخبار ۾ خبرن وغيره جي مارڪنگ جو ذڪر ڪيو آهي. ۽ مون شروع ۾ اهو به چيو هو ته رڳو 14-آگسٽ جي خبرن تي ڪامينٽري لکڻ لاءِ ايترو وقت درڪار آهي، جو اڄ 1-آڪٽوبر تائين ايئن نه ڪري سگهيو آهيان. پر آئون ڏسان پيو ڪي تمام اهم نوٽ ڪرڻ جون ڳالهيون آهن. جي رهجڻ سان زبردست قومي نقصان ٿي رهيو آهي. ان ڪري سوچيو اٿم ته سڀ ضروري "مارڪنگس" نه ته سنڌي ٻوليءَ سان سڌو سنئون يا اڻ سڌي طرح واسطو رکندڙ نقطا ضرور نوٽ ڪريان ۽ انهن تي ڪامينٽري لکان. اڄ هتي ملتان ۾ شام جو "ڊان" پهتي آهي ۽ ڪجهه خبرون نوٽ ڪيون اٿم، جي ترجمو به ڪندس ته انهن تي ڪامينٽري به ڪندس ۽ پوءِ روزاني اخبارن، رسالن ۽ ڪتابي سلسلن کي موڪليندس. ڏسان ته شايع ڪن ٿا يا نه!؟ انهن خبرن لاءِ هڪ الڳ نوٽ بڪ رکيو اٿم. آڪٽوبر کان شروع ڪريان ٿو ۽ پاڻ تي انهيءَ قومي ڪم جي ذميواري کڻان ٿو. جي ڪنهن اخبار ۽ رسالي اهو شايع نه به ڪيو ته آئون پاڻ شايع ڪرائيندس. اڄ "ڊان" ۾ اهم مضمون "اپيل" جو ساهتي ڪالم آهي. جنهن ۾ لنڊن ۾ قائم ڪيل "اڙدو مرڪز" جو ذڪر ڪيو اٿس. جتي پاڪستان ۽ هندستان جا سڀ اڙدو ليکڪ هندو توڙي مسلمان، ڪميونسٽ توڙي سامراجي، آزاد توڙي صوفي سڀ هڪ پليٽفارم تان "اڙدو" جي مهابي کير ڪنڌ تي وڃن ٿا.

●

# 2 آڪٽوبر 1982ع

آئون ملتان وڃڻ ۾ ڪو خوش نہ هئس ڇو تہ ٽرين جو ٻارهن ڪلاڪن جو سفر ۽ وري ملتان ۾ حيدرآباد کان بہ وڌيڪ گرم هجڻ جو انديشو. ملتان ۾ ڪنهن بہ واقفيت جو نہ هجڻ، ملتان ۾ جن مائٽن جي گهر ۾ رهڻو هو ان ۾ غير سنڌي ماحول جو هجڻ ۽ تنهن ڪانسواءِ پئسن جو خرچ ٿيڻ. اهي ڪارڻ هئا جو آئون ملتان وڃڻ ۾ خوش نہ هئس ۽ آئون سمجهان ٿو جي رزرويشن نہ ملي ها تہ آئون خوش ٿي ٿيان ها. پر مون ريلوي رزرويشن لاءِ پوري ڪوشش ڪئي ڇو تہ قمر جو پڪو ارادو هو تہ هوءَ ڀيڻ جي ڌيءَ جي شادي ۾ شريڪ ٿئي. آئون بہ چاهيان ها تہ رزرويشن لاءِ اڌوگابري ڪوشش ڪريان ها ۽ اهڙي طرح ٽڪيٽ ملي ها تہ بہ سٺو ۽ جي نہ ملي ها تہ بہ مون تي ڪو الزام نہ اچي ها. يعني ”لال بہ رکجي ۽ پريت بہ رهجي اچي“ واري ڳالهہ ٿئي ها. پر اها منافقي ٿئي ها ۽ ملتان وڃڻ ۾ خوش نہ هجڻ جي باوجود مون سچيءَ دل سان رزرويشن لاءِ ڀڄ ڊڪ ڪئي ۽ اهڙيءَ طرح رزرويشن ملي وئي. بڪنگ ملڻ کان پوءِ جيڪو اوچتو خيال آيو تنهن مان دل کي ڏاڍي آٿت ملي تہ چڱو ٿيو رزوربشن ملي ويئي. خيال اهو هو تہ منهنجي ڀاءُ يا ڀيڻ جي اولاد جي شادي هجي ها تہ ان ۾ شريڪ ٿيڻ ڪيترو نہ ضروري هجي ها. آئون بہ ٻارن ٻچن سوڌو شريڪ ٿيان ها. جي منهنجي زال جي، منهنجي ڀاءُ يا ڀيڻ جي اولاد جي شاديءَ ۾ شريڪ ٿيڻ جي مرضي نہ هجي ها ۽ مون کي ان جي لڪا بہ پئي ها يا جيڪڏهن هو بي دليو ٿي بہ شريڪ ٿئي ها تہ ڪيڏو نہ مون کي ڏک ٿئي ها.

مون ڏٺو آهي تہ مڙس تہ پنهنجي زال کي پنهنجن مٽن مائٽن سان اٿڻ ويهڻ ۽ لاڳاپا رکڻ لاءِ ڪيترو نہ زور ڀريندو آهي ۽ زال مان پنهنجن مائٽن سان پريت ۽ نڀائڻ جي توقع (Expect) ڪندو آهي. پر ان جي ابتڙ مڙس زال جي مائٽن کان نہ رڳو ڀاڙ ڀري ڀري رهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، پر زال کي بہ روڪيندو

(Discourage) آهي. آئون سمجهان ٿو زال ۽ مڙس کي هڪ ٻئي جي مائٽن سان هڪ جهڙو ۽ برابريءَ جو سلوڪ روا رکڻ کپي.ا ها سوچ ايندي ئي مون کي خوشي ٿي ته آئون زال جي خواهش جو احترام ڪندي ايترو پري ملتان وڃي رهيو آهيان. ۽ هاڻي آئون پاڻ به آٿت محسوس ڪري رهيو هوس ۽ شڪر ادا ڪري رهيو هوس ته چڱو ٿيو رزرويشن ملي.

اڄ ملتان ۾ گهر ۾ ڳالهيونْ ڪندي ادي زاهدا (1) جن جذبن جو اظهار ڪيو ان مان مون کي ويتر به خوشي ٿي.

مان چيومانس، ”ادي شاديءَ ۾ اوهان وٽ ايترا مهمان اچي ويا آهن، مٿان اسين به اچي ڪڙڪيا آهيون، توهان کي ڪيڏي نه تڪليف ٿيندي هوندي.“ چوڻ لڳي، ”نه ادا، شاديءَ ۾ ته جيترا مهمان اچن اوترا ٿورا. پر مون کي اوهان جي اچڻ تي خاص خوشي ٿي هئي، جو منهنجي پاران به ته شاديءَ ۾ ڪير هجي. شڪر آهي جو منهنجي پاران به منهنجي پيڻ ۽ پيٽويو ته آهن، نه ته شاديءَ ۾ ته آئون ماءُ ۽ ڌيءَ اڪيليون هجون ها.“

ادي زاهدا سچ ٿئي چيو، چو ته بيا مهمان سڀ سندس مڙس جي مائٽن مان هئا. منهنجو چوڻ جو اهو مطلب ڪونهي ته مڙس جي مائٽن جي اچڻ ڪري هو ڪا خوش نه هوندي. بيشڪ خوش هوندي پر پنهنجي رت جي رشتي وارا اچن ان ڪان وڌيڪ ٻي ڪا خوشي ٿيندي. آئون سوچي رهيو هوس ته مون ملتان اچي ڪيترو نه سٺو ڪيو. جيڪڏهن ڪنهن جي رڳو حاضري پرڻ تي ٻئي کي ايڏي خوشي ملي، ان ڪان وڌيڪ ٻيو ڇا کپي؟

امان ويچاري به ايئن چوندي هئي ته ڪنهن کي گهر مان ته ڪجهي ڏيڻ نهيو پر رڳو ڳالهائي ۽ ملي به ڪنهن کي خوشي ڏيئي سگهو، گهٽ ۾ گهٽ ان ۾ ته ڪنجوسي نه ڪريو.

●

(1) قمر جي پيڻ. (ليکڪ)

# 10 آڪٽوبر 1982ع

فليش بئڪ:(1) ڪالهه خبر پئي ته ڊاڪٽر فاروق بارڪزئي ۽ مسٽر لطيف بارڪزئي، جن جو وڏو پاءُ گذاري ويو آهي، ڪيس گذاري به به ٽي هفتا ٿي ويا آهن. ڊاڪٽر فاروق ۽ مسٽر لطيف جون گهر واريون ٻئي پيٽون آهن ۽ ٻئي منهنجي زال قمر جون ماروٽيون آهن. تنهن ڪان سواءِ امڙ جي وفات تي اهي ٻئي پائر پنهنجن گهر وارين سميت هڪدم آيا هئا، تنهن ڪانپوءِ ٽيجهي تي به آيا هئا. انهيءَ ڪان پهرين به مسٽر لطيف بارڪزئي پنهنجن ٻارن سان هڪ ٻه پيرا عيد تي به اچي چڪا آهن ۽ تنهن ڪان سواءِ قمر جي ٽين ماروٽ جو مڙس مسٽر دانيال شيخ ۽ چوٿين ماروٽ جو مڙس آغا حسن جان(2) به امڙ جي وفات تي هڪدم آيو هو. منهنجي دل جي بيماريءَ واري دور ۾ به اهي سڀ شايد ڊاڪٽر فاروق ڪان سواءِ به ٽي پيرا پڇڻ آيا هئا. سندن اسان تي احسان هئا جو هنن سدائين اسان وٽ پير پريا هئا ۽ هينئر به منهنجو فرض هو ته جيئن اسانکي خبر پئي ته اسين به پرچائيءَ ئي وڃون. پر جي هو اينرو پير اسان وٽ نه پرين ها ته به اسان کي هنن وٽ وڃڻ فرض هو. پر اها به حقيقت آهي ته جيڪو اوهان وٽ پير پري ٿو ته ان کي موت ۾ به اهڙي محبت سان ملڻ کپي.

اڄ هوئنن ڄامشوري ڪان حيدرآباد 30 ميل اوٽ موٽ سفر ڪرڻ لاءِ تيار نه هوس ڇو ته خميس، جمعو ۽ ڇنڇر لڳاتار ٽي ڏينهن حيدرآباد وڃڻ ڪري ٿڪل به هئس ۽ پيٽرول جو خرچ به ڪافي ٿي چڪو هو جو هر وار تي ويهه پنجويهه رپيا ته واهه جا لڳن ٿا.

پر اڄ به شهر نه وڃڻ واري فيصلي جي هوندي به ڪار ۾ شهر وياسون ۽ ڊاڪٽر فاروق بار ڪرزئي جي گهر پهتاسون. پر هو ٻئي اتي نه هئا خبر پئي ته

---

(1) 2 آڪٽوبر جو واقعو 10 آڪٽوبر تي لکيل

(2) آغا عبدالنبي عليگ جو پٽ. (ليکڪ)

سندن پٽ، جيڪو ميڊيڪل ڪاليج جو شاگرد آهي. موٽر سائيڪل جي ائڪسيڊنٽ وگهي اسپتال داخل آهي.

سندس پير ۾ رهندڙ آغا حسن جان، ڊاڪٽر فاروق جو سنڌو جو ننڍو پٽ 10 ورهين جو اياز بہ اتفاق سان اڄ ڪري پوڻ سبب اسپتال داخل آهي ۽ پوءِ اسان هڪدم اسپتال وياسون.

واپسيءَ ۾ اهو فيصلو ڪيوسون تہ جڏهن بہ حيدرآباد وڃبو تہ اسپتال ۾ ڪين ضرور پڇڻ وڃبو رهبو ۽ تنهن ڪان سواءِ پرچاڻي لاءِ ڊاڪٽر فاروق وٽ وري گهر تي وڃبو. ۽ مسٽر لطيف بارڪزئي وٽ بہ گهر تي الڳ پرچاڻيءَ لاءِ وڃبو. بهرحال اڄ ڪافي وقت ڪان پوءِ شايد سالن ڪان پوءِ اينئن ڪنهن جي وفات جو ٻڌي هڪدم اينئن ويا هئاسون ۽ هانءَ تان ڪافي بار لهي ويو هو.

۽ اڄ امڙ ياد اچي ويئي.

"بابا ڪنهن جي وفات جو ٻڌي سڀ ڪم ڪار ڇڏي، موڪل وٺي هڪدم وڃو. هڪ ڏينهن بہ سستي ڪيو تہ وڃڻ ڪان رهجي ويندؤ ۽ سڄي ڄمار ميار نہ لاهي سگهندؤ" .

فلئش بئڪ:(1) ماڻهو جڏهن بہ ڪنهن شهر ويندو آهي تہ ٻن قسمن جي خريداري ڪندو آهي هڪ تہ ان هنڌ جي ڪا خاص نهيل شيءَ يا شيون پنهنجي لاءِ يا پنهنجن مائٽن ۽ دوستن لاءِ سوکڙي طور وٺندو آهي. ٻي وري اهڙين شين جي خريداري ڪندو آهي، جيڪي ڪٿان بہ ملي سگهن ٿيون ۽ پاڻ پنهنجي شهر ۾ ملنديون هجن تہ بہ وٺڻ جو شوق ڪندوآهي. مون ڪي ڪجهہ جوراب ۽ هڪ سنو سليپر وٺڻو هو جو حيدرآباد ۾ نہ وٺي سگهيو هوس. پهرين تہ آئون اهي شيون وٺڻ لاءِ بازار ويس پر پوءِ سوچيم تہ ڇا اهي بنهہ ضروري آهن. پر اهي اينتريون ضروري نہ هيون انهن ڪان سواءِ بہ ملتان ۾ چار پنج ڏينهن ڪم هلي ٿئي سگهيو. ان ڪري اهي وکر وٺي هتي پنجابين جو فائدو ڇو ڪريان؟ اهي بہ ٿي ڏوڪڙ بہ پنجابي ڇو ڪمائين؟ پنجابيءَ جو گهٽو سکيو ستابو ٿيڻ معنيٰ ڪاروبار ڦهلائڻ ۽ پوءِ هو سنڌ اچي نڪرندو ۽ پنجابيءَ جو بکيو هجڻ بہ معنيٰ

---

(1) 2 آڪٽوبر جو واقعو 10 آڪٽوبر تي لکيل

پنهنجي صوبي مان نڪرڻ، مون ملتان مان جوراب، سليپر وغيره نہ ورتا. البت هڪ ڪاپي ورتم جا بنهہ ضروري هئي، جو انهيءَ ۾ پهرين آڪٽوبر کان ڊان جي انهن خبرن تي تبصرو ڪرڻو هو، جي سنڌي ٻوليءَ سان سنڌيءَ طرح يا اڻ سنڌي، طرح واسطو رکنديون هجن. ان ڪري 8 رپيا خرچ ڪري هڪ نوٽ بڪ ورتم.

ماهرا ۽ ناظرا معمول پٽاندر پينسل، رٻڙ ۽ شارپنر ورتا ۽ ڪجهہ آڪاڻين جا ڪتاب بہ ورتائون. هن پيري تہ مون وٽ ڏنا مان. پر سوچيم تہ ٻيهر اهڙو موقعو آيو تہ ڪين سمجهائيندس تہ "اهڙيون شيون تہ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ مان بہ ملي سگهن ٿيون. پوءِ ڇو نہ پاڻ پنهنجن شهرن مان وٺون. "آئون سمجهان ٿو منهنجي سمجهائڻ سان ٻار شايد سمجهي وڃن، باقي جيستائين ٻارن کي ڌارئي شهر ۾ ڪارائڻ پيئڻ جي شين جهڙوڪ آئيس ڪريم، سوئيٽس، ڪولڊ ڊرنڪس وغيره جو چاهہ ٻار تہ نهيو پر وڏن کي بہ هوندوآهي. پر آئون سمجهان ٿو تہ وڏن کي بہ کائڻ پيئڻ جي شين ۾ اها ئي "روڪ" ڪرڻ کپي، جيترو ٿي سگهي جيڪا هو ٻين شين کي وٺڻ ۾ ڪري.

اهو سڀ اسان جو قوم پرستيءَ جو عملي مظاهرو آهي. ها سچي مون سوکڙين پاکڙين جي تہ ڳالهہ ڪئي ڪانہ. اسان ملتان جون ڪجهہ خاص شيون جهڙوڪ سوهن حلوو ۽ ايراني حلوو ۽ ڪجهہ پريل چولا ۽ ٻيو هئنڊي ڪرافٽ جو سامان ورتو، جيڪو اسان ڪجهہ پنهنجي گهر لاءِ ۽ ڪجهہ انور ۽ مظفر وارن لاءِ ورتو، پر آئون سمجهان ٿو اهو سڀ وٽي مون غلطي ڪئي. اهي ڪي سرائيڪين جا دڪان تہ هئا ئي ڪونہ جو انهن کان خريد ڪجن، تہ جيئن هو پنجابين کي منهن ڏيئي سگهن. اهي دڪان بہ پنجابين جا هئا ۽ هن پيري انهن سوکڙين جي خريداري ڪري ڏاڍو افسوس ٿيو. پر سوچيم تہ ٻئي پيري حرام جو اهي شيون وٺان ۽ پوءِ پنهنجن پائرن، ڀينرن کان معذرت گهرندي ڪين سمجهائيندس تہ مون ڌارئي شهر مان سندن لاءِ ڇو نہ سوکڙي ورتي، ۽ ڪين بہ قائل ڪندس تہ هو سنڌ کان جڏهن بہ ٻاهر وڃن تہ ڪنهن لاءِ ڪا بہ سوکڙي پاکڙي نہ وٺي اچن ۽ سنڌ جي دشمنن کي هڪ ٽڪو بہ فائدو نہ پهچائين.

اسان سنڌين کي ڌارين جي دڪانن، ڌارين جي مال جو ايئن ئي بائيڪاٽ ڪرڻ کپي، جيئن سجاڳ قومون پنهنجي جاني دوست ۽ دشمن جي سڃاڻپ ڪنديون آهن. جهڙي طرح، پوءِ اڏو ڳاٻر ئي سهي فلسطيني عرب، اسرائيل جي مال جو بائيڪاٽ ڪندا آهن. يا اهڙين فرمن جو بائيڪاٽ ڪندا

آهن جيڪي اسرائيل سان ڏيتي ليتي ڪن ٿيون. اسان سنڌين کي به ايئن ڪرڻ گهرجي. ڪوشش ڪري ڌارين جي دڪانن، هوٽلن ۽ سئنيمائن تي چڙهجي ئي نه. جيستائين بنهه ڪا لاچاري هجي، اهو صحيح آهي ته سنڌ جا دڪان، هوٽلون، پيٽرول پمپ، ڪارخانا ۽ فرمون ڪونهن. پر ڳولها ڪرڻ سان اهي به ملندا. جي سنڌين جا نه هجن ته پوءِ پارسين، بورين، ڪانياواڙين، عيسائين وغيره جا دڪان ڳولي ذهن ۾ رکجن ۽ اتان ئي خريداري ڪجي. سنڌ جا سڀ سنڌي ايئن سوچون ته اسين پنهنجي بقا جي اڌ جنگ کٽي وينداسون. اسان سنڌين کي اڙدو ڪتابن، رسالن، اخبارن، فلمن ۽ گانن جو بائيڪاٽ ڪرڻ کپي ۽ ڌارين جي ثقافتي حملي کان پاڻ بچائجي.

فلئش بئڪ: (1) ملتان ۾ ريلوي رزرويشن جي سلسلي ۾ پڇ ڊڪ ڪندي خبر پئي ته هتي ملتان ۾ هڪ ريلوي آفيسر بشير احمد ڏهر آهي، جيڪو ڊويزنل اڪائونٽس آفيسر آهي. ان سان ملي ڏاڍي خوشي ٿي اتفاق سان حيدرآباد ۾ ملاقات ٿيل هئي ۽ اسان يونيورسٽيءَ وارن ڏينهن کان هڪ ٻئي کي سڃاڻندا هئاسون.

سندس آفيس جي ٻاهر بورڊ تي اڙدوءَ ۾ شبير احمد دهر لکيل هو مون چيو مانس. "يار اهو اڙدوءَ ۾ "دهر" ڇو لکيو اٿئي، اڙدو ۾ به "ڏهر" کي "ڏهر" لکي سگهجي ٿو."

وراڻيائين "جڏهن لاهور ۾ ٽريننگ تي هوس ۽ انسٽرڪٽر منهنجو نالو پڇيو هو، ته مون تڏهن کيس ٻڌايو هو شبير احمد ڏهر ته اسان جي ئي هڪ سنڌي ساٿي مشتاق ميمڻ ٽرڙائپ ڏيکاريندي انسٽرڪر کي چيو هو "صاحب جي راجا ڏاهر جي اولاد مان آهي" پوءِ خبر ٺئي ڇا ٿيو- اڙدو ڊائجسٽ وارن پنهنجي هڪ پرچي ۾ لکيو هو ته سرڪاري ملازمتن ۾ ڏاهر جي اولاد کي ڀرتي ڪيو وڃي ٿو."

مون چيومانس "آخر راجا ڏاهر جي اولاد مان ڪو مسلمان ٿئي ته ڇا هو سچو مسلمان نه ٿيندو؟ پناهگيرن ۾ ڳاڻي، چوهاڻ سگهل ۽ ٻيون انيڪ

(1) 2 آڪٽوبر جو واقعو، 10 آڪٽوبر تي لکيل. (مرتب)

ذاتيون عام آهن. اتي ته هو فلاڻي جو اولاد چئي ڪنهن کي بدنام ڪونه ٿا ڪن. باقي سنڌين تي ذري پرزي تي لٺ کنيو بيٺا آهن. ڇو ته انهن جو ڏوهه آهي ته هو سنڌي آهن. اها ته پاڻ خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته هندو راجا ڏاهر جهڙن جو اولاد به هاڻي مسلمان ٿيو آهي- اها ته پاڻ اسلام جي واڪاڻ چئبي، "مون وري رڪارڊ تي اڙدو ڊائجسٽ واري ڳالهه آڻڻ لاءِ پڇيو مانس ته اڙدو ڊائجسٽ ۾ اهو مضمون ڪڏهن آيو هو. تنهن تي هن ٻڌايو ته اهو 1973ع ۾ آيو هو. اهو هو واحد سنڌي، جيڪو ملتان ۾ مون کي مليو ۽ ٻيو سنڌي هو منهنجو سنڌو سليم شيخ- پر اهو هيڻ نه هيڻ جهڙو!

فلئش بئڪ:(1) خبر پئي ته فوجي جنتا ۾ هڪ اهم جنرل آهي. جيڪو مکيه صلاحڪار ۽ پاليسي ميڪرن مان آهي. پر ان جو نالو ظاهري طرح تمام گهٽ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ جنرل جو نالو ڪي ايم عارف آهي ۽ هو سي ايم ايل اي سيڪريٽريٽ جو انچارج آهي. يعني ڪو به خط ڪاٻه شڪايت جيڪڏهن سي ايم ايل اي يعنيٰ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر کي ڪجي ته اهو پهرين جنرل ڪي ايم عارف جي نظر مان گذرندو، ۽ جيڪڏهن هو انهيءَ کي اهم سمجهندو ته سي ايم ايل اي ڏانهن موڪليندو نه ته هو پاڻ ئي جواب ڏيندو.

هي اهو ئي جنرل ڪي ايم عارف جنهنجَي هر وقت ۽ هر موقعي تي موجودگيءَ يا چوڪيءَ هوندي هُئي. پاڪستان جي پرڏيهي وزير يا وزيراعظم جون ڪنهن سان ڳالهيون ڪرڻ وقت جنرل ڪي ايم عارف پنهنجي آڏو اهي ڳالهيون ڪرڻ تي زور پريو هو. ←

فلئش بئڪ:(2) ملتان ۾ منهنجي سنڌوءَ سليم شيخ جي پٽ جميل سان(3) آئون انگريزيءَ ۾ ڳالهائيندو آهيان ۽ هو وري جواب اڙدوءَ ۾ ڏيندو آهي. ان سان ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڇڱو خاصو بحث ٿي پيو.

"جميل، تون انگريزيءَ ۾ مون سان ڇو نه ٿو ڳالهائين. "مون ڪيس

---

(1) ۽ (2) 3 آڪٽوبر جو واقعو، 10 آڪٽوبر تي لکيل.

(3) هي پي آءِ اي ۾ پائلٽ آهي. ۽ جنهن کي سنڌيءَ جو هڪ لفظ به نه ٿو اچي. (ليکڪ)

انگريزيءَ ۾ چيو. ”اڙدو اسان جي قومي زبان آهي، مان ته ان ۾ ڳالهائيندس.
اوهان ته انگريزن جي ٻوليءَ ڳالهايو تا پر قومي زبان ۾ نه ٿا ڳالهايو.“

”آئون ته انگريزيءَ ۾ ان ڪري ٿو ڳالهايان جو اوهان کي پنهنجي زبان سنڌي نه ٿي اچي. ان ڪري آئون پرائي ٻوليءَ ۾ ڳالهايان ٿو. چو ته هاڻي انگريزي ٻولي اسان جي دشمن نه رهي آهي. آئون انگريزن جي دؤر ۾ انگريزي ڳالهايان ها ته به اهو سمجهي ڳالهايان ها ته حاڪمن جي ٻولي غلام پيا ڳالهائين ۽ هاڻ اڙدو ڪا حاڪمن جي ٻولي ته ڪانهي. هاڻي اسين آزاد آهيون ۽ اسان کي آزاديءَ جي بهاني ”غلامي“ وري مڙهي نئين حاڪم. جيڪو انگريزن وانگر اقليت ۾ آهي. اُن جي ٻولي چو ٿي مڙهي وڃي. سڌو سنئون چيو وڃي ته اوهان غلام آهيو ۽ حاڪمن جي ٻوليءَ اڙدوءَ ۾ ڳالهايو ته پوءِ ڪٿي ڳالهايون به. ۽ انهيءَ سان گڏ انگريزن وانگر حاڪمن کان جند ڇڏائڻ جي تحريڪ به هلايون.

”انڪل توهان ڇا به چئو، آئون ته قومي زبان ۾ ڳالهائڻ، انگريزيءَ کان بهتر ٿو سمجهان.“

”بابا هتي قومي زبان، حاڪمن جي زبان جي ڳالهه ڪانهي. هتي پنهنجي صوبي جي زبان پنهنجي مادري زبان جي ڳالهه آهي.“

”پوءِ اسان جو صوبو ته پنجاب آهي. اسين هتي ملتان ۾ ارڙهن سالن کان رهيل آهيون، پوءِ ته اسان کي پنجابي ڳالهائڻ کپي. ”هن ٽوڪ واري لهجي ۾ چيو ”بلڪل ڳالهائڻ کپي، اوهان جو فرض آهي ته اوهان پنجابي ڳالهايو.“ منهنجي ان جواب جي ڪيس کا توقع ڪانه هئي. منهنجي جواب ڪيس حيران ڪري ڇڏيو.

”خير آئون ته قومي زبان ۾ ڳالهائيندس.“ هن وري زور ڏيندي چيو.

”پوءِ ته آئون اهو به نه ڪندس ته توکي انگريزيءَ ۾ ئي جواب ڏيان. آئون تنهنجي ٻولي اڙدو ائين سمجهڻ کان انڪار ڪريان ٿو، جيئن تون منهنجي سنڌي ٻولي نه ٿو سمجهين.“ ايئن چئي آئون ٻئي پاسي نهارڻ لڳس.

سوچڻ لڳس جن کي سنڌي ڳالهائڻ ته نهيو پر سنڌي سمجهڻ ۾ نه ٿي اچي، انهن سان ڪٿي آئون انگريزيءَ ۾ ڳالهايان پر هو ته وري به مون سان اڙدو ۾ئي ڳالهائين ٿا. يعني هو پنهنجي ٻولي برقرا رکن ٿا ۽ آئون پنهنجي ٻولي تياڳي انگريزيءَ ۾ ڳالهايان ٿو، يعني اسان جا ڊائلاگ انگريزي ۽ اڙدوءَ ۾ هلن

تا. نتيجو اهو ته اڙدو ته وري به هلي ٿي. ان ڪري هاڻي فيصلو ڪيو اٿم ته انهن "سنڌين" سان جيڪي سنڌي نه ٿا سمجهن انهن جي اڙدو سمجهڻ کان انڪار ڪندس ۽ هوبه جي انگريزيءَ ۾ وراڻي ڏين ته واهه نه ته هرورورو آئون انهن سان ڳالهائڻ لاءِ ته ڪونه ٻڌل آهيان نه ڳالهائين ته نه ڳالهائين. پلي ڳالهه ٻولهه ختم ٿي وڃي.

آئون ته ڪوشش اها به ڪندس ته ڪنهن اڙدو اسپيڪنگ سان اڙدوءَ ۾ نه ڳالهايان هو اڙدوءَ ۾ ڳالهائي. آئون ان سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايان ۽ اهڙي طرح هڪ ٻئي سان ڳالهائي سگهون يا هڪ ٻئي سان انگريزيءَ ۾ ڳالهايون. اهي ئي به صورتون آهن. انهن کان سواءِ ٽئين صورت ڪانهي.

باقي آئون اڙدو ڳالهائڻ تي رڳو پنهنجي جاگرافي ڊپارٽمينٽ جي ٻن استادن سان مجبور آهيان. هڪڙو ته منهنجو استاد رهيو آهي ۽ ٻيو استاد ته نه رهيو آهي. پر ويهه سال گڏ ڪم ڪيو اٿئون ۽ سدائين انهن سان اڙدو ڳالهائي اٿم. انهن سان هاڻي انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ ڏکيو پيو لڳي ۽ انهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ته اڃا به ڏکيو پيو لڳي. پر آئون سمجهان ٿو ته هڪ ڏينهن اهو به فيصلو ڪري وٺندس ته انهن سان انگريزي يا سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهايان. آئون سمجهان ٿو ته جڏهن انهن ٻن سان اڙدو ڳالهائڻ ڇڏيندس تڏهن ئي آئون پاڻ کي "عمل" ۾ مڪمل سمجهندس. قول ۽ فعل ۾ اهو ٿورو رهيل تضاد به پورو ٿيندو.

الاهي ڪاليج ۽ اسڪول جي زماني جا الاهي شاگرد ملندا آهن، جن سان به اردو ڳالهائڻي پوندي آهي، انهن سان به سنڌي ڳالهائيندس. پوءِ هو ڳالهائين يا نه ڳالهائين سندن مرضي.

ڪمن ڪارين جي سلسلي ۾ آفيسن ۾ به اڙدو ڳالهائي ڪم ڪڍڻو پوندو آهي. اتي به سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندس پوءِ ڪم ٿئي يا نه ٿئي، وڃي ڏوڙ پائي. اها منافقي آهي جو اڙدوءَ ۾ ڳالهائي پنهنجو ڪم ڪڍايون. جي اسان جو ڪم صحيح آهي ۽ حق تي آهي ته پوءِ پاڻهي ڪم ٿيندو. بس آفيسن جا ڌڪا کائڻا پوندا ۽ رلڻو پوندو. پرواهه ناهي جو پنهنجي ٻوليءَ ڳالهائڻ ڪري اها سزا به ڀوڳيون.

هڪڙو نقطو ٻيو آهي ته پراڻا يار واقفڪار ۽ دوست جڏهن منهنجو ۽ اسان جهڙن جو اهو رويو ڏسندا ته مون کان نفرت ڪندا ۽ ڪڏهن به انهن ۾ ڪم پيو ته نه ڪندا. ڪنهن به ڏکئي ۽ هنگامي وقت ۾ ڪا مدد نه ڪندا. فسادن،

هنگامن واري ڪنهن موقعي تي، ماڻهو انهن وٽان يا انهن جي پاڙن مان، يا انهن جي شهرن ۾ ڪٿي ڦاسي پيو ته پناهه نه ملندي. ۽ هي هٿ وٺي پاڻ مون کي ئي ختم ڪري ڇڏيندا. پر جي پنهنجي ڪار ۾، حق جي راهه ۾ ايئن قتل به ٿي ويس ته به شهادت جو درجو ملندو. پوءِ پلي ماڻهن کي خبر پئي ته نالو امر ٿئي ۽ ڏهاڙا ملهائجن يا مورڳو ئي ماڻهو تاريخ ۾ غائب يا گمنام ٿي وڃي ۽ جيئن لساني فسادن ۽ پي اين اي وارن فسادن ۾ سنڌي جيڪي شهيد ڪيا ويا هيئنر گم ٿي ويا آهن. تاريخ اهڙن جان ڏيندڙ گمنام ماڻهن سان ڀريل آهي. جي ايئن گمنام ٿي ئي مرڻو آهي ته به حق جي راهه جو موت آهي. هن ذليل حياتيءَ کان بهتر آهي جا اصولن ۽ ضمير سان سوديبازي ڪري ماڻي وڃي.

فلئش بئڪ: (1) اڄ لبابا جي نڪيتي هئي. نڪاح کان پوءِ ڪجهه رسمون ادا ڪري لبابا پنهنجن پائرن پينرن، ماءُ پيءُ، مٽن مائٽن کان موڪلائي وڃي رهي هئي.

امان توهان جي وفات کان پوءِ ڪنهن ڪنوار کي ايئن مون موڪلائيندي ڏٺو. منهنجو ذهن تمام گهڻو پٺتي هلي ويو. امان خبر اٿوَ مون ڇا پئي سوچيو؟ امان جڏهن تنهنجي شادي ٿي هوندي ته تو به ايئن موڪلايو هوندو. پر ڪنهن کان؟ تنهنجو نه ته ماءُ ۽ پيءُ هئا نه پائر ۽ پينر نه مٽ مائٽ. تون هن دنيا ۾ اڪيلي هئينءَ، بلڪل اڪيلي. ٿي سگهي ٿو ته تنهنجي کي ڪنهن ماءُ وانگر پيار ڏنو هجي، ڪنهن پيڻ وانگر به پيار گهريو هجي پر تو ماءُ ۽ پيءُ وانگر ڪير ٿي سگهيو هوندو. ڪنوار جيتوڻيڪ پنهنجن مائٽن کان ڪٽجي گهوٽ سان نئين دنيا ۾ هلي ويندي آهي، پر تڏهن به ڪيس پنهنجن مائٽن جو ڪجهه ڏڍ ته هوندو آهي، پر تنهنجي جڏهن نڪيتي ٿي هوندي ته تون بنان سهاري بنان آسري پنهنجي گهوٽ سان ڪهڙن احساسن ۽ سوچن هيٺ ويئي هوندئينءَ. تون نئين خوشيءَ ۽ ڏک جي مليل احساسن سان ويئي هوندئينءَ ته ڪٿي نئين دنيا مورڳو ئي تو اڪيلي کي اڃا به اڪيلو هجڻ جو احساس نه ڏيئي وجهي.

امان، آهي ته ڏاڍي ڳالهه عجيب پر لبابا کي موڪلائيندي ايئن ڪار ۾ ويندو ڏسي، مون تو کي ڪنوار جي روپ ۾ ڏٺو. ايئن پئي لڳو ته آئون ملتان ۾

(1) 4 آڪٽوبر جو واقعو، 10 آڪٽوبر تي لکيل. (مرتب)

# 15 آڪٽوبر 1982ع

اڄ خوشي محسوس ٿي رهي آهي جو آئون حياتيءَ ۾ لڳ ڀڳ ڊائريءَ جو پهريون جُلد پورو ڪرڻ ۾ سڦل ويو آهيان.

امڙ، اڄ پنهنجي هن ڪم جو سڄو جس توکي ڏيڻ ٿو گهران. تو ئي مون کان هيءَ ڊائري لکرائي آهي ۽ تون مون کي سڄي حياتي ڊائري لکرائڻ ۾ اتساهه ڏياريندي رهندينءَ ۽ تون ئي منهنجا بيا رهيل ڪم، رهيل فرض پورا ڪرائيندينءَ.

امان اڄ تون ڏاڍو ياد اچي رهي آهين پر آئون روئان نه پيو، اڄ آئون ڏاڍو خوش آهيان.

ناظرا[1] لاءِ هڪ دلچسپ ڳالهه

هن نوٽبُڪ جي جلد تي هٿ اکرن ۾ نالن واري چيپيل جاءِ تي انگريزيءَ ۾ I, Zafar ۽ Sindhi لکيل آهي، جو ناظره لکيو آهي ۽ بئڪ ڪوَر تي ٻن جهڳن تي Good لکيل آهي. اهو به ناظراه لکيو اهي. هينئر شايد اهي لکيل لفظ ڪو مزو نه ڏين، پر جڏهن ناظرا تون وڏي ٿيندينءَ ته پنهنجا ٻالپڻ جا لکيل اکر ڏسي پڪ خوش ٿيندينءَ.

هن نوٽ بُڪ تي پلاسٽڪ ڪَوَرُ قمر پاڻ پنهنجن هٿن سان چاڙهيو.

(1) هتي نوٽ بُڪ نمبر 1 جو مواد پورو ٿيو. نوٽ بُڪ جي بئڪ ڪوَر جي اندرئين حصي ۾ ناظرا لاءِ هڪ دلچسپ ڳالهه ظفر حسن جي هٿ اکرين لکيل آهن. (مرتب)

ڪالهه يونيورسٽيءَ جي هڪ استاد رضا گهلوءَ جي شادي هئي. رضا، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سائوٿ ايشيا اينڊ فار ايسٽ اسٽڊيز ۾ ڪم ڪري ٿو. انهيءَ شاديءَ جي مون کي به دعوت هئي، پر آئون ان شاديءَ ۾ شريڪ نه ٿيس. انهيءَ جو ڪارڻ هڪڙو هي به هو جو هن هڪ غير سنڌي ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي هئي، جنهن کي سنڌي ڳالهائڻ به ڪو نه ٿي آئي. اها ڇوڪري به سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ساڳئي هنڌ استاد آهي. يعني ٻنهي جي "لَو ميريج" آهي. 1982ع ۾ هڪ سنڌي مرد جو غير سنڌي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ۽ اهو مرد به سنڌ يونيورسٽي ۾ استاد. سنڌ يونيورسٽي، سنڌ جو ذهن آهي، جتان سوچون نڪري سڄي سنڌ ۾ ڦهلجن ٿيون. سنڌ يونيورسٽي سنڌ جي شناخت جو ڳپ آهي. جيڪڏهن سنڌ ماءُ آهي ته سنڌ يونيورسٽي هنج آهي ۽ ماءُ جي هنج ۾ پلجڻ وارو ماءُ جي دشمنن کي پناهه ڏيئي، ماءُ جي هنج ۾ آڻي ويهاري، اهڙي سنڌ جي دشمن کي وري اسين ويجهو ٿي انهيءَ ڳالهه جي پنيرائي (Endorse) ڪريون ته هو سنڌي ٿي ڪري پلي غير سنڌيءَ سان شادي ڪري. ڪاش! هجي ها اسان سنڌين ۾ سجاڳي، جو اسين سڀ سنڌي انهيءَ شادي جو بائيڪاٽ ڪريون ته جيئن ان شخص کي احساس ٿئي ها ته هو غداريءَ جو ڪم ڪري رهيو آهي.

هي اهو رضا گهلو آهي، جنهن کي شيخ اياز Misconduct جي ڪري نوڪريءَ مان ڪڍي ڇڏيو هو ۽ جنهن سان هر شخص، مون سوڌو، همدردي ڪئي هئي، ۽ جيڪي شيخ اياز کي ويجهو هئا، تن زور ڀريو هو ته هوُن رضا گهلوءَ کي نوڪري ڏئي. آئون سمجهان ٿو. رضا گهلوءَ کي هڪ ٻئي استاد ابراهيم خشڪ سان وڙهڻ جي ڪري ڪڍيو ويو هو ۽ نيٺ ديدار بلوچ، جيڪو هاڻي ميرپورخاص ۾ وڪيل آهي، جهڙي قوم پرست، جنهن جي رضا گهلوءَ سان ڪا سڄاڻپ به ڪا نه هئي، تنهن رڳو هڪ سنڌيءَ جي نوڪريءَ جي واپسيءَ لاءِ شيخ اياز سان حجتي جهيڙو ڪري، ڪيس نوڪريءَ ۾ واپس رکرايو هو.

ٻي دلچسپ ڳالهه اها آهي ته رضا گهلوءَ جي پنهنجي سؤٽ سان باقاعدي تقريب ڪري مڱڻو ڪيل هو، ۽ سندس سؤٽ انگريزيءَ ۾ ايم اي ڪئي هئي، ۽ هاڻي سي ايس ايس جو امتحان به پاس ڪيو اٿس. اهڙي سڄاڻ ۽ هوشيار

ڇوڪري ۽ ماٺهن جي چوڻ پٽاندر ته هن غير سنڌي ڇوڪريءَ کان گهٽ موهيندڙ شڪل واري هئي. پر هن مجهول سنڌي، پنهنجي احساس ڪمتريءَ ۾ اچي پنهنجي سؤٽ کي ڇڏي ڏاري ڇوڪريءَ سان شادي ڪئي آهي، جيڪا رنگ جي رڳي پوري آهي، پر شڪل بہ سني نہ اٿس ۽ اڪيون بہ سُنيون نہ اٿس. هيءَ اها ڇوڪري آهي. جنهن جي مادري زبان تہ اڙدو آهي، پر پاڻ کي پناڻ سڏائي، سنڌي وڏن گهراڻن سان اٿ ويهہ ڪري، سنڌي سڏائي، پوز ڪندي آهي. پاڻ هڪ پناڻ گل زمان جي ڌيءَ آهي، سندس خاندان جا پير غلام رسول شاهہ جي ڪٽنب سان گهرا تعلقات آهن، ۽ جنهن کي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي وائيس چانسلريءَ جي دوران يونيورسٽي ۾ نوڪري وني ڏني هئي. ان لاءِ پير غلام رسول شاهہ زبردست سفارش ڪئي هئي. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي تہ هن ڇوڪريءَ جي اپائنٽمينٽ لاءِ ڊاڪٽر بلوچ خاص طرح مون کي فون ڪري پڇڻ چاهيو هو تہ هو ان جي اپائنٽمينٽ ڪري يا نہ!؟ پر چڱو ٿيو جو آئون فون تي نہ مليو هومانس. ڇو تہ جي آئون ها ڪريان ها تہ ڊاڪٽر صاحب مون کي بہ خوار ڪري ها تہ هن ڏاري ڇوڪري لاءِ تہ ظفرحسن بہ سفارش ڪئي آهي، ۽ جي نہ ڪريان ها تہ مون کي وري پير غلام رسول شاهہ جي فيمليءَ ۾ خوار ڪري ها تہ آئون اپائنٽمينٽ ڪيئن ڏيان، جو ظفر مخالفت ٿو ڪري!" هونئن ڊاڪٽر صاحب پنهنجي دور ۾ ڪنهن بہ اپائنٽمينٽ لاءِ نہ پڇيو، باقي هي اپائنٽمينٽ وري منهنجي ڳچيءَ ۾ وڌي پئي ويئي. مون کي اهو بہ چڱيءَ طرح ياد آهي تہ سائوٿ ايسٽ ايشيا ائنڊ فار ايسٽ اسٽڊي سينٽر جو ڊائريڪٽر ڊاڪٽر ابراهيم شاهہ بخاري هو، ۽ جڏهن مون کيس چيو تہ "يار، هن اپائنٽمينٽ جي تو ڪيئن منظوري (Approval) ڏني؟" تہ چيائين، "ڇا ڪريان يار، ڊاڪٽر بلوچ ۽ پير غلام رسول شاهہ ٻنهي جو زور آهي، ٻنهي کي ناراض ڪيئن ڪريان!؟"

اهو هو حال پئرس جي يونيورسٽيءَ مان پي ايچ ڊي ڪيل شاهہ صاحب جو. سنڌ جي ٽن سڃاڻ ماڻهن، ايم اين اي پير غلام رسول شاهہ، وائيس چانسيلر ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ انٽليڪچوئل عرف هڪ برک ڏاهي ڊاڪٽر ابراهيم شاهہ بخاري جي اها هئي سنڌ جي خلاف گڏيل سازش.

جيڪا قوم برباد ٿيندي آهي، جيڪا ٻولي ختم ٿيندي آهي، جيڪو ڪلچر تباهہ ٿيندو آهي، اها ڳالهہ اوچتو هڪ ڏينهن نہ ٿيندي آهي پر ان ۾ هڪ نسل، بہ نسل، ٽي نسل لڳندا آهن، ۽ اهڙا ئي ننڍڙا ننڍڙا فيڪٽر گڏجي وڏا فيڪٽر بڻجي ويندا آهن. اها ڳالهہ ڪراچي يونيورسٽيءَ جو هر غير سنڌي

استاد چاڻي ٿو ۽ هو ڪڏهن به پنهنجي سالي، ڀيٽويئي کي جيڪو سنڌي هجي، نوڪري نه ڏيندو ۽ ڪو به سنڌي ڪٿي وزير اعظم يا صدر جي سفارش آڻي ته به نوڪري حاصل ڪري نه سگهندو. اهو پناهگير ٽولي جو ايمان آهي، پوءِ ڪٿي انهن کي ڪيترو به ذاتي نقصان برداشت ڪرڻو پوي. پر سنڌ جا سياستدان، تعليمي ماهر، دانشور سڀ اهڙا ته پاڙي ۽ خود غرض آهن جو هلڪي ڦلڪي سفارش يا هلڪي ڦلڪي دٻ تي هينئر به سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڌارين جي ڀرتي وينا ڪن.

مون کي موقعو مليو ته هر وائيس چانسيلر جي دؤر ۾ غير سنڌين جي ڀرتيءَ جو ڪچو چٺو شايع ڪندس، ۽ انهن چيئرمنن جا به نالا ڏيندس، جن پنهنجي ايامڪاريءَ ۾ ڌارين کي پنهنجي ڊپارٽمينٽ ۾ ڀرتي ڪرڻ جي سفارش ڪئي.

رضا گهلوءِ جي ڪارڊ تي R.S.V.P هيٺ ٽن نالن مان به نالا يونيورسٽيءَ جي استادن جا به آهن. اهي آهن محمود سومرو، زولاجي ڊپارٽمنٽ ۽ لطف منگي، انٽر نيشنل رليشنز. لطف منگي ته هينئر سنڌ يونيورسٽي ٽيچرس ائسوسيئيشن SUTA جي پريزيڊينٽ جهڙي اهم عهدي تي فائز آهي. انسان ۾ اهڙي جاڳرتا هئڻ کپي جو اهڙي "غداريءَ" واري وک تي ٻيو ڪجهه نه ته سماجي بائيڪاٽ ته ڪرڻ کپي.

ڪراچيءَ جي انگريزي اخبار "اسٽار" جي 7 آڪٽوبر واري پرچي ۾ هڪ خبر پڙهيم: مشهور آمريڪي شاعر رابرٽ فراسٽ چيو آهي ته The land was ours before we were the lands "پهرين زمين اسان جي ٿي ۽ پوءِ اسين زمين جا ٿياسون!! ڪيترو نه صحيح آهي اهو قول آمريڪين لاءِ، آسٽريلين لاءِ، نيوزيلين، لاءِ، جن پهرين زمين پنهنجي ڪئي ۽ اتان جي ڌرتي ڄاون کي ٽڙي اقليت ۾ ڪيو، ۽ پوءِ هو زمين جا ٿيا ۽ اهڙا ته ٿيا، جو هاڻي هو پاڻ ڌرتي ڄاوا بڻجي ويا آهن. ايئن ئي ٿيندو جو اصلوڪا رهاڪو جڏهن اقليت ۾ ٿي ويندا اهن ته ڌاريا اڪثريت جي ڪري اهڙا ته مالڪ بڻجي ويندا آهن، جو نيٺ ڌرتيءَ جا سپوت بڻجي ويندا آهن. اجا به سنڌين کي وقت آهي جو اقليت بڻجڻ کان پاڻ بچائين نه ته ڌرتيءَ جا سپوت ڌاريا بڻجي ويندا.

●

# 21 آڪٽوبر 1982ع

يونيورسٽيءَ جي استاد رضا گهلوءَ جي شادي وارن ڏينهن ۾ هڪ ٻي شادي ٿي. اها شادي وري هڪ سنڌيءَ زائفان هڪ غير سنڌيءَ سان ڪئي. انهيءَ استاد جو نالو تسليم قريشي آهي، جيڪا هڪ ڊپٽي ڪمشنر رحمت الله قريشيءَ جي ڌيءَ آهي ۽ سائيڪالاجي پڙهائي ٿي.

سنڌي ڇوڪريءَ جو غير سنڌي ڇوڪري سان شادي ڪرڻ هڪ الڳ معاملو آهي، ۽ آئون سمجهان ٿو ان ۾ ڇوڪريءَ جو يا ڇوڪريءَ جي مائٽن جو ڏوهه نه آهي ڇو ته جيڪڏهن سنڌي ڇوڪرا، غير سنڌي ڇوڪرين سان شادي ڪندا رهندا، ته ظاهر آهي ته سنڌي ڇوڪريون ٻچي پونديون ۽ آخر انهن ڪي به ته شادي ڪرڻي آهي، ۽ جي سنڌي ڇوڪرن جو تعداد سنڌي ڇوڪرين جي ڀيٽ ۾ گهٽ هوندو ته ظاهر آهي ته سنڌي ڇوڪرين کي غير سنڌي ڇوڪرن سان شادي ڪرڻي پوندي. اها لاچاري نظر ۾ رکندي، ان ڪري سنڌي ڇوڪرين جي غير سنڌي ڇوڪرن سان شادي معاف ڪري سگهجي ٿي.

پر ڪيترين اهڙين سنڌي ڇوڪرين جا ڪيس به آهن،جن غير سنڌي ڇوڪرن سان شادي ڪئي، تن ڪي ڏسي، انهن سنڌي ڇوڪرين کي معاف نه ٿو ڪري سگهجي، جن غير سنڌي ڇوڪرن سان شادي ڪئي آهي. اُهي سنڌي ڇوڪريون اُهي آهن جن ڪي سنڌي ڇوڪرن طرفان شادي جي آڇ به هئي ته به انهن ڪي ڇڏي غير سنڌي ڇوڪرن سان شادي رچائي.

يونيورسٽيءَ جي انهيءَ ليڪچررياڻيءَ تسليم قريشيءَ جو به اهو ئي معاملو هو. پاڻ پنهنجي سؤٽ سان مڱيل هئي، پر اهو مڱڻو ٽوڙي هن غير سنڌي ڇوڪري سان عشق ڪري شادي ڪئي. انهيءَ ڪري هن انفرادي ڪيس ۾، انهيءَ شادي کي اهڙو ئي ننڍڙ گهرجي جهڙو سنڌي نوجوان رضا گهلوءَ جي غير سنڌي ڇوڪريءَ سان شاديءَ کي. هتي به اها ئي حيرت جي ڳالهه آهي ته

تسليم قريشي سنڌ جي سڀ کان سچاڻ جاءِ، سنڌ جي خمير، سنڌ جي نيوڪليئس، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهائي ٿي.

امان، اڄ تو کان پوءِ پهريون ڀيرو بئراج تي گهمڻ وياسون. هونئن اُتان لنگهندا ته هڪ نه ٻئي ڏينهن آهيون، پر امان، اڄ پهريون ڀيرو باقاعدي اُتي گهمڻ وياسون، ڪار بيهاري لهي گهمياسون ۽ ڦرياسون. امان، اُت تو بلڪل اکين آڏو اچي اسان سان شامل ٿي وئينءَ. مون کي امان اهو لڳو ته تو کي ائين موٽر مان لاٿوسون، جيئن هٿ جهلي هوريان هوريان اوهان کي وٺي ريلنگ وٽ ڪرسيءَ تي ويهاريندا هئاسون ۽ پوءِ ڪيتري دير ويهي سامهون بئراج جي درن مان وهندڙ چوهو پاڻي ڏسندا هئاسون، ۽ پريان وشال درياءَ جون حدون پسندا هئاسون. توکي ڪيڏو نه وڻندو هو ايئن ويهڻ. ڪيڏو نه تون خوش ٿيندي هئينءَ. امان، توکي وساري نه سگهنداسون! پهريون ڀيرو اهڙي هنڌ تي آيا هئاسون، جتان تون تي ويئي هئينءَ. ان ڪري اکيون پرجي آيون. من اهو ئي ڳرو محسوس ٿيڻ لڳو. سوچيان پيو امان، ته ٻئي ڀيري شايد ايترو تنهنجو احساس نه ٿئي. ٽئين چوٿين ڀيري شايد بلڪل وساري ويهون ته تو به هتي ايندي هئينءَ بلڪل ايئن جيئن تو وارو بيڊ ڏسي ڏسي هوريان وساري وينا آهيون ته تون انهيءَ بيڊ تي سمهندي هئينءَ. پر امان، جيسين وسرين تيسين اکيون آليون ٿينديون رهنديون. توهان ته هميشه اسان سڀني کي کلندو، مرڪندو، خوش ٿيندو ۽ ٽهڪندو ڏسڻ گهرندا هئينءَ. پر امان، ڇا ڪريون، تنهنجي وفات کي چوٿون مهينو ٿي ويو آهي، گهٽيون ڳالهيون نارمل ٿي ويون آهن پر امان ائين پاسندو اهي ته تو ڪالهه وفات ڪري ويئي هئينءَ ۽ جڏهن تنهنجي جي ياد ۾ من اداس ٿي ويندو آهي ۽ اکيون پرجي ايندیون آهن ته تنهنجو پيار پريو ٻاجهارو هٿ پنهنجي ڳلن تي ايئن ئي محسوس ڪندو آهيان جڻ تو پاڻ مون کي آٿت ڏيندي هجين. امان تو اسان کي ايتري پريت ڏني آهي جو تو کان پوءِ سڄي ڄمار تو لاءِ روئندا رهنداسون.

منهنجي منڙي، منهنجي پياري، منهنجي معصوم امان، تو تي تقدير، جيڪڏهن آهي ته، تو تي خدا، جيڪڏهن آهي ته، وڏو ظلم ڪيو آهي. خدا هونئن به جيڪي مظلوم هوندا آهن انهن تي ئي ظلم ڪندو آهي.

●

# 27 آڪٽوبر، 1982ع

هن ڊائريءَ جي ٻئي نوٽبوڪ جي شروع ڪرڻ ۾ ڪجهه سستي ٿي ويئي آهي. اها ئي منهنجي روايتي سستي، جنهن خلاف سڄي ڄمار ويڙهاند ڪندو رهيو آهيان. 15 آڪٽوبر کان ڊائري لکڻ شروع ڪيم. رڳو هڪڙو واقعو لکيم. وري ڪافي ڏينهن کان پوءِ 21 آڪٽوبر تي هڪ واقعو لکيم، هاڻي وري ڪافي ڏينهن کان پوءِ اڄ 27 آڪٽوبر تي ڊائري لکي رهيو آهيان. انهيءَ جو اهم ڪارڻ هڪ ته سستي آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيم، ٻيو ته ڪجهه گهر ۾ اهڙا ڪم ڪار هئا، جن آرام سان ويهي لکڻ نه ڏنو. ڪم اهو هو ته مون نئين گهر ۾ شفٽ ٿيڻ کان پوءِ، پنهنجي ڪتابن کي ٺاهي نه رکيو هو ۽ سڀ ڍڳ جي صورت ۾ هڪ هنڌ گاڏڙ ساڏڙ پيا هئا. انهن کي ڪلاسيفاءِ ڪرڻ ۽ وري شيلفن ۾ رکڻ چڱو وقت طلب ۽ ٽڪائيندڙ ڪم هو ۽ دل پئي چيو ته سڀ ڪتاب رکجي وڃن ته پوءِ ويهي ڊائري لکجي، پر اهي ڪتاب ته اڄا تائين به نه نهيا آهن! آئون سمجهان ٿو ته هيءُ تجربو آهي ته ڊائري لکڻ واري کي هر روز ڪهڙي به ڪم ڪار يا حالت ۾ وقت ڪڍي ڪجهه نه ڪجهه لکڻ کپي. جيڪڏهن هن ٿورو به ٿانيڪو ٿيڻ يا سڪون جو سوچيو ته پوءِ ڊائري لکڻ جو ڪم رهجي ويندو. ان ڪري ڊائري لکڻ لاءِ ڪو وقت ڪڍڻ لاءِ نه سوچجي. بس جيڏيءَ مهل ڪلاڪ اڌ واندڪائي ملي ته ڊائري لکڻ جو ڪم ڪجي. پُرسڪون آدرشي ماحول لاءِ نه ترسجي، نه ته ڊائري لکڻ ۾ جيڪا Development ۽ Continuation ٿئي ٿي ۽ جيڪو اتساهه مسلسل لکڻ ڪري پاڻ ڊائري پيدا ڪري ٿي، اهو ختم ٿي ويندو. پهرين هڪ واقعي کان ٻئي واقعي تائين، ساهي وڌندي ويندي ۽ نيٺ هڪڙي ڏينهن ڊائري لکڻ بنهه رُڪجي ويندي. ڊائري لکڻ، ساهت سرجڻ يا ڪو به ڪم اتساهه سان ڪرڻ ۾ ئي اڳتي ڪم ڪرڻ جو راز لڪل هوندو آهي ۽ اهو اتساهه، اها محنت هڪ

Dynamo وانگر آهي. پهرين تورو پيڊل هلائڻ تي توري محنت ڪرڻي پوندي ۽ پوءِ قوت پاڻهي پيدا ٿي ويندي. انهيءَ ڪري اتساهه يا محنت هڪ Self-generating عمل آهي ۽ اهو به صحيح آهي ته ماڻهوءَ جا احساس يا محسوسات پهريون پيڊل آهن. البت انهيءَ جي هجڻ جي انسان کي هميشه ضرورت رهي ٿي ۽ ماڻهوءَ کي بهرحال روبوٽ بڻجڻ جي صلاح ته هونئن به ڪو نه ٿو ڏيان.

ڊائريءَ جي تسلسل ٽٽڻ جا ظاهري ڪارڻ ته مون مٿي ٻڌايا پر آئون سمجهان ٿو ته منهنجي اتساهه ۽ ڪم ڪرڻ جي رفتار ۾ امڙ جو سات شامل آهي. منهنجو اتساهه رڳو امڙ آهي ۽ اهو اتساهه مون کي امڙ جي زيارت سان ملي ٿو. آئون گذريل پيري ملتان وڃڻ کان، پهرين سيپٽمبر ۾ امڙ وٽ ويو هوس ۽ هاڻي اتان 5 آڪٽوبر تي موٽڻ کان پوءِ، اڄ هيترن ڏينهن بعد امڙ سان ملڻ پيو وڃان. ڪيڏو نه نافرمان پٽ آهيان!

امان، تون جيئري هئينءَ ته گهٽيون نافرمانيون ڪيم. ڏاڍو توکي ناراض ڪيو هوندم، پر امان هاڻي توري پل تي ٿئي ته تنهنجو سدا مرڪندڙ چهرو آڏو اچيو وڃي. تون منهنجي لاءِ روشني آهين. اها سهائي آهين، جنهن سان اوندهه ۾ واٽ نظر ايندي آهي. امان، تون هر وقت مون ساڻ آهين. هر وقت مون کي تنهنجي هدايت ملندي رهي ٿي. پر تون ايترو ڳالهائين نه ٿي. بس ايترو ٿي چئين: پٽ ائين نه ڪر، پٽ هيئن چو نه ٿو ڪرين. پٽ اها سني ڳالهه نه ڪئي. پٽ اها سني ڳالهه ڪئي. بس به ٽي ٻول ٿي ڳالهائين. منهنجي دل ٿي چوي ته تون اڳي وانگر ڪچهري ڪرين. پر امان چو نه ٿي گهڻو ڳالهائين؟ بس ڏسندي رهين ٿي، مرڪندي رهين ٿي.

اڄ مهيني کان پوءِ تو وٽ آيو آهيان. امان، تو ڏاڍو منهنجو اوسيئڙو ڪيو هوندو. توکي ڏاڍي ڳڻتي لڳي هوندي ته مهينو ٿي ويو آهي، منهنجو پٽ ڪو نه آيو. امان بس، ائين ئي تو وٽ اچڻ ۾ سستي ٿي ويئي. پر امان، تو وٽ نه اچڻ ڪري منهنجو مهينو سنو نه گذريو. منهنجي ڪارڪردگي انهيءَ مهيني ۾ ڪجهه نه رهي. مون ڪجهه نه ڪيو. پر امان، اڄ تو سان ملي آيو آهيان ته پاڻ کي

نئون انسان پيو محسوس ڪريان. نئون رت رڳن ۾ ڊوڙندو پيو محسوس ڪريان. ايئن ٿو لڳي ڄڻ هن جڳ ۾ اڄ آيو آهيان ۽ مون ڪي ڪجهہ ڪم ڪرڻا آهن. گذريل اسقلتائون ٿو سان ملڻ ڪان پوء وسريو وڃن ۽ نئين لگن ۽ نئون ولولو محسوس ٿو ڪريان. امان! آئون ٿو ڪي هاڻي مايوس نہ ڪندس. تنهنجو جو پٽ آهيان نہ!

●

# 8 نومبر 1982ع

ڪافي ڏينهن گذري ويا آهن ڊائري لکئي. ڪجهہ ڪمن ۾ رڌل رهيس ۽ ڪجهہ تڙيل پڪڙيل، ڳوٺين ۽ ڪوڪن ۾ بند تيل ڪتاب ڪوليندي، ناهيندي مصروف رهيس. ڪيترا نہ ڪتاب ۽ رسالا اڏوهي ڪائي ڇڏيا. اٽڪل سؤ ڪن تمام پراڻا ۽ قيمتي ڪتاب ۽ ڪافي رسالا ساڙڻا پيا! ۽ پوءِ امان ياد اچي ويئي.

امان! تون سدائين چوندي هئينءَ تہ پهرين پنهنجو گهر ٺاهيو ۽ پوءِ ڪتاب جمع ڪريو. پر امان آئون تنهنجي ٻڌندو نہ هئس. هاڻي محسوس ٿو ڪريان تہ هڪڙي مسواڙ جي گهر کان ٻئي مسواڙ جي گهر تائين رلندي ڪيترا نہ ڪتاب ضايع ٿي ويا آهن، ڪيترا هيٺ مٿي ٿي ويا ۽ ڪيترا اڏوهي ڪائي وئي. جيڪڏهن گهر پنهنجو هجي ها تہ ايئن رلڻو تہ نہ پوي ها. امان، تون سدائين ايئن چوندي هئينءَ تہ وڏو محل نہ هجي پر ٻن ڪمرن جو ئي هجي، پر پنهنجو هجي. امان سوچيان ٿو جيڪڏهن پنهنجو گهر هجي ها تہ ايئن ڪتاب ضايع نہ ٿين ها.

امان، تون چوندي هئينءَ تہ، ”پئسو پئسو ڪري بچايو، ڪفايت ڪريو، ڪنجوسي ڪريو، پر پهرين پنهنجو گهر ٺاهيو. اها اوهان جي مستقبل جي پيڙهہ آهي. پنهنجو گهر هوندو تہ پوءِ مسواڙن جا پئسا بہ بچندا، ۽ پو اوهان ڪتاب يا هر شيءَ سهيڙي سنڀالي رکي سگهندا، وڏي ڳالهہ تہ اوهان کي ذهني سڪون بہ ملندو ۽ خدانخواستہ اوهان بيمار ٿيندا يا ڪا اهڙي هنگامي حالت ٿيندي تہ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي اولاد لاءِ اجهو تہ ڇڏي ويندا، نہ تہ توهان جا ٻار ٻچا دربدر ٿي ويندا ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ تہ پنهنجو گهر اوهان ۾ اهڙي همت پيدا ڪندو جو اوهان پنهنجي ضمير پٺاندر هلندا ۽ ناهپرست نہ ٿيندا ۽ اوهان قوم لاءِ قرباني بہ ڏئي سگهندا. اوهان جو گهر نہ هجڻ، اوهان ۾ ڪانئرتا پيدا ڪندو.

اوهان ناهپرست ۽ موقعي پرست تي پوندا ۽ جيڪڏهن اوهان جي پنهنجي بي عزتي تي ته به برداشت ڪرڻي پوندي، ڇو ته اوهان جو گهر پنهنجي نه هئڻ ڪري اوهان ريگيولر انڪم جا غلام ٿي پوندا ته جيئن ان ماهوار پگهار مان مسواڙ ادا ڪري سگهو. گهر پنهنجو هوندو ته اصول خاطر، عزت خاطر، مقصد خاطر اوهان نوڪريءَ کي لت هڻي سگهندا يا اوهان جتي به نوڪري ڪندا هوندا، اتي عزت سان ڪري ڪندا."

امان، تو ۾ ڪيترين نه سچايون هيون. پر اسان تنهنجو چوڻ تي عمل نه ڪيو.

۽ هاڻي تنهنجي چوڻ تي ٽيهن سالن گذرڻ کان پوءِ عمل ڪرڻ جو سوچي رهيو آهيان ۽ امان، اوهان چيو هو ته "هر ڪم لاءِ وقت آهي. ڪڏهن به دير ناهي ٿيندي." سو آئون سمجهان ٿو اڃا به دير ناهي ٿي. ڪيئن نيڪ آهي نه امان!

●

# 12 نومبر 1982ع

امان، تنهنجي وفات کان پوءِ جڏهن به ڳوٺ ويندا رهيا آهيون ته جڻ بيني پير تي ايندا رهيا آهيون. ڳوٺ پهچڻ شرط ادي آسوءَ ۽ ادي حلوءَ جي گهران تي، پوءِ سڌو مقام تي. ۽ اتي اوهان سڀن جي قبرن تي گل چاڙهي اگربتيون ٻاري، دعا گهري وري ادي زهرا جي گهران ٿيندا، ادي آسوءَ وٽ ٽڙتڪڙ ۾ چانهه پي بس پوءِ گهر موٽندا هئا سون.

ادي حلوءَ به تي پيرا چيو هو ته اوهان ٽڙتڪڙ ۾ ٿا اچو، ڪنهن ڏينهن ترسو ۽ ماني کائي آرام ڪري پوءِ وڃو ته ڪجهه ڪچهري ٿئي ۽ من کي اوهان سان ملڻ جي جيڪا تانگهه رهي ٿي، اها ته ڪجهه پوري ٿئي. پر ڏينهن جيئن ته ڪجهه گرم هئا ۽ ادي آسوءَ جي گهر ۾ ته پکو به لڳل ڪونهي ۽ اوهان کي ته خبر آهي ته اجا تائين اسان پنهنجو گهر، بوڏ ۾ ڊهڻ کان پوءِ بڻا هيو ئي ڪونهي، ان ڪري ڪجهه وڌيڪ دير رهي نه پيا سگهون. پر جيئن ته هاڻي گرمي گهٽ ٿي ويئي آهي ۽ ڏينهن ڪجهه ٿڌيرڙا به ٿي ويا آهن، ان ڪري اڄ هن جمعي تي سڄو ڏينهن گڏ گهارڻ لاءِ سوچيو سون.

صبح جو يارهين وڳي ڌاري ڳوٺ پهتا سون. ادي آسوءَ جي گهران تي سڌو مقام تي پهتاسون. ناظرا، ماهرا، يوسف ۽ نذر، سڀني گڏجي تنهنجي قبر تي، بابا جي قبر تي، سڀني جي قبرن تي گلن جا هار وڌا ۽ ڪجهه گل ڪليل به کڻي آيا هئاسون ۽ هن ڀيري چاچا جلال شاهه، چاچا ولي محمد شاهه ۽ ماستر الهه بچائي جي قبرن تي به وڌا سون. هونئن هر ڀيري ادا خان محمد، چاچا محب علي شاهه ۽ پڦي سالوءَ جي قبر تي گل وجهندا ئي آهيون ۽ اگربتيون به ٻاريندا آهيون.

اڄ ڦيريون ڀيرو ڏاڍي آرام سان سڄو مقام گهميوسون ۽ آرام سان واپس موٽي آيا سون. ڪا به تڪڙ ڪانه هئي. سوچيم ته اڳ ۾ ٽڙ تڪڙ ۾ اهو

سڪون نہ ملندو هو، جيڪو اڄ آرام سان سڀ ڪجھہ ڪرڻ ۾ مليو. ان ڪري اڳتي ڪوشش ڪندا سون تہ ايئن سچو ڏينهن ڳوٺ ۾ گذاريون جيسين پنهنجو گھر نهي، تيسين مهيني ۾ گھٽ ۾ گھٽ هڪ جمعو تہ ايئن ڳوٺ ۾ گذاريون.

قمر نہ رڳو ادي آسوءَ جي گھر ۾ ويهي ڪچهري ڪئي پر ادا علي ڏني ۽ چاچا علڻ جي گھران بہ ٿي آئي ۽ پوءِ اسان ادا نواز علي شاھہ جي گھر ۾ شام جي چانھن پيتيسون.

امان، تو کي تہ خبر هئي تہ ڳوٺ جي حالت اڳي کان بہ خراب ٿي ويئي آهي. نہ رهيو آهي ڳوٺ ۾ ڪو وڻ ٻوٽو ۽ نہ رهيو آهي ڪو چڱو نهيل گھر. مسجد بہ هڪ ننڍو ڪمرو وڃي رهي آهي. ڳوٺ جي کوهي سڪي ويئي آهي ۽ سڀ ڇڙيو پاٽي پيا پيئن ۽ ڪو نہ ڪو ڳوٺ ۾ ٽيپيو پيو آهي. مطلب تہ ڳوٺ ڏاڍي زبون حالت ۾ آهي. جيترا ڳوٺ جا ماڻهو پڙهيا آهن، جنهن ۾ اسين بہ شامل آهيون، اوترو ڳوٺ تباھہ ٿيندو پيو وڃي.

سوچيان ٿو، هن ڀيري مظفر وٽ ڪجھہ پئسا اچن تہ پهرين ڪو ڳوٺ ۾ پنهنجو ننڍو گھر ٺهرايون ۽ پوءِ هڪ بہ ڏينهن مهيني ۾ رهون تہ شايد ڳوٺ جي حالت ڪجھہ سڌري وڃي.

امان، اڄ بہ گذريل ڀيري وانگر چاچا پريل شاھہ زور ڀئي ڪيو تہ ڳوٺ ۾ ڇوڪرين جو اسڪول کولرائجي. ڪوشش ڪندا سون تہ نہ رڳو ڇوڪرين جو اسڪول پر ڇوڪرن جي اسڪول، جيڪو پرائمري ليول تي آهي، بلڊنگ ٺهرائڻ لاءِ بہ ڪوشش ونجي.

ها امان، هڪڙي ڳالھہ تو کي ٻڌائڻ وسري ويئي تہ انور تنهنجي قبر وٽ هڪ ننڍڙي منهڙي ٺهرائي آهي. انور پاڻ سؤ رپيا ڏيئي چار ٽوٽيون لڳرائي مٿان ڪجھہ ڪُون وجهي، ننيڙي چانوري جي جاءِ ڪري ڇڏي آهي. گرمين ۾ تنهنجي قبر وٽ پوُنءِ گرم هئڻ ڪري گھٽي دير بيهي نہ سگھندا هئا سون. پر هاڻي ڏاڍو آرام سان ويهي سگھون ٿا ۽ ڏاڍي آٿت ٿي ملي، تنهنجي قبر وٽ ويهي. بس ايئن ٿو لڳي ڄڻ تون پاڻ اسان وٽ ويٺي آهين.

جڏهن مقام کي وٽن ٻوٽن سان جھنجي ڇڏيندا سون تڏهن اسين مقام ۾ تنهنجي قبر تي ويهي ڪچهري ڪندا سون، جيئن تو وٽ ويهي اڳي ڪچهري ڪندا هئا سون. ڪيئن امان، نيڪ آهي نہ!

●

# 15 نومبر 1982ع

ڊائري باقاعدي نہ لکڻ ڪري ڪيترا اهم واقعا رهجي ويا آهن. ڊائري لکڻ جي سستيءَ جو هي حال آهي تہ اڄ 15 نومبر آهي يعني هن نوٽبوڪ کي شروع ٿئي يڪو مهينو ٿي ويو آهي رڳو 16 صفحا لکي سگهيو آهيان. يعني هڪ ڏينهن ۾ اڌ صفحي جي سراسري بہ مس ٿي آهي.

هنن ٽيهن ڏينهن ۾ سنڌ جون ٻہ اهم شخصيتون اسان کان جدا ٿي ويون. قاضي فيض محمد ۽ ڪامريڊ غلام محمد لغاري. قاضي فيض محمد جي وفات تي ”ڊان“ ۾ هڪ ڪنڊ ۾ ٻنا سري جي خبر آئي آهي، جيڪا پنجن سٽن تي ٻڌل آهي. ان جي پيٺ ۾ اڙدو ليکڪ غلام عباس جي فرنٽ پيج تي خبر، وري ٽيجهي جو احوال ۽ پوءِ هڪ خاص مضمون ۽ هيڏانهن سنڌ جون ٻہ اهم ترين شخصيتون گذاري ويون ۽ ڊان جهڙي اخبار ۾ ڪجهہ بہ نہ!

دل پئي چوي تہ قاضي فيض محمد ۽ ڪامريڊ غلام محمد جي ياد ۾ "In memorium" انگريزيءَ ۾ لکان پر وقت ڪٿي؟

جاگرافي، ساهت، ڪتابي سلسلا ۽ ٻيا ڪيترا ڪم.

ڪاش سنڌ جي شخصيتن تي نبي بخش کوسي ۽ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ جهڙا ماڻهو مضمون لکن، جن وٽ مون کان وڌيڪ وقت آهي.

●

# 26 نومبر 1982ع

وري ڊائري لکڻ جي رفتار سست ٿي ويئي آهي. اصل ۾ نه رڳو ڊائري لکڻ پر مجموعي طرح لکڻ جي رفتار سست ٿي ويئي آهي. ڪو خاص ڪارڻ به ڪونهي.

●

# 27 نومبر 1982ع

ڪالهہ ڪراچيءَ مان موٽيا سون. ڇنڇر جو ڏينهن هو. ورڪنگ ڊي. جيڏي مهل ڄامشوري پهتس اوڏيءَ مهل ٻنپهرن جا ٻارهن ٿي رهيا هئا. هن ڪان پهرين اينٽري دير سان ٻاهران ڪٿان اينڊو هوس تہ بہ يونيورسٽيءَ پهچي ويندو هوس ۽ اهڙي طرح ”موڪل“ وٺڻ ڪان پاڻ بچائي ويندو هوس ۽ موڪل جو ڏينهن بچي پوندو هو. پر هن ڀيري سوچيم تہ منهنجا بہ پيرڊ تہ گذري چڪا، باقي پرئڪٽيڪل جو ٽائيم اچا رهيل هو، جيڪو سوائين ٻارهين ڪان شروع ٿيڻو هو، سو هاڻي موڪل تہ بچائي سگهان ٿو پر اها بي ايماني ٿيندي ڇو تہ ايئن ڪلاس گسائي، ٺلهي حاضري ڏيئي، موڪل بچائڻ بہ حرامخوريءَ ۾ شامل آهي. ان ڪري فيصلو ڪيم تہ هاڻي ايئن نہ ڪندس. جيڪڏهن ڪلاسن جي ٽائيم تي يونيورسٽي نہ پهچي سگهندس تہ پوءِ موڪل ڪندس ۽ ڪالهہ مون يونيورسٽيءَ واري نوڪريءَ جي ٻاويهن سالن ۾ پهريون ڀيرو ايئن ئي ڪيو ۽ موڪل لاءِ درخواست موڪلي ڏنم.

ڪيڏي نہ آٿت ملي ٿوري گهڻي ايمانداري ڪندي. واقعي ايمانداري ڪرڻ فرض نڀائڻ، اصول تي هلڻ ۽ ضمير جي آواز تي سڌ ڏيڻ ۾ سڪون ملي ٿو پوءِ ڀلي ڪيترو بہ نقصان ڇو نہ ٿئي، ڀلي سڄي دنيا منهن موڙي ڇڏي. ڀلي ماڻهو وقت ڪان پهرين پاڻ کي ماري وڃهي، پر مرڻو تہ هونئن ئي آهي پوءِ ڇو نہ من آٿت سان مري.

يونيورسٽيءَ مان هڪ ڏينهن جي موڪل هضم ڪرڻ معنيٰ نوي رپيا ڏهاڙيءَ جا بچائڻ. آئون اهي نوي رپيا بچايان تہ ها، پر اهي برابر ٿين ها نوي رپيا رشوت وٺڻ جي. حرام جي ڪمائي سڌيءَ طرح رشوت وٺڻ ڪانهي!؟ پر اڻ سڌيءَ طرح حرام خوري ڪري بہ حرام جي ڪمائي ڪائي سگهجي ٿي.

جيئن يونيورسٽيءَ جا استاد موڪل هضم ڪري ٻه موڪل نه وٺندا آهن يا جيئن يونيورسٽي اچي ٻه ڪلاس نه وٺندا آهن. اها به رشوت آهي، سؤ سيڪڙو رشوت.

آئون مجان تو ته ان ڪان پهرين آئون ايئن ڪندو هوس. مون بيشڪ حرام خوري ڪئي آهي، رشوت ڪاڏي آهي، پر هاڻي ايئن نه ڪندس.

●

# 1 جنوري 1983ع

آخري پيرو ڊائري 27 نومبر 1982ع تي لکي هئم ۽ اڄ هڪ مهيني کان پوءِ لکي رهيو آهيان. بس ڪو خاص سبب ناهي، رڳو سستي. يا سوچيان ٿو اتساهہ جو ڪٿي گهٽجڻ تہ ڪونهي؟ امان جي وفات مون کي ڏوٽي چڙهيو هو. وقت گذرڻ سان وري ساڳي نند ۾ تہ نہ پيو وڃان؟ هرو پرو اينئن بہ ڪونهي ڇو تہ انهيءَ وچ ۾ چئن سالن ۾ پهريون پيرو ڪماٽي لکيم، ڪالم لکيم ۽ ڊان کي خط لکيم. گهٽا رهيل ڪم پورا ڪيم، پر ڪمن ۾ ڪجهہ باقاعدگي نہ هئي. وري اڄ نئون سال شروع ٿيو آهي. انهيءَ وري باقاعدگيءَ جو احساس ڏياريو آهي.

امان، منڙي، منهنجي جاني، تون هر دم مون کي ياد هئينءَ ۽ تو هر وقت مون کي پنهنجا ڪم ياد ڏياريا آهن. ڏس اڄ توکان پوءِ پهريون پيرو نئون سال شروع ٿيو آهي. مون هميشہ نئين سال جي آجيان ڪئي آهي ۽ نئين سال شروع ٿيڻ جو احساس رکيو آهي. ڏسِ امان، تنهنجو پٽ ڪيئن نہ تو سقل ٿئي.

اڄ صبح جو يونيورسٽي وڃڻ کان پهرين صبح جو انين وڳي هي ٻول لکي رهيو آهيان. امان تون مون کي ڏسي رهي آهين. آئون بہ توکي ڏسي خوش پيو ٿيان، پر امان، الائي ڇو توکي ڏسڻ سان اکيون پرجي ٿيون اچن.

هينئر هي ٻول لکڻ مهل ناظرا بہ اچي مون وٽ ويٺي آهي ۽ مون کي ياد پئي ڏياري تہ پاڻ نئين سال لاءِ جيڪي سنا سنا ڪم ڪرڻ لاءِ سوچيو هو، اهي ڪڏهن ويهي سوچينداسون. آئون چوانس ٿو تہ اڄ سڀ گڏ ويهي نئين سال لاءِ سنيون سنيون ڳالهيون سوچينداسون.

فليئش بئڪ:[1] انور هڪ ڏاڍي سهڻي واچ سوکڙي ڏني. مون کي واچون ۽ انڊپينون ڏاڍيون وڻنديون آهن، پر اڄ منهنجي پياري ننڍي ياءُ مون کي هڪ سهڻي واچ ڏني ته اهڙي خوشي ٿي جو دل پئي چئي ته هڪدم وڃي امان کي ڏيکاريان.

پر امان، رڳو تون ته تنهنجي هنڌ تي ڪونه هئينءَ پر مون کي ائين لڳو ته تون پاڻ ڏسي ڪيڏو نه خوش ٿي رهي آهين ۽ چئي رهي آهين "ڪيڏي نه سهڻي واچ آهي!" امان، آئون تنهنجي اکين ۾ خوشيءَ جي چمڪ ڏسي رهيو آهيان. تون ته ڪنڌ ڌوڻي اکين سان پنهنجي پسند جو اظهار ڪري رهي آهين.

امان، ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيندو آهيان ته تون شايد اوستائين زنده رهندئينءَ جيستائين اسان مان ڪو به زنده رهندو. پر اسان سيني پائرن پينرن جي مري وڃڻ ڪان پوءِ، تو کي ڪير به ائين زنده ڳالهائيندو محسوس نه ڪندو، جيئن اسين تا ڪريون. پر الائي ڇو آئون سمجهان ٿو ته تون اسان جي نسل در نسل ائين هر ڪنهن سان قيامت تائين پنهنجو ڳانڍاپو قائم رکندي ايندئينءَ. اسان جو اولاد ۽ انهن جو اولاد به تو کي ائين ياد ڪندو ايندو جيئن اسين تو کي هينئر هردم پاڻ سان گڏ محسوس تا ڪريون.

●

---

(1) 31 ڊسمبر 1983 جو واقعو، 1 جنوريءَ 1983 تي لکيل. (مرتب)

# 15 جنوري 1983ع

اڄ ڏاڍو سيءُ پيو پوي. تڏي هوا جا ڏنگ سرير ۾ چڀندا ٿا وڃن. شام جو اينئن نڪري پيو هوس. قمر پاڙي ۾ عيد ميلاد جي فنڪشن ۾ ويل هئي. ناظرا ۽ ماهرا ڊاڪٽر هارون ميمڻ (1) جي گهر قرآن مجيد پڙهڻ لاءِ ويل هيون. يوسف ۽ نذر سنتا پيا آهن. چاچي مينا به ويچاري الائي ڇو چپ چاپ ويٺي آهي. من آهي جو اداس اداس پيو لڳي.

امان، تون ڏاڍو پئي ياد اچين. پرسرام ضيا جو ڪلام ۽ غلام رسول نوابشاهي جو آواز ڪن ۾ گونجڻ ٿو لڳي: "آئون روز اڪيلائيءَ ۾ آب وهايان." پر امان، تنهنجو جڏهن به چهرو آڏو اچي ٿو ته اهو ئي مرڪندڙ چهرو. اسان ڪي ڏسي تنهنجي چهري تي خوشي بکڻ لڳندي هئي. اڄ تون ته مون کي چئيس پئي: "ظفر، گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن جو تون مون سان ملڻ نه آيو آهين." امان واقعي گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن، جو تو سان ملڻ نه آيو آهيان. پر امان، تون مون سان ڪاوڙجي ڇو نه ٿي؟ هيترا ڏينهن ٿي ويا آهن پر وري به مرڪين ٿي!

رات جو قمر سان اها ڳالهه ڪيم ته: قمر، اڄ امان ڏاڍي ياد پئي اچي." امان ته ڄڻ مون کي پئي چئي، " گهڻا ڏينهن ٿي ويا آهن پٽ، ڪو نه آيو آهين؟ "امان، اجا اها ڳالهه ڪري ئي رهيو آهيان ته در تي ڪار جو هارن وڳو آهي. ٻاهر ڏسان ٿو ته اختر آئي آهي. امان، تنهنجي پياري ڌيءَ شهزادي! آئون حيران ٿي ٿو وڃان. امان، تنهنجي ڳالهه اجا پوري به نه ڪئي اٿم ته شهزادي اچي ويئي آهي. اينئن ٿو لڳي ته ڏياري موڪلي آهي ته ظفر کان پڇي اچي ۽ امان اينئن ٿو لڳي ڄڻ ته تون پاڻ اچي ويئي آهين. شهزادي منور ته اينئن ٿي لڳي جهڙوڪر امان تون پاڻ هجين.

هونئن به امان، تنهنجو اولاد، انهن جو اولاد، سڀ مون کي تون ٿي لڳين.

(1) باٽني ڊپارٽمينٽ جو اُستاد. (ليکڪ)

مون کي تہ ايئن ٿو لڳي تہ تون اسان سيني ۾ ورهائي پيئي آهين. اسان سيني ۾ موجود آهين. آئون، ناظرا، ماهرا، زينب، سائرا، بشرا، يوسف، نذر، ارما ۽ يعقوب کي پاڪر پائيندو آهيان تہ ايئن محسوس ٿيندو آهي تہ انهن ۾ تون موجود آهين. انور ۽ مظفر آهن تہ پاڻ، پر ايئن ٿو لڳي تہ اُهي بہ تون آهين. مون کي تنهنجي اولاد مان ۽ انهن جي اولاد مان تنهنجي سڳنڌ ٿي اچي. اڄ شهزاديءَ سان گڏ مجيب، ۽ احسان آيا هئا. امان، اهي سڀ ننڍڙي مريم، حسن علي شاهہ، قاسم شاهہ، عارفا ۽ فائزا سڀ تون آهين. امان، دل ٿي چوي تہ هر هڪ ٻار کي ڀڪوڙي پائي روز روز ملان.

منهنجي مٺي پياري جاني امان، ڪيڏي نہ آٿت ٿي دل کي ملي جڏهن ڪاڳر تي سٺي پياري ۽ جاني امان ٿو لکان.

منهنجي مٺي پياري جاني امان، دل ٿي چوي اهي لفظ لکندو رهان جيسين جيئرو هجان.

●

# 16 جنوري 1983ع

اڄ ٻنپهرن جو ناظرا ۽ ماهرا اسڪول کان موٽي آيون آهن. ناظرا اچڻ شرط چئي ٿي، "بابا هڪ ڳالهه ٻڌايان!؟" ڏاڍي ڏک سان ناظرا اهي لفظ چئي ٿي. آئون ناظرا ڏانهن مرڪي ٿو ڏسان. "ها بابا ٻڌايو." ناظرا هڪدم چئي ٿي، "بابا، ماهرا جي ٽيچر هئي نه آپا نسرين، اها گذاري ويئي."

"اڙي، پر ڪيئن!؟" منهنجي وات مان اوچتو رڙ نڪري ٿي.

"بس بابا، ويچاريءَ کي دل جو دؤرو پيو ۽ گذاري ويئي." ناظرا ٻڌائي ٿي ۽ آئون ماهرا کي ڏسان ٿو، جيڪا اداس چهري سان پنل گلابي اکين سان ڪنڌ هيٺ ڪريو ويٺي آهي.

بابا، اڄ ته هن جو ٽيجهو به ٿي ويو. ماهرا روئڻهارڪي ٿي مون کي ڳراٽڙي پائي روئڻ لڳي ٿي. "۽ بابا، آئون ته اڄ ان لاءِ گل به ڪٽي ويئي هيس." مون کي ياد آيو، ٽيون ڏينهن آئون، ناظرا ۽ ماهرا، سنڌالاجيءَ جي باغ مان به گلاب جا گل پٽڻ آيا هئاسون. ناظرا ۽ ماهرا ٻنهي پنهنجين پنهنجين ٽيچرن لاءِ گلاب جا اڌ ٽڙيل گل پٽيا هئا ته جيئن ٻئي ڏينهن تائين ٽڙي پورا گل ٿي وڃن. چيائون ته "بابا پورا ٽڙيل گل تا پٽيون ته ٻئي ڏينهن تائين پنکڙيون ڇڻڻ لڳن ٿيون."

۽ ماهرا وري چوڻ لڳي، "بابا، سڄو ڏينهن گل منهنجي بئگ ۾ پيو هو."

"ماهرا، اها ئي ٽيچر هئي جنهن کي اوهان پيار ڪنديون هيون؟"

"ها بابا، اسين به پيار ڪنداهئاسون ۽ هوءَ به اسان کي ڏاڍو پيار ڪندي هئي. اسين پڪنڪ تي وياهئاسون، اُتي اسان هڪڙو فوٽو ڪيرايو هو. مِس کي

هڪ ڳل تي مون پپي ڏني ۽ ٻي ڳل تي ناظرا پپي تي ڏني، پر الائي ڇو وڏي آپا پئي چيو ته اهو فوٽو توهان کي ڪو نه ڏيندا سون."

مون ماهرا کي پاڪر پائيندي چيو، پرواهه ناهي، آئون اوهان کي ٽيچر جو بيو فوٽو ونرائي ڏيندس."

"۽ بابا هي اها ٽيچر هئي جنهن لاءِ آئون ڊائري ڪٽي ويئي هيس ۽ جنهن کي فضا وري پيئن پريزنٽ ڪئي هئي ۽ آپا مس انهيءَ ڊائريءَ تي ساڳي پين سان منهنجو ۽ فضا جو نالو لکي، پوءِ ٿئنڪس لکيو هو ۽ بابا، مس کي اسان ٽيئي پنهنجي شيءِ ڪارائينديون هيون سين. پر اسان جي شيءَ ڏاڍي ٿوري ڪٽندي هئي ۽ پاڻ وري پنهنجي باڪس مان گهٽيون گهٽيون شيون ڪارائيندي هئي. بابا، اها مس جيڪا هئي نه، سيني کان سني هئي. سيني کان گهڻو پيار ڪندي هئي" ۽ ماهرا جي اکين ۾ وري ڳوڙها پرجي آيا.

"توهان هيئن ڪجو، سياڻي اسڪول مان ائڊريس وٺي اچجو. پوءِ اسين توهان کي مِس جي گهر وٺي هلندا سون."

ڪالهه ٻارن کي انهيءَ ڪري خبر نه پئي هئي جو ڪالهه انڊيا ۽ پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيسٽ جي ڪري اسڪولن کي موڪل هئي ۽ ٻار ساڳي بس ۾ اسڪول کان موٽي آيا هئا.

رات جو مون قمر سان ماهرا جي ڏک جي ڳالهه پئي ڪئي ۽ مون کي ته اهو به ياد نه رهيو هو ته ڪو ماهرا کي مس جي گهر وٺي هلڻ لاءِ ڪو سياڻي ئي وڃڻو پوندو، پر قمر ٻڌايو، "ماهرا پئي چيو ته آئون سياڻي مِس جي گهر جي ائڊريس وٺي ايينديس، بابا اسان کي مِس جي گهر وٺي هلندو."

۽ مون کي ياد آيو ته ماهرا ڪيڏو نه ڏک سان پئي چيو، "بابا مِس ويچاريءَ جي ته اڃا شادي به نه ٿي هئي، بس مڱڻو ٿيو هو."

اڄ هڪڙي اڻ ڏٺي ۽ اڻ ڄاتل انسان لاءِ منهنجون به اکيون پرجي آيون آهن. هڪ ٻي منداڻتو ۽ ٻي وقتو موت، اهڙن پيارن ماڻهن کي ڪيئن نه پاڻ سان وٺي ٿو وڃي. اَڄ انهيءَ لاءِ منهنجون اکيون پرجي آيون آهن.

شام جو عادت پٽاندر، ريڊئي تي گانا لڳايم. پر وري اوچتو اٽي ريڊيو بند ڪيم. "منهنجي اڻ ڏٺل پيڻ، آئون تنهنجو سڳو ڀاءُ ته نه آهيان ۽ نه ئي اهڙو ڏک اڳتي هلي به محسوس ڪندو رهندس، پر اڄ تنهنجي ياد ۾ دل ڪا خوشي ڏسڻ لاءِ تيار نه ٿي ٿئي. اڄ تنهنجي جدائي ۾ گانا نه ٻڌندا سون."

منهنجون به ته اکيون پرجي آيون آهن.

مون کي ايئن پيو لڳي هي سڄي ڳالهه امان کي ٻڌائي اٿم ۽ امان کي جڏهن به ڪنهن جي به ڏک جي ڳالهه ٻڌائيندو هوس ته امان جي اکين ۾ لڙڪ پرجي ايندا هئا ۽ امان هينئر به ماهرا جي ٽيچر جي ڳالهه ٻڌيو ايئن پئي چئي، ”ويچاري!“ ۽ امان جي سدا مرڪندڙ چهري تي اڄ لڙڪ وهندا ڏسان ٿو.

فليش بئڪ:[1] 15 جنوري 1983ع تي اڄ ئي چاچي مينا جو پاءُ سندس ڳوٺ مان آيو آهي. پاڻ ويچارو ٻن مهينن کان ڳلي جي ڪينسر ۾ مبتلا آهي ۽ بدين جي ڊاڪٽر کي فيسن ۾ سڀ ڪجهه لٽائي پهتو آهي. جيڪڏهن شروع ۾ ئي ڊاڪٽر ڪيس روانو ڪري ها ته ايترو سيريس ڪيس نه ٿئي ها.

۽ اڄ ئي اها دکدائڪ صورتحال ڏسي سوچيان پيو، انسان ڪيترو نه دکي آهي. هرڪو ڏکن سان پريو پيو آهي ۽ اسين وري هڪ ٻئي کي ڏک ڏيڻ کان به نه ٿا رهون. ڇا قدرت جا ڏنل ڪافي نه آهن جو انسان به ٻئي انسان کي ڏک ڏئي ان ۾ اضافو ڪري ٿو!

●

---

(1) 15 جنوري جو واقعو، 16جنوري تي لکيل. (مرتب)

# 26 جنوري 1983ع

منهنجي هميشہ کان اها خواهش پئي رهي آهي تہ اهي رسالا يا ڪتاب جن جا ٻين ٻولين ۾ ايڊيشن نڪرندا هجن، اهي سنڌيءَ ۾ بہ ڪيجن تہ جيئن انٽر قومي سطح تي سنڌيءَ جي اهميت جو اندازو ٿئي.

مثال طور: ريڊرس ڊائجسٽ سورهن ٻولين ۾ شايع ٿئي ٿو. دل ٿي چئي تہ ان جو سنڌي ايڊيشن بہ شايع ٿئي. جيتوڻيڪ ريڊرس ڊائجسٽ اڻ سڌي طرح سرمائيداري نظام جو نمائندو آهي ۽ ڪنهن نہ ڪنهن شماري ۾ ڪميونزم خلاف ڪو نہ ڪو مضمون ضرور ڏيندو آهي، پر سياسي مضمون ڇڏي باقي ٻيا مضمون تمام ڄاڻ وارا ٿين ٿا.

گڏيل قومن جي اداري يونيسڪو (UNESCO) جو بہ هڪ رسالو Courier جي نالي سان نڪري ٿو، جنهن جا ٻين ٻولين ۾ ايڊيشن شايع ٿين ٿا ۽ ڪجهہ سالن کان تہ ان جو اڙدو ايڊيشن ”پيامي“ بہ پاڪستان حڪومت جي اجازت سان همدرد فائونڊيشن شايع ڪري ٿو، جنهن جو بہ سنڌي ايڊيشن شايع ڪري سگهجي ٿو.

اهڙيءَ طرح مشهور آمريڪي رسالي Scientific American جي ڪنهن شماري ۾ پڙهيم تہ ان جا بہ جرمن، فرينچ، اٽالين، اسپئنش، جپاني ۽ چيني ٻولين جا ايڊيشن شايع ٿين ٿا. ڪاش! انهيءَ جو بہ سنڌي ايڊيشن شايع ڪري سگهجي.

اهڙيءَ طرح هوندي تہ انيڪ ڌارين ٻولين جي اهم ڪتابن جا سنڌيءَ ۽ ٻين ٻولين ۾ ايڊيشن شايع ٿيندا رهن ٿا، پر خاص طرح آئون انهن ڪتابن جا سنڌي ايڊيشن شايع ڪرڻ گهران ٿو جن جي انگريزي ايڊيشن ۾ خاص طرح سان اهو لکيل آهي تہ هن ڪتاب جا فلاڻين ٻولين ۾ بہ ايڊيشن شايع ٿيل آهن،

جنھن سان سڄي دنيا کي اھو معلوم ٿئي ٿ انھيءَ ڪتاب جو ايڊيشن فلاڻي ٻوليءَ ۾ ب شايع ٿيل آھي. انھيءَ ڳالھ سان ڪتاب جي اھميت وڌندي، جنھن ٻوليءَ ۾ انھيءَ ڪتاب جو ترجمو شايع ٿيل ھوندو ۽ دنيا ۾ لکن جي تعداد ۾ انگريزي ايڊيشن پڙھندڙ اھو پڙھي حيران ٿيندا ت ٻيلي ھن ڪتاب جو ايڊيشن سنڌي ۾ ب شايع ٿئي ٿو!

سڀ کان پھرين مون ول ڊيوران (Will Durant) جي ڪتاب "ھسٽري آف فلاسفي (History of Philosophy) جو مھاڳ پڙھيو ھو، جنھن جي آخر ۾ انھن ٻولين جي لسٽ ۾ ڏنل آھي، جن ۾ اھو ڪتاب ترجمو ٿيو آھي.

ٻيو ڪتاب مون ھٽلر جي آتم ڪھاڻي "Mein Kampfe" ڏٺو، جنھن جي ب شروع ۾ انھن ٻولين جي لسٽ ڏنل آھي، جن ۾ اھو ڪتاب ترجمو ٿيو آھي.

ٽيون ڪتاب مشھور پبلشر سر اسٽنلي آن ون بُڪ پبلشنگ (Sir Stanley Unwin Book Publishing) تي ڏٺم، جنھن ۾ پڻ اندر ٽائيٽل جي سامھون انھن ٻولين جي لسٽ ڏنل آھي، جن ۾ انھيءَ ڪتاب جو ترجمو شايع ٿيو آھي.

ڪيڏي ن خوشي ٿئي اسان کي، بلڪ فخر ٿئي ت جڏھن اسين انھن ڪتابن جا سنڌي ترجما ڪرايون ت اصلوڪين انگريزي ايڊيشن ۾ ترجمي واري ٻولين جي لسٽ ۾ سنڌي ب شامل ٿي وڃي ۽ اھڙيءَ طرح اھي ڪتاب لکن جي تعداد ۾ ڇپجي رھيا آھن ت انھيءَ جي معرفت لکن ۾ دنيا جا پڙھندڙ سنڌي ٻوليءَ جي نالي کان ن رڳو واقف ٿيندا پر اھو پڻ سوچيندا ت سنڌي ڪيڏي ترقي يافتا ٻولي آھي، جنھن ۾ اھڙن ڪتابن جو ترجمو شايع ٿيو آھي ۽ ڪمال ت تڏھن ٿئي جڏھن "ريڊرس ڊائجسٽ" "ڪوريئر" ۽ "سائنٽيفڪ آمريڪن" جا سنڌي ايڊيشن ب ھر ماھ شايع ٿيندا رھن.

مون کي پڪ آھي ت ڪتاب ت ترجمو ڪري ويندا سون، پر انھن رسالن جا سنڌي ايڊيشن ت خواب تا لڳن. اھي تڏھن پورا ٿيندا جڏھن اسين پھرين وک ت کڻون ۽ ڪتاب ت ڇپرائي وجھون!

●

# 31 جنوري 1983ع

اڄ قمر هڪ اهم ڳالهه ڪئي. ٽيو ايٽن جو آئون، يوسف ۽ نذر سان ٿوري دير راند ڪيڏي ڪنهن دوست سان ٻاهر هليو ويس. پر قمر ٻڌايو ته منهنجي وڃڻ کان پوءِ يوسف ۽ نذر ڏاڍو مون لاءِ رُنا. قمر چيو ته اسين ٻارن کي ڏاڍو گهٽ وقت ٿا ڏيون. اسين زال مڙس ڏينهن جو نوڪريءَ تي وڃون ۽ ماني کائي وري ليٽي پئون. قمر ويهي ناظرا ۽ ماهرا کي پڙهائي ۽ يوسف ۽ نذر وري ننڍ ڪن. شام جو ڪنهن وزٽ تي هڪ نه ٻئي ڏينهن ٻاهر وڃڻو پوي ۽ ٻار پويان ڇڏيو وڃون. جي شهر يا ٻاهر ڪيڏانهن نه وڃون ته وري آئون واڪ تي اڪيلو نڪري وڃان مطلب ته ٻارن کي اسان راند روند ڪرڻ جو موقعو ايترو نه ٿا ڏيون، جيترو ڏيڻ کپي. ان ڪري هاڻي ڪوشش ڪبي ته ٻارن کي گهٽي ۾ گهٽو وقت ڏيون.

●

# 1 فيبروري 1983ع

امان، ڪيترا ڏينهن ٿي ويا آهن جو تو وٽ نہ آيو آهيان. تون پريشان تہ ضرور ٿيندي هوندينءَ تہ هيترا ڏينهن ٿي ويا آهن، ظفر ڪو نہ آيو آهي. الاهي هاڻي تون ڪنهن ڪان پڇندي هوندينءَ. اڳي تہ ٻہ ٽي ڏينهن تو سان ملڻ ٿي ويندا هئا تہ تون مظفر ڪان، مائي سڪينا ڪان ۽ حسين ڪان باقاعدي اشارو ڪري پڇو پڇندي هئائينءَ تہ ظفر الائي ڇو ڪين آيو آهي ۽ هاڻي تون ڪنهن ڪان پڇندي هوندئينءَ؟ بابا ڪان، چاچا ڪان؟ اهي تہ پاڻ تو وانگر ئي فڪرمند هوندا. انهن ويچارن کي ڪهڙي خبر؟

امان! آئون جلد ايندس. اصل هڪ ٻن ڏينهن ۾ هن جمعي تي پڪ سان پيا اچون. بس زماني جي هروڀرو مصروفيت جا بهانا آهن، باقي امان، جيسين سرير ۾ ساهہ هوندو تيسين پلا تنهنجي ملڻ ڪان سواءِ ڪيئن رهي سگهندس. اهو سچ آهي تہ مُئي ڪان پوءِ مرڻ واري کي ڪهڙي خبر. بس انهن جا پويان دل کي آٿت ڏيڻ لاءِ انهن جي تصور جا بت ناهي، انهن سان پريت وندبيندا آهن پر امان، لطيف سائين ڪيئن نہ اڳي ئي چيو هو: "مون ۾ آهين تون."

امان! تون اسان ۾ جيئري موجود آهين. تنهنجو رت، منهنجو ساهہ اسان ۾ آهي. تنهنجي پيٽ ۾ هئاسون تہ اسان جي سرير ۾ رت ۽ ساهہ ڪٿان آيو؟ امان، منهنجي هر اولاد ۾، ان جي اولاد ۾ تنهنجو ۽ بابا جو رت ۽ ساهہ موجود آهي، جيستائين تنهنجو نسل هلندو.

امان، عجيب احساس ٿيندو آهي. اڳي پائر پينر مون کي پائر پينر ئي لڳندا هئا پر هاڻي لڳي ٿو انهن ۾ تون پاڻ موجود آهين. انهن سان منهنجي پريت تنهنجو اولاد هئڻ ڪري تهائين وڌيڪ لڳي ٿي.

ڪڏهن ڪڏهن تون اهڙي ياد ايندي آهين، جو من اهڙو تہ بيچين ٿي ويندو

آهي ته ناظرا، ماهرا، نذر، يوسف، پائرن، پينرن ۽ انهن جي اولاد سان ڪو به ملي ويندو آهي ته اڪيون پُوري جڏهن انهن کي ياڪر پائيندو آهيان ته چٽڪ تو کي ياڪر پائيندو آهيان.

منهنجي پياري امڙ، ليڪراج عزيز جو نظم مون کي اوهان جي جيئري به جهوري وجهندو هو: "پنڌ ڪندي جي تي ڏکو ڪاڏمر، ڪنهن ڪٽي تي چاتي لاتمر- منهنجي امڙ."

●

# 4 فيبروري 1983ع

امان اڄ به ڳوٺ تو سان ملڻ لاءِ اچي نه سگهيا سون. ڪالهه اوچتو نذر بابا کي بخار اچي ويو ۽ تنهن کان سواءِ مظفر صبح جو ئي ساڍي اٺين وڳي ڳوٺ وڃڻو هو، جو چاچي سبحانا کي آءِ ڪئمپ ڏانهن وٺي وڃڻو هوس. ان ڪري اڄ صبح جو نڪري نه سگهيا سون.

رات امان! تون ڏاڍي ياد آئين ٿي. شايد ان ڪري جو تو ڏانهن اچڻ جو وقت ٿيو. تو ڏانهن اچڻ جو پروگرام هوندو آهي ته اسين ۽ خاص طرح آئون ڏاڍو خوش هوندو آهيان. پر وري جو پروگرام نه ٿيو ته دل تي جيڪو بار پهرين هو، اهو وري محسوس ٿيو ۽ شايد ان ڪري ئي تون ڏاڍي ياد آئين ٿي.

فلئش بئڪ: (1) آئون ٽي وي ايترو گهٽو ڪو نه ڏسندو آهيان. هڪ ته سنڌي پروگرام باقاعدي ياد ڪري ڏسڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ٻيو ويڪ اينڊ سئنيما ۽ سئٽرڊي نائٽ اسپيشل ضرور ڏسندو آهيان. جو انهن پروگرامن هيٺ انگريزيءَ جون مڪمل فيچر فلمون اينديون آهن. تنهن کان سواءِ انگريزي پروگرام، جيڪي روز ڪنهن نه ڪنهن سلسلي هيٺ ايندا آهن، انهن مان ڪو سٺو پروگرام هوندو آهي ته ڏسندو آهيان نه ته باراڻا انگريزي پروگرام نه ڏسندو آهيان، جيڪي منهنجا ٻار ڏاڍي شوق سان ڏسندا آهن. هن وقت هڪڙو سلسلو "مئن فرام ائٽلانٽس" (A man from Atalantis) ايندو آهي، جيڪو هڪ ٻاراڻي قسم جو آهي، جنهن کي ٻار ڏاڍي شوق سان ڏسندا آهن، پر اهي وڏا به جيڪي ڳنڀير پروگرام ايترو پسند نه ڪندا آهن پر اهڙا سلسلا ڪين سني

(1) 2 فبروري 1983ع جو واقعو، 4 فبروري 1983 تي لکيل. (مرتب)

انٽرٽينمينٽ ڏيندا آهن. هن ڀيري ”مئن فرام ائٽلانٽس“ پروگرام پئي آيو ۽ ٻارن زور ڪيو تہ انهن سان ويهي ڏسان، جيتوڻيڪ جڏهن ٻار ٽي وي ڏسندا آهن تہ آئون پنهنجي ڪمري ۾ لکڻ پڙهڻ جو ڪم ڪندو آهيان.

اڄ ٻارن سان ويهي اهو پروگرام ڏٺم تہ هڪڙو عجيب تجربو ٿيو. ناظرا ۽ ماهرا ڏسنديون بہ وڃن ۽ مون کي بہ پنهنجي انجوائمينٽ ۾ شامل ڪندا وڃن. ”بابا هي ڏسو!“ ”اڙي هي تہ ڪمال ٿي ويو،“ وغيره وغيره. اهڙي طرح مون کي اهو تجربو ٿيو ۽ خاص طرح سان احساس ٿيو تہ ٻارن جي راند روند، گهمڻ ڦرڻ، ٽي وي فلم ڏسڻ جي پروگرامن ۾ وڏن کي شامل ٿيڻ سان ٻار وڌيڪ انجواءِ ڪن ٿا ۽ ٿوري گهڻي دلچسپ ڳالهہ تي وڏن جو ڌيان ڇڪائي، پنهنجي خوشيءَ ۾ شامل ڪري، پنهنجي انجوائمينٽ ۾ اضافو ڪن ٿا.

ان ڪري فيصلو ڪيم تہ اڳتي ٻارن سان گڏ گهمڻ ڦرڻ، راند روند ۽ خاص طرح ٽي وي پروگرامن ۾ گڏجي حصو وٺبو.

مون کي هڪڙي ڳالهہ تي ياد اچي تہ گهر جا وڏا ڊرائيورن ۽ نوڪرن کي پئسا ڏيئي ٻارن کي گهمائڻ لاءِ موڪلي اهو سوچيندا آهن تہ هو ٻارن جي خوشيءَ لاءِ سڀ ڪجهہ پيا ڪن. پر ٻار اڪيلو ۽ نہ رڳو ٻاهرن ڀينرن يا دوستن سان پر وڏن ۽ خاص طرح ماءُ پيءُ سان گڏ خوشيون انجواءِ ڪرڻ گهري ٿو.

فلئش بئڪ: (1) اڄ ٻنپهرن جو ٻارهين وڳي ڌاري ايل ايم سي اسپتال ڄامشوري وڃڻ ٿيو. ڪم ڪار ڪري وڃي اوپن ايئر ڪئنٽين ۾ ويٺا هئاسون. ٿوري دير ۾ اتي هڪ آفيسر پستول سان، ڪجهہ پوليس وارا رائيفلن سان ۽ ڪجهہ شاگرد ساڻ ڪري ڪئنٽين ڏانهن ايندو نظر آيو. مون سمجهيو تہ ڪنهن شاگرد ليڊر کي گرفتار ڪرڻ آيا آهن. اهو شاگرد ليڊر جيڪو روپوش هوندو ۽ اهو يا تہ ڪلاس اٽينڊ ڪرڻ آيو هوندو يا امتحان ڏيڻ آيو هوندو. جڏهن سيئي همراهہ ويجها ٿيا تہ ڏٺوسون، انهيءَ پوليس ۽ شاگردن جي سڄي جٿي ۾ هڪ اهڙو شاگرد نظر آيو جنهن کي هڪڙي هٿ ۾ هٿڪڙي لڳل هئي ۽ ٻي هٿڪڙي سنگهر سان ساڳئي هٿ کي ويڙهيل هئي، يعني سندس ٻيو هٿ آجو هو. انهن

(1) 3 فيبروري جو واقعو، 4 فيبروري تي لکيل

شاگردن ۾ هڪ شاگرد سجاتل نظر آيو مر جنهن جو نالو عنايت الله هيسباڻي هو. سندس وڏو ڀاءُ رحمت الله هيسباڻي جاگرافيءَ ۾ مون وٽ شاگرد هو.

آئون پنهنجي جاءِ تان اٿي وڃي عنايت سان مليس ۽ هٽڪڙيءَ وارو جوان به مون سان ڏاڍي عزت سان مليو. ايئن لڳو ڄڻ مون کي سڃاڻندو هجي. ٿي سگهي ٿو ته مون کي نه سڃاڻندو هجي. ٻيا شاگرد به مون سان مليا ۽ خوش خيرعافيت ڪئيسون. عنايت ٻڌايو ته گرفتار ٿيل شاگرد شمن گوپانگ آهي، جيڪو ڏيڍ سال کان سينٽرل جيل حيدرآباد ۾ بند آهي ۽ اڄ ايم بي بي ايس جو رهيل امتحان ڏيڻ آيو آهي.

مون لاءِ اهو ماحول، اهو منظر حياتي ۾ پهريون ڀيرو آڏو آيو هو. ڪيڏو نه مون کي فخر محسوس ٿيو پنهنجي جوان تي! جتي سنڌ کي ڦورو لٽي رهيا آهن، جتي وڏا وڏا نالا مصلحت ۽ پنهنجي ذاتي مفاد ۾ چپ ڪريو ويٺا آهن، اتي شاگرد پنهنجي پونءِ، پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي عزت بچائڻ لاءِ سر جو سانگو لاهيو ويٺا آهن.

مون هڪ خاص ڳالهه نوٽ ڪئي ته شمن گوپانگ جو چهرو ٻهڪي رهيو هو. سندس فخر کان ڳاٽ اوچو هو ۽ هٿڪڙي واقعي مرد جو زيور پئي لڳي. دل پئي گهريو ته ڀاڪر پايانس ۽ چمي به ڏيانس، پر ائين ڪري نه سگهيس. شمن الائي ڪهڙي شاگردن جي جماعت جو هو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس آرگنائيزيشن جو، يا جيئي سنڌ پروگريس گروپ جو يا جيئي سنڌ آرگنائيزنگ ڪاميٽيءَ جو يا سنڌي شاگرد تحريڪ جو؟ بهرحال ڪنهن جو به هو، منهنجو ان سان واسطو نه آهي، پر منهنجو ته ان سان واسطو آهي ته ڪير ڪير ٿو رڳو سنڌ جي خاطر سر جو سانگو لاهي.

●

# 11 فيبروري 1983ع

اڄ ڀهريون پيرو ڳوٺ ۾ بابا جي وفات کان پوءِ، يعني 1953ع کان پوءِ، ڳوٺ جا گهڻو ڪري سڀ مرد گڏجي هڪ هنڌ ويناسين ۽ ڳوٺ جي ڀلي لاءِ سوچيوسون. مون ادا عليڏني کي اڳواڻ چيو هو ته ڳوٺ جي سڀني مردن کي اطلاع ڏي ته سڀ گڏ ٿينداسون. فيصلو ڪيوسون ته مهيني جي هر ٻئي جمعي تي ايئن گڏ ٿينداسون.

امان، اهو سڀ تنهنجو احسان آهي ته تو مون ۾ اتساهه جاڳايو. امان، اڄ الاهي ڏينهن کان پوءِ تنهنجي تربت تي آياسون. امان، مون محسوس ڪيو ته تون ڏاڍي خوش پئي ٿئين.

امان، گهڻا ماڻهو ايندا آهيون ته دل جي ڳالهه نه ڪري سگهندو آهيان. ڪنهن ڏينهن اڪيلو ايندس ۽ توسان گڏ دل کولي ڪچهري ڪندس. امان، ايئن اچي دعا گهري، گل وجهي ۽ اگربتي ٻاري هليا تا وڃون ته دل نه ٿي ڀرجي ڪنهن ڏينهن ايندا سون ۽ چڱي دير ويهنداسون ۽ پوءِ آئون تو سان دل کولي ڳالهيون ڪندس.

امان، جڏهن تنهنجو قبر وٽان موٽندا آهيون ته ٻار جنهن نموني تو کي چوندا آهن، ”چڱو امان جاني، خدا حافظ“ ته ايئن لڳندو آهي جڻڪ اوهان گهر ۾ وينا آهن ۽ اسين موڪلائي ڪيڏانهن پيا وڃون. اڄ به ماهرا، زينب ۽ بشرا جنهن نموني تو کي ”امان جاني، خدا حافظ“ چيو ته دل ڀرجي آئي.

امان، تون مري نه ٿي سگهين. اڄ به ايئن لڳو جڻ تو کي ڪالهه دفنائي ويا هجون. امان! امان! امان! دل ٿي چئي ته هر هنڌ امان امان لکي تنهنجي نالي سان جڳ ڀري ڇڏيان.

امان، اڄ اسان جي ڳوٺ لاءِ اهم ترين ڏينهن هو. اهو سڀ ڪجهه تنهنجي ڪري آهي امان!

●

# 17 فيبروري 1983ع

پاڪستان ۾ محتسب اعليٰ (Ombudsman) جي مقرري ٿي ۽ جج سردار محمد اقبال، جيڪو پنجابي آهي، کي مقرر ڪيو ويو ۽ ٻيو نمبر اهم ماڻهو، سنڌ جو چيف سيڪريٽري مسعود الزمان کي مقرر ڪيو ويو، جيڪو به پنجابي آهي.

ڪالهه اخبار "ڊان" ۽ "اسٽار" ۾ آيو ته لياقت ميڊيڪل ڪاليج ۾ داخلائن جي وقت جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۽ نيو سنڌي اسٽوڊنٽ فيڊريشن، (پنجابين) جي وچ ۾ هڪ اختلافي بئنر تي گوليباري ٿي ۽ ٻه پنجابي شاگرد زخمي ٿيا! خبر پئي ته بئنر ۾ ٻيو ڪجهه ڪو نه هو، پر اهو بئنر پنجابيءَ ۾ هو.

●

# 19 فيبروري 1983ع

اڄ رات جو يوسف ۽ نذر کي سمهاريندي مون کين ايئن امان جي ياد تازي ڪرڻ لاءِ پڇيو، ”يوسف، نذر، امان جاني اوهان کي ٽافيون ڏينديي هئي نه!“

”ها امان جاني ڏيندي هئي. امان جاني گذاري ويئي!“ نذر اهڙو ته هڪدم چيو ته آئون حيران ٿي ويس.

”امان جاني مري ويئي.“ وري يوسف چيو.

”امان جاني گوٺ هلي ويئي.“ نذر چيو

”امان جاني وٽ اگربتيون ٻاريندا آهيون.“ يوسف چيو.

آئون ٻارن جون اهي ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو حيران ته ٿيس پر منهنجون اکيون به پرجي پيئي آيون. ٽن سالن جا ابهم ٻار امان جانيءَ جي وفات، جنهن کي اٺ مهينا ڪن ٿي چڪا آهن، ايترو ياد رکيو ويٺا آهن: نيٺ مون چيو، ”امان جاني الله سائين وٽ ويئي آهي“

نذر هڪدم پڇيو، ”ڇو؟“

”انهيءَ ڪري جو الله سائين کيس سڏايو آهي.“

”ڇو؟“ نذر وري پڇيو

”انهيءَ ڪري جو الله سائين سڀني ماڻهن کي سڏائيندو آهي.“

”ڇو؟“ نذر هر ڳالهه تي ڇو ڇو ڪندو رهيو.

آئون ته اداس ٿي ويس پر مون ڏٺو يوسف ۽ نذر ٻئي اداس ٿي ويا هئا. پوءِ آئون چاچي مينا وٽ ٻارن کي ڇڏي پنهنجي ڪمري ۾ هليو آيس ته جيئن چاچي سمهارين ته پوءِ اچي کين کڻي وڃان.

چاچيءَ پوءِ صبح جو ٻڌايو تہ ٻار اصل سمهڻ ئي نہ ٿي ڏنا ۽ رڳو امان جاني! امان جاني! ڪريو پيا ياد ڪن. مون کي خبر نہ هئي تہ ٻارن جي ذهن تي امان جانيءَ جو ايترو احساس هوندو.

امان، تو ڏنو پنهنجن پوٽن کي! تو ڪين اڍائي سالن جو ڏنو هو پر هو انهيءَ ڄمار ۾ بہ تو کي ايئن ياد رکيو ويٺا آهن ڄڻ وڏا هجن. امان، اهو ڏينهن خالي نہ ٿو وڃي جو تنهنجي ياد نہ اچي.

●

# 23 مارچ 1983ع

مهيني کان به مٿي ٿي ويو آهي جو امان ڊائري ڪانه لکي اٿم. ڪجهه سستي ڪُجهه مصروفيت. پهرين مارچ کان البته اينئن ضرور ڪيو هئم ته هڪ ٻي 1983ع جي ڊائري، جنهن ۾ تاريخون ڇپيل هونديون آهن، ان تي نوٽنگ ڪرڻ شروع ڪئي اٿم ته جيئن ان تان اشارا Hints وٺي هن ڊائري تي احساس تفصيل سان لکي سگهان ۽ ٻيا به ڪم جي هن ڊائريءَ جي ڊائري ڪان ٻاهر هجن، سي به لکندو وڃان. پر اها ڊائري به مارچ 1983ع تائين باقاعدگيءَ سان لکيم پر پوءِ اها به اڄڪلهه نه لکي رهيو آهيان. ان جو ڪارڻ اهو آهي جو مون کي پروموشن جي سلسلي ۾ اوچتو ريسرچ پيپر لکڻا پئجي ويا آهن ۽ ذري گهٽ سڀ ڪم ڇڏي ڏينهن رات ان ڪي لڳي ويو آهيان. ان ڪري هوءَ نوٽس واري ڊائري به لکڻ اڄڪلهه رهجي وينئي آهي. باقاعدي سان جيڪي اخبارون گهر ۾ جدا ۽ ڊپارٽمينٽ ۾ جدا مارڪ ڪندو هوس، اهي به رهجي ويون آهن. سڀ ساهتي ڪم ۽ ٻيا سوشل ڪم وغيره سڀ رهجي ويا آهن.

●

# 13 اپريل 1983ع

اڄا به ساڳي حالت ۾ آهيان. ٽي ريسرچ پيپر انهيءَ وچ ۾ لکي چڪو آهيان، به ڇپائڻ لاءِ روانا ڪري ڇڏيا اٿم ۽ هڪ ٽائيپ ڪرايان پيو. اڄا گهٽ ۾ گهٽ به ۽ To be on the safe side چار پيپر بيا لکڻا اٿم. پر اڄ کان سوچيو اٿم ته نه هاڻي بيو ڪم ڪار جهڙوڪ ڊائريون، اخبارون مارڪ ڪرڻ، فائيلنگ جو ڪم، ساهتي لکڻيون وغيره سڀ ڪم سياڻي کان هوريان هوريان شروع ڪندس ۽ ڊائريون ۽ اخبارون مارڪ ڪرڻ ته اڄ کان ئي شروع ڪري ڇڏيون اٿم.

اڄ هڪ اهم ترين فيصلو ڪرڻو پيو. مظفر زمينون سنڀالڻ ۾ بلڪل ناڪام ويو آهي. ڪيس مستحڪم (Consolidate) ٿيڻ جا گهڻا موقعا مليا پر ڪنهن مان ڪو فائدو حاصل نه ڪري سگهيو ۽ هاڻي لڳي ٿو مظفر اڪيلي سر زمينن تي ڪڏهن به ڪامياب نه ٿي سگهندو. انهيءَ ڪري سياڻي 14 اپريل کان آئون زمينن جي مڪمل چارج پنهنجي هٿ ۾ ڪٽان ٿو. هاڻي زمينن جي ڪاميابي ۽ ناڪاميابي منهنجي جوابداري آهي. سوچيان ٿو. شروع کان ايئن ڪريان ها ته ڏکيا ڏينهن ڏسڻا نه پون ها.

اڄ کان هڪ الڳ انگريڪلچر ڊائري به شروع ڪئي اٿم، جنهن ۾ هڪ زرعي ڪم جو تفصيل هوندو. باقي هن ڊائريءَ ۾ زمين جي باري ۾ رڳو به ڪي اهم ڳالهيون نوٽ ڪرڻ جون هونديون ته ڪيئون نه ته سڀ زمين جون ڳالهيون ۽ ڪم سڀ انگريڪلچر ڊائريءَ ۾ هوندا.

●

# 1 مئي 1983ع

ڪيڏي نہ خوشي ٿي آهي جو ولي رام ولڀ ۽ مون گڏجي ”آرسي“ ڪتابي سلسلي جو پهريون پرچو 27 اپريل 1983ع تي پڌرو ڪيو. ”ڌرتي“، ”سهڻي“، ”پرفيڪٽ پرنٽرس“، ”عالمي ادب“، ”سماجي سائنسون“، ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۽ ٻيا ڪتاب وغيره ڪڍڻ کان پوءِ نيٺ وجهي هڪڙو ڪتابي سلسلو ڪڍيوسون. پر سڄو ڪريڊٽ ولي رام ولڀ کي ئي وڃي ٿو، جو هن مواد سهيڙڻ، ڇپائڻ ۽ وڪري ڪرڻ جي سلسلي ۾ سڄو ڪم پاڻ ئي مٿي تي کنيو. آئون اڪيلو هجان هان تہ شايد ڪري نہ سگهان ها.

منهنجي ڪهاڻي بہ اٽڪل چئن سالن کان پوءِ آئي آهي. جيتوڻيڪ ٻيون ننڍيون ڪهاڻيون يا ڪالم ۽ خاڪا وغيرهہ آئون لکندو رهيو آهيان پر باقاعدي ڪهاڻي چئن سالن ۾ پهريون ڀيرو لکي اٿم.

27 اپريل کان اڄ تائين ”آرسي“ کي ور ور ڏٺو اٿم، ور ور پڙهيو اٿم، پر دل آهي جا ڀرجي ئي نہ ٿي. هاڻي دل لڳائي ”آرسي“، کي ڪامياب بڻائڻو آهي. ٿي سگهي ٿو تہ اهڙي طرح پاڪستان کان پوءِ پهريون ڀيرو هڪ خانگي مستحڪم پبلشنگ اداري جو بنياد رکجي وڃي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابي دنيا ۾ هڪ خال نيٺ ڀرجي وڃي.

ڊائري لکڻ جو ڪيڏو نہ ”سلو پروگريس“ رهيو آهي! آڪٽوبر 1983ع کان اپريل 1983ع تائين رڳو چاليهہ صفحا! ڏاڍو پڇتايان پيو تہ سستيءَ جي ڪري ڊائري باقاعدي نہ لکي، اصل ۾ ڪيڏو نہ نقصان ڪيو اٿم. هاڻي وري دل ۾ وچن ڪريان ٿو تہ باقاعدي لکندس.

●

# 3 مئي 1983ع

اڄ هيترن سالن کان پوءِ، اٽڪل ڏهن سالن کان پوءِ پنهنجي قريب ترين دوست غلام علي عارباڻيءَ سان فون تي ڳالهه ٿي، سندس آواز ٻڌم ۽ آواز سان ڪيسَ پنهنجي آڏو محسوس ڪيم. هونئن ته سدائين غلام عليءَ جي ساٿ جي ضرورت محسوس ڪئي اٿم پر خاص طرح سان امان کان پوءِ ته غلام عليءَ لاءِ گهريم پئي ته ان جو ساٿ هجي، اهڙو دوست جنهن سان ڏک ونڊي سگهان، جنهن جي اڳيان دل کولي رکي سگهان.

امان! اڄ غلام عليءَ جو فون آيو هو. اهو غلام علي جنهن کي تو پنهنجي پٽ سمجهيو هو ۽ تون سدائين ان جو پڇندي رهندي هئينءَ. امان، تو کان پوءِ ڪيڏي نه ضرورت محسوس ڪئي اٿم غلام عليءَ جي! امان، ڪنهن کي ٻڌايان ته تو کان سواءِ منهنجي حالت ڪهڙي آهي. انور ۽ مظفر، اختر ۽ منور، اهي به ته سڀ تنهنجي جدائيءَ جي ڏک ۾ ورتا پيا آهن. پر امان، تون اسان کان هر گز جدا نه آهين. هر گهڙيءَ مون توکي پاڻ سان گڏ محسوس ڪيو آهي. مون ته تنهنجو آواز، تنهنجي ڇهاءُ تائين به محسوس ڪيو آهي. بس ڪيڏيءَ ڪيڏيءَ مهل دل گهرندي آهي ته غلام عليءَ جهڙو دوست هجي، جنهن سان ويهي حال اوريان، تنهنجو ذڪر ڪريان. تنهنجي هڪ هڪ ڳالهه ياد ڪريان. امان، ڪڏهن ڪڏهن مون کي ايئن محسوس ٿيندو آهي ته آئون هڪ اڻ حقيقت جي دنيا ۾ آهيان ۽ تون اڃا دنيا ۾ موجود آهين. سوچيان ٿو، جيڪڏهن مون تي پارن ٻچن جون ذميداريون نه هجن ها ته تنهنجي جدائي شايد برداشت نه ڪري سگهان ها.
امان، جڏهن تون حيات هئينءَ ته آئون پاڻ لاءِ جيئندو هوس ۽ هاڻي آئون پنهنجي اولاد لاءِ جيئان ٿو ۽ پنهنجي خوشين لاءِ به، ڇو ته تون مون کي سدائين خوش ڏسڻ گهرنديون هئينءَ نه. آئون جڏهن خوش ٿيندو آهيان. ته تون به مون کي خوش ٿيندي نظر ايندي آهين ۽ جڏهن مون کي ڪو ڏک پهچندو آهي ته تڏهن تون

# 4 مئي 1983ع

اڄ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ذوالفقار علي ڀُٽي جي چوٿين ورسي ملهائي پئي ويئي. هونئن سندس وفات جو ڏينهن 4 اپريل هو پر يونيورسٽي انهيءَ ڏينهن تي سيمسٽر بريڪ جي ڪري بند هئي. حقيقت ۾ يونيورسٽي پهرئين سرڪيولر پٽاندر 2 اپريل تي کُلڻي هئي پر ڀُٽي صَاحب جي ورسي ڪري وري ٻيو سرڪيولر ڪڍي يونيورسٽي 5 اپريل تي کولي ويئي ۽ اهڙي طَرح اڻ سڌيءَ طرح 4 اپريل تي ورسي نہ ملهائي ويئي پر يڪو مهينو ترسي 4 مئي تي ورسي ملهائڻ جو پروگرام رٿيو ويو. آئون سمجهان ٿو تہ شايد ان ڪري جو ساڳيو مهينو نہ سهي پر ساڳي تاريخ ئي سهي. عمل نہ ٿيو.

اها ورسي سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽ فيڊريشن، سنڌ يونيورسٽيءَ يونٽ پاران ملهائي ويئي ۽ باقاعدي ديڳيون چاڙهيون ويون، هن سلسلي ۾ ڪارڊ بہ ڇپارايا ويا پر اهي استادن کي نہ مليا. استاد هونئن بہ اهڙن فنڪشنن ۾ نہ ويندا آهن پر تڏهن بہ پروپئگنڊا جي لحاظ کان اهي ڪارڊ جيترا تي سگهن ها اوترا نہ رڳو سنڌ يونيورسٽيءَ پر مهراڻ يونيورسٽي، ايگريڪلچر يونيورسٽي، مقامي صحافين ۽ آفيسرن مطلب تہ عوام ۾ بہ ورهائين ها تہ جيئن هر ڪنهن کي خبر پئي ها. مون کي بہ ان ڪارڊ جي خبر نہ پئي ها جيڪڏهن اهو ڪارڊ ايئن رستي ۾ نہ ملي وڃي ها، ڪنهن شاگرد اهو ڪارڊ نوٽيس بورڊ جي ٻاهران لڳائي ڇڏيو هو ڇو تہ نوٽيس بورڊ تي تالو لڳل هو.

ڪارڊ جو متن هن ريت آهي:

جيئي ڀٽو ازم                                    جيئي سنڌ

تو هارين جي حمايت ڪئي، تڏهن سوليءَ تي چاڙهيو وئين،
تو اَيرن جي امامت ڪئي، تڏهن سوليءَ تي چاڙهيو وئين،
تو مُلن جي ملامت ڪئي، تڏهن سوليءَ تي چاڙهيو وئين،
اهي مُلان مڪار مُنهن ڪارا، سدائين بيعزتا رهندا،
ڀيل توکي ڀُٽا صاحب، گلي ۾ گل رتا هوندا.

## شهيد جمهوريت جي چوٿين ورسي

ساٿي/ ساٿياڻي..............................

هر سال وانگر هن ڀيري به سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن سنڌ يونيورسٽي يونٽ پاران

**شهيد جمهوريت، قائد عوام ذوالفقار علي ڀٽي**

جي ورسيءَ جو پروگرام 4 مئي اربع جي ڏينهن صبح جو آرٽس فئڪلٽي جي آڊيٽوريم هال ۾ رکيو ويو آهي. اوهان کي شرڪت جي دعوت ڏجي ٿي.

### پروگرام

قرآن خواني: 8:30 وڳي صبح
مقالا ۽ تقريرون: 9:30 وڳي صبح
ماني: 12:00 وڳي منجهند

پاران
**سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن (سپاف)**
سنڌ يونيورسٽي يونٽ ڄامشورو.

●

# 26 مئي 1983ع

اڄ سادي يارهين وڳي کان اوچتو ڊپارٽمينٽ ۾ نڪائن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا ۽ اکين ۾ ڪنهن تکي پوسرائينڊڙ گئس جو به اثر محسوس ٿيڻ لڳو. خبر پئي ته پوليس، مهراڻ يونيورسٽيءَ جون هاسٽلون شاگردن کان خالي ڪرائڻ پئي گهري ۽ پوءِ اها به خبر پئي ته شاگرد هاسٽلون خالي ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهن ۽ انهن وٽ به هٿيار پنوهار آهن ۽ پوليس سان باقاعدي مقابلو ڪري رهيا آهن. اسان يونيورسٽيءَ ۾ سوا هڪ وڳي تائين هئاسون ۽ تيستائين باقاعدي مقابلو هلي رهيو هو. پوءِ خبر پئي ته شاگرد شام جو پنجين وڳي تائين آخري گوليءَ تائين وڙهندا رهيا ۽ تنهن کان پوءِ شاگردن هاسٽلون خالي ڪيون. سرڪاري پريس نوٽ پٽاندر 120 شاگرد گرفتار ڪيا ويا. پر خانگي طور ٻڌايو ويو ته 300 شاگرد گرفتار ٿيا.

مقابلو هلندي ٽي چار پوليس وارا به سخت زخمي ٿيا ۽ هڪ ڊي ايس پي به هلڪو زخمي ٿيو. ڊي ايس پي ڪنڌڪوٽ جو بلوچ هو ۽ فوج ۾ ميجر هو. جيئن فوجي سويلين حڪومت ۾ ڪاهي پيا آهن تيئن هي به فوج مان پوليس ۾ آيل هو. خبر پئي ته پوليس جي وهم گمان ۾ نه هو ته شاگرد مقابلو ڪندا ۽ شاگردن تي پوليس چاڙهڻ وقت مهراڻ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر ايس ايم قريشي خاص طرح پنهنجي دوست پوليس آفيسر مسٽر نيازي، ايس پي ٺٽو کي سڏايو هو. شايد نيازي غير سنڌي آهي. هڪڙو وقت ته اهڙو به آيو جو پوليس وارن جا هٿيار کُٽي پيا. هڪڙو ٻيو وقت اهڙو آيو جو پوليس وارا اهڙو ته وچ ۾ ڦاسي ويا هئا جو نيازيءَ هٿيار ڦٽا ڪرڻ جو سوچي رهيو هو. ٻڌڻ ۾ آيو نه شاگردن کي نيٽ انڊس رينجرس ۽ ڪي چون ٿا ته فوج اچي آڻ

مجرائي. پر ڪي چون ٿا تہ شاگرد تيسين آڻ نہ مڃين ها، جيسين سندن هٿيار ختم نہ ٿين ها.

مهراڻ يونيورسٽيءَ جا شاگرد ڪجهہ ڏينهن کان هڙتال ڪري رهيا هئا، سندن مطالبا هئا تہ سيمسٽر ۾ گريڊ پائنٽ اوريج G.P.A ختم ڪيو وڃي. سنڌ يونيورسٽي اڳ ۾ ئي ختم ڪري ڇڏيو آهي. رسٽيڪيٽ ٿيل شاگردن کي واپس ورتو وڃي. هي رسٽيڪيٽ ٿيل شاگرد اهي هئا جن پنجابين کي مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ مارڪٽ ڪري اچڻ کان روڪيو هو. گذريل سال حيدرآباد جي ميران گورنمينٽ گرلز اسڪول حيدرآباد جي هاسٽل ۾ رهندڙ سنڌي شاگردياڻين تي پنجابين حملو ڪري ڪين ڦريو هو يا سندن عزت لٽي هئي. انهيءَ باري ۾ اصل حقيقت معلوم نہ ٿي سگهي آهي. انهيءَ واقعي جي احتجاج ۾ سنڌ يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شاگردن پنجابي شاگردن کي مارڪٽ ڪئي هئي ۽ کين انهن ٻن يونيورسٽين ۾ اچڻ کان روڪيو هو. ڪنهن بہ پنجابي شاگرد تي نہ تہ گولي هلائي وئي هئي نہ زخمي ڪيو ويو پر مٿن يونيورسٽي اچڻ تي بندش وڌي وئي ۽ جيڪو پنجابي شاگرد تي نظر آيو ان کي مارڪٽ ڪئي تي وئي. سنڌ يونيورسٽي ۽ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلرن الياس ابڙي ۽ ايس ايم قريشي پنهنجن پنجابي آقائن کي خوش ڪرڻ لاءِ ڏهہ ڏهہ، پندرنهن پندرنهن ڪري، ڪل ٽيهارو کن شاگرد هميشہ لاءِ رسٽيڪيٽ ڪري ڇڏيا هئا. انهن ۾ ڪي تہ اهڙا هئا جن جي آخري سال جو زباني امتحان (Viva-voce) رهيل هو. مهراڻ يونيورسٽيءَ جي شاگردن انهن شاگردن جي رسٽيڪيشن آرڊر واپس وٺڻ جو بہ مطالبو ڪيو هو، تنهن کان سواءِ وي سيءَ جي خردبرد ۽ ٻين گهڻن غير قانوني ۽ غير اخلاقي ڳالهين جي نشاندهي ڪيل هئي.

اڄوڪي واقعي کان هڪڙو ڏينهن اڳ شاگردن زبردست جلوس ڪڍيو هو، وي سيءَ جي آفيس جي زبردست ڀڃ ڊاهہ ڪئي هئي ۽ جلوس وي سيءَ جي گهر ٻاهران زبردست نعريبازي بہ ڪئي هئي.

سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽيءَ ۾ ڪراچيءَ جي برعڪس سڄو دارومدار هاسٽلن ۾ رهندڙ شاگردن تي آهي. انهيءَ ڪري جڏهن بہ تورو گوڙ ٿيندو آهي تہ وي سي وارا هنگامي ختم ڪرڻ لاءِ هاسٽلون خالي ڪرائيندا آهن. بس مهراڻ جي وي سي بہ هڪدم اڄ يونيورسٽي

۽ هاسٽلون بند ڪري شاگردن کي ڪڍڻ تي گهريو پر شاگرد هن پيري يونيورسٽي ۽ هاسٽل خالي ڪرڻ لاءِ تيار نہ هئا ۽ اهڙي طرح سنڌ جي تاريخ ۾ پهريون پيرو سنڌ جي شاگردن حڪومت سان مقابلو ڪيو.

مقابلي جي آخري حصي ۾ جڏهن شاگردن وٽ هٿيار ختم ٿيا ۽ هوڏانهن ڊي ايس پي بلوچ ۽ ٽي پوليس وارا زخمي ٿيا تہ پوليس وارا چِٽا ٿي پيا ۽ جڏهن شاگرد هٿيار ختم ٿيڻ تي سنڌ يونيورسٽيءَ واري هاسٽلن ڏانهن پڄي رهيا هئا تہ پوليس وارن باقاعدي انهن جو پيڇو ڪيو.

●

# 10 جون 1983ع

جمعي جو ڏينهن آهي ۽ آئون اڄ صبح جو ڪافي دير تائين هنڌ تي ليٽيو پيو آهيان. نہ پوري طرح جاڳيل آهيان نہ پوري طرح سٽل آهيان. اها ئي ننڊاکڙي هجڻ جي حالت، جڏهن خاص طرح موڪل جي ڏينهن ماڻهو ريلئڪس ڪندو آهي.

آل انڊيا ريڊيو جو آواز ڪنن ۾ پڙاڏجي پيو، ڪجهہ ٻول ڪنن ۾ پئون ٿا. ڪجهہ رهجي ٿا وڃن. فلمي گانن جي وچ ۾ پنجن منٽن جو هڪڙو پروگرام "شمع فروزان" ايندو آهي، جنهن هيٺ ڪنهن خاص واقعي، ڪنهن خاص فلسفي ۽ ڪنهن خاص ڳالهہ جو ذڪر ڪيو ويندو آهي. آل انڊيا ريڊيو جو اهو پنجن منٽن جو پروگرام ۽ ٻيو وري ڪلاڪ ڪن ڪان پوءِ پنج منٽن جوپروگرام "تاريخ ساز" نالي سان ايندو آهي، جنهن هيٺ وري اُپکنڊ جي ڪنهن اهم شخصيت جو ذڪر ڪيو ويندو آهي، جنهن تاريخ ۾ سڌي طرح يا اڻ سڌي طرح اهم ڪردار ادا ڪيو هجي. مون کي چڱي طرح ياد آهي تہ گذريل سال انهيءَ "تاريخ ساز" پروگرام ۾ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جو احوال آيو هو. منهنجي خواهش آهي تہ انهن ٻنهي پروگرامن کي روزانو رڪارڊ ڪري، انهن جو متن ٻئي ڏينهن تي ڪنهن روزاني اخبار ۾ شايع ڪرائجي. پنجن منٽن جا اهڙا مختصر ۽ وري اهڙا مڪمل پروگرام، آئون سمجهان ٿو، هندستان ۽ پاڪستان ۾ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ڪهڙي بہ ريڊيو اسٽيشن تان نہ ٿا اچن.

منهنجي اها خواهش رهي آهي تہ انهيءَ ساڳئي پروگرام جي نموني تي، سنڌ تي ٻڌل پروگرام، سنڌ جي ڪنهن ريڊيو اسٽيشن تان اچي. روزاني "عبرت" ۾ البت اڄوڪو ڏينهن" جي سري هيٺ سنڌي جي ڪنهن اهم شخصيت تي ليک ايندو آهي، جيڪو پنهنجي جاءِ تي بلڪل "تاريخ ساز" جون سڪون ٿو لاهي. (1)

(1) منهنجي نظر ۾ "عبرت" جي اها واحد خوبي آهي. (ليکڪ)

اهي ٻئي پروگرام ميڊيم ويو تي صبح جو ڇهہ لڳي پنجونجاهہ منٽن تي ۽ ست لڳي پنجونجاهہ منٽن تي ايندا آهن. اهڙي طرح ساڳئي هنڌ تان اٺ لڳي پنجويهہ منٽن تي "آج کي بات" ، هڪ ٽيون بہ پنجن منٽن جو پروگرام ايندو آهي، جيڪو ڪنهن تازه ترين واقعي تي ٻڌل هوندو آهي ۽ اهو بہ بهرحال گهڻ اهم ڪونهي.

اڄ صبح جو ڪنن تي انهن پروگرامن هان "شمع فروزان" پروگرام جو آواز ڪنن تي پيو ۽ مون کي پنهنجي اڌ ننڊ اوچتو ختم ڪري ڇرڪ ڀري اٿڻو پيو. آواز اچي رهيو هو:

"جيڪڏهن ڪم ڪرڻ جي قابل هجي تہ اهو ڪيو وڃي. پر انهيءَ سان اهو بہ شرط آهي تہ جيڪڏهن ڪو ڪم ڪرڻ جي قابل آهي تہ ان کي ڍنگ سان ڪيو وڃي."

شايد اهي[1] ڊاڪٽر ذاڪر حسين جا قول هئا اهي ٻول ٻڌي آئون واقعي ڇرڪي پيس. اسين ذاتي، توڙي گڏيل ڪم ڪريون تہ ٿا، پر انهن کي ڍنگ سان نہ ٿا ڪريون. نتيجي ۾ اهو ڪم ٻچاڙي جو ٿئي ئي ڪونہ ٿو ۽ ان مان گهربل نتيجو حاصل نہ ٿو ٿئي، پر جي ٿئي ٿو تہ اڌوگابرو ۽ ڪن حالتن ۾ تہ نقصانڪار پڻ ثابت ٿئي ٿو.

آئون هتي ذاتي ڪمن جو ذڪر ڪونہ ٿو ڪريان، پر گڏيل ڪم جي ڪرڻ جي قابل هئا ۽ آهن ۽ فوقيت جي بنياد تي اهم ترين آهن، انهن جو احساس تہ آهي، ٿورو ڪجهہ ڪيو تہ اٿئون پر ڍنگ سان يعني "آرگنائيزڊ" نموني، "سسٽيميٽڪ" نموني نہ ڪرڻ جي ڪري نتيجا تہ ڪجهہ نہ نڪتا آهن. ڪن حالتن ۾ منفي بہ نڪتا آهن. ڪٿي آهن سنڌي ساهت سال ڪانفرنس جا پاس ڪيل ٺهراءَ؟ ڪٿي آهن برادريءَ جي بنياد تي قائم ٿيندڙ سنڌ ۾ سوين جماعتون؟ ڪٿي آهن خانگي پبلشنگ ادارا؟ ڪٿي آهن ڪتابي سلسلن وارا؟ هن وقت سنڌ جي اهم ترين ضرورت سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت برقرار رکڻ آهي ۽ جهڙيءَ طرح اسڪولن مان، سائين بورڊن تان، سرڪاري پيڙهہ جي پٽرن تان، روڊ سائينن تان، سرڪاري تقريبن مان، سرڪاري ادارن مان، نيم سرڪاري ادارن مان، تان جو روزمره جي عام ڳالهہ ٻولهہ مان سنڌي ٻولي ختم ٿي رهي آهي ۽ اسان چپ چاپ پنهنجي ٻوليءَ جي بربادي پيا ڏسون ۽ وڏ ۾ وڏ رڳو نعراءُ

(1) جيڪو هندستان جو صدر ٿي رهيو ۽ جنهن جو ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر محمود حسين ڪراچي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر ٿي رهيو آهي. (ٽيڪ)

پاس ڪري اخباري بيان ڪيو، ٿلهو ڪاڳر تي لکي فائيل داخل پيا ڪريون.(1) تنهن مان ته اهو ئي نتيجو ٿو نڪري ته اسان کي اهو ته احساس آهي ”جيڪڏهن ڪم ڪرڻ جي قابل آهي ته اهو ڪيو وڃي، پر اهو احساس نه آهي انهيءَ ڪم کي ڊنگ سان ڪيو وڃي.“

آئون ڪڏهن ڪڏهن سوچيان ٿو ته ائين ڇو آهي. شايد انهيءَ جو ڪارڻ اسان جي پنهنجي ذات سان لاڳاپيل ته نه آهي. ڇو ته اسان پنهنجي ذاتي ڪم، خانگي ڪم، گهرو ڪم جيڪي ڪرڻ جي قابل آهن، سي اول ته ڪريون ئي نالي ماتر ٿا ۽ جيڪي ڪريون ٿا ته ڊنگ سان نه ٿا ڪريون. انهي ڪري نتيجي ۾ گڏيل ڪم، اجتماعي ڪم به ڊنگ سان نٿا ٿين يا ڪو ٻيو سبب آهي؟

●

---

(1) گهڻي وقت ته فائيلون به ڪونه آهن. (ليکڪ)

# 11 جون 1983ع

ڪاڌي پيتي جي سلسلي ۾ پئسن بچائڻ جو هڪ سٺو تجربو ٿيو. آئون صبح جو نيرن تي پاريج کائيندو آهيان. اهو پاريج اصل ۾ دَليا، جو انگريزي نالو آهي. پاريج پئڪيٽ ۾ پوليٿين جي ٿيلهيءَ ۾ بند ٿيل جنرل اسٽور تان ملندو آهي. هڪ پئڪيٽ جي قيمت اٽڪلهه ست روپيا ويهه پئسا آهي ۽ ان جي تورَ اڌ ڪلو ڪن آهي. هي پئڪيٽ راولپنڊيءَ، پنجاب مان فوجي فائونڊيشن جي ڪارخاني مان پئڪ ٿي اچي ٿو. آئون پانيان ٿو ته اهو پاريج، اوٽس يعني جوَن مان ٺهيل آهي. اڳ اهو پاريج ”ڪوئڪر اوٽس“ جي براند نالي سان هالينڊ مان امپورٽ ڪيو ويندو هو، جيڪو بهرحال جيئن نالو ٻڌائي ٿو، اوٽس جي اَن مان ئي ٺهندو هو. ويجهڙائيءَ ۾ جيڪو تجربو ٿيو، اهو اوهان کي ٻڌائڻ ٿو گهران. مون سوچيو ته ڇو نه انهيءَ پئڪيٽ واري پاريج جي بدران سڌو سنئون ڪٽڪ جو دَلرو ونجي. سو هڪڙي دوڪان تان ڪٽڪ جي دَليا جوپئڪيٽ ورتم جيڪو هڪ ڪلو تور جو هو ۽ ساڍن ٽن روپين ۾ مليو، جڏهن ته فوجي سيريل وارو پاريج 15.روپيا في ڪلو پوي ٿو. ٻئي ڏينهن جڏهن ان دَليا کي صبح جو پاريج وانگر ٺهرائي کاڌم ته مون کي ذرو به فرق محسوس نه ٿيو. سوچيم ته هرويرو اينترا سال آئون ۽ ٻار هرويرو فوجي سيريل ڪمپني جو راولپنڊيءَ وارو مهانگو پاريج کائي رهيا هئاسون، جنهن ۾ گهٽا پيرا ته سُرو لڳل مواد نڪرندو آهي. باقي هي تجربو اجا مون نه ڪيو آهي ته سڌو سنئون ڪٽڪ کي پنهنجي گهر جي گرائينڊنگ مشين تي دَلرو ناهي ڏسجي، جيڪو پڪ دوڪان تان ورتل ساڍن ٽن روپين ڪلو جي دَليا جي پيٽ ۾ اجا به سستو پوندو، ڇو جو ڪنهن وٽ گرائينڊنگ مشين نه هجي ته جنڊَ تي به دَلرو پيهي سگهجي ٿو. ڪنهن زماني ۾ ته شهرن ۾ جنڊَ هوندا هئا، جڏهن ته هاڻي ڳوٺن ۾ گهٽن گهرن ۾ جنڊَ ڪونهن. اسان جي امڙ 1982 تائين گهر ۾ جنڊ رکيو ويٺي هُئي!

ڪنهن ڪم سانگي ڊاڪٽر غلام علي الانا وٽ سنڌالاجيءَ ۾ وڃڻ ٿيو. جڏهن ڊاڪٽر صاحب جي آفيس ۾ پهتس تہ ڊاڪٽر صاحب وٽ بہ ٻيا ماڻهو ويٺا هئا. آئون بہ ڊاڪٽر صاحب سان ملي ڪرسي ڇڪي ويهي رهيس. مون هنن ٻن ماڻهن ڏانهن رڳو اُچاتري نظر وڌي ۽ ڪين ڪيڪاريم بہ ڪونہ، جيتوڻيڪ جيڪو ماڻهو ٻاهران اچي تہ وينلن سان هٿ ضرور ملائڻ گهرجي. ٻئي نوجوان سادا سنڌي ڪپڙن ۾ عام ماڻهو ٿي لڳا، جيڪي شايد پنهنجي سادگيءَ جي ڪري منهنجو ڌيان نہ ڇڪائي سگهيا هجن. سوٽ بوٽ ۾ يا گهٽ ۾ گهٽ اهڙي شلوار قميص ۾، جنهن مان ڪا وڏيرائپ نظر اچي ها تہ خوش خيرعافيت، نہ تہ هٿ تہ ضرور ملايان ها.

ڊاڪٽر الانا صاحب سان انهن ماڻهن مان هڪ ڳالهہ ڪندي هڪ پئڪيٽ ڪڍيو، جنهن ۾ ٽي گرامو فون جا رڪارڊ هئا ۽ اهي ٽيئي ايل پي (L.P). هن اهي ٽيئي رڪارڊ ڊاڪٽر الانا صاحب کي سنڌالاجيءَ لاءِ سوکڙي طور ڏنا. هن صاحب ٻڌايو تہ هن اهي ٽيئي رڪارڊ خاص طرح هندستان مان گهرايا آهن. مون انهن ٽنهي رڪارڊن کي ڏٺو، جيڪي ڏاڍي سهڻي رنگين ڪور ۾ هئا. اهڙا تہ سهڻا ڪوَر جهڙا ايل.پي رڪارڊن تي ٿيندا آهن انهن رڪارڊن جا ڪوَر ڪتابن جو ٽائيٽل وانگر هر هڪ رڪارڊ لاءِ الڳ الڳ ناهيا ويندا آهن ۽ گهڻا ماڻهو پنهنجي گهرن ۾ انهن رڪارڊن کي اهڙي ڪيس يا اسٽئنڊ تي رکندا آهن جو انهن جا سهڻا سهڻا ڪوَر تصويرون ۽ پيئنٽنگس وانگر ڪمري جي سونهن ۾ اضافو ڪندا آهن. هنن هندستاني رڪارڊن جي هڪ خاص خوبي اها هئي تہ انهن تي انگريزيءَ سان گڏوگڏ سنڌيءَ ۾ بہ ٽائيٽل لکيل هئا، نہ تہ هندستاني فلمي توڙي غير فلمي رڪارڊن تي، پوءِ اهي هندي هجن يا اردو ٽائيٽل، ۽ ٻيا سڀ تفصيل رومن الفابيٽ يعني اي بي سي اکرن ۾ ئي لکيل هوندا آهن. هنن سنڌي رڪارڊن ۾ بہ ٻيا سڀ تفصيل رومن سنڌيءَ ۾ لکيل هئا، پر ٽائيٽل عربي سنڌيءَ ۾ بہ لکيل هو. مون هڪدم انهن رڪارڊن جا نالا ۽ نمبر نوٽ ڪيا تہ جيئن اهي رڪارڊ آئون بہ هندستان مان گهرائي سگهان. انهن رڪارڊن جا ٽائيٽل ۽ نمبر هن ريت هئا:

(1) ايل.پي يعني لانگ پلي رڪارڊ ۾ هڪ هڪ پاسي ڇهہ ڇهہ گانا ٿيندا آهن. (ليکڪ)

(1) Sindhi Film Hits Angel Record No. 3AEX 5275

(2) Sindhi Love Songs EMI Record No. 545 NLP 120

(3) Sindhi Folk Songs Polydar Record No. 2392-532

آئون انهن سيني سنڌين کي جن وٽ رڪارڊ پليئر آهن ۽ جيڪي ايل پي رڪارڊ وٺن ٿا، انهن کي گذارش ڪريان ٿو ته اُهي اِهي رڪارڊ ضرور وٺن ۽ پنهنجي ڪمرن ۾ بين رڪارڊن وانگر سجائي سنڌيت جو مانُ مٿي ڪن.

ها پر مون ڳالهه پئي ڪئي انهن جوانن جي، جيڪي اهي رڪارڊ سنڌالاجيءَ کي سوکڙي ڏيڻ لاءِ خاص ڪري آيا هئا. انهن مان هڪڙو نالو ياد نه اٿم جيڪو اليڪٽريڪل انجنيئر هو ۽ ولايت ۾ رهي چڪو هو ۽ هينئر سعودي عرب ۾ نوڪري ۾ آهي. هنُ ڊاڪٽر صاحب کي ڳالهين ڪندي ٻڌايو ته آل انڊيا ريڊيو جو سنڌي پروگرام، هُو ڌهران تائين ٻڌي سگهندو آهي، پر رياض تائين نه. پر ريڊيو پاڪستان جو ڪوبه سنڌي پروگرام ته ڌهران تائين به ٻڌڻ ۾ ڪونه ايندو آهي. ٻنهي مان هڪ شخص ٻڌايو ته هو مون کي سڃاڻي ۽ پاڻ باقاعدگيءَ سان سنڌي ادبي بورڊ ۾ ڪتاب وٺڻ ايندو هو. هن خاص طرح مون کان پڇيو ته آئون اڄا تائين به ڪتاب وغيره ڪڍندو آهيان يا نه؟ جڏهن ڪيس ٻڌايم ته ويجهڙائي ۾ آرسي ڪڍي اٿم ته پاڻ انهيءَ کي وٺڻ لاءِ ڏاڍو اتساهه ڏيکاريو.

آئون سوچيندو رهيس ته هڪڙو ڇڙو خاص طرح قيمتي رڪارڊ هندستان مان گهرائي(1) سنڌالاجيءَ کي مفت ۾ ڏيڻ آيو هو ۽ ٻيو هڪ سنو سنڌي پڙهندڙ هو. منهنجيءَ نظر ۾ مون کان ٻئي وڏا هئا. سچي ڳالهه ته اها آهي ته مون وٽ ايل پي اهڙا رڪارڊ هجن ها ته آئون ته سنڌالاجي کي مفت ۾ ڪونه ڏيان هان.

جڏهن هو ٻئي اٿيا ته ٻنهي ويندي ڊاڪٽر الانا سان هٿ ملايو ئي پر مون سان به ملايو ۽ ويندي ويندي مون کي لڄي ڪندا ويا.

سوچيم ڪڏهن به ڪنهن کي سادو ۽ سٻاجهڙو سمجهي گهٽ نه ڀانئجي. ٿي سگهي ٿو اهو مون کان دل جو وڏو هجي ۽ جڏهن به ڪنهن وٽ وڃجي، ڪنهن دوست وٽ، ڪنهن بزرگ وٽ، سنڌس گهر يا سنڌس آفيس ۾، ته سيني وينلن سان هٿ ضرور ملائجي. اهو ئي اسان جو وڙُ هجڻ کپي.

●

---

(1) ايل پي جي رڪارڊ جي قيمت سؤ روپيا هوندي. (ليکڪ)

# 13 جون 1983

هڪڙي اسڪول ۾ هڪ فنڪشن ۾ شرڪت ڪرڻ جو موقعو مليو. فنڪشن جو وقت ڇهه وڳا شام هو، پر فنڪشن ڪلاڪ دير سان شروع ٿيو. هونئن ته آئون مقرر وقت کان وڌ ۾ وڌ اڌ ڪلاڪ تائين انتظار ڪندو آهيان، پوءِ اٿي هليو ويندو آهيان، ڇو ته پوءِ پاڻ تي ڪا ميار نه سمجهندو آهيان. پر هن فنڪشن ۾ ڪلاڪ دير سان رڳو ٻارن جي همت وڌائڻ خاطر ويٺس پر پوءِ مون هيڊ ماستر صاحب کي سڌو سنئون چيو ته ايتري دير مناسب نه آهي. سچ پڇو ته ايتري دير ته ٺهيو پر ذري دير، پنجن ڏهن منٽن جي به مناسب ناهي. ٻارن جي فنڪشن ۾ ته هڪ منٽ جي به نه. جڏهن اسين ٻارن ۾ ئي وقت جي پابنديءَ جو احساس شروع کان ئي پيدا نه ڪنداسون ته پوءِ اڳتي هلي ڪهڙو ڪم هو باقاعدگي سان ڪندا؟ اصل ۾ هر ڳالهه، هر ڪم جو بنياد وقت جي پابندي آهي، ۽ جنهن وقت جي پابندي نه ڪئي اهو پٺتي رهجي ويندو. اها وقت جي پابندي رڳو فنڪشن ڪرڻ لاءِ نه، پر هر ڪم ڪرڻ لاءِ آهي ۽ اسان جي قوم سان ته اجتماعي طور وقت جي پابندي اهڙي ته ضروري آهي، جو اسان جا گهڻا مسئلا رڳو وقت تي هٿ ۾ نه ڪٽڻ ڪري رهجي ويا آهن. لطيف سائينءَ جو ڪلام رڳو پڙهڻ، ڳائڻ ۽ ٻڌڻ تائين محدود آهي، نه ته سائينءَ ته اڳيئي چتي ڇڏيو هو: "متان ٿئي اونداهه، پير نه لهين پرينءَ جو."

آئون انهيءَ اسڪول جي ناتي، وقت جي پابنديءَ جي ڳالهه ڪندي، اها چواڻي حوالي طور ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان جيڪا مون ڪٿي پڙهي هئي:

Nine tenth of the wisdom is to be right on time.

مون ٽي ويءَ تي بي بي مهاڀاري جنگ جي سيريز "The World at War" جي هڪ سلسلي ۾ نوٽ ڪيو هو ته جڏهن جپان تي آمريڪي حملو شروع ٿيو ته جپان جي ماسڪو ۾ سفير اسٽالن سان ملڻ پئي گهريو ڇو ته جپان ۽

يو.ايس.آر جي وچ ۾ صلح جو معاهدو هو، اسٽالن آمريڪا جي طرفداريءَ جي ڪري جپان جي مدد نہ پي ڪرڻ گهري، ڇو تہ يو.ايس.آر ۽ آمريڪا وارا جنگ ۾ اتحادي هئا. اسٽالن وري هروڀرو جپان سان وڙهڻ نہ پئي گهريو. سو اسٽالن لاءِ اها ئي وات هئي تہ جپان جي سفير سان ڳالهہ ٻولهہ نہ ڪري ان ڪري اسٽالن ملڻ کان لنوائيندو رهيو. انهيءَ ڳالهہ جي پس منظر کي جپانين بہ ٺي سمجهيو ۽ ان ڪري جپان جي وزيراعظم اسٽالن کي بيان ۾ مخاطب ٿي چيو:

One day's delay may cause a thousand years' regret.

(هڪ ڏينهن جي دير هزار سالن جو پڇتاءُ ٿي سگهي ٿي)

هتي آئون هيءَ ڳالهہ واضح ڪري ڇڏيان تہ هي دير وغيره جون جيڪي مون ڳالهيون ڪيون آهن، سي رڳو فنڪشنن ۽ شادين وغيره ۾ دير ڪرڻ سان ٺلهو واسطو نٿيون رکن، پر هر ڪم ڪرڻ سان، يعني اوهان کي، مون کي، الڳ الڳ يا گڏجي ڪوبہ ڪم ڪرڻو آهي تہ انڱ کي هڪدم ڪرڻ گهرجي، نہ تہ وقت گذري ويندو ۽ پوءِ ڪٿي ڪيترو بہ آرگنائيز ڪري همت ڪري ڪم ڪرڻ وينا سون تہ بہ وقت گذري چڪو هوندو. لطيف سائينءَ اڳيئي اسان کي خبردار ڪري ڇڏيو آهي:

”وهامي ويندياءِ گهڻا هنندي هنڙا.“

مون ۾، اوهان ۾، ليکڪن ۾، دانشورن ۾، استادن ۾، شاگردن ۾، هارين ۾، سماجي ڪارڪن ۾ جيڪي بہ آرگنائيز ڪرڻ جا صحتمند قانوني ۽ اخلاقي ذريعا آهن، انهن کي هڪدم عمل ۾ آندو وڃي ۽ ڪير بہ اهو انتظار نہ ڪري تہ فلاڻو ڪم آهي ۽ ٻيا ماڻهو وينا آهن، اهي پاڻهي ڪندا. ڪنهن بہ قوم جي جاڳرتا جي ڏسٽي اها آهي تہ جيڪو ماڻهو، جنهن ڪم کي، مسئلي کي، يا سوچ کي، سيني تي فوقيت ڏيئي، انهيءَ باري ۾ اهو ئي سوچي تہ اهوئي اڪيلو ماڻهو آهي، جيڪو اهو ڪم ڪري سگهي ٿو يا ڪٿي ائين چئجي تہ ان ڪم جي شروعات ڪري سگهي ٿو.

مون شروع ۾ ڳالهہ تہ ڪنئي هئي اسڪول ۾ وقت تي فنڪشن ڪرڻ جي، پر ڳالهہ ڪٿي وڃي پهتي آهي.

سرڪاري قائم ٿيل اداري نئشنل لئنگويج اٿارٽي، جنهن کي اردوءَ ۾ "مقتدره قومي زبان" چيو وڃي ٿو ۽ جيڪو ادارو ملڪ ۾ اردو ٻوليءَ کي سرڪاري ۽ غير سرڪاري طرح تي مروج ڪرڻ لاءِ قائم ڪيو ويو آهي انهيءَ جي مُک ڊاڪٽر وحيد قريشيءَ جي نسبت سان اڄوڪي "ڊان" ۾ هيءَ خبر شايع ٿي آهي، جنهن جو ترجمو هيٺ ڏجي ٿو:

## اڙدوءَ کي ترقيءَ وٺائڻ جو سڏ!

مقتدره يعني نئشنل لئنگويج اٿارٽي جي مک ڊاڪٽر وحيد قريشيءَ چيو آهي ته هينئر وقت آهي ته اڙدو لاءِ عزت ڀريو ماڳ ناهيو وڃي، اها ڳالهه هڪ اخباري بيان ۾ چئي ويئي آهي.

انجمن اساتذه اردو ڪاليج جي هڪ استقباليه ۾ ڳالهائيندي هن چيو ته جيڪڏهن اڙدوءَ کي پنهنجو ماڳ شروعات واري دؤر ۾ ئي ملي وڃي ها ته هينئر ڪوبه مسئلو نه هجي ها.

هن چيو ته انگريزيءَ کي ٻي ٻولي (Second language) جي حيثيت سان برقرار رکيو وڃي، پر اهو ضروري آهي ته اڙدوءَ کي ميڊيم جي حيثيت سان هر سطح تي آندو وڃي.

هن وڌيڪ چيو ته مڪاني لهجا ۽ علائقائي ٻوليون، قوميءَ ٻوليءَ جي اوسر ۾ اهم رول ادا ڪنديون آهن.

(ڊان 13جون 1983)

انهيءَ خبر جي ردِ عمل ۾ مون اڄ پهريون ڪم ته اهو ڪيو جو مون "ڊان" کي انهيءَ سلسلي ۾ خط لکيو.

اسان کي ڪا خبر، ڪو مضمون يا ڪا ڳالهه پڙهي، ريڊيو تان ٻڌي، ٽي.وي تان ڏسي احساس ٿيو ته غلط آهي يا ڏاڍ آهي يا انصاف ۽ برابريءَ جي تقاضا پٺاندر نه آهي ته اسان کي هڪدم "ڊان" اخبار کي خط لکڻ کپي چو ته "ڊان" ۾ ڇپجندڙ جو نوٽيس ورتو ويندو آهي. جيڪڏهن انگريزيءَ ۾ خط ماٺهو نه ٿو لکي سگهي ته پوءِ سنڌي روزانين اخبارن کي موڪلڻ کپي.(1) اهي اخبارن وارا خط انگريزي توڙي سنڌي، "اديون" ۽ "پارس" رسالن کي به موڪلجن ته جيئن انهن ۾ به شايع ٿين، تنهن کان سواءِ هر خط جا نقل جن ادارن کي آئون موڪليندو آهيان، انهن کي به موڪلجن ته رڪارڊ تي رهن چو ته جهڙي

(1) جيتوڻيڪ گهڻا خط ۽ خبرون سنڌي اخبارون مصلحت جي ڪري شايع ئي نه ڪنديون آهن. (ليکڪ)

طرح سنڌي اخبارون گهڻا خط هڙپ ڪري ويندڙيون آهن. اهڙي طرح ”ڊان“ وارا به گهڻا خط شايع نه ڪندا آهن. مون کي گهڻا ماڻهو ملندا آهن جيڪي ٻڌائيندا آهن ته هنن فلاڻي مسئلي تي ”ڊان“ کي لکيو پر سندن خط شايع نه ٿيو. پهرئين منهنجا به گهڻا خط شايع نه ڪيا ويندا هئا، پر ويجهڙائيءَ ۾ منهنجو ذري گهٽ هر خط شايع ٿيڻ لڳو آهي.

مون جيئن اوهان کي ٻڌايو پئي ته هر خط جو نقل آئون ادارن کي به روانو ڪندو آهيان، اهي آهن:

(1) ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، (2) مرڪزي پريزيڊنٽ، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، 8/9 رمپا پلازه ايم.اي جناح روڊ ڪراچي، (3) سيد غلام مصطفيٰ شاهه، ايڊيٽر سنڌ ڪوارٽرلي 31-A ڪراچي، ايڊمنسٽريشن ڪوآپريٽو سوسائٽي، آف شهيد ملت روڊ ڪراچي. اهو انهيءَ ڪري ڪندو آهيان، ته جيڪڏهن خط ”ڊان“ ۾ شايع نه ٿئي ته به رڪارڊ طور محفوظ ٿي وڃي. سنڌالاجيءَ کي نقل ان ڪري موڪليندو آهيان ته جيئن هو پنهنجي رڪارڊ ۾ اهڙا خط محفوظ ڪري سگهي ۽ کوجنا ڪرڻ وارا انهن خطن مان مدد وٺي سگهن. سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن کي انهيءَ ڪري موڪليندو آهيان ته جيئن هو سنڌ جا مسئلا عام طرح کڻن ۽ ساليانو ڪنوينشن ۾ جيڪي نعراءُ پاس ڪن ٿا، ان ۾ منهنجن خطن جو مواد سندن مدد ڪري سگهي. ”سنڌ ڪوارٽرليءَ“ ۾ ان ڪري موڪليندو آهيان ته جيڪڏهن اخبار وارا منهنجو خط شايع نه ڪن ته اهو خط ”سنڌ ڪوارٽرليءَ“ ۾ ته شايع ٿي وڃي. پر جي ”ڊان“ ۾ شايع ٿي وڃي.ته به اهو ”سنڌ ڪوارٽرلي“ ۾ شايع ٿيل هوندو، ته بهتر ٿيندو، ڇو ته هڪ روزاني اخبار واري خط لاءِ کوجنا وارن کي سوين هزارين ڏينهن جون اخبارون ڳولهيون پونديون. ان جي ڀيٽ ۾ ”سنڌ ڪوارٽرليءَ“ مان سولائيءَ سان مواد ڪڍي سگهندا، جو انهن جي اخبار جي ڀيٽ ۾ محدود تعداد کوجنا ڪرڻ وارن لاءِ ريفر ڪرڻ سولو آهي، تنهن کان سواءِ اخبارون، اهي به پراڻيون، ڪن ايڪڙ ٻيڪڙ لائبريرين ۾ محفوظ هونديون، جڏهن ته ”سنڌ ڪوارٽرلي“ جهڙوڪ رسالو گهڻو ڪري هر لائبريريءَ مان سولائيءَ سان ملي سگهندو.

مون کي گهڻا واقفڪار ملندا آهن، جيڪي مون کي ٻڌائيندا آهن ته ڪيئن نه هنن سنڌ جي مسئلن تي ”ڊان“ کي خط لکيا يا ڪنهن خط جي

حمايت ۾ خط لکيا پر اهي ڊان شايع نہ ڪيا ۽ نتيجي ۾ هنن دل شڪستو ٿي خط لکڻ کي بند ڪري ڇڏيا.(1) ان ڪري آئون هر انهيءَ سنڌ جي سجاڳ فرد کي گذارش ڪندس تہ هو سنڌ جي مسئلن تي خاص طرح "ڊان"، عام طرح "هلال پاڪستان" ۽ "عبرت" کي خط لکن ۽ انهن جو نقل ذڪر ڪيل ٽن ادارن کي بہ ڏياري موڪلين تہ سنڌ جي مسئلن تي مجموعي طور ڪونہ ڪو نتيجو ضرور حاصل ڪندو.

سو مون ذڪر پئي ڪيو تہ نئشنل لئنگويج اٿارٽيءَ جي چيئرمين جو انگريزي ۽ اردو ميڊيمن جي باري ۾ بيان جو، جنهن ۾ هن سنڌي ميڊيم جو ذڪر ائين غائب ڪري ڇڏيو آهي، ڄڻ ڪو پاڪستان ۾ سنڌي ميڊيم آهي ئي ڪونہ، مسئلو رڳو انگريزيءَ ۽ اردو ميڊيم جو آهي. مون انهيءَ خبر جي جواب ۾ "ڊان" کي هڪدم خط لکيو ۽ ان جو نقل انهن ٽن ادارن کي بہ روانو ڪيو. خط ڊرافٽ تہ اڄ ئي ڪيم پر ٽائيپ ڪرائيندي بہ ڏينهن لڳي ويا.

خط جو انگريزي متن:

15.6.1983
The Editor,
Daily 'Dawn',
Karachi.

## MEDIUM OF INSTRUCTION

It was indeed surprising that the chief of the National Language Authority is not aware of the position of various languages viz-a-viz medium of instruction. He has said (Dawn 13th June) that English could be retained as second language and it was imperative to have Urdu as medium of instruction at all elvels. Through these columns, I take this opportunity to inform all those concerned that if it is imperative to have Urdu as medium of instruction at all levels then it is also imperative that Sindhi should also be medium of instruction at all levels. Sindhi occupies a unique position in the regional languages in its

(1) سنڌي اخبارون خط پنهنجي پاليسي، جيڪا خود غرضي تي ٻڌل هوندي آهي، ان پٽاندر خط شايع ڪندا آهن. انهيءَ ڪري سنڌ جي اهم پاليسي سان واسطو رکندڙ مسئلن تي جيڪي خاص طرح سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌ جي حقن متعلق هوندا آهن، سي خط تمام گهٽ شايع ڪنديون آهن. (ليکڪ)

usage. Unlike other languages Sindhi was medium of instruciton and expression at school level and medium of expression at college level on Arts side and it is still so. In fact it has become medium of expression at the university level on arts side. Besides that Sindhi is the only approved provincial language. Sindhi had been and is being used in the judiciary. It is imperative that to whatever level Urdu language is to be raised, Sindhi should be raised to that level. Therefore, it is hoped that the people who desire Urdu as medium of instruction should not forget that Sindhi is also to enjoy the same status. By not mentioning Sindhi along with Urdu, creates misunderstanding among the Sindhi speaking people of Sindh and they presume that probably Sindhi would be relegated to the spoken language only, on official level. We Sindhis expect that in Pakistan, Sindhi language would get at least the same if not higher position then what it was given by the British masters to the Sindhi slaves.

Yours etc.
(Zafar Hasan)
Address: B-11, Sindh University Colony,
Jamshoro.

مٿيون خط مون سنڌالاجي، سنڌ گريجوئيٽ ائسوسي ايشن ۽ "سنڌ ڪوارٽرلي" وارن ڪي تہ موڪليو ۽ ان خط جي هڪ هڪ ڪاپي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ۽ پروفيسر اسدالله ڀٽي ڪي بہ رواني ڪيم جو اهي ٻئي صاحب نئشنل لئنگويج اٿارٽيءَ جا ميمبر آهن، جن جي مک ڊاڪٽر وحيد قريشيءَ اهو بيان ڏنو هو جنهن جي جواب ۾ مون ڪي "ڊان" ڪي خط لکڻو پيو.

تنهن کانسواءِ ڊاڪٽر بلوچ ۽ پروفيسر اسدالله ڀٽي ڪي هڪ الڳ خط بہ روانو ڪيم جنهن جو متن هن ريت آهي:

تاريخ 15جون 1983

(1) ڊاڪٽر اين. اي بلوچ
پوسٽ باڪس نمبر 1230 ، اسلام آباد.

(2) پروفيسر اسدالله ڀٽو
A/5 ، اي.ڊي. سي ڪالوني، سکر

پيارا سائين،

ويجهڙائيءَ ۾ نئشنل لئنگئيج اٿارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر وحيد قريشي جو ڊان ۾ هڪ بيان جاري ٿيو هو، جنهن ۾ هن اهو ٻڌايو ته اڙدو ٻوليءَ کي هر سطح تي سکيا جو ميڊيم قرار ڏنو ويندو ۽ انگريزي ٻوليءَ کي ثانوي حيثيت ڏني ويندي. اهو بيان اوهان صاحبن جي نظر مان گذريو هوندو پر تڏهن به آئون اوهان کي انهيءَ خبر جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي رواني ڪري رهيو آهيان، جيئن اصل خبر جيئن جو تيئن اوهان صاحبن جي نظر هيٺ اچي.

اوهان ٻئي جيئن ته نئشنل لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ ميمبر به آهيو ۽ سنڌ صوبي مان سنڌي ڳالهائيندڙ به آهيو ته اوهان تي لازم آهي ته نئشنل لئنگويج اٿارٽيءَ جي آڏو سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت واضح ڪريو ۽ کين صحيح صورتحال کان آگاهه ڪريو. مون پنهنجيءَ پَر ۾ هڪدم "ڊان" کي خط لکيو آهي پر خبر ناهي ته "ڊان" شايع ڪري يا نه، جي شايع به ڪري ته خبر ناهي ته اوهان جي نظر مان گذري يا نه ان ڪري آئون انهيءَ "ڊان" واري موڪليل خط جو نقل به اوهان جي مطالعي لاءِ روانو ڪري رهيو آهيان.

آئون وڏيڪ اوهان صاحبن کي ڪهڙي ٿو گذارش ڪري سگهان جو اوهان ٻوليءَ جي باري ۾ ۽ خاص طرح سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ هر مسئلي کان چڱي طرح واقف آهيو.

هن خط ۾ البت اهو آئون ذڪر ڪونه ٿو ڪريان ته نئشنل لئنگويج اٿارٽيءَ وارا پنهنجي خبرنامي "اڙدو" ۾ جيڪي ڳالهيون ڪن ٿا، انهن مان گھڻن ڳالهين تي مدلل اعتراض ڪري سگهجي ٿو پر هيءُ مسئلو ڪنهن ٻئي ڀيري اوهان صاحبن آڏو عرض رکندس.

اوهان کي خط لکندي اهو خيال آيو اٿم ته "ڊان" واري خط جو نقل خود ڊاڪٽر وحيد قريشي کي به روانو ڪري ڇڏيان، جو ته خبر ناهي "ڊان" وارا اهو خط ڇپين يا نه ۽ جي ڇپين ته ڊاڪٽر وحيد قريشيءَ جي نظر مان گذري يا نه.

اوهان جو گهڻگهرو

ظفر حسن

بي-11، سنڌ يونيورسٽي ڪالوني، ڄامشورو.

ڊاڪٽر بلوچ ۽ پروفيسر ڀٽي کي خط موڪلڻ کان پوءِ ويچار آيو ته "ڊان"

جي خبر جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي ۾ منهنجي "ڊان" کي لکيل خط جو نقل پاڪستان جي وزير بچاءُ مير علي حيدر ٽالپر کي به روانو ڪريان ٿو ته هو صاحب پاڪستان ۾ قومي ٻولي اڙدو کي رائج ڪرڻ واري وزارتي ٽيم جو مُک آهي. يعني ته پاڪستان ۾ اڙدو ٻوليءَ کي قائم ڪرڻ ۾ استعمال ڪرڻ جا جيڪي به فيصلا مرڪزي وزارت ڪندي، انهيءَ لاءِ سفارشون جيڪا وزيرن جي ٽيم حتمي ڪابينه جي فيصلي لاءِ مرتب ڪندي، انهيءَ جو مُک مير صاحب جن ئي آهن، جيستائين منهنجيءَ معلومات جو تعلق آهي.

مون کي وري پنهنجي خط جو نقل ٽائيپ ڪرائڻو پيو. مون کي "ڊان" جي خبر کي فوٽو اسٽيٽ ڪرائڻ لاءِ فوٽو اسٽيٽ واري وٽ وڃڻو پيو. مطلب ته مون کي ڪافي وقت ڏيڻو پيو. پر جڏهن سڄي ڪم جي تڪميل ڪيم ته خوشيءَ ۾ اطمينان جو احساس ٿيم ته اهڙن ڪمن لاءِ پلي ڪيترو به وقت لڳي. ڪيترو به خرچ ٿئي ته به گهٽ آهي.

●

# 16 جون 1983

انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ اسان لاءِ جيستائين پبليڪيشن جو تعلق آهي، هڪ مڪمل سنڌي اخبار جو هئڻ ٻهريون فوقيت جو ڪم آهي. تنهن ڪان پوءِ هڪ سٺي هفتيوار رسالي جي، جيڪو "ٽائيم"، "نيوز ويڪ" ۽ "نيوز ٽائيمز" جي پئٽرن تي هجي تہ ان جي ضرورت آهي. تنهن ڪان پوءِ "ريڊرس ڊائجيسٽ" وانگر هڪ اهڙي رسالي جي، جيڪو هر قسم جي ڇپيل مواد مان چونڊ شايع ڪري ۽ پوءِ اهڙي طرح اسانکي سائنس، ساهت، ۽ ڪلا ۽ ٻين دلچسپين تي ٻڌل رسالن جي ضرورت آهي. پر اهي تہ ٽيون آدرشي ۽ آئندي ۽ ٽيڻ جون ڳالهيون. پر هن وقت سنڌيءَ ۾ جيڪي بہ پبليڪيشنون آهن، اهي گهٽو ڪري جنرل، ماهوار ايڊيشن يا خاص صفحن تي ڪوجنائي ۽ بيا انيڪ ڪتابي سلسلا ڪيڏي رهيا آهن، جنهن جو خاص موضوع ساهت آهي پر ڪڏهن ڪڏهن آئون سوچيان تو تہ اهڙو ڪتابي سلسلو يا ڊائجيسٽ ڪجي جو هر مهيني رڳو ٻوليءَ جي موضوع تي ليک شايع ڪري ۽ اهي ليک روزانين پاڪستاني اخبار يا رسالن مان لئين جو تيئن شايع ڪيا وڃن. ايتري قدر جو ٻوليءَ جي موضوع تي اخبارن ۾ ايڊيٽر کي خط جيڪي لکجن ٿا، اهي سڀ جو سڀ شايع ڪيا وڃن. اهڙيءَ طرح عوام کي ٻولي ءَجي سلسلي ۾ ٿيندڙ هر عمل ۽ ڳالهہ کان واقف رکيو وڃي. منهنجو ويچار آهي تہ سنڌ لاءِ هينئر اهم ترين مسئلو سنڌي ٻوليءَ جي بقا جو آهي. اهڙيءَ طرح، نہ رڳو پاڪستان ۾ دنيا ۾ ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڇپجندڙ مواد مان چونڊ ڪري شايع ڪيو وڃي تہ جيئن ماڻهن جي ٻولي، ۽ ٻوليءَ جي پاليسين متعلق ڄاڻ وڌي. انهيءَ ڪتابي سلسلي جو نالو بہ ذهن ۾ اٿم. اهو نالو آهي "ٻولي" . آئون هن سلسلي ۾ رضاڪارانہ طور تي اهڙي ڪتابي سلسلي ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ پنهنجون خدمتون آڇيان ٿو. پر انهيءَ سلسلي ۾ پئسا ڪيڻ لاءِ تيار نہ آهيان، ڇو تہ مون وٽ هن وقت انهيءَ

ڪتابي سلسلي لاءِ به پئسا ڪونهي. سو سوچيان ٿو ”آرسي“ ڪيڏن کان پهرين اهو خيال اچي ها ته شايد ”آرسيءَ“ ۾ سيڙپ نه ڪريان ها. انهيءَ ڪتابي سلسلي ۾ هر مهيني جيڪو خرچ ايندو، تنهن جا تفصيل هن ريت آهن.

”ٻولي“ ڪتابي سلسلي ۾ الڳ پئسا خرچ ڪرڻ کان بچي به سگهجي ٿو ۽ ”ٻوليءَ“ تي اهڙو مواد ڇپجي به سگهجي ٿو، پر شرط اهو آهي ته ڪا روزاني اخبار، ٻوليءَ بابت ٻئي هنڌ شايع ٿيل خبر، خط ۽ مضمونن کي باقاعديءَ سان شايع ڪندي رهي ته اهڙو اهم ترين ڪم مفت ۾ ٿي سگهي ٿو. پر روزانين اخبارن کي بيڪار مواد ڇاپڻ کان فرصت ڪٿي!

جيڪڏهن ڪا اخبار تيار هجي ته ”ٻوليءَ“ متعلق هوءَ پنهنجا صفحا آڇڻ لاءِ تيار آهي ته مواد حاضر ڪرڻ لاءِ آئون رضاڪارانه طور تي يعني بنا معاوضي تيار آهيان. پر جيڪڏهن ڪو هڪڙو ماڻهو يا گهڻا ماڻهو هڪ ٽرسٽ يا سوسائٽي ناهي اهڙو ڪتابي سلسلو هلائڻ لاءِ تيار آهن ته آئون مواد تيار ڪري، انهيءَ کي ڇپائي پبلش ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر شرط ته اهو خرچ پڪو اُها سوسائٽي ڪٽي. منهنجي ائڊريس حاضر آهي. ڪو انهيءَ سلسلي ۾ خط لکي ته جوڳو ساٿ ڏنو ويندو. آئون ته اڃا به ائين سمجهندس ته ”سنڌي ٻولي سوسائٽي“ قائم ڪئي وڃي جيڪا نه رڳو ڪتابي سلسلو هلائي، پر ٻوليءَ لاءِ ماڻهن کي آگاهه به ڪري. هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻوليءَ جي موضوع کان وڌيڪ ڪوبه ٻولي موضوع وارو رسالو يا ڪتابي سلسلو اهم نه آهي. ٻلي مون سان ڪو اختلاف ڪري پر آئون پنهنجي ڳالهه تي اٽل آهيان. آئون وري پنهنجي ڳالهه ورجايان ٿو. سنڌيءَ ۾ ٻوليءَ جي موضوع کان وڌيڪ اهم ٻيو ڪوبه موضوع ڪونهي. سنڌ جو اهم ترين مسئلو سنڌي ٻوليءَ کي جائز مقام ڏيارڻ آهي.

●

# 17 جون 1983

واپاري پنهنجي وکر کي مشهور ڪرڻ لاءِ اشتهارن جا گهڻا طريقا استعمال ڪندا آهن. اخبارون، رسالا، ٽي وي، ريڊيو، سائن بورڊ، پوسٽر، اسٽيڪر وغيره جي ذريعي پنهنجي فرم يا وکر جي مشهوري ڪندا آهن، تنهن کانسواءِ ٻين به عجيب عجيب ذريعن سان مشهوري ڪندا آهن جهڙوڪ: هوائي جهاز مان اشتهار ڪيرائڻ، ڦوڪڻن ذريعي هوا ۾ اشتهار اڏائڻ، قسمين قسمين جا انعام ورهائڻ، ٻين ملڪن جون هوائي سفر جون ٽڪيٽون انعام ۾ ڏيڻ وغيره. تنهن کانسواءِ ڪِي چينون، پيپر ويٽ، ڪئلينڊر وغيره ذريعي به. اوهان ڏٺو هوندو ته انهيءَ سڄي اشتهار نويسي ۾ عام طرح سان به ٻوليون انگريزي ۽ اڙدو استعمال ڪيون وينديون آهن، پر تڏهن به گهٽيون ڪمپنيون انگريزي ۽ اڙدوءَ سان گڏوگڏ سنڌيءَ ۾ به اشتهار نويسي ڪنديون آهن. ريڊيو تان، ٽي ويءَ تان، اخبارن ۾، رسالن ۾، پوسٽرن ۾ اُڙي ٽُڙي سنڌي نظر اچي ويندي آهي ۽ منهنجو ويچار آهي ته جيڪي به وکر پنهنجي مشهوري سنڌيءَ ۾ به ڪن ٿا، اسان کي اهي ئي وکر وٺڻ کپن. ڇو ته هونءَ به سنڌيءَ ۾ جيڪي اشتهار ڏين ٿا، سي به ته سنڌي عوام لاءِ ئي آهن ۽ انهن کي جڏهن خبر پوندي ته سنڌيءَ ۾ اشتهار ڏيڻ سان وکر وڌيڪ وڪامي ٿو ته هو اجا به سنڌيءَ ۾ وڌيڪ اشتهار ڏيندا ۽ جيڪي سنڌيءَ ۾ اشتهار نه ٿا ڏين سي به وکرو وڌيڪ وڌائڻ لاءِ سنڌيءَ ۾ اشتهار ڏيڻ شروع ڪندا. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻولي هر هنڌ پڙهڻ، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۾ ايندي. سنڌي ڪئليگرافر يا اڙدو ڪئليگرافر کي سنڌي ڪئليگرافي ڪري سنڌي جي ڄاڻ پيدا ٿيندي، سنڌي ماڊل، مطلب ته اهڙي طرح سنڌين کي اشتهاري دنيا ۾ روزگار فراهم ٿيندو. سڀ ڳالهين جي هڪ ڳالهه ته اسان عام ماڻهن کي سنڌيءَ ۾ اشتهار ڏسي جيڪا خوشي حاصل ٿيندي تنهن جو ته حساب به نه ٿو ڪري سگهجي.

اڄ منهنجي ڪار جي دريءَ ۾ توري وتي ڏسي ڪو اشتهار (Handbill) اڇلائي ويو آهي. اهو اشتهار هڪ پاسي اڙدوءَ ۾ ڏنل آهي ته ٻئي پاسي سنڌيءَ ۾ ڏنل آهي. اوهان جي دلچسپيءَ لاءِ هيٺ نقل ڪيان ٿو:

## اشتهار

مسٽر سهيل ميمڻ ڪيڏانهن پيا وڃو؟

ڪراچي

پر ڇو؟

پنهنجي ڪار ۾ نئون ايئرڪنڊيشنر وجهرائڻ لاءِ.

ڇ شاهه صاحب اوهين؟

آئون پنهنجي ڪار ۾ ايئرڪنڊيشنر ۾ گئس وجهرائڻ ڪراچي پيو وڃان.

ڇا اوهان کي معلوم ڪونهي ته هينئر هِتي هُتي وڃڻ جي ضرورت نه آهي. هينئر حيدرآباد ۾ اوهان جي لاءِ سولائي موجود آهي. سڀني قسمن جي ڪارن ۾ ايئرڪنڊيشنر لاءِ حيدرآباد ۾ هڪ ئي

ڪواليفائيڊ ٽيڪنيشن

سٺي سروس جي ضمانت، هڪ دفعو اعتبار شرط آهي.

اوهان جي ڪار جو منتظر

## فائڻ ڪول

اسپيشلسٽ ڪار ايئرڪنڊيشننگ ۽ لڪيل فٽنگ

جي.او.آر ڪالوني، نزد يونٽ نمبر-7، ريلوي مني پُل،

بنگالي ڪالوني، لطيف آباد، حيدرآباد.

ڏٺو اوهان سنڌيءَ ۾ هڪ اشتهار؟ انهيءَ همراهه سنڌيءَ ۾ اشتهار ترجمو ڪرايو هوندو ۽ خاص طرح ٻنهي پاسن کان ڇپارائي ڪجهه وڏيڪ ڇپائي جو بل ڀريو هوندو.

هن اشتهار ۾ البت فائن جي بدران فائڻ ڇپجي ويو آهي. اشتهار سنڀالي رکيو اٿم، ڪڏهن انهيءَ پاسي کان گذر ٿيو ته ڪيس انهيءَ غلطيءَ جو ٻڌائيندو ويندس ۽ ڪيس سنڌيءَ ۾ به هِنئڊ بل ڇپارائڻ تي جس ڏيندو ويندس.

●

# 18 جون 1983

يونيورسٽيءَ ۾ هڪڙي ساٿيءَ "Colleague" وٽ ملڻ ويس. سندس ڪمري سان لڳل ٽائليٽ مان نل جي وهڻ جو آواز پئي آيو. ساٿس ڳالهائيندي ڳالهائيندي هڪدم اُٿي ٽائليٽ ويس ۽ نل بند ڪرڻ لڳس، پر گهٽي پڇاڻڻ سان به نل نه بند نه ٿيو سو نه ٿيو. پاڻيءَ جي گينديءَ جي هيٺان لڳل ٽونٽي لاءِ هيٺ نهاريم ته جيئن هيٺان ئي پاڻيءَ جو وهڪرو مِن بند ٿي وڃي، پر اتي ڪا به ٽونٽي ڪانه هئي. جڏهن ٻنهي ناڪام ٿيس ته ساٿي مون کي چوڻ لڳو، "اهو نل خراب آهي. مون کي پاڻ اهو پاڻيءَ جو آواز ڏاڍو تنگ ٿو ڪري."

"پر آئون پاڻي ڪرڻ جي آواز کان تنگ ڪونه ٿيو آهيان. مون کي ته ائين اجايو پاڻي وهڻ خراب ٿو لڳي."

"اهو ته الاهي ڏينهن کان پيو وهي."

"پر ائين اجايو پاڻي زيان ته نه ٿيڻ کپي." مون رڳو ايترو چيو.

منهنجو ساٿي خير سان روزي نماز جو پابند هو. خير سان ڏاڙهي به هئس ۽ آئون نه ته نماز پڙهان نه روزو رکان ۽ نه ئي ڏاڙهي اٿم، پر منهنجي مذهب مون کي ائين سيکاريو آهي ته پاڻيءَ جو ڦڙو به بيڪار ضايع نه ٿيڻ کپي.

مون سوچيو آهي، ٻئي ڀيري هاسيڪار هن ساٿيءَ وٽ ويندس ۽ ڏسندس ته هن اهو نل نيڪ ڪرايو آهي يا نه. يا اجا تائين نل پيو وهي ۽ يونيورسٽيءَ جو ڏاڍي خرچ سان فلٽر واٽر جي سپلاءِ اهڙي بي دردي سان هڪ نمازي ائين ضايع پيو ڪري.

مون ۽ ولي رام ولڀ گڏجي "آرسي" ڪتابي سلسلو ڪڍيو آهي. هن کان پهرين مون ڪافي ڪتاب ڪڍيا پر باقاعدگيءَ سان ڪم کي اڳتي وڌائي نه سگهيس. "سهڻيءَ" ۾ طارق اشرف سان گڏ هئس. پوءِ "ڌرتي" ڪڍيم. "انڊلٽ ڊائجيسٽ" ۾ به منهنجو هٿ هو. "عالمي ادب" به ڪڍيم. "سماجي سائنسون" به شايع ڪرايم. ماهوار "سائنس" ۾ به اسسٽنٽ ايڊيٽر هئس. نذير ناز جي

"ناري" پبلش ڪرڻ ۾ به تورو گهٽو منهنجو دخل هو. "پروڙ" ڪتابي سلسلي جو به هڪ ڪتاب ڪڍيم. هڪ ڪتاب ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي جو لکيل "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" به شايع ڪرايم. پر اهي سڀ ڪم باقاعدگيءَ سان هلي نه سگهيا، ڇو ته بنيادي طرح سان ڪنهن به ڪم جو واپاري لحاظ کان هلڻ حساب ڪتاب رکڻ يعني ڪئش بوڪ، ليجر بوڪ ۽ فائيلن تي دارومدار رکي ٿو. جيڪي مون نه رکيا. پبلشنگ جي انهن ناڪامين کان پوءِ ڪافي ڪتابن ڇپائڻ جا پروگرام ناهيندو هوس پر اهي يا ته دل ۾ رهجي ويندا هئا يا ڪن جا ته اخباري اعلان به ڪندو هوس پر اهي ڪڏهن عمل ۾ اچي نه سگهيا. نتيجي ۾ آئون "ماهرِ پلاننگ" ته ٿي ويس پر عملي لحاظ کان ٻڙي رهيس. انهيءَ ڪري منهنجي ڪنهن به ڪتاب جي شايع ڪرڻ جي اعلان تي ماڻهو مون تي کلندا هئا ۽ اهي صحيح به هئا ڇو ته اهي نلها اعلان ئي رهجي ويندا هئا.

ولي رام ولڀ سان به ڪئين ڀيرا گڏجي ڪتابي سلسلي ڪڍڻ جو پروگرام زيرِ بحث ايندو هو، پر اهو به عملي صورت اختيار نه ڀيو ڪري سگهي. هن ڀيري ولي رام ولڀ پڪو پهه ڪري آيو ته هاڻي ڪتابي سلسلو ڪڍي رهبو. آئون سنڌس رٿ سان سهمت ٿيس ۽ ائين "آرسي" ڪڍڻ جو پروگرام رٿيو ويو، پر مون ڪيس اهو چيو ته پهريون ڪتاب نڪرڻ تائين منهنجو نالو راز ۾ رهندو ڇو ته آئون ڪتابن جي پبلش ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪافي "بدنام" ٿي چڪو آهيان ۽ ماڻهو، خاص طرح ليکڪ "آرسيءَ" کي به نلهو اعلان ئي سمجهندا، ان ڪري.جيستائين پهريون ڪتاب شايع نه ٿيندو تيستائين منهنجو نالو راز ۾ رهندو. پوءِ منهنجو نالو پڌرڻ سان ته هر ڪنهن کي هونئن ئي خبر پئجي ويندي ۽ اهڙي طرح ڪجهه منهنجي ساک به بحال ٿي ويندي.

۽ ٿيو به ائين "آرسيءَ" جي پهرئين ڪتاب جي سلسلي ۾ ولي رام لاءِ کو ائين ئي ڀيو سمجهي ته هو اڪيلي سر ڪتابي سلسلو ڀيو ڪڍي پر جڏهن "آرسي" جو پهريون ڪتاب شايع ٿيو ته پوءِ سڀني کي خبر پئجي ويئي ته ان ۾ آئون به شامل آهيان.

جيئن مون ٻڌايو ته مون پنهنجو نالو لڪل انهيءَ ڪري رکيو هو ته جيئن ليکڪ ان کي وري نلهو اعلان ئي نه سمجهن ۽ مواد ڏيڻ ۾ دير نه ڪن يا مورڳو ڏين ئي نه. پر جڏهن منهنجي نالي جي به ماڻهن کي خبر پئي ته مون کي احساس

ٿيو ته ماڻهو مون کان رڳو نلها اعلان ڪرڻ ڪري يا هوائي قلعا اڏڻ ڪري بدظن نه آهن پر آئون انهن جي نظر ۾ ڪافي ڪريل حيثيت رکان ٿو.

"آرسي" نڪرڻ ڪانپوءِ مون لاءِ جيڪي رد عمل ظاهر ٿيو، تنهن مان ڪجهه مون کي خبر پئي ته پنهنجن دوستن، ۽ واقفڪارن جي نظر ۾ آئون ڇا آهيان.

هڪ دوست "آرسي" هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي وڪڻڻ ويو، جيڪو اسان ٻنهي جو دوست هو. هن نهه ڪتاب جي قيمت ويهه روپيا ڪڍي ڏني ۽ دوست اڃا ئي پنا اٿلائيندي مرتب ڪندڙن ۾ منهنجي نالي تي نظر پوندي ئي هڪدم رڙ ڪري چيائين ته "اڙي، هي ته ولي رام ولڀ سان ظفر حسن به شامل آهي. مون کي اها خبر هجي ها ته آئون اهي پئسا ائين ضايع نه ڪريان ها."

"پر ڇو؟" منهنجي دوست حيران ٿي پڇيس.

"نه نه اهڙي ته ڪا ڳالهه ڪانهي." هو ڇڻ پاڻ تي پڇتائيندو هجي ته ظفر حسن خلاف اهي ٻول اوچتا ڪيئن وات مان نڪري ويا.

منهنجي دوست ڏاڍو زور پريس ته اهو ٻڌائي ته ڪهڙي ڳالهه آهي جنهن جي ڪري ظفر حسن هن کي نه ٿي وڻيو.

نيٺ هن زور پرڻ تي ٻڌايو، "يار، ظفر حسن کي هڪڙو ڪم چيو هئم پر هن منهنجو ڪم نه ڪيو جڏهن ته سندس هٿ ۾ هو."

پوءِ مون کي ياد آيو ته بيشڪ هن مون کي هڪ ڪم چيو هو ۽ آئون ڪري پئي سگهيس، پر ڪن هڪ ٻن معمولي ڪارڻن جي ڪري نه ڪيم. پر پوءِ ڏاڍو پڇتايو هئم ته هرويرو دوست جو چيو موٽايم. پر مون کي اها خبر نه هئي ته هو اها ڳالهه انهيءَ حد تائين هيترا سال دل ۾ رکيو وينو هو جو "آرسي" به ڪيس ونڻ انهيءَ ڪري خراب لڳو ڇو ته ان تي منهنجو نالو هو. اندر پلي ٽن سون صفحن تي سنڌي مواد هجي پر ڇاڪاڻ جو ظفر حسن مرتب ڪيو آهي، ان ڪري خريد نه ڪجي.

"آرسيءَ" جو شاعري وارو حصو ولي رام ولڀ، امداد حسينيءَ کي ڏيکاريو هو ته جيئن هو چونڊ ڪري ڏي. آئون پاڻ "ڏرتيءَ" جي شاعري امداد حسينيءَ کان "منظور" ڪرائيندو هوس ۽ طارق اشرف پاڻ به "سهڻي" جي شاعريءَ وارو حصو امداد حسينيءَ جي چارج ۾ ڏيئي ڇڏيو هو. هڪڙي ساٿي کي خبر هئي ته "آرسيءَ" جو شاعريءَ وارو حصو امداد حسينيءَ ئي نظر مان ڪڍي ڏنو آهي ۽ نثر جو حصو ته ظاهر آهي ولي رام ولڀ پاڻ به نظر مان ڪڍي

# 19 جون 1983

ڪنهن ڳالهہ جي ميار ڏيڻ، ڏوراپو ڏيڻ يا شڪايت ڪرڻ جو اهو بہ مطلب هوندو آهي تہ ٻئي پيري ميار ڏيڻ جو يا شڪايت ڪرڻ جو موقعو نہ ملي. انهيءَ ڪري اڄوڪي هيءَ ڳالهہ ڪرڻ کان ٿورو لهرايم پئي. ڇو تہ جي شڪايت ٿو ڪريان تہ فلاڻي ماڻهوءَ مون کي دعوت نہ ڏني تہ انهيءَ جو مطلب اهو ٿيندو تہ اهو فلاڻو ماڻهو هاڻي جڏهن دعوت ڪري تہ مون کي نہ وساري. بلڪل اهڙيءَ طرح هڪ فنڪشن ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي سان شڪايت ڪئي هئم تہ هن سندس ڪتاب ”سنڌي ادب جي مختصر تاريخ“ ۾ منهنجو ذڪر نہ ڪيو آهي. مطلب تہ هاڻي جڏهن نئون ايڊيشن ڪڍي تہ مون کي نہ وساري. ڪو ڪٿي ڪيترو بہ بچاءُ ڪري پر انهيءَ جو مطلب اهو ئي ٿئي ٿو. خير، اڄوڪيءَ ڳالهہ بہ ڪجهہ اهڙي آهي.

ٿيو هيئن جو ويجهڙائي ۾ هڪ وڏو سيمينار ٿيو، جنهن ۾ نہ رڳو سنڌ جا، پر پاڪستان جا ليکڪ ۽ اسڪالر سڏايا ويا هئا پر مون کي دعوت نہ ملي هئي. مون سمجهيو هو تہ اهڙن موقعن تي ائين ٿيندو آهي، گهڻا ماڻهو رهجي ويندا آهن. هاڻي اها تہ انتهائي ڪريل ڳالهہ ٿيندي جو منتظمين مان ڪنهن کي خط لکان يا فون ڪريان تہ مون کي بہ دعوت موڪلي وڃي، ان ڪري ماٺ ڪريو وينو رهيس. ڪجهہ دوست جيڪي ان سيمينار ۾ شريڪ ٿيا هئا، انهن مان هڪ، منتظمين مان ڪنهن کان، مون کي دعوت نہ ڏيڻ جو سبب پڇيو، جنهن تي کيس ٻڌايو ويو تہ، نہ ظفر حسن وسري ڪونہ ويو آهي ۽ ڪو سبب آهي جنهن ڪري کيس دعوت نہ ڏني وئي آهي. جنهن تي هن دوست وري پڇيس تہ ڇا هو 'بليڪ لسٽ' ٿيل آهي. تنهن تي هن همراهہ ٽوڪ سان چيو تہ هو ايڏو وڏو ماڻهو ڪونهي جو بليڪ لسٽ ڪيو وڃي. هن سيمينار ۾ تہ وڏا وڏا ڪڙيپيل بليڪ لسٽ ٿيل مدعو ٿيل آهن، باقي ڪو ٻيو سبب آهي جو هن کي دعوت نہ ڏني وئي آهي.

ويجهڙائيءَ ۾ هڪ ٻي خاص گڏجاڻي ٿي جنهن ۾ خاص مهمان هڪ اهڙو شخص هو جو اڙدو ٻوليءَ جو وڏو حمايتي آهي ۽ اڙدوءَ جي حمايت ۾ سڀ ليڪا لنگهي ويندو آهي. حقيقت ۾، اڙدوءَ جا سڀ حمايتي ائين ئي ڪندا آهن. انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ سائٿس ڊيٽ ويٽ ڪرائڻ لاءِ اڙدو ۽ سنڌي ڳالهائيندڙ، اهم ماڻهو سڏايا ويا هئا. پر انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ آئون ڪونه سڏايو ويو هوس. گڏجاڻي ڪوئائيندڙ ۽ دعوت ڏيندڙ ڪان، جيڪو سنڌي هو، ڪنهن منهنجو به پڇيو ته ظفر حسن کي سڏايو نه ويو آهي، جڏهن ته هو ٻوليءَ جي پاليسيءَ تي گهٽي جاڻ رکي ٿو ته ڪيس جواب ڏنو ويو ته هن کي ان ڪري نه سڏايو ويو آهي، جو هو انتها پسند (Extremist) آهي.

آئون سوچيندو رهيس ته مون کي نه سڏائڻ سان ڪنهن جو نقصان ٿيو؟ سنڌيءَ ٻوليءَ جو. آئون هجان ها ته ٻين جاڻن جيڪي دليل ڏنا، انهن ۾ تي سگهيو ٿو ته اضافو ڪريان ها يا اڙدوءَ جا حمايتي، جيڪي اڙدوءَ جي حق ۾ ڳالهائيندي سڀ قاعدا، قانون، آئين، حقيقتون، پاليسيون، نظريا، مذهب، سڀ ريٽي ويندا آهن، انهن کي علمي دليلن سان قائل ڪري سگهان ها. سچ پڇو ته انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ شريڪ نه ٿيڻ جو نه رڳو ڏک پر صدمو پهتو، ڇو ته نقصان منهنجو نه پر سنڌي ٻوليءَ جي ڪيس جو ٿيو، جيڪو اسين دليلن سان مختلف پليٽفارمن تان، اخبارن ۾، سيمينارن ۾، مذاڪرن ۾، ڪنوينشنن ۾ صحيح طرح پيش نه ڪري، اڻ سڌي طرح سنڌي ٻوليءَ کي پاڻ به ختم ڪري رهيا آهيون.

آئون اهو نه ٿو چوان ته آئون ٻوليءَ جي پاليسيءَ ۽ پوزيشن جي باري ۾ سڀ ڪان گهٽي جاڻ رکان ٿو. سچ پڇو ته اڪيلي سر ته شايد آئون به بحث نه ڪري سگهان. پر ٻين جاڻن سان گڏجي ماڻهو صحتمند علمي ۽ مثبتي دليلن سان سنڌي ٻوليءَ جي جائز حيثيت ۽ مقام تي هر ڪنهن کي قائل ڪري سگهجي ٿو، پوءِ هو ظاهر ۾ مڃين يا نه. پوءِ مون کي خبر پئي ته انهيءَ گڏجاڻيءَ ۾ مسٽر محمد ابراهيم جويو به مدعو ڪونه هو، شايد ساڳئي سبب ڪري ته اسانجن پنهنجن جي نظرن ۾ هو 'انتها پسند' آهي. يعني ته جيڪو سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي دليلن سان، بنا رک رڪاءُ جي، سڌو سنئون ڳالهه ڪري، اهو انتهاپسند آهي. ڪنهن جي نظر ۾؟ پنهنجن ئي سنڌين جي نظر ۾!

بهرحال مون کي هڪڙي ڳالهه جي خوشي ٿي ته مون کي جويي صاحب سان گڏ هڪ صف ۾ آندو اٿن. ڇا اهو منهنجي لاءِ گهٽ اعزاز آهي؟

●

# 29 جون 1983

نيشنل لئنگويج اٿارٽي ڪهڙي طرح اڙدوءَ جي حق ۾ سفارشون موڪلي رهي آهي ۽ ڪهڙي طرح سنڌي ٻوليءَ کي نظرانداز ڪري رهي آهي، ان جي سلسلي ۾ اڄوڪي عبرت ۾ خبر شايع ٿي آهي.

هاڻي ڏسون ته مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشورو ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ڪهڙيون سفارشون ٿيون مرتب ڪن، جو ته اهي ٻئي يونيورسٽيون ڪراچيءَ کان ٻاهر، سنڌ جي اندر آهن ۽ جن ۾ شاگردن ۽ استادن جي اڪثريت سنڌين جي آهي ۽ جن يونيورسٽين جا وائيس چانسلر سنڌي آهن، باقي اين اي ڊي يونيورسٽي ڪراچي، ڪراچي يونيورسٽي وانگر. جيئن ته ڪراچي ۾ آهي ۽ جيئن ته ڪراچي سنڌ جي گادي هوندي به، سنڌي ٻوليءَ کي ميونسپل ڪارپوريشن، روڊ سائين ۽ ڪي ڊي اي وغيره ۾ سنڌي نه استعمال ٿي ٿئي پر مورڳوئي سنڌي ڪڍي وڃي آهي. ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ ته سنڌي ڊپارٽمينٽ کان سواءِ ڪنهن به ڊپارٽمينٽ ۾ سنڌي استاد ڪونهي. سو اين اي ڊي يونيورسٽي ته هونئن ئي سنڌي ٻوليءَ جو ڪو ذڪر ڪونه ڪندي. باقي مهراڻ يونيورسٽي ۽ زرعي يونيورسٽي ڏسون ان سلسلي ۾ ڪهڙو ٿيون قدم کڻن يا اهي به ٻين سنڌي خود غرضن وانگر ڪٿي اڙدوءَ جي سامراجيت نه رڳو قبول ڪن پر مورڳوئي ان جي حق ۾ خود غرضن وانگر ميدان هموار ڪن. ان سلسلي ۾ انهيءَ خبر جي حوالي سان آئون بهرحال انهن يونيورسٽين کي خط لکڻ پنهنجو فرض ٿو سمجهان ۽ جيڪو ڪين خط لکيو اٿم ان جو متن هيٺ ڏجي ٿو:

(1) ڊاڪٽر ايس.ايم قرشي
وائيس چانسلر
مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي،
ڄامشورو.

(2) ڊاڪٽر عبدالقادر انصاري
سنڌ ايگريڪلچر يونيورسٽي
ٽنڊوڄام

مانوارا سائين،

ويجهڙائيءَ ۾ نيشنل لئنگويج اٿارٽيءَ جي جيڪا خبر عبرت ۾ شايع ٿي آهي، ان جي فوٽو اسٽيٽ ڪاپي رواني ڪجي ٿي. اميد ته هن ڏس ۾ اوهان ڪين صاف صاف اهو ٻڌائيندا ته جنهن به سطح تي جهڙيءَ به صورت ۾ اڙدو لاڳو ڪئي ويندي، ان سطح تي سنڌي به لاڳو ڪئي ويندي، يا اوهان اها واٽ اختيار ڪندا ته اوهان جي پراونشل يونيورسٽين ۾ تعليم جو ميڊيم انگريزي برقرار رهڻ ڏنو وڃي. سنڌي ٻولي اڳ به مئٽرڪ تائين ميڊيم جي صورت ۾ رهي آهي ۽ ورهاڱي کان اڳ سرڪاري سطح تي جهڙوڪ روينيو کاتي ۾، نيم سرڪاري ادارن ۾ جهڙوڪ ميونسپالٽين ۾، آفيشل طور تي استعمال ٿيندي رهي آهي. تنهن کان سواءِ ڪنهن به برطانوي عملدار کي تيستين نوڪريءَ ۾ ڪنفرم نه ڪيو ويندو هو جيستين هو سنڌيءَ ۾ امتحان پاس نه ڪندو هو.

اوهان سنڌي ٻوليءَ جي ورهاڱي کان اڳ برطانوي دور جي ۽ 1955 ۾ ون يونٽ ٿيڻ تائين جيڪا سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت رهي آهي، ان جو مڪمل رڪارڊ ۽ معلومات اوهان محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا کان حاصل ڪري سگهو ٿا ۽ پڻ ڪانئن صلاح وٺي سگهو ٿا ۽ منهنجي خيال آهي ته ضرور وٺندا. بهتر ٿيندو اوهان هڪ متن وارو جواب تيار ڪندا ۽ پوءِ پلي الڳ الڳ جواب موڪليندا، پر ٻوليءَ جي سلسلي ۾ يونيفائيڊ اسٽينڊ وٺي سنڌي ٻولي کي بچائي سگهندا.

اوهان جو گهڻگهرو
ظفر حسن

کاپي

(1) پروفيسر الياس ابڙو، وائيس چانسلر، سنڌ يونيورسٽي.
(2) ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊائريڪٽر، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
(3) پروفيسر اڪرم انصاري، چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ، ڄامشورو.
(4) محترمہ شمس عباسي، بيورو آف ڪريڪيولم ۽ ايڪسٽينشن ونگ، ڄامشورو.

●

# 4 جولاءِ 1983

هڪڙو ليڪڪ آهي، جنهن کي پنهنجو دوست به سمجهندو آهيان. سندس مانَ ۾ هڪ فنڪشن هو، سو مون کي پڪ هئي ته نه رڳو مون کي دعوت ته ملندي ٿي پر ڳالهائڻ لاءِ به چيو ويندو، جو اهو منهنجي لاءِ اعزاز ٿئي ها ته ليڪڪ دوست تي ڪجهه ڳالهايان ها. پر حيرت جي ڳالهه اها ٿي ته سندس باري ۾ ڳالهائڻ جي ماڳ موربگوئي مون کي دعوت ئي نه ملي. مون کي حيرت به ٿي ۽ ڏک به، ڇو ته نه مون کي دعوتي ڪارڊ ئي مليو ۽ نه ئي مون کي هن دوست فون ذريعي يا ڪنهن ٻئي ذريعي اچڻ لاءِ چيو. جيڪو بهرحال ان دوست کي ڪرڻ کپي ها. جڏهن مون کي اُهو دوست مليو ته هن ته ڪونه پڇيو پر مون ئي ڊوراپو ڏنو مانس ته مون کي سندس فنڪشن جي دعوت ئي نه ملي. ليڪڪ دوست ڏاڍو حيران ٿيو ۽ چوڻ لڳو ته لسٽ ۾ ته تنهنجو نالو هو، پر خبر ناهي ڪارڊ توکي ڪيئن نه پهتو. ڏاڍو ڏک ٿيس ته مون کي دعوت ملڻ کان ڪيئن رهجي ويئي، جيتوڻيڪ هو اڳي وانگر ڪارڊ موڪلڻ جي باوجود فون به ڪندو هو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ سندس آفيس ۾ وڃڻ ٿيو. هُو مون سان ڇڱيءَ طرح مليو پر مون کي چانهه جي صلاح به نه ڪيائين، جيڪا هُو هميشه ڪندو هو. مون سمجهيو ته مصروفيت جي ڪري شايد وسري ويو هجيس.

ٻئي ڀيري ساڳئي ليڪڪ دوست وٽ هڪ ٻئي دوست سان گڏجي ويس، جيڪو ان ليڪڪ جو به دوست هو، سندس آفيس ۾ ويناسون. هن اسان جي ويهڻ شرط چانهه جو پڇيو ۽ اسان جي ها ڪرڻ تي هڪدم چانهه گهرايائين. انهيءَ ڏينهن کانپوءِ اڄ تائين آئون سوچيان پيو ته هن سندس فنڪشن جو ڪارڊ به نه موڪليو، نه ئي فون تي دعوت ڏني ۽ نه ئي منهنجي نه اچڻ تي پڇا ڳاڇا ڪئي ۽ وري جڏهن آفيس ۾ ملڻ ويومانس ته هميشه وانگر چانهه جي صلاح به

نہ ڪني، يعني هن منهنجي عزت نہ ڪئي، پر آئون بيوقوف اجا تائين سمجهي نہ سگهيو هوس تہ هو مون کي عزت نہ پيو ڏي، تہ بہ مون کي ان جو احساس ئي نہ پيو ٿئي.

آئون سوچڻ لڳس تہ گهٽيون ڳالهيون يا گهٽا واقعا اهڙا ايندا يا ٿيندا آهن، جيڪي ڪو جاٽي واٽي نہ ڪندو آهي ۽ پُل ٿي ويندي آهي تہ سامهون ماڻهو پنهنجي بيعزتي سمجهي، ڏوراپو، ميار يا شڪايت ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪجهہ چوندو ڪونهي تہ بہ پنهنجي بيعزتي سمجهي، هن سان اهي تعلقات نہ رکندو آهي ۽ ڪي ماڻهو مون جهڙا بہ هوندا آهن. جن جي هڪ پيرو ڇا پر ٽي پيرا بيعزتي پئي ٿيندي آهي، پر ڪين لڪا ئي نہ پوندي آهي تہ ساڻن ڪهڙي هلت هلي پئي وڃي. اهڙن ماڻهن لاءِ شايد ٻيا ماڻهو پريت ائين چوندا آهن تہ يار چڱي خاصي بيعزتي ڪئي اٿمانس، بس موچڙو ڪونہ هنيو اٿمانس پر هي اهڙو بي حيا آهي جو مڙس کي پرواهہ ئي ڪانهي.

آئون شايد اهڙن ئي بي نڪن مان آهيان. مون کي ڪافي دير کان پوءِ، گهٽن ڏينهن کان پوءِ، خبر پوندي آهي تہ مون کي فلاڻي هنڌ يا فلاڻي ماڻهوءَ کان اها عزت نہ ملي جيڪا ملڻ کپندي هئي.

●

# 5 جولاءِ 1983

رشيد ڀٽيءَ پنهنجي هڪ مضمون ۾ جيڪو هن هڪ ڪتاب جي مهورت تي پڙهيو هو، ان ۾ "ساهت ۾ جلال چانڊين جي گهڙي اچڻ" جو ذڪر ڪيو هو. اهو مضمون پوءِ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن جي ڪتابي سلسلي "ڪاهوڙي" پبليڪيشن ۾ شايع ٿيو هو. هتي سنڌ ۾ ته(1) جلال چانڊيي کي سڀ سڃاڻن پر سنڌ کان ٻاهر شايد گهٽن کي جلال چانڊيي جي خبر نه هجي، جلال چانڊيو هڪ ڳائڻو آهي ۽ هن وقت سنڌ ۾ سڀ کان وڌيڪ هرواسي آهي. سنڌي ڳائڻ جو جيڪي هينئر ڪئسيٽ انقلاب آيو آهي، ان ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪئسيٽون جلال چانڊيي جون وڪامن ٿيون ۽ هيسٽائين جون 1983 تائين جلال چانڊيي جون ايڪهتر ڪئسيٽون رڪارڊ ٿي چڪيون آهن، جيڪي آئون سمجهان ٿو ته اُپکنڊ جو رڪارڊ هونديون، پر ٿي سگهي ٿو ته(2) دنيا جو رڪارڊ هجن. يعني ته جيڪڏهن جلال جي مختلف ڪئسيٽن کي لڳاتار هلايو وڃي ته 71ڪلاڪن تائين هلنديون رهنديون ۽ ڪنهن به ڳاني جو ورجاءُ (Repeat) نه ٿيندو. جلال چانڊيي جيڪو ڪلام ڳايو آهي، سو ڪلاسيڪي شاعرن کان سواءِ ٻيو تمام گهٽو عام عشقيه ڪلام آهي ۽ هڪ به ڪئسيٽون ته چون ٿا ته فحش ڳاڻن جون به آهن. حيرت جي ڳالهه آهي ته جلال چانڊيي جو آواز به ايترو سٺو ڪونهي ۽ راڳ جي ڄاڻن جي چوڻ پٽاندر ته بي سرو به آهي، پر بهرحال سندس ياڳ زور آهي جو سنڌ جي هنڌين ماڳين جلال چانڊيي جي آواز جو پڙاڏو پيو اچي.

سو ڳالهه پئي ڪيم ته رشيد ڀٽي پنهنجي مضمون ۾ "ساهت ۾ جلال چانڊين جي گهڙي اچڻ" جو جيڪو ذڪر ڪيو هو، ان تي بهرحال مون اتي ئي ذاتي طرح سان رشيد ڀٽيءَ وٽ اعتراض ڪيو هو ته هن کي جلال چانڊيي کي اهڙيءَ طرح مثال بڻائي لوئڻ نه کپي ها. تنهن تي رشيد ڀٽيءَ چيو هو ته هُو آهي

---

(1) جلال چانڊيي تي وفات ٿني (مرتب)

(2) گنيز بوڪ آف رڪارڊس جي نوٽ ڪرڻ جوڳي هڪ ڳالهه (ليکڪ)

ئي اهڙو بي سرو. ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ مون هڪ چرچو ناهيو جيڪو مون گهڻن دوستن کي ٻڌايو، جن کي ڏاڍو وڻيو. اهو وري مون رشيد ڀٽي کي بہ ٻڌايو تہ هن کي بہ ڏاڍو وڻيو. ٻڌايو مانس تہ تو واري ڳالهہ کان پوءِ جلال چانڊيو چوندو وتي تہ "سنڌي سنگيت ۾ بہ گهڻا رشيد ڀٽي ڪاهي پيا آهن." رشيد ڀٽي اهو ٻڌي کليو هو.

اصل ۾ رشيد ڀٽيءَ جو جلال چانڊيو وارو حوالو مون کي ان ڪري نہ وڻيو هو جو جلال چانڊيي جي 'سنڌي شناخت' جي بچاءَ ۾ وڏي ڪنٽريبيوشن آهي. ڪجهہ وقت اڳ عبدالقادر جوڻيجي بہ سنڌ نيوز ڊائجيسٽ ۾ ڪجهہ اهڙي ئي ڳالهہ لکي هئي. هن وري هڪ ٻئي چانڊيي، چاڪر چانڊيي جو ذڪر ڪيو هو ۽ عبدالقادر جوڻيجي ڪجهہ اهڙا لفظ لکيا هئا تہ چاڪر چانڊيي جو ڪلام ٻڌڻ سزا ڪاٽڻ جي برابر آهي.

مون جيڪو جلال چانڊيي جي ڪنٽريبيوشن جو ذڪر ڀٽي ڪيو، ان جو پس منظر سمجهائڻ جي ضرورت ڪانهي، پر بهرحال آئون پنهنجو نقطو بيان ڪيان ٿو. هاڻوڪي دور ۾ جتي سنڌي ٻوليءَ جو سرڪاري توڙي غير سرڪاري سطح تي ان جو استعمال گهٽجي رهيو آهي، هڪڙو بہ سنو رسالو باقاعدگيءَ سان نٿو نڪري. رسالن جي سرڪيوليشن هزارن کان مٿي ڪانهي. اخبارن ۾ حال ڪونهي. ٽن چئن هزارن کان مٿي ڪا بہ اخبار ڪانہ ٿي هلي. سنڌي ڪتاب جو ورو هزار بہ کان وڌيڪ ڪونهي. روڊن، آفيسن جي سائن بورڊن ۽ پيڙهہ جي پٿرن تان سنڌي ٻولي ختم ڪئي پئي وڃي. ڪراچي ميونسپالٽي ۽ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ ۾ سنڌيءَ ۾ لکپڙهہ ڪرڻ ۽ اجلاس ۾ ڳالهائڻ تي بندش آهي. اڳوڻن انگريزي ميڊيم وارن اسڪولن ۾ سنڌي ميڊيم تي بندش ۽ اردو ميڊيم تي زور آهي. ڪو بہ اڙدو غير سنڌي ٻار سنڌي ميڊيم جي ڪنهن بہ اسڪول ۾ ڪونہ ٿو پڙهي، جڏهن تہ هزارين سنڌي ٻار اڙدو ميڊيم ۾ پڙهي رهيا آهن. سنڌ جي روزمرهہ جي ٻولي يعني Public Language واري حيثيت ختم ٿي چڪي آهي. سنڌي شهرن ۾ ڪٿي بہ دوڪانن ۽ آفيسرن ۾ رڪشائن، بسن ۽ نيلهي وارن سان ۽ اسپتالن ۾ سنڌي ٻولي نٿي هلي. گهڻن ڪٽنبن ۾ اڙدو ٻولي گهرو ٿي هلي رهي آهي ۽ گهڻا سنڌي جيڪي ذاتين کان سنڌي لڳن ٿا، پر ڪين سنڌيءَ جو هڪ لفظ بہ نٿو اچي. گهڻا سنڌي، سنڌي اخبارن بدران اڙدوءَ اخبارون، سنڌي رسالن ۽ ڪتابن بدران اڙدوءَ رسالا ۽ اخبارون پيا پڙهن ۽ سنڌي ڪئسيٽن بدران اڙدو ڪئسيٽون پيا وٺن ۽ ٻڌن.

اهو آهي اڄڪلهه جي سنڌ جو پس منظر. پڙهيل ڳڙهيل شهري سنڌي مٿيون عمل پيو ڪري، سڀ ڪجهه ڄاڻندي به، پر ڳوٺاڻو سنڌي اڻ پڙهيل هوندي يا ٿورو پڙهيل هوندي، گهٽ ۾ گهٽ ته سنڌيءَ ٻوليءَ کي ڪئسيٽ جي ذريعي وڏي هٿي ڏيو وينو آهي.

شهري سنڌي يا پڙهيل ڳڙهيل ڳوٺاڻو سنڌي به سنڌي اخبار بدران اڙدو اخبار ٿو وٺي، جيتوڻيڪ سنڌي اڙدو اخبارن جي قيمت هڪ جيتري آهي، سنڌي ڪتابن ۽ رسالن بدران اڙدو ڪتاب ۽ رسالا ٿو وٺي. جيتوڻيڪ ٻنهيءَ جي قيمت ساڳي آهي يا ڪن صورتن ۾ ته رسالا ۽ ڪتاب سستا به آهن. اهڙين حالتن ۾ وري سنڌي ڳوٺاڻا ۽ اهي شهري سنڌي جيڪي ”پڙهيل ڳڙهيل‘ ڪونهن. سنڌي ڪئسٽون وٺي هڪ زبردست ڪم پيا ڪن. اهي ويچارا سنڌي ٻولي ۽ ان جي ڪلام ۽ ڪلام جي ڳائيندڙن جي محبتا يا Hero worship ڪري اهو قومي ڪم سرانجام پيا ڏين. ڪڏهن ڪڏهن خيال ايندو آهي ته سنڌي ٻولي جيڪڏهن بچي ته رڳو ڪئسيٽن ذريعي بچندي ۽ سنڌي ٻولي written language مان oral language طرف وڃي رهي آهي.

هاڻي انهيءَ پس منظر ۾ سوچيو ته جلال چانڊيي جو سنڌي ٻوليءَ لاءِ، اڻ سڌيءَ طرح ئي سهي، ڪيترو نه عظيم ڪنٽريبيوشن آهي! هاڻي انهيءَ ويچاري جلال چانڊيي کي هڪ برک ليکڪ ۽ دانشور رشيد ڀٽي ٽوڪ طور چيو ته ”ساهت ۾ به جلال چانڊيا“ پيدا ٿي رهيا آهن ۽ اهڙيءَ طرح جلال چانڊيي جي هتڪ طرح بي عزتي ڪري ته پلا دل کي ڏک ڪيئن نه ٿيندو! الائي ٻين کي ڏک ٿيو هجي يا نه، مون کي ته ڏاڍو ڏک ٿيو سنڌي شناخت جي پرندڙ، وکوڙجي ويندڙ سماج ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪهڙي به طرح جي، ڪهڙي به معيار جي، ڪهڙي به صنف يا ڪيتر جي، ڪو به ڪهڙي به ڪنٽريبيوشن ڪري، ان جي آجيان ڪرڻ کپي.

مون کي خبر نه هئي ته انهي جلال چانڊيي واري ڳالهه تي منهنجو سنڌيءَ جي هڪڙي ٻي وڏي سڄاڻ ماڻهو سان بحث ٿي پوندو. اهو ايترو ته ڄاڻو آهي، جنهن جي ڄاڻ ۽ علم جي اڳيان آئون پاڻ کي ٻار سمجهندو آهيان. ٿيو هيئن جو هڪ هنڌ ڳالهين ڪندي اها جلال چانڊيي جي حوالي سان ڳالهه نڪتي.

”اها رشيد ڀٽيءَ ڏاڍائي ڪئي آهي جو ائين جلال چانڊيي کي محاوري طور استعمال ڪيو اٿس.“ مون چيو.

”ان ۾ ڪهڙي خراب ڳالهه ڪئي آهي رشيد ڀٽيءَ ٺيڪ چيو آهي ته

'ساهت ۾ به جلال چانڊيا' پيدا ٿي رهيا آهن." ان دوست رشيد ڀٽيءَ جي ويچار جي پٺڀرائي ڪندي چيو.

"ڇو جلال چانڊيي ڪهڙو ڏوهه ڪيو آهي جو ان کي ائين لوڙيو وڃي؟"

"توکي ڇو ٿو خراب لڳي؟ جلال چانڊيو ته هتي رشيد ڀٽي مشابهت 'similic' طور استعمال ڪيو آهي."

"پر اها Similie ته Derogatory يعني بيعزتي طور استعمال ڪئي وئي آهي."

"ته ڇا جلال چانڊيو زوال پذير (Degenerated) ڪلام نه ٿو ڳائي؟" ڇا دوست چيو.

"عشقيه شاعري ٿيندي ئي زوال پذير آهي. هونئن به ڳائڻ ۾ عشقيه شاعري کان سواءِ ٻي ڪهڙي شاعري هر واسي ٿيندي آهي؟ اڄڪلهه ته اها به چڱي."

"توهان جو مطلب آهي ته پوءِ طالب المولىٰ جي شاعريءَ کي به اعلىٰ چئبو؟" دوست دليل ڏنو.

"پر جيڪڏهن طالب المولىٰ جي شاعري به اهڙي ئي Degenerated ٿا سمجهو ته پوءِ رشيد ڀٽيءَ کي همت سان چوڻ کپندو هو ته اڄڪلهه ساهت ۾ گهڻا طالب المولىٰ پيدا ٿي پيا آهن." مون کيس چيو. "پر رشيد ڀٽي، اوهان يا آئون ڪنهن به اهڙي ماڻهوءَ جو نالو يا مثال نه ڪٽنداسون جيڪو وڏو ماڻهو هجي. باقي جلال چانڊيي جهڙي ايري سيري ماڻهوءَ تي هر ڪو ڪاوڙجي سگهي ٿو، ڇو ته جلال چانڊيو ڪجهه نه ٿو ڪري سگهي. ويچارو ناراض به ٿئي ته به ڪجهه نه ٿو ڪري سگهي. پر همت هجي ها رشيد ڀٽيءَ ۾ ته پوءِ طالب المولىٰ جهڙي وڏي ماڻهوءَ جو نالو کڻي ها ته پاڻهي خبر پئي ها. يا پلا ساهت ۾ ئي جيڪي منفي، مايوس پسند، فراريت وارو ساهت پيش ڪن ٿا، انهن جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟" ايئن چئي مون بحث ختم ڪري ڇڏيو. ان کان پوءِ بحث ڪرڻ به اجايو هو. ڇو ته اسان تنقيد ڪرڻ مهل يا ڪا ڳالهه ڪرڻ مهل اهو ڏسندا آهيون ته اڳلو ماڻهو طاقتور ته ڪونهي. ڪا Nusance value ته ڪونه اٿس. انهيءَ ڪري ئي ايرن سيرن تي ڪاهه ڪندا آهيون.

ڪجهہ ڏينهن جي ڳالهہ آهي تہ هڪ دوست جي پيءُ جي وفات جو ٻڌم. سندس گهر پهتس تہ خبر پيئي تہ سڀيئي پيءُ جي ميت ڪٽائي پنهنجي اباڻي شهر سکر ويا آهن. سکر وڃڻ جي همت نہ ساريم، ان ڪري سوچيم تہ موٽي اچن تہ هتي ئي پرچاڻيءَ لاءِ ويندس. ٻئي ڏينهن تي ڪنهن ڪم سانگي هڪ ٻئي دوست وٽ وڃڻ ٿيو جيڪو اسان ٻنهي جو گڏيل دوست هو. اهو سوچيم تہ اُتان اها بہ خبر پوندي تہ هُو دوست سکر مان ڪڏهن موٽندو.

در کڙڪايم، نوڪر در کوليو. نوڪر سان گڏ دوست جو ننڍڙو پٽ بہ هو. نوڪر کان پڇيم:

"بابا، صاحب آهي."

"نہ سائين گهر ۾ ڪونهي."

"چو ڪيڏانهن ويو آهي؟"

"سائين ٻڌائي ڪونہ ويو آهي."

"آهي تہ اتي ئي نہ."

"ها سائين."

ايتري ۾ ننڍڙي ٻار هڪدم رڙ ڪئي.

"بابا تہ سکر ويو آهي."

"اڙي چپ ڪر." نوڪر ڇڙٻ ڏنس.

"هان! صاحب ڪيڏانهن ويو آهي؟" مون ائين وري نوڪر کان پڇيو جڻ ٻڌوَ ئي ڪونہ هئم.

"سائين، ڪيڏانهن ڪہ نہ ويو آهي. هي تہ ائين ئي الائي ڇا پيو چوي."

۽ آئون حيران ٿي سوچيندو ٺليو آيس تہ پلا جيڪڏهن هو سکر ئي ويو آهي تہ چڱو ٿيو جو دوست جي پيءُ جي ميت سان ئي گڏجي ويو آهي. پر پوءِ ائين لڪائڻ جي ضرورت ڪهڙي هئي جو نوڪرن کي خاص هدايت ڏيئي ويو آهي تہ ڪنهن کي بہ سکر وڃڻ جو نہ ٻڌائي.

ڏاڍو سوچيندو رهيس، نيٺ ان ڳالهہ تي پهتس تہ هي دوست نہ پيو گهري تہ هُن دوست سان ٻيا بہ ايترا ويجها ٿين جيترو هو ويجهو هو. جنهن دوست جو پيءُ گذاري ويو هو، اهو وڏو ماڻهو هو، بنگلي ۽ موٽر وارو هو ۽ سندس ويجهو هجڻ وارو اهو نہ پيو گهري تہ پيو بہ ساڻس ايترو ويجهو ٿئي. ۽ جيڪڏهن ڪي

سندس جيترا ئي ويجها آهن، اُنهن مان رڳو هي ئي سگهه مان ٿي اچي ته هن دوست وٽ اجان وڌيڪ ويجهائپ ٿيندس.

جيئن چون ٿا ته وڏن ماڻهن جا چمچا هڪ ٻئي کي نه سهندا آهن ۽ نه ڪنهن نئين ماڻهوءَ کي ان وڏي ماڻهوءَ جي ويجهو اچڻ ڏيندا آهن ۽ ڪي وري اهو چاهيندا آهن ته رڳو اسين وڏي ماڻهوءَ جا دوست هجون ۽ سندن طبقي وارا ٻيا دوست ان جا دوست ته نه ٻڌجن پر واقفيت به نه ٿئين!

چئن پنجن ڏينهن کان پوءِ اهو دوست مليو جنهن جي پٺ ڳالهه ڪولي وڏي هئي. مون هاسيڪار ان دوست کي چيو، "يار انهيءَ ڏينهن تو وٽ آيو هوس پر تون گهر تي ڪونه هئين."

"ها يار ڪيڏانهن ويو هوس."

"ڪيڏانهن ويو هئين؟!" مون ٿورو زور ڪيو مانس.

"بس اتي ئي. ڪراچي...." هن ڪجهه اهڙي طرح ڪراچي چيو جڻ ڪا چوري ڪندو هجي ۽ آئون سوچيندو رهيس ته ماڻهو ايڏا لالچي، خود غرض يا اجا به ڪٽي چوان ته ڪميڻا ٿيندا آهن جو ڪنهن دوست جي ڏک ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ به ٻئي کي موقعو نه ڏيندا آهن.

ڪالهه هڪڙو دوست ملڻ لاءِ آيو. ساڻس گڏ ٽي ڄڻا ٻيا به هئا. خوش خير و عافيت ۽ ٿوري ڪچهريءَ کان پوءِ پڇيومانس ته هو ڪيئن ملڻ لاءِ آيو هو. هونئن ڪنهن دوست کان اچڻ جو ڪارڻ پڇڻ ته نه گهرجي پر ساڻس ٽي ڄڻا ٻيا به هئا، سو ان ڪري ڪانئس پڇڻ بهتر هو ۽ اهڙيءَ طرح دوست لاءِ به سولائي ڪري ڇڏيم ڇو ته ڪنهن دوست سان ڪم سانگي ماڻهو ملڻ ويندو آهي ته ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي ته ان کي چئجي ته "هڪڙو ڪم هو ان لاءِ آيو هئس" پر ڏاڍي سولائي ٿي ويندي آهي ۽ ذهن تان بار لهي ويندو آهي. جڏهن اڳلو پاڻ ئي پڇندو آهي ته "ڪريو خبر خير سان اچڻ ٿيو." گهڻ ۾ گهڻ مون کي ته ائين لڳندو آهي.

بهرحال دوست ٻڌايو ته سندس دوست کي هڪ هنڌ نوڪري گهرجي ۽ اها ڪيس آئون ڏياري سگهان ٿو. اها ڳالهه مونکي ٻڌائن وسري وئي ته انهيءَ دوست سان آيل ٽن ڄڻن ۾ هڪ ڄڻو ته هُن جو دوست هو، پر باقي ٻن ڄڻن کي ته مون وارو دوست به نه سڃاڻندو هو، جو واقفيت ڪرائيندي منهنجي دوست

ائين چيو تہ "فلاڻو تہ هن جو دوست آهي" باقي اهي بہ جڻا تہ هو بہ نہ سڃاڻي. خبر پيئي تہ جنهن ماڻهوءَ کي نوڪري کپندي هئي، اهو انهن ٻن غير واقفن مان هڪڙو هو.

صحيح صورتحال هيءَ هئي تہ آئون نوڪري وٺي ڏيارڻ جي حيثيت ۾ نہ هئس، ڇو تہ جنهن دوست کان نوڪريءَ ڏيارڻي هئي، ان کي ٽي چار درخواستون اڳ ۾ ڏنل هئم، هن اڄا تائين انهن مان هڪڙي نوڪري بہ نہ ڏياري هئي. انهيءَ حالت ۾ نوڪريءَ ڏيارڻ جو ڪو في الحال آسرو نہ هو. پر ڇون تا تہ ڪنهن بہ ڪم لاءِ صاف صاف انڪار نہ ڪجي. ڪوڙو دلاسو ضرور ڏجي. پر دل من پئي هنيم تہ پياري دوست کي ڪيئن ٻڌايان تہ 'يار ڪم نہ ٿيندو'، جڏهن تہ هو پاڻ سان ڪم وارو همراهہ بہ وٺي آيو هو. تڏهن بہ هڪدم ها نہ ڪئي مانس ۽ اشارو ڏنومانس ۽ چيومانس تہ: "يار بہ درخواستون تہ اڳ ۾ ڏنل اٿم، پر اڃا انهن جو ڪم نہ ٿيو آهي."

- "تہ پوءِ ٽيين درخواست بہ انهن ۾ شامل ڪرائي ڇڏ" دوست چيو.

"حاضر." مون رڳو ايترو چيو ۽ اڻ واقف همراهہ کي درخواست ڏيڻ لاءِ چيم. پر هن همراهہ درخواست ٽي ڪانہ آندي هئي. چيائين تہ هو ٻئي ڏينهن تي درخواست مون کي منهنجي گهر تي ڏيئي ويندو.

مٿين ڳالهہ مان، مون اهوئي سوچيو تہ،

(1) منهنجو دوست، پاڻ سان گڏ هڪ اهڙي دوست جو ڪم ڪٽي آيو هو، جيڪو سندس دوست جو بہ دوست هو ۽ سندس اڻ واقف هو.

(2). منهنجو دوست پنهنجي اهڙي دوست وٽ يعني مون وٽ ڪم ڪٽي آيو هو، جيڪو پاڻ يعني آئون ڪنهن ٻئي دوست کي چئي اهو ڪم ڪرائي ها، يعني پاڻ خود ان ڪم ڪرڻ جي حيثيت ۾ نہ هو.

(3) يعني هڪڙو چوي ٻئي کي ۽ ٻيو چوي ٽئين کي ۽ ٽيون چوي چوٿين کي ۽ چوٿون چوي پنجين کي، تڏهن وڃي ڪم ٿئي. ايترن ڏاڪن ۾ ڪم ٿيڻ ناممڪن تہ نہ پر ڏاڍو ڏکيو آهي.

(4) جيڪڏهن منهنجي دوست لاءِ اهو ڪم ڪرڻ بنهہ ضروري هجي ها تہ هن جو فرض هو تہ مون سان اڪيلائيءَ ۾ ملي ها ۽ صحيح صورتحال پڇي ها تہ ڪم ٿي سگهندو يا نہ؟

(5) پر منهنجي دوست پاڻ سان پنهنجي دوست کي گڏ وٺي مون وٽ سڌو آيو ۽ مون کي ڏاڍي Embrassing حالت ۾ وجهي ڇڏيائين يعني مون کي

صاف صاف ڳالهه ڪرڻ مناسب به نه پئي لڳو ۽ لاچار "ها" ڪرڻي پئي پيئي، پوءِ اها "ها" نلهي ئي سهي. منهنجي ويچار ۾ جڏهن دوست ڪم واري ماڻهوءَ کي مورڳو ئي گڏ وٺي هئي ماڻهو وٽ وڃن ٿا ته اهو هڪ قسم جو پنهنجو بچاءُ ڪن ٿا ته جيئن چئي سگهن ته "ادا اهو ته ڏسو سڌو سنئون فلاڻي ماڻهوءَ وٽ اوهان کي وٺي ويس هاڻي "ها ڪري به ڪم نه ڪري ته ڇا ڪريان،" يعني پنهنجو بچاءُ ڪن ٿا ته پوءِ اڳلي ماڻهوءَ کي به ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ منافقي ڪرڻ جو حق پهچي ٿو ته هو به نلهي "ها" ڪري ڇڏي ۽ هو به پنهنجو بچاءُ ڪري سگهي يا اهو حق وڌيڪ پهچي ٿو ته صاف صاف ڳالهه ٻڌائي پنهنجي دوست کي پٽ وائکي ڪري وڃهي. باقي ڪم ڪرڻ جو طريقو هي هجڻ کپي ته دوست، دوست وٽ وڃي ۽ ڪم جو چوي ۽ صحيح صورتحال پڇي ته ڪم ٿي سگهندو يا نه ته جيئن اڳلو دوست به حقيقت ڪري ٻڌائي ته هو ڪم ڪري سگهندو يا نه ۽ جنهن ماڻهوءَ جو ڪم هجي اهو ٻاهر ويهي ۽ پوءِ دوست اچي ان صحيح صورتحال کان آگاهه ڪري ته ڪم ٿي سگهندو يا نه.

پر لڳي ٿو ته اها حق انصاف جي ڳالهه عمل ۾ آڻڻ ڏکي آهي، جو چون ٿا ته يلي ڪم نه ٿئي پر اڳلي ماڻهوءَ کي آسرو ضرور ملي ۽ هو يلي چوندو وتي، "ادا شابس هجي فلاڻي کي، ڪم لاءِ چيو مانس ته گڏجي هليو يا فون ڪيائين يا چٺي لکي ڏنائين پر هاڻي ڪم نه ٿيو سو منهنجا ڀاڳ، باقي هن مڙس ته وسان ڪين گهٽايو."

جيڪڏهن ماڻهو انهيءَ "ڏوکي" ۾ رهڻ ۾ خوش آهن ته پوءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟

هي مٿيون احوال اسان مڊل ڪلاس وارن سان لاڳو ٿو ٿئي. وڏا ماڻهو ته فون، چٺي ۽ نياپي تي ڪم ڪرائي وٺندا آهن. پاڻ لنگهي وڃن ته پوءِ پڪ ڪم ٿئي ڇو ته اهي وڏا ماڻهو ڏي وٺ جي بنياد تي ٻين جا ڪم ڪرائين ٿا ۽ ٻين جا ڪم ڪن ٿا، پر اسان جهڙا ماڻهو، جيڪي ٻئي ڪنهن جي به ڪم نه ٿا اچي سگهون، انهن جو ڪم ڪو سوَنِ ۾ هڪڙو ٿئي ته ٿئي، اهو به اتفاق سان.

●

# 6 جولاءِ 1983

منجهند جو سوائين تين لڳي مهل، سخت گرميءَ ۾ سڀ سُتا پيا هجون ته ڪنهن در جي گهنڊڙي وڄائي وڄائي هر پاتيءَ کي ننڊ مان اُٿاري وڌو. پهرين ننڍڙا ٻار اُٿيا ۽ ڪچيءَ ننڊ مان اُٿڻ ڪري روئڻ لڳا، پوءِ منهنجي به اک کلي پئي. در وجي کوليوسون ته ٻه اڻ واقف همراهه موٽر سائيڪل تي آيل در تي بيٺا هئا. آئون اڌ ننڊ مان ٽاٻڙجندي وجي پهتس ۽ پڇيم ته "خير آهي ۽ هو ڪير آهن."

جواب مليو، "ڳالهه اوهان وٽ فلاڻي دوست سان آيا هئاسون. اوهان کي جيڪو ڪم چيو هوسون ان سلسلي ۾ درخواست آندي اٿئون! پهرين ته خيال آيو ته چوانس، شاٻس اٿوَ جو اونهاري ۾ سخت گرميءَ ۾ ننڊ مان اٿاري هيڏي مهل درخواست آندي اٿئو پر چپ چاپ ڪري درخواست ورتم ۽ گهر اچي اوڏي مهل ئي درخواست ڦاڙي ڇڏيم.

ٻارن کي پرچائي پرچائي، ٿڦڪيون ڏيئي وري مس مس ننڊ ۾ سمهاريوسون، پر آئون ۽ زال جاڳيا ويٺا رهياسون جو ٻنپهرن جي ننڊ ڦٽي ته چٽي.

سوچيم ته هن دوست کي ضرور چوندس ته اوهان جا همراه منجهند جو سوائين تين وڳي اسان سيني کي ننڊ مان اٿاري درخواست ڏيئي ويا، جيتوڻيڪ شام جو به ڏيئي سگهن ها. آئون سمجهان ٿو ته منهنجي دوست سان اها شڪايت ڪرڻ مناسب ٿيندي چو ته جيڪڏهن اسان پنهنجين اڻ ڄاڻاين يا گهٽتاين کي ائين مروت ۾ نظر انداز ڪندا رهياسون ته پوءِ اسان جو سڌارو ڪيئن ٿيندو؟

مون کان به هڪڙي غلطي ٿي ته انهن همراهن کي، جيڪي سخت گرميءَ ۾ سوائين تين وڳي ڏاري درخواست کڻي آيا هئا، انهن کي به سڌو سنئون چوڻ کپي ها ته "ادا هي وقت ته ڪونهي ڪنهن جي گهر وڃڻ جو"

بهرحال اها ڳالهه آئون پنهنجي دوست سان ڪرڻ جي همت به نه ساري سگهيس. اينتري ٿوري گهٽي همت اچي وڃي ته به سماج سڌري پوي.

•

# 7.جولاءِ 1983

ڪالهه رات ڪان وٺي سامهون واري ڪهر مان رات جو زور سان رڪارڊنگ جو آواز اچڻ سان شروع ٿيو، جيڪو هڪ بجي وڳي تائين هلندو رهيو ۽ وري صبح جو ڏهين وڳي ڌاري وري ٽيپ رڪارڊر هلڻ لڳو. جهڙو ڪنهن وقت ۾ شادين جي وقت تي لائوڊ اسپيڪر وڄائي، ڏينهن رات مٿي ۾ سور وڌو ويندو هو.

اڄ رات جو به وري رڪارڊنگ شروع ٿي ۽ رات جو دير تائين هلندي رهي ۽ وري سحريءَ جي وقت به صبح جو ڇئين وڳي ڪان رڪارڊنگ شروع ٿي ۽ ڇهين وڳي تائين هلندي رهي. اسان انهيءَ رڪارڊنگ ڪان ڏاڍا پريشان ٿيا سين جو ڪافي سالن ڪان پوءِ اهڙو رڪارڊنگ جو آواز مسلسل ڪنن تي پئجي رهيو هو. اڳي شادين جي موقعن تي هيٺين طبقي ۽ لوئر مڊل ڪلاس ۾ اهو هلڪڙائپ جو مظاهرو ٿيندو هو ۽ پڻ "پوڊاون" ۾ به اهو "نماءُ" جو رواج هو، پر شڪر آهي ته وقت گذرڻ سان گڏ جيئن ماڻهن ۾ ڳنڀيرتا اچي رهي آهي تيئن اهو رڪارڊنگ جو آزار گهڻ ۾ گهڻ شادين جي موقعي تي ته بند ٿي ويو آهي. ايتري قدر جو هاڻي ڪو اها رڪارڊنگ ڪري ته سڀ ماڻهو انهيءَ تي ڪلندا. اڳي انهيءَ حرڪت تي رڳو ڳنڀير ماڻهو ڪلندا هئا.

بهرحال هي رڪارڊنگ اسان لاءِ نئون تجربو هئي ۽ مون ۽ زال پنهنجي وچ ۾ انهيءَ سلسلي ۾ ڳالهايو ۽ انهيءَ نتيجي تي پهتا سون ته شايد اسان جي پاڙيسريءَ وٽ پئسو مڙيئي چڱو اچي ويو آهي، سو هاڻي چا ڪجي. جڏهن اسان جو پاڙيسري هي پڙهي ته اسان ڪانئس معذرت تا ڪريون جو اهڙو خيال واقعي اسان جي دل ۾ آيو هو جو اسين اهڙي خيال ڪي دل ۾ آڻڻ ۾ حق تي هئا سون.

وري اڄ صبح جو ڏهين وڳي ڪان ساڳي رڪارڊنگ شروع ٿي. هاڻي ته آئون بنهه برداشت نه ڪري سگهيس ۽ فيصلو ڪيم ته اڄڪلهه جيئن ته موڪلون آهن، ان ڪري آئون ته رڪارڊنگ جي ڪري لکڻ پڙهڻ ڪان ويس، پر هو همراهه، جيڪو گهر ۾ وينو رڪارڊنگ جو لطف وٺي رهيو هوندو، گهڻ ۾ گهڻ

ان کي ته سڌو سنئون آئون ئي وجي چوان، جو مون کي اهو احساس ٿيو ته جيڪڏهن آئون نه چوندس ته ڪير نه چوندو، ڇو ته هر ڪو ائين ئي سوچيندو هوندو ته "ٻيو ڪو وڃي چوندو."

مون هڪڙي ڀيري "ريڊرس ڊائجسٽ" ۾ هڪڙو مضمون پڙهيو هو ته ونڊيل ذميداري (Divided responsibility) ماڻهوءَ مان ذميداريءَ جوا حساس ختم ڪري ڇڏي ٿي. مثال ڏنل هو، ته هڪڙي گهٽي ٽريفڪ واري هاءِ وي تي ائڪسيڊنٽ مهل هرڪو ڪار وارو اهو سوچيندي لنگهندو ويندو آهي ته هيترين ٻيون گاڏيون پيون لنگهن، پاڻيهي ڪو مدد ڪندو. انهيءَ جي ابتڙ هڪ ويران هاءِ وي تي ائڪسيڊنٽ مهل جيڪو ٻه پهرين ماڻهو ايندو، اهو گاڏي بيهاري مدد ڪندو اهو سوچي ته ٻيو ڀلا ڪير ايندو جو هن جي اچي مدد ڪندو. پهرئين ڪيس ۾ ونڊيل يا ورهايل ذميداري هئي، ان ڪري گهٽ ماڻهو اها معمولي ذميداري پوري ڪندا، جڏهن ته ٻئي ڪيس ۾ هر ماڻهو پنهنجي ذميداري ئي سمجهندو ۽ ان ڪري هڪدم اها پوري ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو.

مون کي ٻه هڪ تجربو آهي جو ٻڌائيندو هلان. سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪنهن حصي ۾ بجلي فيل ته ٿيندي رهي آهي، پر هڪ ڀيري چا ٿيو جو بجلي فيل ٿي ته ڪافي دير تائين اها حالت رهي، شايد ٻارنهن ڪلاڪ ڪن. مون نيٺ وڃي اختياري وارن کي اطلاع ڪيو ته بجلي ڪڏهن ايندي ته جواب مليم ته ڪين ته اطلاع ئي ڪونهي ته فلاڻي حصي ۾ ڪا بجلي فيل آهي. پوءِ اوڙي پاڙي ۾ پڇا ڳاڇا ڪيم ته معلوم ٿيو ته هنن سمجهيو ته "مارئي هاسٽل" وارن ضرور "ڪمپلين" ڪئي هوندي. مارئي هاسٽل وارن کان پڇيم ته انهن سمجهيو ته بجلي سڄي يونيورسٽيءَ ۾ فيل آهي، انهيءَ ڪري "ڪمپلين" ڪرڻ جي ضرورت ئي ڪانه هئي، جيتوڻيڪ ڪين خبر ئي ڪانه هئي ته باقي يونيورسٽيءَ ۾ بجلي آهي، رڳو سنڌن علائقي ۾ ڪانهي. اهڙي طرح "ٽيچرس هاسٽل" وارن ٻه بجلي فيل ٿيڻ جو اطلاع نه ڏنو هو ۽ اهڙي طرح هرڪو هڪ ٻئي تي اها ذميواري سمجهي ته هو اطلاع ڏيندو ۽ نتيجي ۾ ڪنهن ٻه اطلاع نه ڏنو. اهو هو ورهايل يا ونڊيل ذميداري (Divided responsibility) جو هڪ مثال.

سو ڳالهه پئي ڪيم ته پاڙي ۾ اها اوچتو رڪارڊنگ مون کان سواءِ ٻين کي ٻه ضرور ڏکي لڳي هوندي پر يا ته انهن انهيءَ ڪري شڪايت نه ڪئي هوندي ته ٻيو ڪو ڪندو يا انهيءَ ڪري ٻه ته متان اڳلو انهيءَ شڪايت تي ڪاوڙجي پوي. پر مون فيصلو ڪيو ته آئون ضرور ان پاڙي واري وٽ لنگهي ويندس ۽

اوڏيءَ مهل اٽيس ۽ ذهن ۾ سوچيندو ويس تہ ڪيس ڇا چوندس. منهنجي سوچ ڪجھہ هن ريت هئي:

"سائين معاف ڪجو جو اوهان وٽ آيو آهيان. شڪايت ڪانهي، پر دل ۾ هڪ ڳالهہ هئي سان حجت ڪري اوهان سان ڪرڻ آيو آهيان. اصل ۾ اهو چوڻ پنهنجو فرض سمجهي، اوهانکي دوست سمجهي بہ ۽ اهو سمجهي بہ تہ سنڌي آهيو انهيءَ ڪري آئون اهو سوچي اوهان سان ڳالهہ پيو ڪريان تہ اسان ۾ ڪا ڳالهہ ڪنهن کي سني نہ لڳي تہ اڳلي کي ضرور ٻڌائي تہ جيئن مجموعي طرح سنڌي سماج صحتمند بنيادن تي هلي. معمولي خراب ڳالهہ هجي تہ بہ ان کي درست ڪجي. اهي ظاهر ۾ معمولي خرابيون مجموعي طرح وڏو داغ نظر اينديون آهن. سائين، ڳالهہ اها آهي جو اوهان وٽان ڪالهہ ڪان مسلسل وڏي آواز سان رڪارڊنگ پئي هلي سا مناسب نہ آهي. رڪارڊنگ تہ اصل گهر ۾ اندر هجڻ کپي ۽ ان جو آواز جيترو گهر کان ٻاهر نہ نڪري اوترو سٺو. چون ٿا قانوني طرح تہ رات جو ڏهين وڳي کان پوءِ تہ رڪارڊنگ يا ڪوبہ گوڙ جو آواز گهر کان ٻاهر نہ وڃڻ کپي. سائين، دل ۾ نہ ڪجو جو قانون جون ڳالهيون ٻڌائي اوهان کي اڻ سڌيءَ طرح ڌمڪي نہ پيو ڏيان، پر اهو Emphasize ڪرڻ لاءِ ٻڌايان ٿو تہ انگريزن اهو قانون "بهتر ماحول" لاءِ ئي ناهيو هو. آئون هي سڀ ڳالهيون اوهان کي انهيءَ ڪري ٻڌايان ٿو جو اوهان کي اينئن پنهنجو پاڻ سمجهي آيو آهيان. مون کي هوندئن اوهانکي ڪجھہ چوڻ جو حق ڪونهي."

ڪجھہ اهڙيون ڳالهيون سوچي ويو هئس پاڙيسريءَ وٽ. پر جڏهن در ڪڙڪايم تہ خبر پيئي تہ هو گهر تي ڪونہ هو، پر ان جو نوڪر هو جيڪو نلهي گوڏ ۾ ٻاهر نڪتو. اندازو ٿيو تہ گهر ۾ ٻيو ڪوبہ ڀاتي بہ ڪونهي.

"سائين آهي؟" مون پڇيومانس.

"نہ شهر ويو آهي."

"چڱو، ٻڌائي ڇڏج تہ ظفر حسن آيو هو." ائين چئي مون ٿورو نوڪر ڏانهن غور سان ڏٺو. اهو ڏٺم تہ گهر ۾ اڪيلو مڙس ويهي وڏي آواز سان لائوڊ اسپيڪر جهڙا ٽيپ رڪارڊر وڄائي رهيو آهي ۽ مفت ۾ بدنام صاحب پيو ٿئي. منهنجي ائين غور سان ڏسڻ سان مڙس سمجهي ويو ۽ چوڻ لڳو تہ "سائين ڪا شڪايت تہ ڪانهي؟"

"بابا شڪايت ڇا جي؟"

"سائين ڪا خطا ٿي هجي تہ معافي ٿو وٺان."

”بابا ڇا جي خطا، ڇا جي معافي؟ ڪا ڳالهه ڪانهي بابا، تون رڳو صاحب کي منهنجو ٻڌائي ڇڏجانءِ.“ پر هو پڪ سان سمجهي ويو ته ڇا جي لاءِ آيو هئس، ڇو ته آئون انهيءَ پاڙيسريءَ وٽ ورلي ويو هوندس.

اوڏيءَ مهل ئي نوڪر وڃي رڪارڊنگ بند ڪري ڇڏي يا آواز جهڪو ڪري ڇڏيو هوندو، جيڪو مون کي ٻڌڻ ۾ ڪونه پئي آيو.

پر منهنجو ڪم پورو ڪونه ٿيو، ڇو ته نوڪر ان ڳالهه کي خراب سمجهي رڪارڊنگ بند نه ڪئي هوندي، پر اهو سمجهي ته مون کي رڪارڊنگ پسند نه هوندي. اهو ساڳيو نوڪر وري ٻئي هنڌ ويندو ته ساڳيو ”گند“ ڪندو سو بهتر سمجهيم ته ٻئي ڪنهن ڏينهن پاڙيسريءَ وٽ وڃي اها ڳالهه ڪندس ضرور، جيئن هو نوڪر کي اهو سمجهائي سگهي ته زور سان وقت بي وقت رڪارڊنگ وڄائڻ خراب ڳالهه آهي.

●

# 8 جولاءِ 1983

مشهور ليکڪ عبدالقادر جوڻيجي ڳالهه ڪئي ته هن ويجهڙائيءَ ۾ دنيا جي مشهور ليکڪن جي انٽرويوئن جا ڪتاب پڙهيا آهن. هي اهي انٽرويو آهن، جيڪي ليکڪن خاص طور تي مشهور رسالي ”پئرس رويو“ (Paris Review) لاءِ ڏنا آهن ۽ انهن انٽرويوئن جي جوڻيجي ڏاڍي ساراهه ڪئي. مون پاڻ انهن انٽرويوئن جي باري ۾ سڀ کان پهرين جان برين (John Braine) جي لکيل هڪ ڪتاب "Writing a Novel" ۾ پڙهيو هو. جان برين پنهنجي ان ناول لکڻ جي باري ۾ ڪتاب ۾ اهو لکيو هو ته هن هي ڪتاب ناول لکڻ جي باري ۾ ته لکيو آهي پر ڏاڍو بهتر ٿئي جيڪر ليکڪ ”پئرس رويو“ جي ليکڪن جا انٽرويو پڙهن، جن ۾ ليکڪن پنهنجي پنهنجي فن جي باري ۾ روشني وڌي آهي، جن جي پڙهڻ سان هر ليکڪ گهڻو ڪجهه پرائي سگهي ٿو. پر مون جان برين جي انهيءَ ڳالهه تي خاص ڌيان نه ڏنو هو.

جوڻيجي ٻڌايو ته اهو انٽرويوئن جو سلسلو پنجن جلدن تي ٻڌل آهي ۽ هن مهرباني ڪري مون کي پهريان به جلد پڙهڻ لاءِ ڏنا. اڄ مون پهريون جلد پڙهي پورو ڪيو آهي. اڻون پڪ سان چوان ٿو ته پهريون جلد ئي اهڙو ته زبردست هو، جنهن منهنجو دماغ کولي ڇا لوڏي ڇڏيو آهي. مون ايئن ئي ٿيون ڏينهن پهريون جلد کنيو ۽ اڄ پڙهي پورو ڪيو اٿم. اهو اهڙو ته دلچسپ هو جو هڪ ڀيرو کنيم ته ڇڏڻ تي دل ئي نه پئي ٿئي. هن انٽرويوئن جي ڪتابن جو صحيح سرو آهي: Writers at Work: The Paris Review Interviewsجيئن ته پهرين ٻڌايم ته هيءَ جلد پنجن جلدن تي ٻڌل آهي ۽ هر هڪ جلد اٽڪل ساڍن ٽن سون صفحن تي پکڙيل آهي. پهرين جلد ۾ E.M. Foster, Frank O'Connor, Dorothy Parker, Nelson Algren, Francis Mauriac, James Thurber, William Faulkner, Robert Penn Warren, Georges Sinenon, Francis Sagan, Willian Styron, Thornton Wilder, Trumen Capote, Angus Wilson, Goyce Cary, Alberto

Moravia جا انٽرويو آهن. هڪ هڪ جلد سون ۾ تورڻ جهڙو بلڪ آئون تہ ائين چوندس تہ هڪ هڪ انٽرويو سون ۾ تورڻ جهڙو آهي ۽ سنڌيءَ جي هر ليکڪ کي پڙهڻ نهايت ضروري آهي ۽ انهن جي پڙهڻ کان سواءِ سنڌي ليکڪ جو اعليٰ پائي تي پهچڻ ناممڪن، نہ تہ ڏکيو آهي.

مون کي اُهي انٽرويو پڙهڻ سان جيڪا خاص ڳالهہ دل سان لڳي اُها هي تہ ساهت لکڻ ڪا راند تہ ڪانهي پر نهايت محنت ۽ ڏينهن رات جو ڪم آهي. منهنجو خيال آهي تہ جڏهن اسان جا ليکڪ هي انٽرويو پڙهندا تہ وڌيڪ Mature ٿيندا ۽ سندن لکڻيون فني ۽ ڪلاتي انداز کان وڌيڪ معياري ٿينديون. آئون تہ انهن پنجن ئي جُلد کي "ليکڪن جو سونهون" قرار ڏيان ٿو ۽ سنڌيءَ جي هر ليکڪ کي نہ رڳو پڙهڻ کپن پر پنهنجون ڪاپيون خريد ڪري وَرَ وَرَ پڙهڻ کپن. اهي ڪتاب ليکڪ لاءِ پرائمري ريڊنگس آهن، نصاب آهن ۽ جيڪي بہ پڙهندا اهي پاڻ محسوس ڪندا تہ سندن چاڻ ۾ ڪيترو نہ اضافو ٿيو آهي ۽ هو ڪيترو نہ "اونداهيءَ" ۾ هئا. منهنجو تہ اهو خيال آهي تہ ڪتاب پڙهڻ سان گهٽا تہ "لکڻ" کي اهڙو اهم ڪم يا ڏکيو ڪم سمجهي مورڳو ئي پٺي ويندا يا پنهنجي باري ۾ صحيح راءِ قائم ڪري سگهندا ۽ سندن غلط فهمي دور ٿي ويندي تہ هو هينئر کان ئي عظيم ۽ برک ليکڪ بڻجي ويا آهن. کين خبر پوندي تہ عظيم ۽ برک ليکڪ بڻجڻ لاءِ ڪيتري محنت کپي ۽ سندن لکڻين کي "اعليٰ ساهت" بڻجڻ لاءِ ڪيتري محنت درڪار آهي ۽ لکڻ آڏ جي ماکي ڪونهي جو هر ڪو لاهڻ لاءِ سندرو ٻڌي بيٺو هجي. اهڙيءَ طرح هر ليکڪ کي پنهنجي صحيح جائزي وٺڻ جو موقعو ملندو ۽ هو نئين سر پنهنجين لکڻين کي انهن انٽرويوئن جي پس منظر ۾ پرکيندو ۽ کيس پاڻيهي خبر پوندي تہ هو ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي. منهنجي تہ پهريون جلد پڙهڻ کان پوءِ ئي دماغ مان هوا نڪري ويئي آهي ۽ اڃا چار جلد پيا بہ آهن. مون کي هن پهرئين جلد پنهنجي لکڻين جي باري ۾ سوچڻ جو موقعو ڏنو آهي ۽ مون ۾ نئين سر همت پيدا ٿي آهي تہ مون کي جيڪڏهن ليکڪ ٿيڻو آهي تہ ڪهڙي ڪهڙي محنت ڪرڻي آهي، ڪيئن ڪيئن مون کي لکڻو آهي. پهرئين تہ ائين ئي سڌ پوري ڪئي اٿم.

اهي ڪتاب هر ليکڪ لاءِ، جيئن انگريزي ۾ چوندا آهن Must آهن، يعني بنهہ ضروري آهن. اهي ڪتاب ليکڪ جي هنڌ تي سيرانديءَ وٽان سدائين رکيل هجن ۽ وري چوندس تہ وَرَ وَرَ پڙهيا وڃن. اهي ڪتاب هوندي تہ انگريزي ڪتابن جي قيمتن جي لحاظ کان مهانگا ڪونهن، پر اسان جي خريد جي قيمت

جي لحاظ کان مهانگا آهن. ڪتابن جي سيٽ جي قيمت ڪل 375 رپيا آهي ۽ في جلد اٽڪل 75 رپيين ۾ پوي ٿو. ايترا پئسا خرچ ڪرڻ هر ليکڪ جي وَسَ ۾ نہ آهي. آئون تہ ائين چوندس تہ في جلد 75 رپيين ۾ واري واري سان خريد ڪرڻ بہ ليکڪ جي وس نہ آهي، پر هي اهو خرچ آهي جيڪي هر ليکڪ لاءِ لازمي Compulsory آهي. آئون سنڌيءَ جي هر ليکڪ کي وينتي ڪريان ٿو تہ هو سنڌي ساهت کي اعليٰ معيار تي پهچائڻ لاءِ عام طرح ۽ پنهنجين لکڻين جي اعليٰ معيار لاءِ خاص طرح هي پنج ئي ڪتاب ضرور وٺي پيسا بچائي، ٻيا خرچ بچائي ۽ قرض وٺي بہ هي ڪتاب وٺي ۽ هڪ هڪ لفظ پڙهي، وري وري پڙهي. مون کي ڪامل يقين آهي تہ انهن ڪتابن جي پڙهڻ کان پوءِ سنڌي ساهت کي دنيا جي اعليٰ ترين ساهت سان بہ پيٽي سگهبو. اهي ڪتاب مشهور پبلشنگ اداري Penguin Books وارن جا ڇپايل آهن ۽ ڪراچيءَ مان ٿامس اينڊ ٿامس، ڪتب فروش، فريئر روڊ، تان ملي سگهن ٿا.

آئون هيٺ پهرين جُلد جي انٽرويوئن مان ڪجهہ جهلڪيون اوهان جي آڏو پيش ڪريان ٿو. هتي آئون هڪ گذرش ڪري ڇڏيان تہ اهي ڪتاب نہ رڳو لکندڙن لاءِ لازمي آهي پر پڙهندڙن لاءِ بہ اهم آهن ۽ آئون پنهنجي ليکڪ برادريءَ جي يعني پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙي هڻندي چوان ٿو تہ جيڪڏهن سنڌي پڙهندڙ اهي ڪتاب پڙهي وٺندا تہ گهٽن ليکڪن کي سنڌي ساهت مان خارج ڪري ڇڏيندا.

پهرين جلد جي مهاڳ ۾ پهرئين جلد جي سيني انٽرويوئن جي ٻڌل ڪتاب جي ايڊيٽر مالڪم ڪائولي (Malcolm Cowley) جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن سي هي آهن:

ڪهاڻي لکڻ يا ناول لکڻ جا چار درجا آهن. پهريون درجو ٻج (Germ) آهي، جنهن هيٺ ڪجهہ بہ ڏٺل يا ٻڌل يا اوچتو ذهن ۾ ياد آيل ڪو تاثر، ڪو خيال ٿي سگهي ٿو يا ڪو ريمارڪ يا ڪو رڳو اوچتو اهڙو ڏٺل چهرو جيڪو ذيان ڇڪائيندڙ هجي سو ٿي سگهي ٿو.

ٻيو درجو انهيءَ ڳالهہ تي سوچڻ جو آهي. ليکڪ انهيءَ ڳالهہ تي سوچيندو رهي ٿو جيئنٽيڪ هوُ انهيءَ سان گڏ ٻيا بہ دنيا جا ڪم ڪندو رهي ٿو. هو پنهنجو پاڻ کي پهرين مطمئن ڪندو رهي ٿو تہ جيڪا ڳالهہ هو ڪرڻ گهري ٿو اُها پڙهندڙن تائين پهچي پر پهرين پاڻ کي تہ مطمئن ڪري. انهيءَ سوچ جي دوران ڪهاڻي يا ناول جو تاڃي پيٽو يعني مخصوص گهاڙيٽو ذهن ۾ تيار

ٿيندو پنهنجي مخصوص شڪل وٺي ٿو ۽ اهو سوچ وارو دور شعور ۽ لاشعور Conscious and subconsciousجي جزن تي ٻڌل رهي ٿو.

ڪهاڻي يا ناول جو ٿيون دور پهرين ڊرافٽ لکڻ جو آهي، جيڪو گهڻو ڪري نهايت تيز لکيو وڃي ٿو. اهو لکڻ جو بهترين طريقو آهي. پر ڪجهه ليکڪ پهريون ڊرافٽ به هوريان ۽ ڏاڍي محنت سان لکن ٿا ۽ گڏوگڏ مسودي کي بيو پيرو (Revise) يعني ٽيون پيرو به لکندا وڃن ٿا.

چوٿون دورو ڪهاڻي يا ناول جي ڊرافٽ کي ور ور پڙهي درستيون ڪري، ترميم ڪري، ڪجهه مواد ڪاٽي، ڪجهه مواد وڌائي فائينل ڊرافٽ تيار ڪرڻ آهي، جيڪو گهڻين صورتن ۾ هڪ طرح سان ور ور لکيو وڃي ٿو، تڏهن وڃي فائنل ڊرافٽ تيار ٿئي ٿو، پر مالڪم ڪائولي هڪ پنجين درجي جو به ذڪر ڪري ٿو، جيڪو پهريون درجو به چئي سگهجي ٿو. هو چوي ٿو ته ڪهاڻي يا ناول جي ٻج کي پنهنجي ذهن ۾ قابو رکڻ کان پهرين ليکڪ هڪ تڪائي سان وڏندڙ جذباتي حساسيت جي دور مان گذري ٿو. جڏهن اهي عام واقعا يا مشاهدا، جو ليکڪ جو هونئن ڌيان نه ڇڪائيندا آهن، اوچتو ڪيس گهرا محسوس ٿيڻ لڳن ٿا. سچ جي لهڻ جو منظر ليکڪ کي اوچتو وڏيڪ محسوس ٿيڻ لڳي ٿو ۽ سندس جذبن کي اڏامر ڏئي ٿو يا جڏهن ڪنهن ٻار جون آسائتيون اکيون ليکڪ جي اکين ۾ ڳوڙها آڻڻ لڳن ٿيون ۽ اهڙي طرح ڪهاڻي يا ناول جي ٻج کي ذهن ۾ پوکڻ کان پهرين ليکڪ جي ذهني ڪيفيت اصل ۾ ٻج کي پاڻ تيار ڪري ٿي.

انهن چئن پنجن دورن کي ڪهاڻي لکڻ مهل ته صاف سلسليوار پار ڪرڻوپوي ٿو پر البت ناول لکڻ مهل ڪجهه درجن ۾ هيٺ مٿانهين ٿيو وڃي، چو ته ناول جي هر باب لکڻ مهل ليکڪ کي ٻئي دور يعني سوچ جي شعور ۽ لاشعور واري دور مان هر هر لنگهڻو پوي ٿو. جڏهن هو هڪ هڪ باب تي ويهي لڳاتار سوچيندو، انهيءَ جو تاڃي پيٽو يا گهاڙيٽو تيار ڪندو ويندو.

منهنجي خيال ۾ هتي "سوچڻ" مان اها مراد نه وٺڻ کپي ته رڳو هن ٻئي درجي تي ئي سوچڻو آهي، پر اها سوچ ته لڳاتار گهڻي دير تائين هڪ مخصوص باب مهل ان جي پس منظر ۾ رهي ٿي. هونئن هتي اهو چوڻ ته ضروري ڪونهي ته هڪ هڪ لفظ، هڪ هڪ جملي جي پويان سوچڻو پوي ٿو.

ڪائولي لکي ٿو ته ٻي جيڪا ڳالهه انهن سيني انٽرويوئن مان ظاهر ٿئي

تي، اُها هي آهي تہ هر ليکڪ گهٽ ۾ گهٽ روزانو ٽي يا چار ڪلاڪ لکي ٿو ۽ ناول لکڻ لاءِ تہ اهو ضروري آهي تہ ان جي لکڻ جي تسلسل جي وچ ۾ رنڊڪ نہ پوڻ گهرجي.

ٻي ڳالهہ جيڪا مون انٽرويوئن ۾ نوٽ ڪئي آهي تہ هر ليکڪ پنهنجين لکڻين کي ور ور لکي ٿو. گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڊرافٽ، نہ تہ پنج، ست ۽ ڪي تہ ڏهہ ڏهہ ڀيرا ڊرافٽ تيار ڪن ٿا. اهو ئي ڪارڻ آهي جو انهن جون لکڻيون عالمي ساهت بڻجڻ ٿيون ۽ روزانو سڄي عمر ٽي چار ڪلاڪ لکڻ سان هزارين ڪهاڻيون ۽ سوين ناول نہ، تہ پنج، ڏهہ ناول ۽ سؤ ڪهاڻيون ئي لکيون وڃن ٿيون، پر اهي شاهڪار لکڻيون ٿين ٿيون. اها ڳالهہ البت آهي تہ مغرب جي ملڪن جا ليکڪ "ڪل وقتي" ليکڪ آهن ۽ کين لکڻ کان سواءِ ٻيو ڪو ڪم ڪونهي ۽ اها ڳالهہ بہ آهي تہ اُهي اقتصادي ۽ گهٽ ۾ گهٽ ڪري ٻين ڳڻتين کان آجا آهن ۽ چوويهہ ئي ڪلاڪ انهن جي سوچ ۽ انهن جو عمل "لکڻ" لاءِ ئي آهي. ان جي ڀيٽ ۾ اسان وٽ ڪو بہ ليکڪ ڪل وقتي نہ آهي ۽ کيس نہ رڳو مالي پريشانيون آهن پر ٻين ڳڻتين ۽ فڪرن کان بہ آجو ڪونهي. کيس تہ آفيس ۾ بہ سڪون ڪونهي جو آفيسن ۾ هلندڙ سازشون ۽ چڪتاڻ بہ پريشانيءَ جو باعث بڻجن ٿيون. انهيءَ پس منظر جي باوجود اسان وٽ ليکڪ روزانو ٽي يا چار ڪلاڪ نہ تہ بہ هڪ بہ ڪلاڪ روزانو بهرحال ڪڍي سگهي ٿو. پر اسانجي ليکڪن جي سستي، محنت کان ڪيٻائڻ ۽ نلهو ڪچهرين ۽ گشن پتن ۾ وقت وڃائڻ بہ ساهت لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيو آهي.

اصل ۾ هن ڀيرئين جلد جو مهاڳ "ليکڪ ڪيئن لکن ٿا" جيڪو ويهن صفحن جو آهي، جنهن جي مختصر جهلڪ مون مٿي ڏني آهي، گهٽ ۾ گهٽ سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيڻ کپي ۽ آئون سمجهان ٿو تہ پنجن ئي جلدن جا پنج مهاڳ تہ گهٽ ۾ گهٽ هڪدم سنڌيءَ ۾ اچڻ کپن، جيڪي "مهراڻ، "سنڌ" ، "آرسي" جهڙا ٽلها رسالا ۽ ڪتابي سلسلا هڪ سال اندر ئي شايع ڪري سگهن ٿا ۽ اهڙي طرح پنجن ئي جلدن ۾ جيڪي 59 ليکڪن جا انٽرويو ڏنل آهن، سي بہ اهي ٽيئي پبليڪيشن هر نمبر ۾ شايع ڪن تہ ٽن چئن سالن ۾ اهي سڀ انٽرويو اچي سگهن ٿا ۽ پوءِ کين ڪتابي صورت ۾ آڻي سنڌي ساهت جي معيار لاءِ هڪ وڏي هٿي بڻجي سگهن ٿا. آئون سمجهان ٿو تہ سنڌي ساهت جو آئيندو انهن ڪتابن جي سنڌيءَ ۾ اچڻ سان وڌيڪ روشن ٿيندو. آخر ۾ سؤ ڳالهين

جي هڪ ڳالھ تہ ڪو ليکڪ ڪٿي ڪيترو بہ لکڻ جي ٽيڪنڪ جي اهميت نہ محسوس ڪري ۽ پاڻ کي لکڻ جي فن ۾ قابل سمجهي، هنن ڪتابن جي ضرورت محسوس نہ ڪري تہ بہ اهي ڪتاب اهم آهن، ڇو تہ اهي ڪتاب پڙهڻ سان ليکڪ ۾ لکڻ جو اينترو تہ اتساهہ پيدا ڪن ٿا، جو آئون سمجهان ٿو تہ ورلي ڪو ليکڪ هوندو جو اهي ڪتاب پڙهي بہ ڪهاڻيون، ناول ۽ شاعري نہ لکي.

●

# 9 جولاءِ 1983

لکڻ جي ٽيڪنڪ ۽ فن جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ هڪ سٺي ڪتاب جو ذڪر ڪندو هلان. مون ناول ۽ ڪهاڻيءَ لکڻ جي ٽيڪنڪ تي گهڻا ڪتاب پڙهيا آهن. پر هڪ ڪتاب جي آئون سفارش ڪندس تہ اهو ڪتاب ناول لکڻ جا بنيادي قاعدا جيترو سولي نموني ۽ فنڪاراڻي طور تي سمجهائي ٿو، جو اوترو بيو ڪو ڪتاب گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نظر مان نہ گذريو آهي. انهيءَ ڪتاب جو ذڪر بہ آئون مٿي ڪري آيو آهيان تہ انهن پنجن جلدن جي انٽرويوئن وارن ڪتابن جي سڀ کان پهرين واقفيت بہ مون کي ان ڪتاب مان ملي هئي. اهو ڪتاب آهي Writing a Novel جيڪو جان برين John Braine جو لکيل آهي. هي ڪتاب 224 صفحن تي پکڙيل آهي ۽ ڪچي جلد جو ايڊيشن مشهور پبلشنگ اداري مئڪگرا - هل McGraw-Hill وارن جو ڇپارايل آهي. هن ڪتاب جو ليکڪ جان برين پاڻ ڇهن ناولن جو ليکڪ آهي ۽ سندس پهريون ناول Room at the Top ئي سڀ کان مشهور ٿيو ۽ جنهن تي فلم بہ ٺهي چڪي آهي.

مون کي هي ڪتاب گذريل سال هڪ دوست ڊاڪٽر اسدالله لاڙڪ اسسٽنٽ پروفيسر انگلش ساهت، سنڌ يونيورسٽيءَ وٽان پهرين پڙهڻ لاءِ مليو هو، جيڪو مون ڪافي ڏينهن پاڻ وٽ رکي ڇڏيو، پوءِ ڊاڪٽر لاڙڪ سنڌ يونيورسٽي ڇڏي جرمنيءَ هليو ويو ۽ ڪتاب مون وٽ ئي رهجي ويو. اهو ڪتاب آئون فوٽو اسٽيٽ بہ نہ ڪرائي سگهيس. في الحال اهو ڪتاب عارضي طور تي ڦٻايو اٿم. جيئن تہ هي ڪتاب پاڪستان ۾ تہ مون کي ملي نہ سگهيو پر جيئن ئي مون کي پنهنجي ڪاپي ملي تہ اهو ڪتاب ڊاڪٽر لاڙڪ کي موٽائي موڪليندس. مون اڄ تائين نہ تہ ڪنهن جو ڪتاب ڦٻايو اٿم ۽ نہ ئي ڦٻائڻ جي نيت اٿم. اڳلي کي سندن ڏنل ڪتاب ياد نہ رهندا آهن تہ بہ آئون پاڻ وڃي موٽائي ايندو آهيان.

بهرحال منهنجو خيال آهي تہ هي ڪتاب هر انهيءَ سنڌيءَ کي، پوءِ پلي

هو ليکڪ هجي يا نه. جيڪڏهن ناول لکڻ جي خواهش رکي ٿو ته ضرور پڙهڻ کپي. اها ڳالهه هن ڪتاب جي ليکڪ جان برين ۾ انهن پنجن جلدن وارن ليکڪن جي هر انٽرويو ۾ به چيل آهي ته ساهت لکڻ ڪنهن کي به ڪتابن ذريعي يا ڪورس پڙهائي سيکاري نه ٿو سگهجي. پر ڏات وارن کي جيڪڏهن انهيءَ فن جي ڄاڻ جي تجربن جي روشنيءَ ۾ ڪجهه بنيادي هدايتون ملي وڃن ته ناول لکڻ ڪجهه سولو ٿي وڃي ٿو يا اجا به ائين ڪٿي چئجي ته ناول لکڻ لاءِ اُتساهه (Motivation) ملي وڃي ٿو. منهنجو خيال آهي ته سنڌي ليکڪ لاءِ پهريون نمبر مسئلو آهي ئي اتساهه جي گهٽتائي.

مغرب جي پنهنجي پنهنجي فن ۾ هنر جي ڄاڻن جي ۾ خاص طرح سان آمريڪا جي اهڙن ماڻهن جي خوبي اها رهي آهي ته انهن پنهنجن پنهنجن فنن، هنرن ۾ طريقن جا دل کولي ڪتاب لکي اهي سڀ راز ظاهر ڪيا آهن ته هو پنهنجي ڪيتر ۾ ڪامياب ڪيئن ٿيا. جڏهن ته حيرت لڳي ٿي ته مشرق ۾ ۽ خاص طرح اپکنڊ جي فنڪارن، هنرمندن ۾ ٻين ڏنڻن جي ڄاڻن مورڳوئي پنهنجي ڪيتر جي ڄاڻ کي خودغرضن ۾ ڪنجوسن وانگر پاڻ وٽ رکي پنهنجي فن، ڏنڌي ۾ هنر کي زوال پذير ڪري ڇڏيو آهي. حڪيمن ۾ ڪلاسيڪي ڳائڻن جي ڄاڻ جي ساڻس گڏ دفن ٿيڻ جي ته اسان سيني کي خبر آهي پر جنديءَ، ڪاشيءَ ۾ چِرَ جي ڪم ۾ رازي، مستريءَ ۾ واڍي جي هنر جي به انهن سان گڏ دفن ٿيڻ جي ڳالهه به ڪنهن کان لڪل ڪانهي.

اهو بهرحال مغرب جي ماڻهن ۾ خاص طرح آمريڪين کي جس ڏجي ٿو ته هنن پنهنجي پنهنجي ڪيتر جو اهم ترين ڳجهه به ظاهر ڪري ڇڏيو آهي. آمريڪا ۾ ته اهڙا ڪتاب به ماڻهن لکيا آهن ته هو ڪروڙپتي ڪيئن بڻيا ۽ ڪيئن ڪو ماڻهو ڪروڙپتي بڻجي سگهي ٿو.

خير، مون ذڪر پئي ڪيو جان برين جي ڪتاب Writing a Novel جو. پهرين ته مون به خيال ڪيو ته هنر ۾ فن جو راز ٻڌائڻ ته پري رهيو، اسان ته ڪنهن سني ڪتاب، سني رسالي يا ڪنهن سني مضمون جو به ذڪر ڪنهن ٻئي سان نه ڪندا آهيون ته اڳلو ڪجهه ان مان پرائي نه وٺي ۽ اهڙن ڪتابن تي نانگ ٿي ويهي رهندا آهيون ته متان ڪو ٻيو اسان کان مٿي ٿي وڃي. ايمانداريءَ جي ڳالهه ته اها آهي ته گذريل سال جڏهن اهو Writing a Novel ڪتاب هٿ آيو هو ۽ مون کي بهترين لڳو هو ته مون سوچيو ته جڏهن آئون پنهنجو پهريون ناول لکندس ته وڏ ۾ وڏ پوءِ ان ڪتاب جو ڪنهن کي ٻڌائيندس ۽ اهو به دل ۾ هو ته

جيڪڏهن ناول لکي ويس ته بين کي ٻنهه نه ٻڌائيندس. پر اڄ انهيءَ ڪتاب کي هٿ ڪئي سال کن ٿي ويو آهي نه مون ناول لکيو ۽ نه ئي ڪنهن ٻئي کي انهيءَ ڪتاب جو ٻڌايو اٿم. بهرحال اڄ آئون سين کي ٻڌايان پيو، ته جيڪڏهن اوهان ناول لکڻ گهرو ٿا يا توهان جا پلي اڳ ۾ ناول لکيل هجن، پلي اوهان ليکڪ هجو يا نه ۽ ليکڪ بڻجڻ جو سوچي رهيا جو ته جان برين جو ڪتاب Writing a Novel جو اڀياس ضرور ڪجو. هن ڪتاب جي پبلشر جو ذڪر ته اڳ ۾ ڪيو اٿم پر جيڪڏهن اُتان به ڪنهن کي ملي نه سگهي ته مون وٽان فوٽو اسٽيٽ ڪاپي گهرائي سگهي ٿو. فوٽو اسٽيٽ تي جيڪو خرچ ايندو اهو بهرحال گهرائيندڙ کي پرڻو پوندو.

اها ڳالهه آخر ۾ ورجائڻ ضروري نه ٿو سمجهان ته هن ڪتاب جي به سنڌيءَ ۾ ترجمي ٿيڻ جي اشد ضرورت آهي، پر ترجمي ڪندڙ جو پاڻ ليکڪ يا نقاد هجڻ ضروري آهي ته جيئن ترجمي ۾ ڪتاب جو روح سمائجي سگهي. جيڪڏهن ڪو ليکڪ يا نقاد انهيءَ ڪتاب جو ترجمو ڪرڻ لاءِ تيار هجي ته مون سان لهه وچڙ ۾ اچي. ڪتاب جي ڇپارائڻ جو ذمو بهرحال آئون ٿو کڻان.

●

# 10 جولاءِ 1983

جنھن آفيس ۾ آئون ڪم ڪندو آھيان، انھيءَ آفيس جي مالھيءَ جو پيءُ گذاري ويو. ھو اوچتو موڪل تي ھليو ويو ۽ ٻئي ٽئين ڏينھن خبر پيئي تہ ڳوٺ بہ ھليو ويو آھي. جڏھن موٽي آيو تہ مون سائٽس آفيس ۾ ئي سندس پيءُ جي وفات تي بہ ٽي لفظ ھمدرديءَ سان ڳالھايان پر آئون سندس گھر پرچاڻيءَ لاءِ نہ ويس. جيتوڻيڪ ھن کان پھرين ڪلريڪل اسٽاف مان ھڪ شخص جي امڙ جي وفات تي ويو ھوس ۽ تمام گھڻو پھرين تہ آفيس جي مُک جي امڙ جي وفات تي ھڪدم ويو ھوس ۽ جنازي ۾ بہ شرڪت ڪئي ھئم، پر لوئر اسٽاف ۾ ڪنھن جي ويجھي مائٽ جي گذاري وڃڻ جو اھو پھريون اتفاق ھو، پر آئون ويچاري مالھيءَ سان آفيس ۾ ئي بہ ٽي ٻول ھمدرديءَ جا ڳالھائي مات ڪري ويھي رھيس. ٿيڻ تہ ائين کپندو ھو تہ آئون ان غريب ساٿي ڪارڪن جي پيءُ جي جنازي ۾ شرڪت ڪريان ھا، ۽ جيڪڏھن جاڻ نہ ھئڻ ڪري وقت تي پھچي نہ سگھيس تہ ھڪدم ئي سندس گھر وڃي پرچاڻي ڪري اچان ھا، پر اڄ سانڍھہ پندرنھن ڏينھن کن ٿي ويا آھن جو آئون ھن غريب مالھيءَ جي گھر نہ ويس سو نہ ويس.

سوچيم تہ ڏکن ۾ شريڪ ٿيڻ جا اصول بہ وڏ ماڻھپائيءَ تي ٻڌل آھن؟ آفيس جي وڏي آفيسر جي امڙ جي جنازي ۾ شرڪت ڪيم، ٿيجھي تي بہ ويس، پر غريب مالھيءَ جي پيءُ جي وفات تي بہ ٽي ٻول چئي، اھي بہ آفيس ۾، چڻ فرض پورو ڪيم.

خير اڄ پندرنھن ڏينھن کان پوءِ سندس گھر ويس ۽ پرچاڻي ڪيم ۽ اھڙي طرح ذھن تي جيڪو بار ھو سو لھي ويو. جيتوڻيڪ ھڪ آفيس ۾ ڪم ڪندڙ غريب ساٿيءَ جي پيءُ جي گذارڻ تي پندرنھن ڏينھن دير سان وڃڻ آھي تہ وري بہ مياري ٿيڻ پر ان کان وري بہ بھتر آھي جو ايئن صفا نہ وڃان ھان. ٿيڻ تہ ايئن کپي ھا تہ خاص طرح آفيس ۾ ڪم ڪندڙ لوئر اسٽاف جي اھڙي ڏک جي

موقعي تي هڪدم سندس گهر وڃجي ها ۽ ان جي عزيز جي جنازي ۾ شرڪت ڪجي ها ۽ پاسيرو تي وس آهر ڪجهه مالي مدد به ڪري ڇڏجي ها جو غريبن تي اوچتو اهڙيون مصيبتون نازل ٿينديون آهن ته ويچارا خاص طور مالي طرح ڏاڍا پريشان ٿي ويندا آهن. مون ڪي نه رڳو هڪدم مالي مدد جي پاڻ آڇ ڪرڻ کپي، پر زوريءَ سندس کيسي ۾ ڪجهه رقم وجهڻ کپي ها ، ۽ سندس هڪ وقت جي ماني به جهلڻ کپي ها ، جيئن رواج آهي ته ٽيجهي تائين مرڻ واري جي گهر ۾ ڪُنو نه چاڙهبو آهي ۽ مائٽ ۽ دوست انهن ٽن ڏينهن ۾ مرڻ واري جي گهر ماني پهچائيندا آهن.

اسان وٽ 'پاڙي' جي ۽ خاص طرح آفيسن ۾ ڪم ڪندڙن جي برادري واري سوچ رهي ڪانهي. آفيسن ۾ ڏهن ڏهن سالن کان گڏجي ڪم ڪريون ٿا پر هڪ ٻئي سان پوريءَ طرح واقيت به ڪانهي. بس آفيس جي حد تائين سلام دعا آهي، ٻيو مڙيئي خير. نه هڪ ٻئي جي ڳوڻن ۽ مٽن مائٽن کان چڱي طرح واقف آهيون ۽ نه ئي اهو احساس اٿئون ته آفيس ۾ ڪم ڪندڙ ڪارڪن ڪهڙيءَ مصيبت ۾ مبتلا آهن. نه هڪ ٻئي جي ڏکن سورن کان واقف آهيون، نه ئي هڪ ٻئي جي سارَ لهون. اهو صحيح آهي ته هر ڪو پنهنجن ڏکن ۽ سورن ۾ ورتو پيو آهي ته ٻئي جي ڇا مدد ڪري سگهندو، پر تڏهن به هڪ ٻئي جا ڏک سور هڪ ٻئي سان حال اورڻ سان ۽ لنگهي گهر وڃي پڇڻ سان انهن جو اثر گهٽائي سگهجي ٿو.

ها سچي اهو ٻڌائڻ ته وسري ويو ته ويچارو مالهي مون کي پنهنجي گهر ۾ ڏسي ڪيڏو نه خوش ٿيو. خوشيءَ ۾ ايئن ڀڪي اٿيو جهڙوڪر گهر ۾ ڪو وڏو ماڻهو اچي ويو هجي. هڪ غريب ماڻهوءَ کي مون ڪجهه هڙان ته ڪونه ڏنو، بس رڳو ونس گهر وڃڻ ئي سندس خوشي هئي. لڳي ٿو ته اسين ته ڪنهن کي مفت ۾ خوشي ڏيڻ لاءِ به تيار نه آهيون. اهڙو زمانو اچي ويو آهي.

●

# 11 جولاءِ 1983

منهنجو هڪڙو واقفڪار آهي. نهايت ئي قابل، تجربيڪار ۽ احترام جي لائق شخصيت. سندس ڳالهيون سونَ ۾ تورڻ جهڙيون هونديون آهن پر منجهس هڪ ڪمزوري آهي ته هو دوستن لاءِ هڪ ماپو رکندو آهي ته عام ماڻهن لاءِ ٻيو. خبر ناهي ڇو؟ هو دوستن جي غلطين جو به دليلن سان ئي بچاءُ ڪندو آهي جيڪي نهايت هيٺا هوندا آهن پر ادب وچان ڪير ڪيس چوندو ڪونهي ته اوهان سچا سون هجو ها جيڪڏهن اوهان اها نِلهي دوستن جي طرفداري نه ڪريو ها.

منهنجو اهو دوست هڪ ڌنڌي جي باري ۾ اها راءِ رکندو آهي ته انهي ڌنڌي ڪرڻ وارا (گهٽوڪري) سڀ ماڻهن کي ڦرين ٿا. سندس لفظ ته اجا به ٽِڪا هوندا آهن. سندس چوڻ پٽاندر ته "فلاڻي ڌنڌي وارا سڀ Racketeers آهن.

مثال طور اهو ڌنڌو ڪٿي ونجي، جيڪو مڊل ايسٽ ۾ ماڻهن کي نوڪرين ڏيارڻ جي سلسلي ۾ رڪروٽنگ ايجنسي وارو سڏيو وڃي ٿو. انهن رڪروٽنگ ايجنسين جي باري ۾ منهنجي انهيءَ قابل دوست جي راءِ اها هئي ته، اهي رڪروٽنگ ايجنسين وارا سڀ رئڪيٽيئرس آهن. ڪمال اهو ٿيو ته انهيءَ دوست جي هڪ ويجهي مائٽ اها رڪروٽنگ ايجنسي کولي ۽ انهيءَ مائٽ به ماڻهن کي اهي ئي سورَ ڏيڻ شروع ڪيا جيڪي عام طرح اهڙيون ايجنسيون ڏينديون آهن.

کيس سندس مائٽ جا ڪارناما ٻڌايا ويا ته چوڻ لڳو، "منهنجي مائٽ جو ته ڏوهه ئي ڪونهي، سڄو سيٽ اپ Set-up اهڙو آهي."

●

# 12 جولاءِ 1983

هڪ ويجهي مائٽ جو پيءُ گذاري ويو. سندس پيءُ جي وفات هڪ اسپتال جي پرائيويٽ وارڊ ۾ ٿي. سندس اوچتو وفات جو سبب اسپتال وارن جي لاپرواهي هئي. رات جو جڏهن مريض جي حالت خراب ٿي ته وارڊ ۾ سواءِ وارڊ بواءِ يا ميل نرس جي ٻيو ڪير نه هو. هڪدم هائوس ڊاڪٽر کي فون ڪيو ويو، جيڪو خبر ناهي اسپتال جي ڪنهن ٻئي وارڊ ۾ هو يا اسپتال منجهه ئي سندس ڪوارٽر ۾ هو. بهرحال ڊاڪٽر ميل نرس کي چيو ته هو فلاڻي انجيڪشن مريض کي لڳائي تيسين هو اچي ٿو. پندرنهن ويهن منٽن ۾ طبيعت ۾ فرق ته ڪونه آيو پر مرڳو طبيعت خراب ٿي ويئي. وري ڊاڪٽر کي فون ڪيو ويو، جنهن وري هڪ ٻي انجيڪشن جو ڏس ڏنو ۽ چيائين ته هو ترت اچي ٿو پر ٻي انجيڪشن سان به ڪو فرق نه آيو ۽ مريض کي ساهه کڻڻ ۾ سخت تڪليف ٿيڻ لڳي. ڊاڪٽر کي ٽيون ڀيرو فون ڪيو ويو ته هو هاڻي هڪدم اچي جو مريض کي ساهه کڻڻ ۾ سخت تڪليف پئي ٿئي. تنهن تي ڊاڪٽر آڪسيجن ڏيڻ جي هدايت ڏني ۽ چيو ته هو هاڻي بس پنجن منٽن ۾ اچڻ وارو آهي. ڊاڪٽر وري به پندرنهن منٽ ٻيا ورتا ۽ اهڙيءَ طرح ڪل ڪلاڪ کن دير سان آيو، پر تيسين مريض گذاري چڪو هو.

هڪ وڏيءَ اسپتال ۾ هڪ مريض جو ائين بنان ڊاڪٽر جي ڏسڻ جي گذاري وڃڻ هڪ اهڙو قانوني ڏوهه هو جنهن تي سخت قدم کڄيو ٿي سگهيو.

مون پنهنجن مائٽن کي چيو ته اسپتال جي انهيءَ بدانتظامي ۽ ڊاڪٽر جي انتهائي ڪوتاهي تي ڪورٽ ۾ ڪيس ٿيڻ کپي پر منهنجا مائٽ مورڳو گهبرائجي ويا. مون کين چيو ته جيڪڏهن اوهان ڪيس نه ٿا ڪريو ته پلا اختياريءَ وارن وٽ انهيءَ ڊاڪٽر جي لکت ۾ شڪايت ته ڪريو. مائٽن جواب ڏنو ته شڪايت ڪرڻ مان ڪهڙو فائدو. جيڪا شيءِ الله کي پهچڻي هئي سا ته

وجي پهتي، هاڻي ڪير ٿو ويهي درخواستون ڪري، هونئن به درخواستن ڪرڻ ۾ ورندو ڇا؟ انتظاميه انهيءَ ڊاڪٽر تي قدم کڻڻ بدران ان جو بچاءُ ڪندي.

سندن ڳالهه صحيح به هئي. ڇو ته اڄڪلهه اسان وٽ ٿئي ڇا ٿو ته جنهن ڊپارٽمينٽ جي ڪنهن به سيڪشن يا ڪنهن به فرد خلاف ڪا لکت ۾ شڪايت ڪجي ٿي ته ان سيڪشن يا ماڻهوءَ تي قدم کڻڻ بدران مورڳو ئي ان جا بالا عملدار ۽ اختياري وارا بچاءُ ڪن ٿا ۽ اهڙيءَ طرح هر ڊپارٽمينٽ جي اهليت Efficiencyختم ٿي رهي آهي ۽ ڪن حالتن ۾ ته ختم ٿي چڪي آهي. ٿيڻ ته ائين کپي ته جيئن ڪنهن ڊپارٽمينٽ" يا ان جي سيڪشن يا ان جي ڪنهن فرد جي ڪنهن به انڪشن يا ڪارڪردگيءَ جي باري ۾ ڪا شڪايت ٿئي ته ان جو ترت بالا عملدار ۽ انهيءَ سيڪشن جو مک عملدار ۽ ڊپارٽمينٽ جو انچارج، انهيءَ شڪايت تي اهڙي ته انڪوائري ڪري جو سندس ئي ڊپارٽمينٽ جي، يا سندس سيڪشن جي يا ڪنهن فرد جي نااهليت يا ڊيوٽيءَ تان لاپرواهي يا ڪرپشن ثابت ڪري ته جيئن اهو ڊپارٽمينٽ اهڙن فردن کان پاڪ ٿي بهتر نموني ڪم ڪري، پر هتي ته مصيبت اها آهي ته پٽيوالي کان وٺي آفيسر تائين شڪايت ڪريو ته هينيان کان وٺي مٿان تائين سڄو اسٽاف انهيءَ شخص يا کاتي يا سيڪشن جي بچاءُ ۾ ڪوڙا سوڙا دليل گهڙي اهڙو ته بچاءُ ٿو ڪري جو مورڳو ئي شڪايت ڪندڙ جو سڄو ڊپارٽمينٽ ويري ٿيو وڃي ۽ آخر ۾ شڪايت ڪندڙ ئي توبهه ڪندو وتي ته هروڀرو هن شڪايت ڪئي ۽ خوار ٿيو ۽ هاڻي سندس ان ڊپارٽمينٽ ۾ جائز ڪم ڪير ڪري ئي ڪونه ٿو. انهيءَ پس منظر ۾ منهنجن مائٽن هڪ طرح سان سچ ٿي چيو ته شڪايت ڪرڻ مان فائدو.

پر آئون وري به پنهنجن مائٽن جي راءِ سان سهمت نه آهيان. آئون ته ائين چوندس ته ذميوار رهواسي جيڪي پاڻ ايمانداريءَ سان حياتي گذارين ٿا، کين شڪايت ڪرڻ جو موقعو ملي ته هر حالت ۾ ڪرڻ کپي. ڪجهه ماڻهو هر هر شڪايت ڪندا رهندا ته نيٺ ته ڪجهه ٿيندو.

مثال طور منهنجا مائٽ ان ڊاڪٽر جي لکت ۾ شڪايت ڪن پر جيئن ڇو ٿا ته ٿيندو ڪجهه ڪونه، پر انهيءَ ڊاڪٽر وري اهڙي لاپرواهي ڏيکاري ته ٻيا مريض به شڪايت ڪندا ۽ ٻيان مريض به شڪايت ڪندا، اهڙي طرح هڪڙي ئي ڊپارٽمينٽ جي خلاف، هڪڙي ئي سيڪشن جي خلاف، هڪڙي فرد جي خلاف شڪايتون ٿينديون رهنديون ته ڪجهه نه ڪجهه ته ضرور ٿيندو. پر جيڪڏهن هر ڪو ماٺ ڪري ويهي رهندو ته پوءِ ڪجهه نه ٿيندو ۽ اڳلو پنهنجي نااهليت

ڪي، لاپرواهي ڪي، ڪرپشن ڪي مرڳو وڌائيندو ويندو ڇو ته هن ڪي ذري به پرواهه نه ٿيندي.

مون جيڪا مٿي رٿ ڏني آهي، ان تي عمل ته ڪري ڏسو! جنهن به کاتي وٽان، جنهن به سيڪشن وٽان، جنهن به فرد وٽان ڪا تڪليف پهچي شڪايت ڪريو، پر لکت ۾ ڪريو ۽ واسطيدار اختياريءَ وارن وٽ ڪريو، اتان تدارڪ نه ٿئي ته ان کان به مٿي اختياريءَ وارن وٽ ڪريو وري به ڪجهه نه ٿئي ته ائين ڏاڪا چڙهندي اعليٰ ترين اختياريءَ وٽ شڪايت ڪريو، اخبارن ڪي خط لکو ۽ اهڙي طرح انهيءَ کاتي، سيڪشن يا فرد جي نااهليت، لاپرواهي، ڏاڍ ۽ ڪرپشن جي خلاف، قانون جي دائري ۾ رهي پنهنجو فرض ادا ڪندا رهو. اوهان ڏسندا ته ڪجهه نه ڪجهه ضرور ٿيندو. مغرب ۾ روزمره جي جيوت جي بهتر انتظام جو اهوئي ڪارڻ آهي جو شهريءَ جي هڪڙي درخواست سڄي کاتي، سڄي سيڪشن ۽ انهيءَ فرد ڪي ڌڪايو وجهي. اسان وٽ به ايئن ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن اسين سڀ انهن کاتن، سيڪشنن ۽ فردن جي ناجائز دٻاءُ هيٺ نه اچون ۽ انهن جي اڻ سڌي بلئڪ ميلنگ ڪي منهن ڏيون.

مون پنهنجي مائٽ ڪي وري چيو ته ان اسپتال جي ڊاڪٽر خلاف لکت ۾ شڪايت ڪر ته من ٻئي ڪنهن مريض جي جان بچي پوي، ٻئي جي نه ته ٽئين جي، ٽئين جي نه ته چوٿين جي، پر تنهنجي درخواست نيٺ ڪنهن جي جان بچائيندي ضرور.

●

# 13 جولاءِ 1983

ويجهڙائيءَ ۾ هڪ نئون ڪتابي سلسلو نڪتو آهي. نالو اٿس ”سنڌ“، اهو تماهي سلسلو ڊبل ڪرائون سائيز ۾ ٽن سوَن صفحن تي پٽل آهي. سنڌس پهرئين ڪتاب(1) ۾ ’پچار‘ جي سرِي هيٺ مرتب انور جوڪيي پنهنجن ويچارن جو اظهار ڪيو آهي. انهيءَ ’پچارَ‘ هيٺ هڪ اُپ سري ٻيا رسالا ۽ ’پاليسي جو طعنو‘ ۾ سندس ويچار لفظ به لفظ هيٺ ڏجن ٿا:

”ڪن سڄڻن جو چوڻ آهي ته وڏا وڏا رسالا نڪتا ۽ هلندي هلندي تاپڙجي ائين ڪريا جو اڄ تائين ڳولئي نه لڌا. ”روح رهاڻ“ هئو، چو بند ٿي ويو؟ ”سهڻيءَ“ جا واڪا ڪيڏانهن غائب ٿيا؟ ”رهبرِ ڊائيجيسٽ“ ٻارنهن سال هلي ڪهڙي غار ۾ چِلو ڪيو؟ اهو بلڪل سچ به آهي. انهن رسالن جي بند ٿيڻ ڏانهن ڏسي چوندڙن چيو ته جڏهن اهي رسالا هلي، نڪري، رنڊجي، ٻيهي بند ٿي، ائين گم ٿي ويا ڄڻ اهي هئا ئي ڪونه، ته هي نئون ۽ اڻ ساماٽل سلسلو ڪهڙا سلا ۽ انگور ڪيئي سگهندو؟

انهيءَ ۾ شڪ ڪونهي ته اهي سنڌي رسالا، پر مان ته چوندس اهي غير سرڪاري سنڌي رسالا، هلي هلي واقعي حالتن جو شڪار ٿي ويا ۽ جيڪي هلي رهيا آهن اهي پڻ اڳتي هلي حالتن جو ور چڙهي ڪنهن اُونهيءَ کاهي ۾ ڪري هيٺ پاتال ۾ هليا ويندا. پر ان هوندي به هڪ يونيورسل سچ به آهي جنهن کان ڪو انڪار نه ڪري سگهندو، اُهو هيءُ آهي ته باوجود انهن رسالن جي بند ٿي وڃڻ جي ائين ڪير ٿو چوي ته ”روح رهاڻ“ سنڌي ادب جي وجود ۾ روح نه ڦوڪيو؟ ”سهڻي“ اسان جي ادب ۽ ٻوليءَ ۾ سونهن پيدا نه ڪئي؟ يا ”رهبر ڊائجيسٽ“ وک وک تي ادب جي پانڌيئڙن جي رهبري نه ڪئي؟ رسالن جي دنيا جا پنهنجا پنهنجا مسئلا آهن. ”روح رهاڻ“، ”سهڻي“ ۽ ”رهبر ڊائجسٽ“ کان سواءِ ٻين ادبي رسالن اسان جي ادب ۽ ٻوليءَ جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. اها ٻي ڳالهه آهي ته انهن مان ڪي رسالا پروپئنگنڊا جو شڪار ٿي ويا ۽ پنهنجو

---

(1) سيارو 1983 (ليکڪ)

وجود وڃائي وينا. اصل ۾ ادب ۾ جڏهن پروپئگنڊا حد کان وڌيڪ مقدار ۾ شامل ٿي ويندي آهي تہ اُتي زوال جو آغاز ٿيندو آهي. جيئن ”سهڻيءَ“ جو مثال. ”سهڻيءَ“ جي شروع واري دور کي ادب ۾ وڏو مقام حاصل آهي پر بعد ۾ ان جي رويي ۽ ڪردار ان دور جي اخبارن کي پوئتي ڇڏي ڏنو، نتيجي طور پروپئگنڊا جي ڪري اسان جو اهو بهترين مخزن بند ٿي ويو. اسان جو پبلشر هونئن ئي عوام طرفان حوصلي شڪنيءَ جو نشانو آهي. ويتر جڏهن سرڪار جا ڪاتَ ڪهاڙا بہ سندن آڏو ئي ايا ٿي وڃن تا تہ نہ رهندو رسالو ۽ نہ ايڊيٽر جا جذبا. اسان جي پرچن سان بي ويڌن آهي سرڪاري نوڪريون. هوڏانهن ڪا قُرٽي ڪرسي ملي ۽ ڏسندي ئي ڏسندي پرچو غائب. ڪيئي سنڌي رسالا انهيءَ مرض وگهي بہ مري ويا. باقي جيڪي بچيا، انهن کي مالي مسئلن ۽ ماٹهن پاران لاڳيتي حوصلہ شڪني نڙيءَ تي ننهن ڏيئي ڇڏيو پر تنهن هوندي بہ انهن جيڪي ڪيو، اهو سندن دور هو. هو پنهنجي پنهنجي دور جي گهرج ها. ان دور ۾ سندن ڪردار، اسان جي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ جو چمڪندڙ باب آهي.

مطلب تہ رڳو ڪنڊا نہ آهن ڪيڏا، پر ڏسڻو اهو آهي تہ جيستائين نظر ۾ بلنديءَ ڏانهن ڏسڻ جي سگهہ هجي تہ هيٺ پاتال ۾ نہ نهارجي. پوءِ نتيجا ڪهڙا بہ نڪرن، ۽ ڇا بہ ٿئي. ڪو پرچو جيڪڏهن حالتن جو شڪار ٿي بند ٿي وڃي ٿو تہ ان ۾ ڪا ڏوهہ جهڙي ڳالهہ ڪانهي، پر جيڪڏهن ڪو رسالو اسان جي بحثن، اعتراضن، شڪن ۽ جهڳڙن جي ڪري بند ٿئي ٿو تہ اها ڪا چڱي روايت ڪانهي، ڇو جو اها ڪيفيت اسان جي لٽريچر لاءِ هاڃيڪار آهي.“

مٿيان ويچار پهرئين نمبر ڪتاب ۾ جنوري 1983 ڌاري شايع ٿيا هئا ۽ مون لفظ بہ لفظ هتي ڏنا اٿم تہ متان الزام لڳي تہ متن کي عليحده ڪري غلط معنيٰ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم ۽ مون کي پڙهندي وقت احساس ٿيو تہ اهي ويچار صحيح آهن يا نہ، اهو تہ هر ڪنهن جي پنهنجي راءِ آهي پر ان ۾ ڪجهہ حقيقتن جون غلطيون (Factual errors) آهن جيڪيٰ مون سمجهيو تہ گهٽ ۾ گهٽ درست ٿيڻ کپن، نہ تہ پڙهندڙ غلط فهميءَ جو شڪار ٿي ويندو. ڪافي ڏينهن کان سوچي رهيو هوس تہ انهن ويچارن ۾ حقيقي انگ اکر بہ ڏيان ۽ پوءِ ڪجهہ ٽيڪا ٽپڻي بہ ڪريان. پوءِ خيال آيم تہ ٿيا بہ گهڻا ليکڪ وينا آهن، اُهي انهن ويچارن تي پنهنجي راءِ ضرور ڏيندا. پر اڄ ڇهہ مهينا ڪن ٿيا آهن، ڪنهن بہ ماڻهوءَ انهن ويچارن تي پنهجي راءِ نہ ڏني آهي ۽ اهڙيءَ طرح اهو مثال بہ ورهايل ذميداري (Divided responsibility) جو هڪ نمونو بڻجي ويو، جڏهن هرڪو

ليڪ اهو ئي سمجهندو هوندو ته ڪو نه ڪو ان جو جواب ضرور ڏيندو. هڪ ٻن ليکڪن البت انهن ويچارن جي پنيرائي ڪئي ته ويتر مون کي خيال آيو ته جيڪو ڪم ڪرڻو آهي سو مونکي ئي ڪرڻ کپي ۽ ٻئي جي انتظار ۾ ويهي نه رهجي، ڇو ته اڳلو به ائين ئي سمجهي ٻئي جي انتظار ۾ ويٺو هوندو ۽ اهڙي طرح ڪم ٿيندو ئي ڪونه. ان ڪري آئون پنهنجو فرض ادا ڪريان ۽ هر ڪو ائين ڪري ته پوءِ هڪ جواب ڇا سوَ سوَ جواب ٿي ويندا ۽ ڪنهن به ڪم ڪرڻ لاءِ هر ڪو ائين ئي سمجهي ته ڪيس پنهنجو رول ادا ڪرڻو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ئي ڪم ٿيندو.

سو اڄ سوچيو اٿم ته "سنڌ" وارن جي انهيءَ پڇار وارن ويچارن تي آئون ته بهرحال پنهنجي راءِ ڏيئي پنهنجو فرض پورو ڪريان باقي ٻين جي مرضي آهي ته پنهنجو فرض پورو ڪن يا نه.

هاڻي آئون اوهان کي گذارش ڪندس ته اوهان مٿي ڏنل متن وري نظر مان ڪيندا ته جيئن منهنجي راءِ کي اوهان چڱيءَ طرح سمجهي سگهو. سڀ کان پهرين ته پڇار جو لهجو طنزيه آهي، ٽوڪ ڀريو آهي. مرتب چوي ٿو: "ڪن سڄڻن جو چوڻ آهي ته وڏا وڏا رسالا نڪتا هلندي هلندي ٿاٻڙجي ائين ڪريا جو اڄ تائين ڳولهيا نه لڌا" ڏسو ته لفظ ٿاٻڙجي ڪريا ۽ ڳولهيا نه لڌا کهڙا نه بيعزتيءَ طور استعمال ڪيا اٿس. خود لفظ وڏا وڏا يعني ساڳيو لفظ ورجائڻ به ٽوڪ ظاهر ڪري ٿو. جيڪڏهن سندس نيت صاف هجي ها ته لکي ها: سنڌيءَ ۾ اڳ ۾ گهڻا رسالا نڪرندا هئا پر هاڻي اهي نڪرڻ بند ٿي ويا آهن. تنهن کان پوءِ مرتب ڏاڍي رعب سان سوال پڇي ٿو: "روح رهاڻ" ڇو بند ٿي ويو؟ "سهڻيءَ" جا واڪا ڪيڏانهن غائب ٿي ويا؟ "رهبر ڊائجسٽ" ٻارنهن سال هلي کهڙي غار ۾ وڃي چلو ڪيو؟ ڏٺوَ مرتب جي ڳالهائڻ يا لکڻ جو انداز؟! سڌو سنئون لکي نه پئي سگهيو ته "روح رهاڻ"، "سهڻي" ۽ "رهبر ڊائجسٽ" بند ٿي ويا. جيتوڻيڪ ائين لکڻ سان به اسٽيٽمينٽ ڪوڙي ئي بيهي ها، پر لهجو بهرحال گنڀير لڳي ها. هاڻي مرتب سوال پڇيا آهن ته آئون ٿو جواب ڏيانس: "روح رهاڻ" بند نه ٿيو پر بند ڪيو ويو. ايوب حڪومت "روح رهاڻ" جي مالڪن کان 1968 ۾ ڏهه هزار ڊپازٽ طلب ڪئي، جيڪا ظاهر آهي ان وقت اهي ڏهه هزار، لک روپين جي برابر هئا ۽ ان وقت ايترا پئسا منتظمين ڏيئي نه سگهيا. مون کي خبر نه آهي ته اهي ڏيئي نه سگهيا يا اصولي طرح ڏيڻ کان انڪار ڪيائون ته ائين سرڪار ڊپازٽ گهرندي ۽ ضبط ڪندي رهي ته پوءِ رسالو

ڪيئن نڪري سگھندو. سرڪار ڊپارٽ گھري ني ان ڪري ته "روح رهاڻ" ان وقت سنڌ جي حقن جي لاءِ جدوجهد پئي ڪئي ۽ "روح رهاڻ" لاءِ به رستا ڪليل هئا ته يا ته هو سنڌ جي حقن لاءِ آواز اٿاري ۽ ساهت ذريعي قوم ۾ نئون روح ڦوڪي يا ٿلهو عشقيه شاعري ۽ پوتن پريتن جون ڪهاڻيون شايع ڪري مڙيئي ڪم هلائي. ايوبي حڪومت ۾ سنڌ جون اخبارون به اهو ئي چمچاگيريءَ جو رول ادا ڪري رهيون هيون جيڪو هو گهٽو ڪري ادا ڪنديون رهنديون آهن. ان ڪري جڏهن جن پبليڪيشنن خاص ڪري اخبارن جو فرض هو ته سنڌ جي حقن لاءِ آواز بلند ڪن، اتي اهي وينا حاڪمن جا وڏا وڏا فوٽو ۽ اشتهار شايع ڪن ته پوءِ ظاهر آهي ته قوم ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ جو رول "روح رهاڻ" ڪي ني ادا ڪرڻو پئي پيو ۽ اهڙيءَ طرح "روح رهاڻ" ڪي بند ڪيو ويو. هاڻي اچون ٿا "سهڻيءَ" تي. "سهڻيءَ" جا واڪا، مرتب صاحب، بند نه ٿيا پر بند ڪيا ويا. چا اوهان کي خبر ناهي ته مئي 1975 ۾ سنڌين جون پريسون رسالا ۽ پبليڪيشنس پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت بند ڪري ڇڏيون ۽ "سهڻيءَ" جي ايڊيٽر کي اڻ ڄاڻايل مدي تائين جيل ۾ بند ڪيو. "سهڻي" پريس سيل ڪئي ويئي. "سهڻيءَ" جو ڪهڙو ڏوهه هو. اُهو، اهو ئي ته هن سنڌ جي حقن جو آواز اٿاريو هو، پر حڪومت کي ته سنڌي ٻوليءَ کي ختم ڪرڻو هو سو انهن نيٺ ساهتي ۽ غير سياسي رسالا، ماهوار "اندلٺ"، ماهوار "سوجهرو" ۽ هفتيوار "برسات" به بند ڪري ڇڏيا. ڀلا "سهڻيءَ" بقول اوهان جي، پروپئگنڊا ڪئي هئي ته "اندلٺ" ۽ "سوجهرو" ڀلا ڪهڙي سياسي پروپئگنڊا ڪئي هئي؟ سنڌين جي پريسن ڪهڙو ڏوهه ڪيو هو! پوءِ "برسات" ۽ "رهبر ڊائجسٽ" وارن جا ڊڪليئريشن ته وري به بحال ٿيا. اوهان لکيو آهي ته "رهبر ڊائجيسٽ" ڪهڙي غاز ۾ وڃي چلو ڪيو. ها اهو البت واحد رسالو هو جو پاڻ بند ٿي ويو. ان جي ايڊيٽر عابد لغاري رهبر ڊائجيسٽ معرفت 'صحافت' جو تجربو حاصل ڪري سرڪاري رسالي "نئين زندگيءَ" جي ايڊيٽري حاصل ڪري، نيٺ "رهبر ڊائجيسٽ" پنهنجن هٿن سان پاڻ بند ڪري ڇڏيو.

انهن ٽن رسالن کان سواءِ اوهان "اندلٺ" ۽ "سوجهري" جا نالا ڇو نه ڪنيا؟ ڇو ته اهي رسالا هرويرو رڳو سنڌي هئڻ ڪري بند ڪيا ويا ۽ جيڪڏهن بند نه ٿين ها ته اجا تائين هلندا اچن ٿا ۽ بقول اوهان جي "تاڀڙجي نه ڪرن ها."

مرتب لکي ٿو ته "انهن مان ڪي رسالا پروپئگنڊا جو شڪار ٿي ويا."

مرتب صاحب! اوهان جي معلومات لاءِ عرض آهي ته اها پروپئگنڊا نه هئي، حق

جي ڳالهہ هئي، ڏاڍ جي خلاف آواز هو، هڪ قوم جي تباهيءَ جي بچاءَ لاءِ همت جا قدم هئا. مرتب کي شايد خبر نہ هوندي تہ سنڌي اخبارن، جڏهن سنڌي ٻولي ۽ قوم تي ڏکيو ۽ نازڪ وقت آيو هو تہ پنهنجن آقائن کي خوش ڪرڻ ۾ لڳيون پيون هيون ۽ جيڪڏهن ڪنهن اخبار توري گهٽي مخالفت پئي ڪئي تہ اها سنڌي قوم ۽ ٻوليءَ جي خلاف ڏاڍ تي نہ، پر پنهنجي گروهہ ۽ پنهنجي پارٽيءَ جي خلاف ڏاڍ جي ڪري پئي ڪئي.

مرتب لکي ٿو، "ادب ۾ جڏهن پروپئگنڊا حد کان وڌيڪ مقدار ۾ شامل ٿي ويندي آهي تہ زوال جو آغاز ٿيندو آهي." مرتب کي ڪيئن خبر پيئي تہ پروپئگنڊا جو 'صحيح' مقدار ڇا آهي يا هو، ۽ پوءِ ڪهڙي طرح حد کان وڌي ويو؟ ڇا مرتب وٽ ڪا خاص ساهمي هئي يا هُو ڪا اٿارٽي آهي جو چوي ٿو تہ پروپئگنڊا حد کان وڌيڪ مقدار ۾ شامل ٿي ويندي آهي تہ ادب جو زوال شروع ٿيندو آهي؟ ڇا مرتب کي خبر آهي تہ ڏاڍ ۽ ظلم هيٺ جيڪا قوم هوندي آهي، اتي هر ڪنهن جي بنيادي ۽ پرائمري فرض کان سواءِ قوم ۽ ٻولي بچائڻ جو فرض بہ شامل ٿي ويندو آهي ۽ اهڙن موقعن تي تہ بنيادي ۽ پرائمري فرضن جهڙوڪ گهر، نوڪري ۽ سماجيات وغيره کان وڌيڪ اهميت وارو فرض قوم ۽ ٻوليءَ کي بچائڻ هوندو آهي ۽ پوءِ ماڻهن کي سماج ۾ پنهنجي عام فرضن پوري ڪرڻ جي پيٽ ۾ قوم ۽ ٻوليءَ جي بچاءَ جي فرض کي اهميت ڏيڻي پوندي آهي؟ جڏهن "سهڻيءَ" ڏٺو تہ اخبارون اشتهارن ۽ پرمٽن جي لالچ ۽ ڊپ جي ڪري وات ۾ مگَ وجهيو ويٺيون آهن تہ لاچار ڪيس اهو رول ادا ڪرڻو پيو جيڪو ان تي ۽ ٻين رسالن تي فرض هو. جڏهن سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خلاف ڪات ڪهاڙا ڪنيا پئي ويا تہ "سهڻي" سنڌ جو اڪيلو آواز بڻجي ويو ۽ خود ٻيا سنڌي جيڪي سنڌي دشمن سياسي پارٽين جا پگهاردار ايجنٽ هئا، اُهي اڙدو رسالن ۽ اخبارن ۾ "سهڻيءَ" ۽ ٻين رسالن ۽ ٻين ليکڪن ۽ دانشورن جي خلاف زهر اوڳاڇي آقائن جي 'حڪمت عملي' کي هٿي ڏيندا رهيا.

مرتب صاحب، "سهڻيءَ" جو ئي اهو بهترين دور هو ۽ بهترين ڪردار هو جنهن لاءِ اوهان لکو ٿا: "...... پر بعد ۾ ان جي رويي ۽ ڪردار ان دور جي اخبارن کي بہ پوئتي ڇڏي ڏنو." ڇا مرتب کي خبر آهي تہ ان دور جي اخبارن جو ڪردار ۽ رويو ڪهڙو هو؟ بيشڪ ان وقت اخبارن ڪجهہ نہ ڪجهہ لکيو پئي پر ڊڄي ڊڄي تہ متان آقا ناراض ٿي وڃن.

توهان پاڻ هينئر اخبار "عبرت" سان وابستہ آهيو. توهان کي خبر آهي

تہ سنڌي اخبارون سنڌ جي بنيادي ۽ اهم ترين حق، سنڌي ٻوليءَ جي جائز مقام حاصل ڪرڻ ۽ برقرا رکڻ جي سلسلي ۾ ڪهڙو رول ادا ڪري رهيون آهن؟ ڇا توهان کي خبر آهي تہ سکر، ميرپورخاص، ۽ حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ جي اڳوڻن عيسائي تبليغي اسڪولن مان "انگلش ميڊيم" جي بدران رڳو "اڙدو ميڊيم" لاڳو ڪري، سنڌي ٻارن کي انگريزن جي ڏنل سنڌي ٻوليءَ ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جو حق بہ ڦريو ويو آهي؟ ڇا اوهان کي خبر آهي تہ ويجهرائي ۾ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ رڳو اڙدو ٻوليءَ کي سرڪاري ٻولي ڪيو ويو آهي ۽ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن ۾ نہ اوهان سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿا سگهو نہ لکپڙهہ ڪري ٿا سگهو؟ ڇا اوهانکي خبر آهي تہ حيدرآباد ميونسپالٽيءَ ۾ بہ اٽڪل ويهہ سال اڳ سنڌي ٻولي ختم ڪري اڙدو ٻولي رائج ڪئي ويئي هئي؟ ڇا اوهان کي خبر آهي تہ سرڪاري سائن بورڊن تان، ڇاهي اهي رستن تي هجن يا آفيسن جا، سنڌي ٻولي ختم ڪئي پئي وڃي؟ ڇا اوهان کي خبر آهي تہ پيڙهہ جا پٿر جيڪي اڄڪلهہ رکجي رهيا آهن، انهن مان گهڻا ٽڪا اڙدو ئي ۾ آهن؟ ڇا توهان کي خبر آهي سي ايس سي جي امتحان ۾ اسلاميات جو پيپر انگريزيءَ ۽ اڙدوءَ ۾ ڏيئي سگهجي ٿو، پر سنڌيءَ ۾ نہ؟ ڇا توهان کي خبر آهي تہ هر سال 15 سالن جي عمر تائين جي ٻارن لاءِ ٽپال کاتو خط لکڻ جي چٽاڀيٽي ڪرائيندو آهي ۽ اهي خط رڳو انگريزي ۽ اڙدوءَ ۾ لکي سگهجن ٿا، پر سنڌيءَ ۾ نہ؟ ڇا توهان کي خبر آهي تہ سيرت رسول ﷺ جي موضوع جي ڪتابن تي اڙدوءَ ۾ پنجويهہ هزار انعام آهي ۽ سنڌي ۾ ڏهہ هزار؟ ڇا اوهان کي خبر آهي تہ سيرت جي ڪتابن تي بين الاقوامي ٻولين جو جيڪو انعام رکيل آهي ان ۾ اڙدو شامل آهي يعني اڙدوءَ ۾، پاڪستان جي ٻوليءَ ۾ بہ انعام تہ بين الاقوامي سطح تي بہ انعام پر سنڌي ٻولي بين الاقوامي ٻولين جي پندرهن زبانن واري لسٽ ۾ شامل ڪانهي؟ هاڻي جيڪڏهن حق جي ڳالهہ سنڌي اخبارون نہ ڪن، سنڌي دانشور نہ ڪن، سنڌي سياستدان نہ ڪن تہ ٻيلي نہ ڪن، پر جيڪڏهن ڪو رسالو ڪڍيل تہ اها تي پروپئگنڊا.

اصل ۾ سنڌ جي جائز حقن جي ڳالهہ ڪرڻ کي سنڌ جي مفاد پرستن پروپئگنڊا ۽ نعريبازيءَ جي اصطلاحن سان هيسائڻ ۽ دٻائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي ڇو تہ ڪانئن پاڻ کان تہ ڪجهہ پڇي نہ ٿو سگهي ۽ خواريءَ کان بچڻ لاءِ سنڌ جي حقن جي ڳالهہ ڪندڙن کي پروپئگنڊا ۽ نعريبازيءَ جا اصطلاح ڏيئي هڪ طرح پنهنجو بچاءُ ڪن ٿا، ڇو تہ اهي مفاد پرست، خود غرض،

ايجنٽن جو ڪردار ادا ڪري پنهنجي لاءِ فائدا حاصل ڪن ٿا ۽ ڏسن ٿا تہ متان اسين خوار ٿيون، ان ڪري حق پرستن کي پروپئگنڊا ۽ نعريبازيءَ جا طعنا ڏين ٿا.

ها سچي، توهان ڦرٽي گهرٽي ڪرسيءَ جي ڳالهہ ڪئي آهي. اها ڦرٽي گهرٽي ڪرسي ڪهڙي سنڌي رسالي جي ايڊيٽر يا مرتب حاصل ڪئي آهي يا هن کي اها ڦرٽي گهرٽي ڪرسي ملي هجي ۽ هن رسالو بند ڪري ڇڏيو هجي!

آئون سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي حقن جي ڳالهہ ڪرڻ وارن کي، پوءِ اها پارٽي هجي، طبقو هجي، رسالو هجي، ڪتابي سلسلو هجي يا اخبار هجي، حق پرست ۽ صحيح ٿو سمجهان ۽ انهن جي خلاف پروپئگنڊا ۽ نعريبازيءَ جا لقب ڏيڻ وارن کي ابن الوقت، ناهہ پرست ۽ مفاد پرست ٿو سمجهان.

●

# 14 جولاءِ 1983

منهنجي هڪ دوست هڪ ڏاڍي دلچسپ ڳالهه ٻڌائي. پر ڳالهه ٻڌائڻ کان پهرين ان جو پس منظر ٻڌندا:

آئون هڪ هنڌ وينو هوس ۽ اهو چئي رهيو هوس ته اسان کي هر هنڌ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ کپي بلڪل ائين جيئن 1947ع کان پهرين انگريزن جي دور ۾ سڄي سنڌ ۾ هر هنڌ ڳالهائي ويندي هئي. پر ورهاڱي کان پوءِ اوچتو هندستان مان لڏپلاڻ جي ڪري آيل ماڻهن جي گهڻو ڪري ٻولي اڙدو هئي. تيڻ ته ائين ڪپندو هو جو انهن کي سنڌي سکڻ کپندي هئي جيئن سماجي، سياسي ۽ هڪ طرح سان اخلاقي فرض به آهي ته جنهن هنڌ وڃي وسجي اتي جي ٻولي ڳالهائجي، پر ٿيو وري ان جي ابتڙ يعني انهن جي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ جي ابتڙ اسين پنهنجي ٻولي ڇڏي اڙدو ڳالهائڻ لڳي وياسون ۽ اهڙي طرح گهٽ ۾ گهٽ سنڌ جي شهرن جي عوامي ٻولي (Public language) اڙدو بڻجي ويئي. انهيءَ ڳالهه جو ڇيد ڪيو وڃي ته ڏوهه اسان سنڌين جو ئي نڪرندو ڇو ته اسان انهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهايو ئي ڪونه، ته پوءِ هو سنڌي ڪٿان سکندا؟ جيڪڏهن اسين به اهو چئون ها ته اسان کي اڙدو اچي ئي ڪانه، جيڪا حقيقت به هئي ته پوءِ هو ڪوشش وٺي اسان سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائين ها جيئن انهن اسان کي چيو ته ڪين سنڌي اچي ئي ڪانه ته پوءِ اسان ڪوشش وٺي پهرين ڀڳل ٽٽل ۽ پوءِ نيٺ باقاعدي اڙدو ٻولي ڳالهائڻ سکي وياسون. هيئنر به اسين جيڪڏهن هر هنڌ سنڌي ٻولي ئي ڳالهايون ته هو به پهرين هڪ به لفظ ۽ پوءِ ڀڳل ٽٽل ۽ نيٺ سنڌي ٻولي سکي ويندا، پر پهرين اسين سنڌي ٻولي ساڻن ڳالهايون ته سهي.

اهو هو سڄو پس منظر جو آئون ٻن چئن دوستن جي اڳيان بيان ڪري رهيو هوس. پر هڪ دوست مون سان سهمت نه ٿيو ۽ ڪلڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو، "ڪهڙيون عجيب ڳالهيون ٿو ڪرين!" ائين چئي هن هڪ دلچسپ ڳالهه ٻڌائي جيڪا آئون هيٺ بيان ڪريان ٿو. هن چيو:

”هڪ ڏينهن اسين ٽي چار دوست ڪراچيءَ ۾ هوٽل فاروق ۾ ماني کائڻ وياسون. انهن دوستن ۾ هڪ تو جهڙو سنڌيءَ جو عاشق به هو، جيڪو هر هنڌ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندو هو ۽ اسانکي به لاچار ڪندو هو ته سنڌيءَ ۾ ڳالهايون. خير جيئن هوٽل ۾ ويناسون ته بيرو آيو ۽ اسان جي سنڌيءَ جي عاشق دوست سنڌيءَ ۾ پڇيو ته، ”مانيءَ ۾ ڇا ڇا آهي؟“ الائي ڪيئن بيرو اينري سنڌي سمجهي ويو يا ڪامن سينس هلائيندي سمجهيو ته مانيءَ جو ئي پڇندو هوندو، سو بيري ڪيس مختلف طعامن جي سڄي فهرست ٻڌائي. سڄي فهرست ٻڌي مون واري دوست سنڌيءَ ۾ پڇيس، ”يلا ميها گوشت آهي؟“ بيرو اهو ٻڌي ڇڪرائجي ويو ۽ اڙدوءَ ۾ پڇيائين، ”صاحب هي ميها ڇا تيندو آهي؟“ پوءِ مون واري دوست سمجهائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪيس پر بيرو نه سمجهيو ۽ پوءِ اسان کي کلي کلي پيٽ ۾ سور پئجي ويو، ڇو ته اسان به ضد تي ٿاسون ته هو سنڌيءَ ۾ نه سمجهائي سگهيو ته اسان به ميهن جو اڙدو نالو نه وٺنداسون.“

جڏهن منهنجي دوست اها سڄي ڳالهه ٻڌائي پوري ڪئي ته مون چيومانس، ”اوهان اصل ۾ پنهنجي ان سنڌيءَ جي عاشق دوست تي نه کليا پر اهو اوهان پاڻ تي کليا هئا، ڇو ته جڏهن ڪنهن قوم جا ماڻهو ذهني طرح برباد Degenerate ٿيندا آهن ته اهي لاشعوري طرح پاڻ تي ائين کلندا آهن جيئن اوهان کليا هئا.“

”اهو وري ڪيئن؟“ منهنجي دوست اوچتو ڪاوڙ ۾ ڳنڀير ٿي پڇيو، ”جيڪڏهن اوهان جي پنهنجي صوبي ۾ اوهان جي ٻولي سمجهي نٿي وڃي ته پوءِ اوهان کي کلڻ نه پر روئڻ گهرجي ها. اهو تاريخ جو هڪ وڏو الميو آهي ته سنڌ ۾ سنڌي ٻولي ئي ماڻهو نه ٿا سمجهن.“

منهنجو دوست ٿورو گهٻرائجي ويو ۽ هن اتي ويٺلن جي چهرن ڏانهن ائين ڏٺو ڄڻ انهن کان پڇندو هجي ته هو صحيح هو يا آئون صحيح هوس. پر ڪيس ٻين دوستن وٽان موٽ نه ملي ۽ هن ڪجهه سوچي ڄڻ آخري وار ڪيو، ”ته پوءِ يلا ميها کائڻا هجن ۽ ڪو نه سمجهي ته پوءِ ڇا ڪجي؟“ هن ٽوڪ سان پر نهايت ئي ٻاراڻي انداز ۾ ڇيو.

”سائين، انهيءَ ڳالهه جو جواب آئون اوهان کي هيئن ٿو ڏيان ته اهو شايد پهريون سنڌي هو، جنهن بيري جي ڪن تي ’ميها‘ جا لفظ وڌا هئا، پر ميهن کائڻ وارو هر سنڌي شوقين جيڪڏهن ائين بيري کان ’ميها‘ پڇندو اچي ها ته بيرو پاڻ ڪنهن کان سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ها ته اهي يلا ميها ڇا آهن

جو گراهڪ ٿا پڇن. پر ڇاڪاڻ جو هُن سنڌيءَ ڪان پهرين ڪنهن به 'ميها' چئني 'ميها' نه طلبيا هوندا، ان ڪري ظاهر آهي ته بيرو 'ميها' ڪٿان سمجهندو؟"

مون ڪيس اهو به چيو ته، "جيڪڏهن آئون هجان ها ته ٻئي پيري پاڻ سان هڪڙو ميهو ڪٽي ساڳي هوٽل ۾ وڃان ها ۽ ساڳي ٽيبل تي ويهي بيري کي ڪيسي مان ميهو ڪڍي ڏيکاري چوان ها: 'بيرا هي اٿئي ميهو، ان جو ٻوڙ اٿئي؟' ۽ ٽئين پيري وڃڻ سان ته ميهي جو ٻوڙ رڳو چوڻ سان گهرائي وٺان ها. يا بيري سان گڏجي هوٽل جي بورچيخاني ۾ وڃان ها ۽ ڪيس ميها ڏيکاريان ها، يا ميهن جي بدران ٻيو ڪو ٻوڙ گهرايان ها، پر هر پيري هر سنڌي هر ان هوٽل تي جتي هو ماني کائڻ وڃي ٿو، گذريل پنجٽيهن سالن ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهائي ها ته هر ماڻهوءَ کي ميها سمجهه ۾ اچي وڃن ها.. هينئر به سنڌي پنج اٺ سال رڳو سنڌي ڳالهائين ته 1947ع ڪان پهرين وارو دور واپس اچي وڃي.

مٿين ڳالهه جي پس منظر ۾ هڪ ٻي ڳالهه ياد آئي. آئون جڏهن به ڪراچيءَ ويندو آهيان ته ڪار ۾ پيٽرول گهٽو ڪري هڪ خاص پيٽرول پمپ وٽان پرائيندو آهيان، ڇو ته عام تاثر آهي ته پيٽرول پمپ وارن جا ميٽر هٿ چراند ڪيل هوندا آهن ۽ انهن جي پيٽرول ۾ ملاوٽ هوندي آهي. ان ڪري ڪنهن دوست جي چوڻ تي قائداعظم جي مزار جي سامهون جيڪو پيٽرول پمپ آهي، اتان پيٽرول پرائيندو آهيان، جو چون ٿا ته اهو برما شيل ڪمپني وارن جو پنهنجو ڪوليل پيٽرول پمپ آهي.

آئون جڏهن به ان پيٽرول پمپ تي ويندو آهيان ته اتي بيٺل پٺاڻ ورڪرن کي سنڌيءَ ۾ ٿي پيٽرول پرڻ لاءِ چوندو آهيان. هونئن به آئون ڪراچيءَ ۾ به سنڌي ئي ۾ ڳالهائيندو آهيان. ٻي ڳالهه ته پيٽرول پمپ وارن سان ڪا سنڌيءَ ۾ ڪچهري ڪرڻي ته ڪانهي جو هو ٻنهه سمجهن ئي نه.بس اهي ٻه چار لفظ ئي ڳالهائڻا پوندا آهن ۽ جملو به پورو ڳالهائڻو نه پوندو آهي. انهيءَ ڪري سنڌي نه سمجهندڙن کي سنڌيءَ جي ٻن ٽن لفظن سمجهڻ ۾ ڏکيائي نه لڳندي آهي. منهنجي خيال ۾ هونئن به ڪنهن ٻوليءَ سکڻ جا پنج اسٽيج آهن. پهريون درجو ته اهو آهي ته جڏهن ماڻهو ٻي ٻولي ڳالهائي ٻنهه نه سگهندو آهي پر ٻڌڻ سان اهو سمجهي سگهندو آهي ته فلاڻي ٻولي ڳالهائي پئي وڃي، پوءِ هو پلي هڪ به لفظ نه سمجهي. ٻئي درجي تي هو ڪجهه ڪجهه لفظ سمجهڻ لڳندو آهي پر

پيٽرول پمپ تي پهچڻ کان پوءِ مون کي ياد آهي ته مون پيٽرول واري سان سنڌيءَ ۾ ئي ڳالهايو هو، "ڏهه لٽر." ڪ

"پر هن 'ڏهه' نه سمجهيو ۽ مون ڪيس ٻنهي هٿن جي پنجن آڱرين کي ملائي اشاري سان چيو، "پنج ۽ پنج ٿيا ڏهه."

هن هڪدم سمجهيو ۽ڏهه لٽر پيري ڏنا. پوءِ مون سوچيو ته ڪي انگ ته سنڌيءَ ۽ اڙدوءَ ۾ هڪڙي طرح سڄان هڪجهڙا ئي اچاريا ويندا آهن جهڙوڪ چار، پنج، ڇهه، ست، اٺ، نوَ، يارنهن، ٻارنهن، تيرهن وغيره پر ڏهه ۽ ويهه سنڌي ۽ اڙدوءَ ۾ ڪافي مختلف آهن. ان ڪري مون هٿن جي اشاري سان پيٽرول پمپ واري کي ٻڌايو ته مون کي پنج ۽ پنج يعني ڏهه لٽر کپن.

ٻئي ڀيري جڏهن ساڳئي پيٽرول پمپ تي ويس ته ڏهه لٽرن جو چيم ته هو پاڻيهي سمجهي ويو ۽ مون کي ڪيس ڏهه معنيٰ پنج ۽ پنج ڪري سمجهائڻ جي ضرورت ڪانه هئي.

●

# 15 جولاءِ 1983

هڪ سڄڻ "آرسيءَ" ، ڪتاب کي ڏسي چيو تہ،

"ڪل اشتهار 16 صفحا، يعني سورنهن هزار رپيا. هزار ڪاپيون في ڪاپي ويهہ روپيا. تلهي ليکي پنجاهہ سيڪڙو ڪميشن ڪڍي في ڪاپي آمدني ڏهہ رپيا. يعني اهي ٿيا ڏهہ هزار رپيا. سورنهن هزار اشتهارن جا ۽ ڏهہ هزار رپيا وڪرو ملائي ڪل آمدني ٿي ڇويهہ هزار رپيا ۽ خرچ آيو هوندو ڏهہ بارنهن هزار رُپيا. اهو خرچ، آمدنيءَ مان ڪڍو تہ صافي بچت ٿي بارنهن هزار رپيا. يعني هر ٽن مهينن ۾ بارنهن هزار بچت ۽ سال ۾ ٿيا اٺيتاليهہ هزار رپيا صافي بچت يعني فائدو ئي فائدو. يار ظفر حسن ۽ ولي رام ولڀ جي تہ لئہ ٿي ويئي."

هڪ واقفڪار ڪان "آرسيءَ" جي ساليانِي قيمت يعني پنجهتر رپيا ڏيڻ لاءِ چيم، چو تہ مون ۽ ولي رام ولڀ اهو سوچيو آهي تہ سڪين سٽابڻ سنڌين ڪان پنجهتر رپيا ساليانِي قيمت جي وٺڻ جي ڪوشش ڪبي جيئن "آرسيءَ" جي لاءِ چڱي چوکي رقم جمع ٿئي.

جنهن دوست ڪان پنجهتر رپيا گهريم، اهو سڪيو سٽابو هو، پر هن پنجهتر رپيا ٻڌي رڙ ڪئي تہ "پنجهتر رپيا؟ اهي تہ ڏاڍا گهڻا آهن."

اسان اهو بہ سوچيو هو تہ جيڪڏهن ڪنهن پئسن ڏيڻ ۾ توري بہ هٻڪ ڏيکاري تہ زبردستي نہ ڪندا سون ۽ ڪيس پوءِ هڪڙي ئي ڪاپي وڪڻندا سون. ان ڪري مون چيومانس، "چڱو سائين اوهان هڪڙي ئي ڪاپي وٺو. ويهہ رپيا تہ ٺيڪ آهن نہ؟" ۽ هن ويهہ رپيا ڪڍي ڏنا.

پر ٽن ڏينهن ڪان پوءِ هڪ مشترڪ دوست مليو ۽ مون کي انهيءَ دوست

جو نالو وٺي چوڻ لڳو، "يار هو پيو چوي ته ظَفر حسن ڇا بنگلو پيو ٺهرائي جو پنجهتر رپيا پيو وٺي."

مون سوچيو ته چوانس ته اها هن ڳالهه ڪئي ته توڪ مان آهي پر سچ پڇو ته آئون ۽ ولي رام سنڌي پبلشنگ مان آخرڪار بنگلا ئي ٺهرائڻ تا گهرون. پلا سنڌي ڪتابن جي پبلشنگ مان ڪو لکاپتي ٿئي ته سئو سوڻ ٿيندو ۽ ڪهڙو سچو سنڌي آهي جو خوش نه ٿيندو. آخر "جنگ" اخبار جي مير خليل الرحمان به پاڻ ڪاتب بڻجي، هاڪر بڻجي هاڻي ڪروڙ پتي ٿيو آهي، جيڪڏهن اسين ڪروڙ پتي نه ته لکا پتي، جيڪڏهن لکا پتي نه ته هزار پتي ٿي وڃون ته سنڌي ٻولي ۽ ساهت جي ئي بهتري ٿيندي.

●

لڳايو هوندو. قومن جا پڙهيل لکيل سڄاڻ طبقا، يونيورسٽين، ڪاليجن ۽ اسڪولن جا اُستاد، آفيسر، بئنڪر، وڏا واپاري، وڏا زميندار ۽ سياستدان جيڪڏهن پنهنجي قوم ۽ پنهنجي ٻوليءَ جي ساهت ۽ ليکڪن جي ڄاڻ نہ رکندا تہ پوءِ اسان جي قوم ۽ ٻوليءَ جي تباهي ئي ٿيندي.

هونئن بہ سڄاڻ قومن جي ليکڪن ۽ انهن جي لکڻين جي باري ۾ ڳالهائڻ، ڪين مان ڏيڻ، ڪنهن بہ قوم جي ذهني طرح ترقي يافتہ هجڻ جو ثبوت آهي ۽ جيڪڏهن ڪنهن قوم جا سڀ ماڻهو تہ نهيو پر پڙهيل لکيل طبقو بہ ساهت ۽ ليکڪن کان مون واري دوست وانگر نہ رڳو بي خبر رهي پر مورڳو ڪا بہ دلچسپي نہ ڏيکاري يا مورڳو نفرت ڪري تہ پوءِ اسان جي قوم ۽ ٻوليءَ جو ڇا ٿيندو؟

پوءِ مون سوچيو تہ اهو سڄو پس منظر ان استاد جي آڏو بيان ڪريان ۽ کيس عرض ڪريان تہ سائين اوهان جهڙي ولايت مان پڙهي آيل استاد کي سنڌي ساهت جي ٿوري نہ پر گهٽي ڄاڻ هئڻ کپي. اوهان وٽ ولايت جا ماڻهو ملڻ ايندا هوندا يا اوهان سيمينارن ۽ سمپوزيمن ۾ شرڪت ڪندا هوندا، اتي اوهان جي ٻين قومن جي ماڻهن سان ملاقات ٿيندي هوندي ۽ تڏهن اوهان کي پنهنجي ٻوليءَ جي ساهت جي ذري بہ خبر نہ هجڻ ڪري انهيءَ موضوع تي تہ اوهان ماٺ ڪريو ويٺا هوندا تہ پوءِ اها اوهان جي لاءِ ذاتي نہ پر اسان جي قوم جي لاءِ شرمساريءَ جي ڳالهہ ٿيندي جو اوهان جهڙو پڙهيل لکيل ماڻهو ساهت جي الف ب کان بہ واقف نہ هجي. هونئن بہ اوهانکي ذاتي Satisfaction لاءِ سنڌي ساهت پڙهڻ گهرجي.

پر پوءِ مون اهو سڀ ڪجهہ چوڻ غير ضروري سمجهيو ڇو تہ اهڙا ماڻهو پاڻ کي ايترو تہ "قابل" سمجهندا آهن جو ٻئي جي ڳالهہ کي مورڳوئي بيوقوفي جي ڳالهہ سمجهندا آهن ڇو تہ پهرين تہ اها ڳالهہ ئي هو هضم نہ ڪري سگهندا آهن تہ هنن بہ ايم.اي، ايم.ايس.سي ڪئي آهي، تہ هنن کي يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ملي آهي، تہ هو ولايت مان تي آيا آهن، تہ هو هاٿي ڪار بہ پاڻ هلائين پيا، تہ هو پروموشن لاءِ هر طريقو استعمال ڪندا آهن، تہ انهن جي دل ۾ وائيس چانسيلر ٿيڻ جي خواهش خوابن ۾ بہ ايندي رهندي آهي. اهو سڄو معاملو "هضم" ڪرڻ سان تعلق رکي ٿو.

اهو درجي بدرجي ترقي ڪرڻ ۽ ان کي هضم نہ ڪرڻ وارو اصول نہ رڳو يونيورسٽي وارن پر آفيسرن، بئنڪرن ۽ ٻين پئسي وارن سان بہ لاڳو ٿئي ٿو.

هندستان ويو ۽ اتي هڪ فلم ”زمين کي تاري“ ۾ ڪم ڪيو پر فلم ڪامياب نہ ٿي ۽ چارلي بہ ان فلم جي ڪامياب نہ ٿيڻ ڪري وڏيڪ هلي نہ سگهيو. دراصل چارليءَ جي مزاح جي اسٽائيل جو دور ختم ٿي چڪو هو ۽ چارلي وري موٽي پاڪستان آيو ۽ پوءِ آخر پاڪستان ڇڏي آمريڪا وڃي وسيو ۽ هينئر ڪراچيءَ گهمڻ لاءِ آيو هو تہ ويچارو جهان ڇڏي ويو.

پنهنجي دور جي مشهور اداڪار تي نہ تہ ڪنهن اخبار ايڊيٽوريل لکيو ۽ نہ ئي ڪنهن اهم شخصيت جو تعزيتي بيان اخبار ۾ آيو. حيرت جي ڳالهہ اها آهي تہ ڪنهن بہ اخبار سندس وفات تي وفات نامو Obituary يعني وفات تي تفصيلي احوال لکي خراج عقيدت يا شرڌانجلي پيش نہ ڪئي ۽ نہ ئي ڪو تعزيتي ميڙ ٿيو. اهڙيءَ طرح پنهنجي دور جو هڪ مشهور فنڪار، جيڪو آسام کان وٺي بلوچستان تائين، مشهور هو ۽ ڪروڙين ڏک پريل ماڻهن کي کلائي وندرايو، ائين پنهنجي دل ۾ ڏک کڻي گمناميءَ ۾ گذاري ويو.

چارليءَ جي وفات تي سوچيندي آئون حڪومت جي پاليسيءَ جي پس منظر تي پنهنجا ويچار پيش ڪريان ٿو. آئون تہ ياگوند هنس جو ورهاڱي کان پهرين جو پيدا ٿيل آهيان ۽ مون کي اينترو هوش هو جو چارلي ياد اٿم، پر جيڪي ماڻهو ورهاڱي کان ٿورو پهرين پيدا ٿيا ۽ ورهاڱي کان پوءِ پيدا ٿيا، انهن کي تہ چارليءَ جي ڪا خبر ڪانهي. انهيءَ جو ڪارڻ اهو هو تہ هڪ تہ ورهاڱي کان پهرين جون ۽ ورهاڱي کان پوءِ جون بہ اهي هندستاني فلمون جن جا مڪمل حق پاڪستان وٽ آهن، هني نہ تہ سينمائن ۾ ڏيکاريون وڃن ٿيون ۽ نہ ئي ٽيليويزن تي. جيتوٽيڪ ورهاڱي کان اڳ جي هندستاني فلمن ۽ ورهاڱي کان پوءِ جي هندستاني فلمن ۾ فرق آهي. ڇو تہ ورهاڱي کان اڳ جون هندستاني فلمون پاڪستان ۽ موجوده هندستان جو گڏيل ورثو آهن. ورهاڱي کان اڳ بمبئيءَ ۽لاهور ۾ تيار ٿيندڙ فلمون مڪمل طرح هاڻوڪي هندستان جي ثقافتي جائداد ڪونهن. قانوني طرح البت بمبئيءَ ۾ تيار ٿيندڙ فلمن جا پروڊيوسر جيڪڏهن پاڪستان اچي ويا تہ اهي هاڻي قانوني طرح بہ پاڪستاني جائداد ٿيون. جهڙوڪ شوڪت حسين رضويءَ جي ”جگنو“، ”زينت“ ۽ شبطين فضليءَ جي ”دل“ وغيرهہ. ورهاڱي کان اڳ لاهور ۾ تيار ٿيندڙ سيئي فلمون، توڙي انهن جا پروڊيوسر هندو هجن ۽ هندستان هليا ويا آهن، قانوني طرح پاڪستان جي ملڪيت آهن. جهڙيءَ طرح پاڪستان ۾ ڇڏي ويل هندن جي

ملڪيت هاٿي قانوني طرح پاڪستان جي آهي ۽ 1965ع جي جنگ کان پوءِ ته مڪمل طرح انهن هندن جي ملڪيت جيڪي هندستان هليا ويا هئا، مڪمل طرح دشمن جي ملڪيت (Enemy property) جي قانون هيٺ پاڪستان سرڪار پنهنجي قبضي ۾ ڪئي آهي، اهڙيءَ طرح ورهاڱي کان اڳ لاهور ۾ تيار ٿيل سڀيئي فلمون هاٿي پاڪستان جي ملڪيت آهن. انهيءَ ڪري ورهاڱي کان اڳ جون اهي سڀيئي فلمون جيڪي لاهور ۾ تيار ٿيون هجن ۽ بمبئيءَ جون اهي فلمون جيڪي انهن مسلمان پروڊيوسرن تيار ڪيون هجن جيڪي پوءِ پاڪستان هليا آيا، اُهي پاڪستان جي سينمائن ۽ ٽيليويزن تان ڏيکارڻ، پاڪستان جو قانوني ۽ اخلاقي حق آهي. پوءِ ڇو عوام کي انهي دور جي هڪ بهترين فني ثقافتي ورثي کي ماڻڻ جي حق کان محروم رکيو ٿو وڃي؟

هاٿي اڃو هندستان جي انهن فلمن تي جيڪي ورهاڱي کان پوءِ پاڪستان ۾ ڏيکاريون ويون ۽ پوءِ شايد 1965ع ۾ مڪمل طرح بند ڪيون ويون. اهي فلمون جن ڊسٽريبيوٽرن امپورٽ ڪيون، انهن فلمن جون مڪمل قيمتون هندستان وارن کي ادا ڪري ڇڏيون ۽ هاٿي اهي فلمون جيڪڏهن هينئر رليز ڪيون وڃن ته پاڪستان کي هڪ ٽڪو به هندستان کي ڏيڻو نه پوي ته پوءِ خبر ناهي ته انهن فلمن کي به ڇو وري رليز نٿو ڪري وڃي؟

هاٿي اچون ٿا آخري نقطي تي. جيڪڏهن هندستاني فلمون ڏيکارڻ هڪ ثقافتي يلغار (Cultural offensive) جي مطلب ۾ ورتو ٿو وڃي ته پوءِ آمريڪي ۽ برطانوي فلمون ۽ ٽي وي پروگرام ثقافتي يلغار ڪونهن ۽ ڪڏهن ٽي وي تان چيني، پولش، هنگارين ۽ چيڪو سلاويڪ فلمون ڏيکاريون ٿيون وڃن ته اها ثقافتي يلغار ڪانهي؟

آخر ۾ سؤ ڳالهين جي هڪ ڳالهه ته جيڪڏهن هندستاني فلمون، هندو ثقافت جي يلغار آهن ته پوءِ هندستان جي مسلم سوشل فلمن جي باري ۾ ڇا خيال آهي؟ اهي فلمون ته اسلامي يا مسلم سماج جي پس منظر ۾ ناهيل آهن بلڪ اجا به ناهيون پيون وڃن، پلا پوءِ انهن کي ڇو نه ٿو ڏيکاريو وڃي؟ يا مورڳوئي ڇو نه ٿو امپورٽ ڪيو وڃي؟

مسلم سوشل فلمن کي جيڪڏهن هاٿي هندستان مان امپورٽ ڪرڻ جي پاليسي اختيار ڪئي وڃي ته هندستاني فلم انڊسٽري، پاڪستان جي مارڪيٽ جي لالچ ۾ في الحال ته سؤ سيڪڙو مسلم سوشل فلمون ناهڻ لڳي

اجرت وٺندا آهن. ڪنهن به ڪمپازيٽر جو هڪ ڏينهن يا به ڏينهن ڪم نه ڪرڻ، نه رڳو سندس نقصان ٿيو پر سندن ٻچن لاءِ نقصان ٿيو. آخر هو ڇو نه ٿا اچن چنچر ۽ آچر جو ڪم تي؟

اهو به صحيح آهي ته پريس ورڪر ويچارو صبح جو سوير ڪم تي چڙهي ٿو ۽ جڏهن رت جو نوين ڏهين تائين يعني ٻارنهن تيرنهن ڪلاڪ ڪم ڪري ٿو، تڏهن وڃي سندس گذر ٿئي ٿو. ٻارنهن تيرنهن ڪلاڪ روز مزوري ڪرڻ واري کي بيشڪ حق آهي ته هو به موڪل ماڻي، آرام ڪري ۽ سال ۾ هڪ به ٻيرو اهڙي ڊگهي موڪل ڪري، اها به اهي ٿي چار ڏينهن، پر هر ڳالهه جي حد هئڻ گهرجي. غريب پورهيت کي به موڪل جو حق آهي، پر هن ڀيري اهي عيد جا چار ڏينهن ڇا ڪافي نه هئا. جو هو چنچر تي يا آچر تي به ڪم تي نه چڙهي. مون کي هڪڙي پريس واري ٻڌايو ته عيد جي رات يعني عيد کان هڪ ڏينهن اڳ، هر مزور گهٽي دير تائين ڪم ڪرڻ پئي گهريو ته جيئن هو انهيءَ رات گهٽي ۾ گهٽي ڪمائي ڪري پنهنجن ٻچن لاءِ ڪجهه وني سگهي. جڏهن اهو پورهيت عيد کان پهرين پنهنجو سڄو رت ست ڏيئي گهٽي ۾ گهٽو ڪم ڪري، گهٽي ۾ گهٽي اجرت حاصل ڪرڻ لاءِ. هون ڪنجي بينو هو ته پوءِ وري موڪلن کان پوءِ چنچر ۽ آچر تي ۽ ڪن حالتن ۾ ته سومر تي به غائب ڇو هو؟

اهو صحيح آهي ته غريب کي هن سماج ۾ پنهنجي محنت جو صحيح اجورو نه ٿو ملي، پر هو پاڻ به ته ڪم کان لهرائي ٿو، اهو ڇو؟ ڪيس ته هڪ ڏينهن به ائين وڃائڻ نه کپي. اها صحيح ڳالهه آهي ته هن سماج ۾ پورهيت لاءِ آرام سان زندگي گذارڻ ڏکيو آهي، پر هو پنهنجن هٿن سان ته پاڻ کي وڌيڪ ڏکيو نه ڪري.

●

# 30 ڊسمبر 1983

26 مئي کان پوءِ اڄ 30 ڊسمبر تي ڊائري لکي رهيو آهيان. سچا سارا ست مهينا گذري ويا آهن جو انهيءَ وچ ۾ ڊائري لکي نه سگهيس. منهنجو هي عمل به باقاعدگيءَ سان جاري رهي نه سگهيو ۽ اها ئي روايتي سستي ۽ ڪم ڪار ۾ بي قاعدگي نه رڳو ڊائري پر گهڻن ڪمن ۾ مون کي آڏو اچي ويئي. ٻين ڪمن جو ذڪر ته پوءِ ڪندس پر هتي ڊائري لکڻ جي معاملي ۾ ڪجهه ٽيڪا ٽپڻي ڪندس. ڊائري لکڻ مهل سوچيم ته هن ڊائريءَ ۾ ته گهڻا واقعا آهن جيڪي هن مهل ته شايد ڪرڻ جوڳا به نه آهن ۽ ڪي واقعا يا تاثر ته آئون پنهنجي مرڻ کان پوءِ ئي شايع ٿيڻ پسند ڪندس. سو ڇو نه هن ڊائري سان يعني هن ذاتي ڊائريءَ Personal Diary سان گڏوگڏ هڪ ٻي عوامي ڊائري Public Diary به لکان جيڪا هن دور ۾ پبلش ٿيڻ جوڳي هجي. سو ان ڪري هڪ ٻي ڊائري به گڏوگڏ لکڻ شروع ڪيم پر اها ۽ هيءَ به هڪ نوٽبڪ جي 150 صفحن تائين لکي به ويس. اها به مهينو ڏيڍ لکي، پوءِ اها به لکڻ بند ڪري ڇڏيم. هڪ ٽيون نوٽبڪ به لکڻ شروع ڪيم، جنهن ۾ رڳو اخبارن ۾ خاص طرح روزاني ”ڊان“ مان اهم يا خاص مطلب جي خبرن، ليکن ۽ ٻين صنفن تي ٽيڪا ٽپڻي ڪيم، پر اها به پندرهن ويهه ڏينهن کن لکي، وري اها به باقاعدگيءَ سان جاري نه ڪري سگهيس. انهن تجربن کان پوءِ آئون انهيءَ نتيجي تي پهتو آهيان ته ڊائري هڪڙي ئي لکجي ۽ ان ۾ هر ڳالهه جيڪا لکڻ جوڳي هجي سا لکجي. عوامي، ذاتي، اخبارن جي خبرن تي ٽيڪا ٽپڻي مطلب ته هر ڳالهه هڪ ئي ڊائري ۾ ئي لکجي. خاص طرح مون جهڙن ماڻهن لاءِ ته هڪ ئي ڊائري هجي، baqe فوٽو اسٽيٽ ڪري رسالن ۽ ڪتابي سلسلن کي ڇپجڻ لاءِ ڏجي ۽ جي ممڪن ٿي سگهي ته هن دور ۾ ڇپجڻ جهڙو سمورو مواد ڪتابي صورت

۾ جلد شايع ڪيو وڃي ۽ باقي ڊائريءَ ۾ اهو مواد، جيڪو هن دور ۾ شايع ٿيڻ جهڙو نہ هجي، يا منهنجي مرڻ کان پوءِ شايع ٿيڻ جهڙو هجي، اهو پوءِ الڳ شايع ڪري سگهبو.

باقي اهي ڊائري لکڻ وارا، جيڪي الڳ الڳ ذاتي ۽ عوامي ڊائريون لکي سگهن ٿا پلي ائين ڪن جو بهتر ايئن بہ آهي. باقي مون جهڙو ماڻهو، جو اُيترو منظم ڪم نہ ٿو ڪري سگهي، ان ڪي هر قسم جي ڊائري هڪ نوٽبڪ ۾ ئي لکڻ گهرجي، جيئن مون اڄ کان ايئن ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي.

●

تہ هڪ فرد جو حياتيءَ ۾ سڌل تيڻ يا اسڌل تيڻ ان کي متاثر ڪري ٿي تو پر ان جا ٻار، ان جي زال، ان جا پائر پينر سماج ۽ قوم سڀ متاثر ٿين ٿا.

سڌل يا با ضمير حياتي گذارڻ جا اصول ٿين ٿا ۽ انهن اصولن تي رهڻ سان عمل ڪرڻ سان ايئن انسان با ضمير ۽ مطمئن حياتي گذاري ٿو.

حياتي جو اولين يا بنيادي اصول ڇا آهي، آئون سوچيندو رهان تو پر هڪ عام انسان جي نقطئہ نظر کان ايئن چئجي تہ حياتي فوقيات يا ترجيحات (Priorities) طئہ ڪري ان پٽاندر هلڻ جو نالو آهي. انهيءَ سان گڏ حياتيءَ جا واضح اصول بہ هجڻ کپن. هتي آئون اها ڳالهہ واضح ڪري ڇڏيان تہ ماڳ تي پهچڻ ترجيحون طئہ ڪرڻ جو اهو مطلب نہ ونجي تہ هر طريقو استعمال ڪيو وڃي. ماڳ تي پهچڻ لاءِ اصولن تي پابند رهي ڪوشش ڪبي رهجي، ڀلي دير لڳي، نيٺ تہ ماڳ تي ماڻهو پهچي ويندو پر جي ماڳ تي ماڻهو نہ بہ پهچي تہ بہ اصولن تي پابند رهڻ بہ هڪ حياتيءَ جي حاصلات سمجهجي.

ڊائري لکندي اهڙيون ڳالهيون ايندريون رهنديون، جن سان منهنجي مٿين ڏنل سڄي خيال جي وضاحت ٿيندي رهندي.

آخر حياتيءَ جون منهنجون فوقيات يا ترجيحات ڪهڙيون آهن، انهن کي طئہ ڪرڻ ضروري آهي. آئون رڳو ايترو چوندس تہ جيڪڏهن آئون فوقيات کي طئہ ڪري انهن پٽاندر پنهنجي مڪمل ڪوشش ڪريان ها تہ گهٽيون ناڪاميون، گهٽا ڏک ۽ گهٽيون تڪليفون، جيڪي مون ڏٺيون ۽ سٺيون آهن، اهي منهنجي کاتي ۾ نہ اچن ها. آئون تہ ايترو بہ اعتراف ڪندس تہ منظم حياتي گذاريان ها ۽ ترجيحن پٽاندر عمل ڪريان ها تہ امڙ ويچاريءَ کي بلڊ پريشر ٿئي ئي نہ ها. امڙ ويچاريءَ کي اڌ رنگ ٿئي نہ ها. امڙ ويچاري ايئن گذاري نہ وڃي ها، ترجيحن وارن ڪمن کي ترجيح ڏيان ها تہ هينئر آئون لکاپتي هجان ها. اڄ کان ڏهہ سال اڳ پروفيسر بڻجي چڪو هجان ها، اسان جي ٻنين ۾ يعني 100 ڪن ايڪڙن ۾ مڪمل باغ هجي ها ۽ ان جو نيڪو هينئر سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنجن لکن ۾ وڃي ها. هينئر مون کي ۽ مظفر کي پنهنجا پنهنجا بنگلا هجن ها، امڙ ويچاري خوشي ڀريل حياتي گذاري ها ۽ هينئر اڃا بہ جيئري هجي ها. مظفر کي هارٽ اٽيڪ نہ ٿئي ها ۽ مون کي بہ هارٽ اٽيڪ نہ ٿئي ها. انهن ذاتي فائدن کان سواءِ قومي سطح تي هينئر هڪ وڏو پبلشنگ ادارو هجي ها. آئون گهٽ ۾ گهٽ هڪ روزاني اخبار جو مالڪ هجان ها ۽ بہ ٽي رسالا نڪرندا هجن ها.

هيستائين ٻه ٽي سو ڪهاڻيون ۽ اٺ ڏهه ناول لکي چڪو هجان ها. پر مون ترجيحون طئه نه ڪيون ۽ پنهنجي مڪمل محنت ۽ مڪمل وقت وڃائيندو رهيس. سستي ۽ ڪاهلي، مهمل ڪرڻ جي عادت ڪنهن به ڪم کي پورو ٿيڻ نه ڏنو.

پر اڄ 31 ڊسمبر تي هي سٽون لکندي رات جي ٻارنهن ٿيڻ ۾ پنج منٽ باقي آهن ۽ پنجن منٽ کان پوءِ نئون سال 1984ع جو شروع ٿيندو. آئون سمجهان ٿو ته جيڪڏهن هي سال به ايئن ڪمن کي ترجيحن پٽاندر پورو نه ڪيم، پنهنجي مڪمل صلاحيت سان ڪم سرانجام نه ڏنم، اصول واضح نه ڪيم ته پوءِ باقي حياتي ايئن گذرندي جيئن هن کان پهرين گذرندي آئي آهي.

انهيءَ ڪري اڄ پنهنجي امڙ سان واعدو ٿو ڪريان ته آئون هر ڪم کي ترجيح پٽاندر اهميت ڏيئي پنهنجو مڪمل وقت ۽ بهترين صلاحيتون آڏو رکي، پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

جيڪڏهن هن سال ڪجهه نه ڪيم ته پوءِ ٽي سگهي ٿو 1985ع، 1986ع ۽ ان کان پوءِ ايندڙ سال به ايئن گذري وڃن.

هاڻي مون کي 1984ع لاءِ ڪمن جي لسٽ ناهڻي پوندي.

هي لسٽ لکندي واچ ۾ ٻارنهن ٿي چڪا آهن ۽ نئون سال 1984ع جو شروع ٿي چڪو آهي.

"امان، اڄ 1984ع جو نئون سال شروع ٿي چڪو آهي. ڪم ته گهڻا ئي ڪرڻا آهن پر اهميت پٽاندر. ڪم يعني اوليت پٽاندر ڪم ڪرڻا پوندا، جو تون به ايئن ئي گهرندي هئينءَ. امڙ، هيءَ لسٽ ڏس تون پاڻ پڙهندينءَ ته ڏاڍي خوش ٿيندينءَ.

| ڪم | اهميت جو نمبر |
|---|---|
| 1- پنهنجو گهر ناهڻ | 3 |
| 2- ناول، ڪهاڻيون ۽ مضمون لکڻ | 4 |
| 3- پروفيسري، پي ايڇ ڊي ۽ جاگرافي تي ريسرچ ڪرڻ | 5 |
| 4- پبلشنگ جو ڌنڌو شروع ڪرڻ | 6 |
| 5- گهر جو خرچ پڪو ۽ ان جو حساب رکڻ | 2 |
| 6- پنهنجي، زال ۽ ٻارن جي صحت جي نگهداشت ڪرڻ | 1 |
| 7- ڳوٺ ۽ ڳوٺ وارن کي منظم ڪرڻ | 9 |
| 8- ذاتي زمينن جي سنڀال ڪرڻ | 8 |
| 9- قومي ڪم ڪرڻ | 7 |

# 1 جنوري 1984

اڄ پهريون ڪم اهو ڪيم جو "ڊان" اخبار گهرائڻ بند ڪيم، ڇو ته ڊان اخبار هڪڙو ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ ايندي آهي ۽ ٻيو ته مظفر گهرائيندو آهي، جتان آئون جڏهن به چاهيان ته ڪٽي اچي سگهان ٿو ۽ مارڪنگ وغيره ڪري سنڀالي رکي سگهان ٿو. اهڙي طرح منهنجي اپياس جو ڪم پوري طرح ٿي سگهي ٿو. البت اها ڏکيائي ٿيندي ته اهو ڪم روزانو نه ڪري سگهندس ۽ ٻيو ته موڪلن ۾ جڏهن گهر ۾ هوندس ته نه ڊپارٽمينٽ جي اخبار پڙهي سگهندس ۽ نه ڪنهن ٻئي هنڌان ڪٽي اچي سگهندس ۽ اهو ڏينهن مون کي گهر ۾ بنان اخبار جي گذارڻو پوندو. اخبار جهڙي شوق لاءِ من کي مارڻ ڏکيو ڪم ته آهي پر ٻي ڪا صورت به نه آهي. انگريزي اخبار جو ماهوار سراسري بل 50 رپيا اچي ٿو ۽ جنهن ماڻهوءَ جو ذاتي گهر نه هجي، ان کي ته اخبار وٺڻ نه کپي. اصل ۾ ڪوبه ڪتاب ۽ رسالو به وٺڻ نه گهرجي. پنهنجو گهر هجڻ بنيادي ڪم آهي. جڏهن پنهنجو گهر هجي، پوءِ اهو پڻ ڪمرن جو هجي، پوءِ ئي اخبارون ۽ رسالا وٺجن. مون هونئن ته پئسا بچائڻ لاءِ اخبار ڊان بند ڪئي آهي. پر ڏنو وڃي ته هونئن به ڊان اخبار جو بائيڪاٽ ڪرڻ گهرجي ڇو ته هڪڙو ته هر هفتي ڊان سان گڏ ڊان گروپ جي شام جي اخبار جو اسپورٽس ايڊيشن ضروري طرح خريدار تي مڙهيو وڃي ٿو ۽ ان اسپورٽس ايڊيشن جا 50 پئسا في هفتو چارج ڪيو وڃي ٿو. اهو ايڊيشن اسان سنڌين لاءِ بيڪار آهي ڇو ته سڀني راندين ۾ پنجابي ۽ پناهگير ئي ڇانيل آهن ۽ سرڪار جي پاليسي به اهڙي آهي ته شهرن ۽ فوجين جا رانديگر حصو وٺي سگهن. سرڪار ڪڏهن به ڳوٺاڻن لاءِ هڪ به راند جو ميدان نه ٺهرايو آهي ۽ دنيا جي مشهور ترين راند فٽبال کي به ان ڪري پوئتي رکيو آهي ته ان ۾ گهڻو ڪري ڪراچيءَ جا مڪراني، شيدي آهن. ان ڪري اسان کي ڊان ڏانهن لکڻ گهرجي ته اسان تي اسپورٽس ايڊيشن نه مڙهي. مون کي موقعو مليو ته انهيءَ معاملي کي انفرميشن ڊپارٽمينٽ، آل

پاڪستان نيوز پيپر سوسائٽي، آل پاڪستان ايڊيٽرس ڪانفرنس ڪي لکندس، پر پهرين ڊان وارن کي لکندس. پر جيڪڏهن انهن نه مڃيو ته انهن ادارن کي لکندس. پيو انهيءَ ڪري ته ڊان ۽ هر انهيءَ اخبار، رسالي، ڪتاب ۽ ٻوليءَ جو بائيڪاٽ ڪرڻ گهرجي جيڪي سنڌين جا دشمن آهن. جيئن ته ڊان وارن جا مالڪ حسين هارون، مجلس شوريٰ جو ٽاڪيل ميمبر ۽ محمود هارون، مارشلُ لا جو ٽاڪيل مرڪزي وزير، موجوده حڪومت جا ساٿاري آهن تنهنڪري اهي اسان جا اهڙا دشمن آهن جهڙا مارشل لا وارا.

اهي ڳالهيون ته سراسري نڪري آيون پر جيڪڏهن ويچار ڪجي ته هر سنڌي پنهنجي دشمنن ۽ انهن جي مال جو بائيڪاٽ ڪري ته دشمن ڪمزور ٿيندو ۽ ان کي ختم ڪرڻ آسان ٿيندو.

بهرحال ڳالهه پئي ڪيم ڊان اخبار جي بند ڪرڻ جي، سو مون من کي ماري ڊان اخبار بند ڪئي آهي. ڪافي عرصو پهرين آئون ٽي چار اخبارون گهرائيندو هوس ۽ ڏهه ٻارنهن سال اڳي ته هر اخبار ۽ هر رسالو گهرائيندو هوس. هاڻي مون کي پنهنجو گهر ٺاهڻو آهي، سو پئسو پئسو ڪري بچائيندس ۽ نيٺ آخر ۾ هڪڙي اخبار، جيڪا گهرائيندو هوس، اها به بند ڪري مون نهايت اهم وک کنئي آهي. هاڻي جڏهن پنهنجو گهر ٺهندو ته اخبارن، رسالن ۽ ڪتابن کي خريد ڪرڻ وري به جاري رکي سگهندس.

●

# 4 جنوري 1984

1 جنوري تي سنڌ يونيورسٽيءَ جي مارئي هاسٽل مان "ميلاد" جو دعوتي خط قمر جي نالي تي آيو هو. مون کولي جو پڙهيو ته سخت حيرت لڳي ته اهو دعوتي خط اڙدوءَ ۾ لکيل هو. سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪنهن حصي مان دعوت اچي ۽ اها سنڌيءَ ۾ نه هجي، سچ ته حيرت نه پر عبرت جو مقام هو. خط جي هيٺان "انتظاميا پاران" لفظ لکيل هئا. مشهور ليکڪا تنوير جوڻيجو، هاسٽل جي واردن آهي، پر اها سندس امڙ جي وفات جي ڪري دادو ويل هئي. منهنجو خيال هو ته سندس پاران اهو انتظام ساڻس گڏ رهندڙ ڊاڪٽر رفيعا محمد علي (1) ئي ڪيو هوندو. مون قمر کي چيو ته جڏهن ميلاد تي وڃي ته رفيعا کان ضرور پڇي ته اڙدوءَ ۾ دعوتي خط ڇو لکيا ويا هئا. قمر کي به شايد هجي جو هن اها ڳالهه ياد رکي، ميلاد ۾ رفيعا کان پڇيو. رفيعا کيس ٻڌايو ته ميلاد جو سڄو انتظام مرحب قاسمي(2) جي هٿ ۾ هو ۽ هُن ئي اهي دعوتي خط شاگردياڻين کان لکرايا هوندا.

هتي مرحب قاسميءَ جي باري ۾ ٻڌائيندو هلان ته هيءَ ميرپورخاص جي پاسي رهندڙ هڪ پنجاپڻ آهي ۽ سنڌي به چڱيءَ طرح تي ڳالهائي. ڳالهائي ڇا پر هڪ وقت ته هن سنڌيءَ ۾ شاعري به ڪئي آهي. انهيءَ سنڌي شاعريءَ ۽ سندس يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ملڻ جو عجيب پس منظر آهي. مرحب قاسميءَ شيخ اياز جي وائيس چانسلريءَ دوران ايم اي جي شاگردياڻي هئي ۽ سندس ساهيڙپ هڪ ٻي پنجابي ليڪچرياڻي مسرت مرزا(3) سان آهي ۽ مسرت مرزا شيخ اياز جي وائيس چانسلريءَ دوران اياز جي معشوقا ۽ اصل سريت تي رهي آهي. مرحب قاسميءَ کي نه شاعريءَ جو شوق هو يا نه، پر پوءِ الائي هن پاڻ

(1) منهنجي زال قمر جي ڀاڻيجي
(2) ليڪچرر، ايڪانامڪس ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو (ليکڪ)
(3) اُستاد، فائين آرٽس ڊپارٽمينٽ، سنڌ يونيورسٽي (ليکڪ)

شاعري لکي يا سندس پاران سندس عاشقن اهو ڪم ڪيو، پر مرحب چا ڪيو جو اوچتو سنڌيءَ ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين، جيڪا ”سهڻي“ ۽ ٻين رسالن ۾ شايع ٿيڻ لڳي. اهڙيءَ طرح هوءَ هڪدم سنڌيءَ ۾ مشهور به ٿي وئي. ليڪائون، ليکڪن جي پيٽ ۾ جلد مشهور ٿي ويندڙيون آهن! چيو وڃي ٿو ته هو پاڻ اڙدوءَ ۾ شاعري ڪندي هئي ۽ سندس شاعري کي سنڌيءَ ۾ وري عزيز مهراڻوي ترجمو ڪندو هو. اِهڙي طرح مرحب، سنڌي شاعرا جو روپ ورتو. هيڏانهن عزيز مهراڻوي، مرحب جي عشق ۾ سنڌيءَ ۾ شاعري ترجمو ڪندو ويو ۽ هوڏانهن وري شيخ اياز مسرت مرزا جي عشق ۾ يا شايد مرحب(1) جي عشق ۾ به هڪ وڏو ڪمال ڪيو. يونيورسٽيءَ ۾ ليڪچرر اهو ٿي سگهي ٿو، جنهن جو ايم اي ۾ فرسٽ ڪلاس هجي پر مرحب جون مارڪون سيڪنڊ ڪلاس ۾ ٿي آيون، جو اياز پاڻ رزلٽ آئوٽ ٿيڻ کان پهرين پنهنجين معشوقائن لاءِ اڳواٽ معلومات ورتي ته مرحب جون ٻاويهه مارڪون فرسٽ ڪلاس کان گهٽ هيون، شيخ اياز باقاعدي آرڊر ڪيو ته سڄي بئچ کي 22 مارڪن جي گريس ڏني وڃي. چو ته ظاهر آهي ته هڪڙي اميدوار کي ته مارڪون گريس نٿيون ڏيئي سگهجن. اهڙي طرح مرحب کي فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪرايو ويو ۽ پوءِ ڪيس ايڪنامڪس ۾ ليڪچرر مقرر ڪرڻ جو ڪم پورو ڪري، شيخ اياز پنهنجي عورت نوازيءَ ذريعي سنڌ سان غداري ڪئي. مون کي اها به خبر پئي ته مرحب استادن کي سفارش ڪرائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي، پر غلام حسين خاصخيليءَ سفارش مڃڻ کان انڪار ڪيو. هاڻي اچون ٿا سڀ کان حيرت واري ڳالهه تي. مرحب جي ليڪچرر ٿيڻ کان پوءِ، مرحب پنهنجي شاعريءَ جي سنڌي ترجمي واري ناٽڪ کي ڇڏي سڌو سنئون اڙدوءَ ۾ شاعري ڪرڻ شروع ڪئي، اينتري قدر جو پاڪ - هند اڙدو مشاعرن ۾ به ڪلام پڙهڻ شروع ڪيائين. ٻي حيرت جي ڳالهه اها آهي ته سندس ڊپارٽمينٽ ۾ سڀ استاد ساڻس اڙدوءَ ۾ ڳالهائيندا آهن، اينتري قدر جو غلام حسين خاصخيلي به ساڻس اڙدوءَ ۾ ڳالهائي ٿو! جيتوڻيڪ هو سنڌي سٺي ڳالهائي سگهي ٿي.

اهي هئا مرحب قاسميءَ جا ڪم. هاڻي ظاهر آهي ته ميلاد جا دعوتي خط اڙدوءَ ۾ نه لکرائيندي ته ٻيو سنڌيءَ ۾ لکرائيندي! لعنت هجي شيخ اياز تي ۽ عزيز مهراڻويءَ تي به، انهيءَ عزيز مهراڻويءَ تي، جنهن ڪنهن زماني ۾

(1) عورت باز ماڻهو هڪ وقت ۾ گهڻين عورتن سان عشق ڪندا آهن. (ليکڪ)

شاگرد ليڊر جي حيثيت سان اخبار ۾ بيان ڪڍيو هو ته ڪراچي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌي استاد به ڀرتي ڪيا وڃن.

عورت جي معاملي ۾ جيڪي وڏا وڏا قوم پرست اهڙي طرح قوم جو سودو ڪندا آهن، اهي قوم پرست نه، پر اصل ۾ مفاد پرست هوندا آهن.

مون قمر کان پڇيو ته ميلاد ڇا ۾ پڙهيو ويو ته هن ٻڌايو ته سنڌي شاگردياڻين سنڌيءَ ۾ پڙهيو ۽ غير سنڌي شاگردياڻين اردوءَ ۾ پڙهيو. ٽيڻ ته ايئن ڪپندو هو جو رڳو سنڌيءَ ۾ پڙهيو وڃي ها، ڇو ته ڪراچيءَ يونيورسٽي ۾ ميلاد ۽ واعظ سڀ رڳو اردوءَ ۾ ڪيا ويندا آهن ۽ سنڌيءَ ۾ جڻ بندش پيل آهي!

●

# 5 جنوري 1984

وي سي آر تي هڪ هندستاني فلم "تلاش" ڏٺم. آئون ڀانيان ٿو اها فلم ڏهه پندرهن سال پراڻي هوندي. ان فلم جو ڊائريڪٽر او پي رلهن (O.P.Ralhan) هو، جيڪو آئون سمجهان ٿو ته فلم جي هيري راجندر ڪمار جو اصلي حياتيءَ ۾ سڳو ڀاءُ آهي. هن فلم جي هڪ خوبي اها به هئي ته ان فلم ۾ ڊائريڪٽر او پي رلهن پاڻ ڪاميڊين جو رول ادا ڪيو آهي، جيڪو هڪ سنڌي ڪردار هو ۽ هنديءَ به سنڌيءَ لهجي ۾ پئي ڳالهائي اٿس. هونئن به مون گهٽين هندستاني فلمن ۾ ڏٺو آهي ته ڪافي سنڌي ڪردارن جون جهلڪيون پيش ڪندا رهندا آهن، پر هيءُ هڪ مڪمل رول آهي ۽ ٿلهي جهلڪ نه هئي. تنهن ڪان سواءِ هن فلم ۾ ڪاميڊين جو پيءُ به ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو ظاهر آهي ته اهو به سنڌي هو ۽ اهڙي طرح به به سنڌي ڪردار فلم ۾ ڏيکاريا ويا آهن. هندستاني فلمن ۾ سنڌي ڪردارن جون جهلڪيون ڏيڻ، سنڌي قوم جي وڏي پبلسٽي آهي، يا ڪٿي ايئن چئجي ته سنڌي قوم جي مڃتا آهي. ٻي ڳالهه ته سنڌي ڪردار گهڻو ڪري شاهوڪار ئي ڏيکاريا ويندا آهن ۽ دل جا وڏا محبتي، سڏا سنوان، هر وقت مدد ڪندڙ.

اهو صحيح آهي ته هندستاني فلم جڳت ۾ سنڌين جو گهڻو پئسو لڳل آهي، ۽ شايد ان ڪري ئي سنڌي ڪردار جي جهلڪ ڏيکاري ويندي هوندي. پر وڌيڪ صحيح ڳالهه اها آهي ته سنڌي هڪ منفرد قوم آهي ۽ سندس ڪلچر، سڀيتا ۽ رهڻي ڪهڻي مخصوص انداز جي آهي، جنهن مان دل جي وڏائي بکي ٿي. اهو ئي منفرد هجڻ ئي ڪارڻ آهي، جو هندستان جي سٺ ڪروڙ آدم ۾ پنجويهه ٽيهه لک سنڌي پري ڪان پڌرا هئڻ ڪري سوسائٽيءَ تي پنهنجي مخصوص ڇاپ ڇڏين ٿا. منهنجو ويچار آهي ته ڪو سنڌي ماڻهو تحقيق ڪري ته هندستان جي ڀرين فلم ڪان وٺي اڄ تائين اهڙين فلمن جي سن وار لسٽ تيار ڪري، جنهن ۾ سنڌي ڪردار، سنڌي ٻولي يا سنڌي گانن جا ٻول استعمال ٿيا

هجن. نہ رڳو اهڙي لسٽ هجي، پر ان ۾ سنڌي استعمال ڪرڻ جي باري ۾ نوٽ بہ هجي. مون ايتريون فلمون تہ ڏٺيون ڪونهن، پر ڪجهہ فلمون ياد اٿم، سو سوچيان ٿو تہ آئون تہ پنهنجي لسٽ هتي ڏيئي ڇڏيان تہ جيئن ڪڏهن بہ ڪهڙي بہ وقت ڪهڙي بہ زماني ۾ ڪونہ ڪو رڳو هندستاني پر پاڪستاني فلمن جي اهڙي سن وار لسٽ ۽ تفصيل تيار ڪري تہ منهنجي ڏنل نہ رڳو معلومات شامل هجي، پر هو پنهنجي پيش لفظ ۾ اهو بہ لکي تہ هُن تحقيق جو آئيڊيا پهرين ظفر حسن کان ورتو هو. جيڪڏهن انهيءَ وقت تائين جيئرو رهيس تہ پڙهي خوش ٿيندس ۽ جيڪڏهن مري ويس تہ منهنجو روح ۽ منهنجو اولاد خوش ٿيندو.

ڪافي سال اڳي 1950ع واري ڍاڪي ۾ فلم "بڙي پيا" ڏٺي هئم، جنهن ۾ آغا ۽ سريش اداڪار هئا ۽ ان ۾ هڪڙو دوگانو هو: "هلو سائين هلو - هم پيڇي پيڇي آتي هين- تم آگي آگي چلو."

ويجهڙائيءَ ۾ وي سي آر تي هڪڙي بيءَ فلم ڏٺم، جنهن جو نالو هو "او بي وفا"، جنهن ۾ هيرو انيل ڪپور آهي. هو جنهن فلئٽ ۾ رهي ٿو، انهيءَ جو مالڪ هڪ سنڌي ڏيکاريو ويو آهي ۽ تڪيہ ڪلام اٿس: "جهولي لعل جهولي لعل". هو هڪ هنڌ هيري کي چئي ٿو: "سنڌي ڪا بچہ ڪڀي نهين ڪچا." هن فلم ۾ يوگيتا بالي ۽ راجندر ڪمار بہ اداڪار هئا.

وي سي آر تي هڪ نئين فلم ڏٺم. فلم جو نالو هو "ارٿ"، جنهن ۾ شبانہ اعظمي ۽ ڪُل پُوشڻ کربندا ۽ سميتا پاٽل اداڪار هئا. ان فلم ۾ هڪ اداڪار راج ڪرن هڪ تمام عاليشان فليٽ ۾ رهي ٿو ۽ هڪ هنڌ رڳو سنڌيءَ جو حوالو ڏنو اٿس. هيروئن کي چوي ٿو تہ هي فليٽ هڪ سنڌي گهوڙي واري جو آهي ۽ ڪيس رهڻ لاءِ ڏنو اٿس.

هڪڙي بي فلم ياد ٿي اچي، پر فلم جو نالو ياد نہ ٿو اچي. ان فلم ۾ ڪاميڊين اسراڻي هڪ هنڌ هڪ ماڻهوءَ کي چئي ٿو، "چريءَ جا پٽ." هتي اسراڻي ڪاميڊين جو ذڪر آيو تہ هڪ ٻيو خيال بہ ذهن ۾ آيو اٿم. اهو اهو تہ نہ رڳو اهڙين فلمن جي تحقيق ڪئي وڃي، جن ۾ سنڌي ڪردار، ڊائلاگ يا گانا هجن ۽ اڻ سڌي طرح ئي سنڌيءَ جو حوالو هجي، مثال فلم: ارٿ. پر اهڙو تفصيلي ڪتاب بہ تيار ڪيو وڃي، جنهن ۾ هندستان جي فلمي جڳت ۽ پاڪستان جي فلمي جڳت جي سڀني سنڌي اداڪارن، پروڊيوسرن، ڊائريڪٽرن، ميوزڪ ڊائريڪٽرن، فوٽوگرافرن، گيت لکندڙن، مطلب تہ هر انهيءَ

سنڌي جي تفصيلي فهرست مڪمل سوانح سان شايع ڪئي وڃي، جن جو هندي ۽ اڙدو فلمن سان واسطو رهيو آهي. اهڙن ماڻهن جا فوٽو به هٿ ڪيا وڃن ۽ اهڙي طرح "سنڌين جو فلم ۾ حصو" جي سري سان هڪ دستاويز تيار ٿي ويندو.

هندستاني فلمي اداڪارن جا ڪجهه نالا ياد ٿا اچن: گروپ، پڊو آڏواڻي، اسراڻي، سڌير، ساڌنا، ببيتا، ساڌنا جو پيءُ ۽ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، جنهن 1934ع ڌاري جڏهن بائي سان "انسان اور شيطان" ۾ هيري جو رول ادا ڪيو هو. اهي ته هئا سڀ اداڪار، پر ڊائريڪٽرن ۾ ڪي ايس درياڻي(1)، رام درياڻي، ارجن هنگوراڻي، گوونڊ نهالاڻي(2) ميوزڪ ڊائريڪٽرن ۾ بلو سي راڻي، سي ارجن، گلشن صوفي: گيت ڪارن ۾ پرسرام ضيا: پلي بئڪ ڳائڻن ۾ سي ايچ آتما: پروڊيوسرن ۾ اين سپي ۽ ان جو اولاد. بهرحال هي ته اهي نالا هئا، جيڪي منهنجي ذهن تي تري آيا آهن. پر جي آئون ئي سوچيان ته اجا گهڻا نالا ياد ڪري سگهان ٿو، پر هندستان ۾ رهندڙ ڪو فلم جرنلسٽ هڪ سٺو ڪتاب تيار ڪري سگهي ٿو. "تين بتي چار راستا" فلم ۾ سنڌياڻيءَ جو ڪردار، فلم "پهچان" ۾ هڪ گاني، "گنگا رام ڪي سمجهه ۾ نه آئي" ۾ سنڌ جو ذڪر به بيان ڪيل آهي.

ڪالهه مون وٽ شاعر علي نواز ٿل آيو، جيڪو اڄڪلهه مرڪزي ادبي سنگت جو خزانچي آهي. سنڌي ادبي سنگت، مرڪز ٻارهن سالن ڪان پوءِ هاڻي وري منظم ٿي آهي ۽ گذريل آڪٽوبر 1983ع ڌاري ٻارهن سالن ۾ پهريون ڀيرو چونڊون ڪرايون اٿن. علي نواز ٿل مون ڪان مرڪزي ادبي سنگت ڪي سائنسي بنيادن تي منظم ڪرڻ لاءِ لکيت ۾ صلاحون گهريون ۽ چيائين ته اهي آئون سيڪريٽري جنرل تاج جويي ڪي لکي موڪليان. مرڪزي سنگت هڪ به ماهي سائيڪلو اسٽائيل ٽيل خبرنامو به ڪڍيو آهي، جنهن جو پهريون نمبر ته مون کي ٽپال ذريعي مليو هو، پر ٿل ٻڌايو ته ٻيو نمبر به نڪري چڪو آهي ۽ جيئن ته ان جي ٻي ڪاپي في الحال وٽس نه آهي، ان ڪري هو فوٽو اسٽيٽ ڪاپي مون کي ٺئي ڏينهن ڏيئي ويندو.

(1) خانچند درياڻي مشهور ناٽڪ نويس. (ليکڪ)

(2) هي هڪ فوٽوگرافر به آهي. (ليکڪ)

ڦل واعدي پٽاندر اڄ خبرنامي جي ڪاپي ڏيئي ويو. شابس هجيس نہ تہ اسين سنڌي رڳو واعدا ڪري ڇاڻون پر عمل نالي ماتر مس ڪريون. مون خبر نامو پڙهيو ۽ پڙهندي خبر پئي تہ ادبي سنگت کي منظم ڪرڻ لاءِ سيڪريٽري جنرل گهٽن کي خط لکيا آهن. پر جن ماڻهن جي لسٽ ڏني اٿس، انهن ۾ منهنجو نالو شامل نہ هو، جيئونٽيڪ تاج جويي کي خبر آهي تہ منظم ڪرڻ جي باري ۾ ۽ قاعدن قانونن جي باري ۾ منهنجون صلاحون، منهنجا دشمن بہ مڃيندا آهن.

مختلف مسئلن جي باري ۾ سيڪريٽري جنرل جن کي خط لکيا آهن، انهن جا نالا هي آهن: ولي رام ولڀ، نجم عباسي، عاجز منگي، تاج بلوچ، محمد بخش سومرو، ناز سهتو، تنوير عباسي، امان منگي، آفتاب نظاماڻي، شبير بيدار پنهو، شمس سومرو، علي محمد پرويز ۽ شمشيرالحيدري. تي سگهي ٿو تہ آئون صحيح نہ هجان ۽ انهن ماڻهن کي خط منظم ڪرڻ لاءِ نہ، پر ڪن خاص مسئلن جي باري ۾، جيڪي انهن سان واسطو رکن ٿا، لکيا ويا هجن. بهرحال مون ان ڳالهہ کي درگذر ڪندي تہ مون کي فارمل نموني لکيو ويو آهي يا نہ ۽ خزانچي زباني چيو آهي ان ڪري بہ نہ، پر جيڪڏهن ڪوبہ مون کي چئي نہ ها تہ بہ منهنجو قومي فرض آهي تہ سنڌي ادبي سنگت کي منظم ڪرڻ جي باري ۾ جيڪا منهنجي راءِ آهي سا مرڪز کي پهچايان. سيڪريٽري جنرل ڏانهن منهنجو لکيل خط هن ريت آهي:

## خط جو متن

تاج جويو
سيڪريٽري جنرل
سنڌي ادبي سنگت، مرڪز سنڌ
سنڌ ڪتاب گهر
سڪرنڊ

سڀ کان پهرين اوهان کي سنگت جي سيڪريٽري جنرل جي چونڊجڻ جي مبارڪباد ڏيان ٿو. سنگت جي فعال ڪردار جو سلسلو جيڪو گذريل ٻارنهن سالن کان بند هو، اهو نيٺ مرڪز جي گذريل سال چونڊجڻ سان ٻيهر شروع ٿيو آهي. هڪڙو تہ ٻارنهن تيرنهن سالن کان پوءِ جيڪو سلسلو شروع

ٿئي اهو هوندئن ٻه انهيءَ ڪري هڪ للڪار آهي، ڇو ته ڪنهن ٻه اداري کي اڳتي وڌائڻ کان پهرين ان کي پراڻي گذريل اسٽيج تي پهچائڻو آهي ۽ پوءِ اڳتي وڌائڻو آهي. انهيءَ ڪري اوهان جي ٽيم کي ٻن مرحلن ۾ ڪم ڪرڻو پوندو. هڪ ته سنگت جي پراڻي ساک بحال ڪرڻ ۽ ٻيو ان کي اڃا ٻه اڳتي وڌائڻ. اوهان پاڻ هڪ منظم جي حيثيت سان ڄاتل سڃاتل آهيو، ان ڪري اوهان ۾ وڏيون اميدون آهن ته سنگت موجوده صورتحال جي پس منظر ۾ پنهنجو تاريخي رول ادا ڪندي.

آئون پنهنجون گذارشون ترتيب وار هيٺ پيش ڪريان ٿو:

(1) سڀ کان پهرين ته ڪنهن ماهر اڪائونٽنٽ يا ڪامرس جي ڄاڻوءَ جي راءِ پٽاندر، اڪائونٽس جا رجسٽر مرڪز توڙي برانچن لاءِ ٺهرايا وڃن. اهي رجسٽر تي سگهي ته مرڪز پاڻ ڇپرائي، جنهن تي سنڌي ادبي سنگت ڇپيل هجي ۽ برانچ جي آڏو خال هجي ته جيئن هر برانچ پنهنجو نالو ان خال ۾ لکي سگهي. ڪئش بڪ، ليجر بڪ، اڪائونٽ بڪ ۽ ٻيا اهڙا رجسٽر مرڪز توڙي هر برانچ کي باقاعدي رکڻ ضروري آهن. ياد رکو، ڪوبه ادارو، ڪابه سنستا، ڪابه ايسوسيئيشن ڪابه يونين، جيسين باقاعدي بئنڪ وانگر آڊٽ رولس پٽاندر پئسن جو ليکو نه رکندي ته اها باقاعدي اڳتي نه هلي سگهندي. هڪ ٻه سال ته جوش ۾ هلي ويندي پر شخصيتن جي آڌار تي. اهڙن ادارن کي مستحڪم بنيادن تي هلائڻ گهرجي جو شخصيتون ٻه رهن يا ايندڙيون ويندڙيون رهن، پر ادارا هلندا رهن. اوهان کي رجسٽرن جا تفصيل ڪپن ته اوهان ڪوآپريٽو سوسائٽي جا ماڊل باءِ لاز ڏسندا، جنهن ۾ اٺ ڏهه رجسٽرن جي لسٽ ڏنل آهي. جيڪي هر ڪوآپريٽو سوسائٽيءَ کي باقاعدي مڪمل پوري رکڻا آهن. آئون سمجهان ٿو ته ايترائي رجسٽر اوهان کي سنگتن لاءِ ٻه رکڻا پوندا. هڪڙي گذارش آئون ڪريان ته اوهان هر ڳالهه ۾ ڪفايت ڪندا، ڪجهه اسم گهٽائيندا، پر رجسٽر رکڻ ۾ ڪفايت نه ڪندا، بلڪ ڪجهه خرچ ۽ محنت وڌيڪ ٻه ٿئي ته ٻه پرواهه نه ڪندا. بس ائين سمجهو ته هر پروگرام، هر مقصد جي ڪاميابيءَ جي ڪنجي رجسٽر آهن.

(2) هر ميمبر کان ٻه فارم ڀرايا وڃن ۽ ٻه فوٽا ورتا وڃن ۽ هڪ فارم مرڪز ۾ رڪارڊ طور رهي ۽ اهو رڪارڊ اڳتي هلي تاريخي ٿي ويندو، ڇو ته ڪا برانچ ڪجهه سال هلي بند ٿي سگهي ٿي ۽ ان جو رڪارڊ گم ٿي سگهي ٿو. پر

مرڪز جيڪڏهن ڪجهه وقت فعال نه به رهيو ته به رڪارڊ محفوظ رهندو. آئون ته ائين چوندس ته اجا به بهتر ٿئي ته ٽي ٽي فارم ڀرايا وڃن ۽ هڪ فارم سنڌ آرڪائيوز يا سنڌالاجيءَ کي رڪارڊ طور محفوظ رکڻ لاءِ ڏنو وڃي.

(3) مرڪز طرفان خبرنامو ڪڍڻ تمام ضروري آهي ۽ اها تمام خوشي جي ڳالهه آهي جو اوهان هيستائين ٻه نمبر ڪڍي چڪا آهيو. آئون سمجهان ٿو ته خبرنامو هر ميمبر تائين پهچائڻ اوهان لاءِ مسئلو هوندو. ڦريون شمارو ته مون کي ٽپال ذريعي مليو هو پر ٻيو شمارو مون کي اجا ناهي مليو. اوهان هر ميمبر کي ٽپال ذريعي موڪليندا ته ڏاڍو خرچ ايندو ۽ هر ميمبر کي موڪلڻ ان ڪري ممڪن نه ٿي سگهندو. منهنجي ويچار ۾ اوهان خبرنامو ڪنهن به ميمبر کي سڌي طرح نه موڪليو پر هر شاخ کي اوترين ڪاپيون موڪليو، جيترا انهيءَ شاخ جا ميمبر آهن ۽ اوهان جيئن ته خبرنامي جي قيمت هڪ رپيو رکي آهي، جيڪو اوهان نهايت صحيح قدم کنيو آهي، ان ڪري اوهان کي هر شاخ کان ڪل ڪاپين جي قيمت وصول ڪندا ته اهڙي طرح مرڪز کي ڪجهه آمدني به ٿي ويندي ۽ هر ميمبر کي خبرنامو گهر ويٺي به ملي ويندو ۽ شاخ پڻ سرگرمِ عمل ٿيندي، جو خبر نامي پهچائڻ ۽ قيمت وصول ڪرڻ جي ڪري هر ميمبر سان سڌو سنئون رابطو رکي سگهندي. اهري طرح خبر نامي معرفت ٻٽو فائدو حاصل ٿيندو.

(4) ڪنهن به شاخ جو ميمبر گرفتار ٿئي ته ان شاخ جو فرض آهي ته ان ميمبر جي مڪمل سار سنڀال لهي. گرفتار ٿيل ميمبر لاءِ پيچ ڊڪ ڪرڻ، ضمانتن جو بندوبست ڪرڻ، گهر وارن سان تعلق ۾ اچي اهنج ايذاءَ جي خبر چار لهڻ، سهڪار ڪرڻ ۽ ميمبر جي گرفتاريءَ تي ان جي هر پيشيءَ تي آفيشل طور ڪنهن به آفيس بيئرر جو موجود رهڻ، جيئن ڪيس ۾ مڪمل فالواپ ٿئي ۽ هڪدم گرفتار ٿيل ميمبر جي رپورٽ ته ڇو گرفتار ٿيو؟ ڪڏهن گرفتار ٿيو؟ ڪيس يا پيشيءَ جو ڇا حال آهي؟ مڪمل معلومات هڪدم مرڪز کي موڪلڻ ۽ مرڪز کي هڪدم انهيءَ ۾ فعال ٿيڻ ۽ هنگامي طور تي خبرنامي جو ضميمو ڪڍي، هر ميمبر کي ڪيس جي مڪمل معلومات پهچائڻ. انهيءَ ليڪ لاءِ الڳ سهائتا فنڊ قائم ڪرڻ، وڪيل جو بندوبست ڪرڻ. اهي سڀ ڪم مرڪز ۽ شاخ باقاعدي ورهائي ڪڻن ته جيئن ميمبر پاڻ کي اڪيلو نه سمجهي ۽ سندس هر پيشيءَ تي ميمبر حاضر هجن. مطلب ته سنگت جو مرڪز توڙي شاخ ۽ ٻيون

شاخون، هڪدم متحرڪ ٿي وڃن. سنگت جا ميمبر جيتري گهٽي تعداد ۾ گرفتار ٿيل ميمبر جي پيشيءَ تي ويندا، اوترو سٺو اثر پيدا ٿيندو.

(5) سنگت، مرڪز ڪي هر حالت ۾، ۽ جيڪڏهن ڪا شاخ الڳ چاهي ته رسالي لاءِ باقاعدي ڊڪليئريشن سرڪار وٽ داخل ڪري ۽ خاموش نه رهي ته ڊڪليئريشن ملندو ئي ڪونه ته داخل ڇو ڪجي. جيڪڏهن ڊڪليئريشن نه ملي ته اهو به رڪارڊ تي اچڻ ضروري آهي ۽ ڊڪليئريشن حاصل ڪرڻ لاءِ مڪمل قانوني ۽ قاعدن پٺاندر ان جي توڙ تائين پوئواري ڪئي وڃي.

(6) مرڪز ۽ شاخن جون چونڊون باقاعدي ڪرايون وڃن. ڏٺو ويو آهي ته شاخن جون چونڊون سال اڳ ۾ ٿيل آهن ۽ انهن جا سنگت ڪائونسل تي چونڊيل نمائندا چونڊن ۾ حصو وٺيو پوءِ مهيني ٻن کان شاخن جون چونڊون ڪرائين ٿا. اهڙي طرح هڪڙي سنگت ڪائونسل، مرڪزي عهديدار چونڊي ٿي، ته ٻي ڪائونسل وري انهيءَ وچ ۾، مرڪزي عهديدارن جي هيٺ ڪم ڪري ٿي. اهڙي طرح اڻ سڌيءَ طرح سنگت ڪائونسل يا مرڪزي عهديدار غير نمائنده ٿيو وڃن ٿا. ٺيڪ ائين ڪيپي ته ڪنهن هڪ مهيني ۾ سنڌ جي هر شاخ جي چونڊ ٿئي ۽ پوءِ ٻئي مهيني ۾ سنڌ ڪائونسل جا نوان چونڊجي آيل ميمبر، مرڪزي عهديدار چونڊين. جيڪڏهن انهيءَ مهيني ۾ شاخ چونڊون نه ڪرائي سگهي ته انهن جي عهديدارن کي سنگت ڪائونسل لاءِ چونڊيل ميمبرن کي مرڪز جي عهديدارن کي ووٽ ڪرڻ ۽ ٻئي مهيني مرڪز جو چونڊن وارو سرشتو قائم ٿيو ته نهايت جمهوري ۽ قاعدن پٺاندر ٿيندو، جيڪو سنگت مرڪز توڙي شاخن کي متحرڪ رکندو ۽ اهڙي ڪم ڪار کي وقت ۾ ڪرڻ جي روايت جو بنياد پوندو.

(7) سنگت جي ميمبرن جي مڪمل ڊائريڪٽري شايع ڪئي وڃي، جنهن ۾ ميمبرن جا نالا ۽ ٻيا ضروري تفصيل هجن ۽ جيڪڏهن ممڪن هجي ته فوٽن سان گڏ ڇپرائي وڃي ۽ ان جي قيمت رکي وڃي.

(8) ميمبرن لاءِ هڪ سٺو سرٽيفڪيٽ تيار ڪرايو وڃي، جيڪو ميمبر فريم ڪري لڳائي سگهن.

(9) ميمبرن لاءِ سنگت جو Insignia يا مونوگرام جو ٻلو، نيڪ ٽاءِ ۾ اٽيل ڊزائن، ٽاءِ پن، ڪف لنڪ، پيپر ويٽ، پين وغيره رکڻ جو گلاس ۽ اهڙا ٻيا نمونا تيار ڪيا وڃن، جيڪو ڪوبه ميمبر خريد ڪري سگهي، جنهن مان هڪڙو ته ميمبر کي فخر ٿيندو ۽ ٻيو سنگت جي آمدنيءَ جو ذريعو ٿيندو. ٻلي

بواءِ مخزن وارا ۽ ٻيا ادارا اهڙيون شيون جهڙوڪ ائش ٽري، گلاس، پليٽون ۽ مورتيون ٺهرائيندا آهن ۽ انهن ادارن جا ميمبر پنهنجي گهر ۽ آفيس ۾ فخر سان استعمال ڪندا آهن ۽ انهن جو نماءُ ڪندا آهن.

(10) ميونسپالٽين، ڊسٽرڪٽ ڪائونسلن ۽ يونين ڪائونسلن کان امداد حاصل ڪري سگهجي ٿي، جيڪا باقاعدي هر سال ملي سگهي ٿي.

(11) سنگت جي ميمبرن جي بيماري، گرفتاري ۽ بيروزگاريءَ واري وقت لاءِ دائمي فنڊ قائم ڪيو وڃي.

(12) سنڌي ٻولي، ساهت ۽ ليکڪن جا جيڪي مسئلا آهن، تن جو هڪ دائمي سيڪريٽري قائم ڪيو وڃي ۽ هر سال ان سلسلي ۾ ڪيل پورهيا جي رپورٽ تيار ڪئي وڃي، ۽ پڻ اخبارن، عوام ۽ ميمبرن وسيلي مسئلا نوٽ ڪيا وڃن. اها لسٽ سدائين اپ ٽو ڊيٽ رهي.

سائين ڳالهيون ته تمام گهٽيون آهن ۽ ظاهر ۾ ڏکيون به، پر هوريان هوريان هر ڳالهه تي عمل ٿي سگهي ٿو.

هن ڀيري جيڪو اوهان جو خبرنامو نمبر2 آيو آهي، ان سلسلي ۾ گذارش آهي ته اهو ٽائيپ ٿيڻ گهرجي. ٻي ڳالهه اهم ترين اها آهي ته ان جا تفصيل اوهان ڏنا ئي ڪو نه آهن. اوهان لکيو آهي ته "مرڪزي سنگت جيڪي ٺهراءَ پاس ڪيا آهن، سي اوهان اخبارن ۾ پڙهيا هوندا." يعني اوهان خبرنامي ۾ ٺهراءَ نه ڏنا آهن. ڀلي اخبارن ۾ آيا هجن پر تڏهن به خبرنامي ۾ وري اچڻ ضروري هئا، جو اهو ئي خبرنامو اسان جي ڪارگذاريءَ جو رڪارڊ رهندو. مرڪز جو هڪڙو هڪڙو ٺهراءُ، هڪ هڪ بيان، ان جو مڪمل متن اچڻ ضروري آهي. اميد ته اوهان خبرنامي نمبر3 ۾ اهي ٺهراءَ نمبر وار ضرور ڏيندا. سچ پڇو ته اهو ئي اهم ترين اسم نمبر1 هو، جيڪو اوهان اخبارن ۾ ڏهه ڏهه ڀيرا ڏياريو هجي ته به خبرنامي ۾ اچڻ نهايت ضروري آهي. اوهان شاخن کي به الڳ الڳ خبرنامي ڪڍڻ لاءِ همٿائيندا. جيڪا شاخ پنهنجو الڳ خبرنامو جاري ڪري ٿي ته اها نهايت سٺي ڳالهه ٿيندي. ڇو ته اسان جي ورڪنگ اهڙي هجڻ کپي جو مرڪز ۽ شاخن جو لاڳاپو ته رهي پر وري به شاخ مرڪز کان آزاد ٿي ڪم ڪرڻ تي تيار يا هريل هجي، ته جيئن مرڪز ڪنهن اڻ ٽر سبب ڪري فعال نه رهي ته به شاخون پنهنجو ڪم ڪنديون رهن.

آخر ۾ اهو عرض ڪندس ته منهنجي لاءِ ادبي سنگت جو ڪو به ڪم رکيو ويندو ته اهو ڪرڻ پنهنجي لاءِ فخر جي ڳالهه سمجهندس.

اوهان جو گهٽگهرو

ظفر حسن

اڄ هيءُ خط مرڪزي سنڌي ادبي سنگت ڪي لکي هڪ وڏي جوابداريءَ کان پاڻ کي آجو سمجهان ٿو.

●

# 11جنوري 1984

اڄ طارق اشرف جي ڪورٽ ۾ پيشي هئي . پر آئون ڪورٽ نہ وڃي سگهيس، ڇو جو اڱاري، اربع ۽ خميس جي ٻي وڳي منجهند تائين منهنجا ڪلاس آهن. گذريل پيشيءَ تي بہ نہ وڃي سگهيو هوس. البت ان کان پهرين پيشيءَ تي ويو هئس. اصل ۾ جڏهن کان طارق اشرف گرفتار ٿيو آهي، تڏهن کان آئون رڳو هڪڙي ئي پيشيءَ تي وڃي سگهيو آهيان، جيتوڻيڪ مون واري ملاقات کان پهرين، سندس ٽي چار پيشيون ٿي چڪيون آهن. اصل ۾ مون کي هر پيشيءَ تي وڃڻ کپي ها ، سندس ڪيس جي يونيوارسٽي ڪرڻ کپي ها ۽ ڊوڙ ڊڪ ڪرڻ کپي ها . اهو تہ ذاتي طرح ڪرڻ کپي ها پر ادبي سنگت حيدرآباد شاخ کي ۽ ادبي سنگت مرڪز کي خاموشي اختيار ڪرڻ تي ڪين سجاڳ ڪرڻ کپي ها ، پر مون ڪجهہ نہ ڪيو آهي. سندس لاءِ ڊوڙ ڊڪ رڳو هڪڙو ماڻهو غلام نبي مغل، ذاتي دوست جي حيثيت ۾ ڪري رهيو آهي. سڀ جماعتون خاموش آهن، ڪو وڪيل، ڪو سياستدان، ڪا پارٽي، ڪنهن بہ بيان يا مدد جي آڇ نہ ڪئي آهي. ايتري قدر جو Human Rights Society of Pakistan کي بہ اطلاع نہ مليو آهي. ايمنيسٽي انٽرنيشنل وارن کي بہ ڪو اطلاع ڪونهي. اخبارون بہ خاموش آهن. ڪنهن بہ اخبار ايڊيٽوريل ناهي لکيو. ڪنهن بہ اخبار اها معلومات بہ ناهي ڏني تہ آخر ڪيس ڪهڙو آهي؟ ڇاتي آهي؟ اهڙي آهي اسان جي بيڪار سنڌي صحافت.

جڏهن آئون طارق اشرف سان پيشيءَ تي مليو هوس تہ سواءِ سندس ذاتي دوستن جي، جنهن ۾ غلام نبي مغل، عمر قاضي، ولي رام ولڀ، فيروز ميمڻ ۽ سندس مائٽ مقصود ميمڻ ۽ مامي علي اڪبر شاهہ جي ٻيو ڪوبہ ملڻ نہ آيو هو. سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد جي ميمبر جي گرفتاريءَ تي وات ۾ مُڱ وجهيو ويٺي آهي. مرڪزي ادبي سنگت بہ طارق اشرف جي حمايت ۾ ڪو مس مس هڪ بيان ڪڍيو آهي. اهو بهرحال تعريف جوڳو قدم آهي ۽ دير سان ئي

سهي جو مرڪزي ادبي سنگت فعال ته تي آهي. اها سيڪريٽري جنرل تاج جويي کي شاباس آهي. پر تڏهن به مرڪزي ادبي سنگت کي بيان کان اڳتي به ڪجهه ڪرڻ کپي.

انهيءَ ڏينهن طارق اشرف کي هٿڪڙيون پيل هيون. مون ڪيس ڦريون پيرو هٿڪڙيون پاتل ڏٺو. پيپلز پارٽيءَ جي حڪومت جي دوران 22 مهينا جيل مليو هوس. پر مون ڪڏهن به ڪيس هٿڪڙيون نه ڏٺيون هيون.

مون طارق اشرف جي چهري تي هڪ مڪمل اطمينان ڏٺو. ڇٽڪ ڪيس پرواهه ئي ڪانهي ۽ هٿڪڙين ۾ هو ناهوڪو لڳي رهيو هو. ڪاش طارق اشرف جهڙي همت مون وٽ هجي، اسان سيني ۾ هجي!

آئون طارق اشرف سان رنل هئس، ان ڪري جو منهنجي امڙ جي وفات تي پاڻ رڳو هڪ ڀيرو مون وٽ پنجن منٽن لاءِ آيو هو. انهن ڏينهن ۾ هو بيمار هو ۽ واقعي ڏاڍي ڏکي حالت ۾ آيو هوندو. آئون سندس ٿورائتو هئس. پر اها به اميد هئم ته چاق ٿيڻ کان پوءِ وري مون وٽ ايندو ۽ گهٽي دير ويهندو، پر پوءِ نه پاڻ آيو ۽ نه ئي سندس گهرواري اسان وٽان تي ويئي. اصل ۾ سندس گهرواري اسان وٽ آئي ئي ڪانه. جيتوڻيڪ آئون ۽ منهنجو ڪٽنب نه رڳو سندس امڙ جي وفات تي پر سندس گهرواريءَ جي امڙ جي وفات تي به سندس گهران تي ويا هئاسون. انهيءَ ڏينهن طارق کي هٿڪڙين ۾ ڏسي منهنجي دل ۾ سندس لاءِ ڪا شڪايت نه رهي، ڪو ڏوراپو نه رهيو. سندس قربانيون انهن معمولي ذاتي غلطين جي پيٽ ۾ تمام گهٽيون مٽي آهن.

انهيءَ ڏينهن طارق کي ڏسي منهنجون اکيون پرجي آيون هيون. آئون طارق کي سلام ڪريان ٿو ۽ جيڪڏهن امان طارق کي هٿڪڙيون پاتل ڏسي ها ته پاڻ به ڪيس معاف ڪري ڇڏي ها. منهنجي اڳيان امڙ جو چهرو وري سامهون اچي بيٺو آهي. ”ظفر، تو ان ڳالهه کي دل ۾ ڪيو آهي ته منهنجي وفات تي طارق جي زال تنهنجي گهر نه آئي. پٽ ڏس نه، ويچاري کي هٿڪڙيون هنيون اٿن. بي ڏوهي ۽ بي قصور سان اهڙي ويڌن!“

امان ويچاري هر ٻئي جي ڏک کي پنهنجو ڏک سمجهندي هئي، تڏهن ته ويچاري ڏک سهي سهي گذاري ويئي.

●

# 12 جنوري 1984

ڪالهہ مهراڻ يونيورسٽيءَ جي هڪ آفيسر سرور ڪنڌر جي شادي هئي. اصل ۾ اها سندس ٻي شادي هئي. هو پنهنجي شاگرديءَ واري زماني ۾ جيئي سنڌ جو ليڊر هو. هو هڪ غريب ڪٽنب سان تعلق رکندڙ آهي پر اڄڪلهہ گهٽي ڪمائي جي ڪري مڙس پئسي وارو ٿي پيو آهي.

سندس پهرين زال مان کيس اولاد ڪونهي، پر سندس زال کي گذريل سال مئل Still Born ٻار ٿيو هو ۽ اميد ڪري سگهجي پئي تہ کيس پهرين زال مان اولاد ٿي سگهي ٿو. پر مڙس پئسن جي اچڻ ڪري شاديءَ جو شوق ڪري ويٺو. بلڪل ائين جيئن غربت واري زماني ۾ زال مڙس سان ٻانهن ٻيلي ٿي مڙس سان اهڙو سهڪار ڪندي آهي تہ جيئن مڙس ترقي ڪري. مڙس زال جي قربانيءَ سان جيئن ترقي ڪندو آهي تہ ترقي ڪندي ئي مڙس کي پڙهيل لکيل فئشنيبل زال جي ضرورت محسوس ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ گهڻن ڪيسن ۾ پهرين زال بہ مڙس جي خواهش پٽاندڙ پاڻ کي ان معيار تي آڻڻ جي ڪوشش ڪندي آهي، پر وري بہ مڙس کي وڻندي ناهي ۽ سُکيا ڏينهن ايندي مڙس ٻيون عورتون تاڙڻ لڳندو آهي، ۽ نيٺ پهاچ وٺي ايندو آهي. آئون ٻي شاديءَ جي انسٽيٽيوشن جي ئي خلاف آهيان، خاص ڪري ترقي پسندن ۽ انٽيليڪچوئلن جي خلاف آهيان، جيڪي ٻي شاديءَ جهڙو رجعت پسنداڻو قدم کڻي، رجعت پرستن کي گهڻ وڏ ڳالهائيندا رهندا آهن. اصل ۾ ٻي شاديءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪوبہ رجعت پسنداڻو قدم ڪونهي.

ڪنڌر جي ٻي شاديءَ ۾ سندس پهرين زال ۽ ان جو پيءُ ۽ حيرت جي ڳالهہ تہ پاڻ ڪنڌر جي ماءُ بہ نہ وينئي ۽ اهو بہ ٻڌم تہ سندس امڙ پنهنجي پٽ ڪنڌر کي خط لکي موڪليو تہ هو هاڻي سندس پٽ نہ آهي ۽ ساڻس هينئر ڪو واسطو نہ آهي. انهيءَ شاديءَ ۾ ڪنڌر جو پيٽڙيو ۽ ڪنڌر جي ڀيڻ بہ موجود نہ

هئا ، ڇو جو ڪنڌر جي پهرئين شادي بدي جي شادي هئي. ڪنڌر جي پهرين زال جي پاءُ ڪي ڪنڌر جي پيڻ ۰ڏنل آهي.

مون کي به شاديءَ جي دعوت هئي پر آئون وڃڻ کان انڪار ڪريان ٿو.
ڪاش ماڻهو اهڙين شادين جو بائيڪاٽ ڪن ۽ اهڙن ماڻهن سان سنگت ۽ اٿڻ ويهڻ بند ڪن ته جيئن اهڙن خود غرض ماڻهن جون اکيون کلن!

ڪاش، اهڙن مردن کان سندن پهريون زالون طلاق وٺن ۽ طلاق جي ڊپ کان گهڻا ماڻهو پنهنجي دماغ مان ٻي شاديءَ جي هوا ڪڍي ڇڏين! ٻي شادي ڪرڻ وارا گهڻا ايئن ٿا سمجهن ۽ ايئن آهي ته پهرين زال لاچار آهي، اولاد جي ڪري، اقتصادي نقطهءِ نظر کان ۽ سماج کان لاچار ٿي مات ڪري ويهندي. ڪاش "پهرين زال" اٿي بغاوت ڪري ۽ مڙس جي "ٻي شادي" تي احتجاجاً طلاق وٺي ته جيڪر زالن جي پرماريت مان گهڻا ٻي شاديءَ جو سوچين به نه!

آئون ڪنڌر جي امڙ کي سلام ڪريان ٿو.

آئون ڪنڌر جي خلاف نه رهيو آهيان. اٽلو هو مون کي عزت ڏيندو رهيو آهي. پر منهنجو اختلاف اصولي آهي ذاتي نه.

●

# 13 جنوري 1984

آغا شهاب الدين پڇيو ته ”آخر سنڌ جي حالتن جو ڇا نتيجو نڪرندو؟ اڄڪلهه جون حالتون اسان کي الائي ڪيڏانهن وٺي وينديون؟“

مون کيس چيو ته ”جيستائين اسين سنڌ کي پنهنجو نه سمجهنداسون تيستائين ڪجهه نه ٿيندو. سنڌ سان جيڪو سنڌي ڏاڍائي تو ڪري، غداري تو ڪري، جيستائين اسين ان جو مڪمل بائيڪاٽ نه ڪنداسون تيستائين ڪجهه نه ٿيندو.“ کيس مون ڪالهوڪي مسٽر ڪنڌر جي ڀيءَ شادي واري ڳالهه ڪئي. ڪنڌر جي ماءُ پنهنجي پٽ جي ڀيءَ شاديءَ ۾ نه وئي ڇو ته ڪنڌر جي پهرين زال سنڌس ڀائٽي هئي. مطلب ته جڏهن ڪنهن سان ذاتي زيادتي ٿي ته هو شاديءَ ۾ نه وينا. ڪنڌر جي ماءُ ته پنهنجي پٽ کي لکي موڪليو ته اڄ کان پوءِ تون منهنجو پٽ نه آهين. بلڪل اهڙي طرح اسين سنڌي پنهنجن انهن سنڌين سان انهيءَ ڪري مڪمل بائيڪاٽ ڪريون ته هو سنڌ سان غداري پيا ڪن، ته پوءِ ڳالهه نهندي. اسين ذاتي ڳالهين ۾ ٻين سان اٽڻ ويهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ به بند ڪريو ڇڏيون پر سنڌ سان زيادتي ڪندڙن، سنڌ سان غداري ڪندڙن سان سڀ تعلقات روا رکون، اهو ڇئون ته سياسي نظريو هڪڙي پاسي ۽ ذاتي دوستي ٻئي پاسي ۽ اهڙي طرح غدارن سان نارمل ورتاءُ ڪري، ڪين اهو به احساس نه ٿا ڏياريون ته هو غداري پيا ڪن.“

اها ڳالهه ٻڌي آغا شهاب مان ٿي ويو ۽ وڏيڪ ڳالهائڻ جو موقعو به ڪونه هو جو آئون جلديءَ ۾ هئس.

●

# 17 جنوري 1984

سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽريءَ ڏانهن خط ذريعي هڪ ڳالهه موڪلڻ جي ضرورت سمجهيم. طارق اشرف جي گرفتاريءَ کان پوءِ آئون نه ٿو سمجهان ته ادبي سنگت جو ڪوبه عهديدار طارق اشرف سان رابطو رکي سگهيو آهي، ان ڪري هي خط لکڻ ضروري ٿو سمجهان. جيتوڻيڪ مرڪزي سنڌي ادبي سنگت کي اهڙي قسم جو خط روانو ڪري چڪو آهيان. پر ته به حيدرآباد شاخ جو سيڪريٽري نور گهلو مليو هو ۽ ساڻس هيءَ ڳالهه زباني طور ڪئي هئم پر ته به ڪيس لکت ۾ ڏيڻ ضروري ٿو سمجهان، جنهن جو متن هن ريت آهي:

مسٽر نُور گهلو
سيڪريٽري سنڌي ادبي سنگت
حيدرآباد شاخ

پيارا سائين،

اوهان سان ڳالهه ذڪر ڪيو هوم ته طارق اشرف گرفتار آهي ۽ ان جي ڪورٽ ۾ پيشيءَ تي ادبي سنگت حيدرآباد شاخ ۽ مرڪز مان ڪوبه نمائندگي ڪرڻ نه ٿو اچي. هونئن اوهان کي طارق اشرف لاءِ زور نه ڀريان ها ڇو جو طارق اشرف ڪجهه سال اڳ سنڌي ادبي سنگت جي بنيادي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڏني هئي. پر ٻڌو اٿم ته جن به سنڌي ادبي سنگت جي بنيادي ميمبرشپ تان استعيفيٰ ڏني آهي، انهن جي استعيفيٰ منظور ٿيل ڪانهي ۽ اهي اڃا تائين سنڌي ادبي سنگت جا ميمبر آهن، ان ڪري طارق اشرف کي اڃا تائين سنڌي ادبي سنگت جو ميمبر سمجهڻ کپي. پر هيءَ ڳالهه جيڪا اوهان کي ڪرڻ لاءِ لکان ٿو ، سا تڏهن به ڪرڻ کپي، جيڪڏهن ڪو ليکڪ سنڌي ادبي سنگت جو

ميمبر نہ بہ هجي، ڇو تہ ايئن ڪرڻ پاڻ اسان جو وڏيڪ فرض آهي. ڇو تہ غير ميمبر لاءِ سنڌي ادبي سنگت جو ڪجهہ بہ ڪرڻ، انهيءَ رنل ليکڪ جي دل ۾ سنڌي ادبي سنگت لاءِ وري جاءِ پيدا ٿيندي ۽ هو ليکڪن جي سنگت ۾ موٽي ايندو. هاڻي اوهان سان آئون پنهنجي ڳالهہ ڪريان ٿو.

سائين، ٺيڪ تہ ايئن ڪيپي تہ جيڪڏهن سنگت جو ڪو ليکڪ يا ميمبر گرفتار ٿئي، سخت بيمار ٿئي يا ٻي ڪنهن سخت تڪليف ۾ اچي تہ سنگت جي انهيءَ شاخ کي هڪدم فعال ٿيڻ کپي بلڪہ مرڪزي سنگت کي بہ تحرڪ ۾ اچڻ گهرجي.

طارق اشرف کي گرفتار ٿئي شايد ٽي چار مهينا ٿي ويا آهن، سنڌس ڪيس بہ ننڍو هلي ۽ پوليس رمانڊ وٺي ڪيس اڃا تائين جيل ۾ رکيو ويئي آهي. هيستائين طارق اشرف جون اڻ ڏهہ پيشيون ٿي چڪيون آهن پر آئون سمجهان ٿو تہ ادبي سنگت شاخ حيدرآباد يا مرڪز پنهنجي ميمبر جي گرفتار ٿيڻ تي، ڪٿي ڇنجي تہ ڪنهن ليکڪ جي گرفتار ٿيڻ تي، ان ميمبر سان يا ليکڪ سان ڪوبہ رابطو قائم نہ ڪيو آهي، نہ ئي ان سان جيل ۾ ملاقات ڪئي ويئي آهي، نہ ئي ان جي گهر وجي حال احوال ورتو ويو آهي ۽ نہ ئي ان جي ايترين پيشين ۾ ڪوبہ ليکڪ ملڻ آيو آهي.

آئون اوهان کي گذارش ڪريان ٿو تہ اوهان طارق اشرف سان ۽ سنڌن گهروارن سان ۽ دوستن سان هڪدم لهہ وچڙ ۾ اچو ۽ ڪيس جا تفصيل حاصل ڪريو. جيڪڏهن قانوني امداد يا مالي امداد ڪرڻ جي پوزيشن ۾ نہ آهيو تہ گهٽ ۾ گهٽ سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد جا سڀ آفيس بيئررز ۽ مرڪز جا سڀ آفيس بيئررز ساڻس پيشيءَ واري ڏينهن تہ ملو. حيدرآباد شاخ جي ميمبرن ۽ آفيس بيئررز کي هر پيشيءَ تي اچي طارق سان ملاقات ڪرڻ گهرجي، حال احوال وٺڻ گهرجي ۽ وس آهر مدد ڪرڻ گهرجي. پر جيڪڏهن ٻي ڪا مدد نہ ڪري سگهجي تہ گهٽي ۾ گهٽا ميمبر اچي گرفتار ٿيل ليکڪ جو حوصلو تہ وڌائي سگهن ٿا. پيشيءَ تي ڪتابن ۽ رسالن جي سوکڙي ۽ ٻيون ننڍيون وڏيون سوکڙيون ڏيئي ليکڪ کي آٿت ڏيئي سگهن ٿا.

طارق جي ڪيس جا مڪمل تفصيل وٺي سنگت جي شاخ ۽ مرڪز جا آفيس بيئررز گڏجي ڪو فيصلو ڪن. خاص انهيءَ مسئلي تي غور ڪرڻ لاءِ شاخ جي جنرل باڊي سڏائي وڃي ۽ مرڪز جي جنرل باڊي بہ سڏائي وڃي، جنهن

لاءِ شاخ مرڪز کي لکي موڪلي. ليڪڪ جي گرفتاريءَ تي هنگامي بنيادن تي تحرڪ ۾ اچي لائحہ عمل تيار ڪري انهيءَ پٽاندر ڪم ڪيو وڃي.

آئون اوهان کي گذارش ڪريان ٿو تہ ڪنهن ميمبر جي گرفتاريءَ تي سنڌي ادبي سنگت ايئن خاموشي رهي تہ پوءِ سنڌي ادبي سنگت ڪيتري بہ فعال بڻجي، اها خاموش ئي تصور ڪجي.

اوهان جو گهٽگهرو
ظفر حسن

اڄ سنڌي ادبي سنگت حيدرآباد شاخ کي لکي آئون پاڻ کي هڪ وڏي فرض کان آجو سمجهان ٿو.

●

رپين تائين وڃي پهچايا آهن ۽ ماڻهن کي انعامن جي لالچ ڏيئي پنهنجي ڪمائي ڪري رهي آهي.

اسان سنڌين کي گهرجي ته پرائيز بانڊ هرگز نه خريد ڪريون ڇو ته ان سان حڪومت جي ڪمائي ٿئي ٿي. اهو صحيح آهي ته ڪنهن سنڌيءَ جو پهريون انعام هزار رپين وارو نه پر پنجن لکن رپين وارو به نڪري سگهي ٿو پر اهو سنڌين جي مجموعي رقم، جيڪا بانڊن ۾ لڳايل آهي، ان جي وياج ڪان وري به گهٽ هوندو.

اُهي سنڌي، جن انعام حاصل ڪيا آهن يا انعام حاصل ڪرڻ جي خواهش رکن ٿا، پل انهن هڪڙو بانڊ ئي ڇو نه خريد ڪيو هجي. انهن کي اهو احساس هجڻ کپي ته هنن ذاتي طرح بيشڪ فائدو حاصل ڪيو آهي، پر قومي سطح تي، مجموعي طرح ڪيترن سنڌين جي لڳل رقم مان، جن مان لکين سنڌين ٽڪو به حاصل نه ڪيو آهي. اڇو ته اسين سڀ سنڌي گڏجي هڪڙو پنجن رپين وارو بانڊ به خريد نه ڪري سيڙپ ڪان بچون ته جيئن هر سنڌي فخر سان چئي سگهي ته هن هڪ بانڊ به خريد نه ڪيو آهي. پلي پنجابي، مهاجر پنهنجي ئي لڳل رقم مان اڌ وياج حڪومت کي مفت ۾ ڏين ۽ باقي رهيل اڌ وياج مان انعام حاصل ڪري ڪڇيون هڻن ۽ اسين سنڌي پنهنجي رقم مان ٽڪو به حڪومت کي اهڙي طرح وياج مان حاصل ڪرڻ نه ڏيون ۽ انهيءَ رقم مان خريد ڪيل گوليون پنهنجي ئي مٿان نه هٽارايون، اهي ڪارخانا نه وجهرايون جن ۾ ڌارين کي نوڪريون ملن.

پرائيز بانڊن ۾ ڇيکن مان حڪومت جي آمدنيءَ تي مون پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا ۽ هاڻي هڪڙو پيو به اسم آهي، جنهن مان جيتوڻيڪ حڪومت کي چڱو خاصو فائدو حاصل ٿئي ٿو، پر اهو سڌيءَ طرح ڪمائي جو ذريعو نه آهي. اهو آهي عام ماڻهن جو ٽپال جون ٽڪليون جمع ڪرڻ. هونئن ٽڪليون جمع ڪرڻ سنو شوق آهي، پر ٽڪليون جمع ڪندڙ جيڪڏهن پاڪستان جون به ٽڪليون جمع ڪري ٿو ته پوءِ هو پاڪستان جي ڪمائي ڪرائي ٿو. سڀ کان پهرين آئون اهو ٻڌائي ڇڏيان ته ٽڪليون جمع ڪيئن ۽ ڪهڙي نموني ڪبيون آهن؟

(1) عام طرح استعمال ٿيل يعني ٺپو لڳل ٽڪليون Used Stamps: هي ٽڪليون لفافن تي لڳل ايندڙ آهن ۽ ماڻهو لفافن تي لڳل ٽڪليون لاهي، پوءِ پاڻ وٽ لفافن ۾ رکندا آهن يا البمن ۾ لڳائيندا آهن. عام ماڻهو انهن ٺپي لڳل ٽڪلين کي بيڪار سمجهندا آهن جو اهي ٻيهر ته استعمال نه ٿي سگهنديون آهن، پر ٽڪليون جمع ڪندڙ اهي ٽڪليون لفافن تان لاهي پاڻ وٽ جمع ڪندا آهن. انهن ٽڪلين کي استعمال ٿيل ٽڪليون چوندا آهن.

(2) غير استعمال ٿيل ٽڪليون: گهڻا ماڻهو سڌو سنئون ٽپال آفيس مان نيون ٽڪليون وٺي البمن ۾ لڳائيندا آهن ۽ اهڙين ٽڪلين کي غير استعمال ٿيل ٽڪليون Un- used stamps يا Mint چيو ويندو آهي. گهڻا شوقين هڪ ٽڪلي نه، پر ٽڪلين جي پوري شيٽ وٺندا آهن، جنهن ۾ سؤ ٽڪليون هونديون آهن ۽ اهڙين شيٽن کي جمع ڪندا آهن.

(3) فرسٽ ڊي ڪورس First Day Covers: ٽڪلين جمع ڪرڻ جو هيءَ هڪ عجيب طريقو آهي، جنهن مان حڪومت لکن رپين جي ڪمائي ڪندي آهي. جنهن ڏينهن تي ڪا ٽڪلي يا ٽڪلين جو سيٽ جاري ٿيندو آهي، انهيءَ ڏينهن تي ئي جيڪو ٽڪليءَ تي ٽپال جو ٺپو لڳندو آهي، اهو نهايت اهم سمجهيو ويندو آهي. جنهن ڏينهن تي اها ٽڪلي نڪتي، اُن تي انهيءَ ڏينهن جي تاريخ جو ٺپو لڳو. انهيءَ پهرين ڏينهن لاءِ خاص لفافا به ڇپرايا ويندا آهن، جن ۾ جنهن خاص ڏينهن جي مناسبت سان ٽڪليون جاري ڪيون آهن، انهيءَ تاريخ جي داخلا ۽ يادگار جو سرو ڏنو ويندو آهي. مثال طور علاما اقبال جي پيدائش جي ڏينهن تي ٽڪليون جاري ڪندا آهن ته لفافي تي '9 نومبر 1876ع علاما اقبال جو جنم ڏينهن' جا عنوان لفافي تي ڇپي ڇڏيندا آهن. ماڻهو اهي لفافا خريد ڪري انهن تي انهيءَ ڏينهن جي جاري ڪيل ٽڪلي لڳائي، اتي ئي پوسٽ آفيس ۾ پنهنجي آڏو ٽڪليءَ تي انهيءَ تاريخ جو ٺپو لڳرائيندا آهن. اهڙا لفافا بنان ائڊريس جي هوندا آهن ۽ انهن کي ماڻهو پاڻ وٽ ئي واپس رکندا آهن. تاريخ جو ٺپو لڳائي پوسٽ آفيس وارا اهو لفافو مالڪ کي ئي موٽائي ڏيندا آهن، ڇو ته لفافي تي ائڊريس ته لڳل ئي ڪانه هوندي آهي. انهن لفافن کي فرسٽ ڊي ڪورس چئبو آهي ۽ پوءِ اهو لفافو ٻئي ڏينهن کان ٽڪلين جي قيمت کان ٿورو سرس وڪامڻ شروع ٿيندو آهي، يعني ته ان لفافي تي ٻن رپين جون ٽڪليون لڳل هونديون آهن ۽ اهو سدائين ٻن رپين وارو لفافو 2:25 رپين ۾ وڪامڻ شروع ٿيندو آهي. جيتوڻيڪ انهن لفافن جي ٽڪلين تي ٺپا لڳل هوندا

آهن ۽ اهي ٽڪليون ڪنهن ڪم جون نه هونديون آهن، پر بهرحال انهيءَ تاريخ جو نپو لڳل هوندو آهي، جنهن تاريخ تي اهي ٽڪليون جاري ٿيون هونديون آهن. اهي هئا ٽڪلين جمع ڪرڻ جا مختلف ذريعا.

هڪ ٻي اهم ڳالهه ٻڌايان ته انهن ٽڪلين وڪڻڻ جا (پوسٽ آفيسون نه) باقاعدي دڪان به هوندا آهن، جتان ٽڪلين جا شوقين قيمت ادا ڪري ٽڪليون خريد ڪندا آهن ۽ انهن ٽڪلين جي دڪانن تان سڄيءَ دنيا جون ٽڪليون ملنديون آهن. هاڻي ته انهن ٽڪلين جا پئڪيٽ، ڪتابن جي دڪانن ۽ سپر مارڪيٽ جي دڪانن ۾ ملن ٿا. ڪن هليل ٽڪلين جي قيمت حيرتناڪ حد تائين گهٽي هوندي آهي. سڌو سنئون اصول اهو آهي ته ٽڪلي جيتري پراڻي اوتري مهانگي، يا ٽڪلي جيتري گهٽ انداز ۾ سرڪار ڇپي اوتري وڌيڪ قيمت. ڪڏهن ڪڏهن ته ڪنهن ٽڪلين جي سيٽ ۾ ڇپائي جي غلطي، ٽڪليءَ جي قيمت سون ربين تائين پهچائي ڇڏيندي آهي.

بهرحال اسان کي ٽڪليون جمع ته ڪرڻ کپن، جو اهو سٺو شوق آهي، علمي ۽ فائدي وارو به، پر اسان کي پاڪستاني ٽڪليون جمع نه ڪرڻ کپن، ڇو ته جيتريون پاڪستان جون ٽڪليون اسين جمع ڪندا سون اوتري سندن اهميت وڌندي ۽ 'فرسٽ ڊي ڪورس' ته مورڳو جمع ئي نه ڪرڻ کپن.

اسان کي پاڪستان جون غير استعمال شده ٽڪليون به جمع نه ڪرڻ کپن، البت آئون سمجهان ٿو ته لفافن تان لاٿل يعني Used ٽڪليون جمع ڪري سگهجن ٿيون، پر اهي دڪانن تان يعني ٽڪلين جمع ڪرڻ واري دڪانن تان خريد نه ڪجن. هونئن به جنهن ملڪ جون جيتريون گهٽيون ٽڪليون مارڪيٽ ۾ هونديون اوتري سندن قيمت ڪرندي. ان ڪري استعمال ٿيل ٽڪليون دل کولي جمع ڪيون وڃن ته جيئن پاڪستاني ٽڪلين جي مارڪيٽ ڪري. مون به اڄ کان فيصلو ڪيو آهي ته منٽ Mint يا Un-used ٽڪليون آئون ڪڏهن نه خريد ڪندس ۽ "فرسٽ ڊي ڪورس" ته ڪڏهن به نه وٺندس. البت پاڪستان جي اها ٽڪلي، جيڪا سنڌ جي متعلق هوندي، اها اسان سنڌين کي ضرور جمع ڪرڻ کپي. هيستائين لطيف جي ٽڪلي، موهن جي دڙي جون ٽڪليون ۽ سنڌي هٿنبڌي ڪرافٽس جون ٽڪليون نڪري چڪيون آهن ۽ جيڪڏهن سنڌ متعلق ڪا به ٽڪلي نڪري ته اها البت ضرور جمع ڪئي وڃي.

آئون اڃا به انهيءَ ڳالهه ۾ واضح نه آهيان ته پاڪستان جون ٽڪليون، پوءِ

اهي سنڌ جي باري ۾ ڇو نہ هجن، جمع ڪجن يا نہ ۽ پاڪستان جون خريد ڪيل نہ، پر لفافن تان لاٿل ٽڪليون بہ جمع ڪجن يا نہ. ڇو تہ هڪڙو نقطو هيءُ بہ آهي تہ ٽڪليون جيتريون عام هونديون اوترو انهن جو ملهہ گهٽ ٿيندو ۽ اسين ٽڪليونُ جمع نہ ڪري پاڪستان جون ٽڪليون عام نہ ڪنداسين، نہ وري ٽڪلين جو ملهہ وڌندو.

بهرحال آئون انهيءَ ڳالهہ تي بنهہ واضح آهيان تہ هڪ تہ اڻ استعمال ٿيل ٽڪليون تہ پاڪستان جون بنهہ نہ ونجن، ٻيو تہ فرسٽ ڊي ڪورس بہ اصل جمع نہ ڪجن، ٽيون تہ پاڪستان جون استعمال ٿيل Used ٽڪليون تہ جمع ڪجن، پر اهي ڪنهن دڪان تان يا ڪنهن ڪان ذاتي طور خريد نہ ڪجن. رڳو اهي ٽڪليون جمع ڪجن، جيڪي ماڻهو پاڻ لفافن تان لاهي يا ڪنهن دوست جي آفيس وغيرهہ مان لفافن تان لهرائي هٿ ڪري.

●

# 27 جنوري 1984

حڪومت جي ڪمائي جو هڪڙو بيو ذريعو آهي ٽپال کاتو. اسين هڪ ٻئي کي خط پٽ لکي لفافا ۽ ٽڪليون استعمال ڪري حڪومت جي ڪمائي ڪرايون ٿا. انهيءَ ڪري اسان کي کپي ته بنهه ضروري خط لکجن ۽ هڪ خط ۾ ٻه ٽي خط ٻيا به وجهي ڇڏجن ته ايترن خطن جي لفافن جو خرچ بچي ويندو. مثال طور هڪ گهر جي مختلف ڀاتين کي خط لکڻا آهن ته پوءِ الڳ لفافن بدران هڪ لفافو استعمال ڪيو وڃي يا جيڪڏهن ڪنهن فنڪشن جا دعوتناما آهن ته هر مهمان کي الڳ دعوت نامو ساڳي لفافي ۾ موڪلي پئسا بچائي سگهجن ٿا. يا ڪٿي اينئن چئجي ته سرڪار کي گهٽ ڪمائي ڪرائي سگهجي ٿي.

اهڙي طرح اسان کي ڪوشش ڪرڻ کپي ته جيترو گهٽ ٽپال ذريعي لکپڙهه ڪريون اوترو چڱو، جيترا گهٽ مني آرڊر ڪريون اوترو چڱو، جيتريون گهٽ رجسٽريون ڪريون، اوترو چڱو، ته جيئن پاڪستان سرڪار کي ٽپال ذريعي جيتري گهٽ ڪمائي ٿئي اوترو سٺو.

اهڙي طرح اسين دڪاندارن کان جيڪر جيترا گهٽ ڪئش ميمو گهرون اوترو چڱو، ڇو ته دڪاندارن کي پنهنجي ڪمائي انهن بلن ۽ ڪئش ميمو جي ذريعي ظاهر ڪري انڪم ٽئڪس ادا ڪرڻو هوندو آهي. ان ڪري حڪومت پاڪستان کي جيترو گهٽ انڪم ٽئڪس ملي اوترو چڱو، جيتري گهٽ ڍل ملي اوترو چڱو، جيتري قدر بسن، ريل جي ٽڪيٽن مان گهٽ ڪمائي ٿئي اوترو چڱو. پلي انڪم ٽئڪس وارن کي رشوت ڏيئي انڪم ٽئڪس گهٽ ۾ گهٽ ڏنو وڃي، پلي بجليءَ وارن کي رشوت ڏئي بجليءَ جا بل گهٽ ڏنا وڃن، پلي رشوت ڏيئي ٽيليفون جا بل گهٽ ڏنا وڃن، پلي ٽپيدارن ۽ مختيارڪارن کي رشوت ڏيئي ڍل گهٽ ڏني وڃي. مطلب ته جيترو حڪومت کي گهٽ ڪمائي ٿئي اوترو

چگو، ڇو تہ سرڪار جيڪي پئسا عوام مان ڪمائي ٿي اهي فوج (پنجابي فوج) بيورو ڪريسي (پنجابي بيوروڪريسي)، مزدور (پنجابي ۽ مهاجر مزدور) ۽ انهن شهرين تي خرچ ڪري ٿي، جيڪي سنڌي ڪونهن، بلوچ ڪونهن، پر اهي پنجابي آهن، مهاجر (پناهگير) آهن ۽ پناڻ آهن. رستا، بلڊنگون، اسپتالون ۽ اسڪول سڀ شهرن ۾ ٺاهيا پيا وڃن ۽ فوج ۾ نوي سيڪڙو پنجابي آهن.

هونئن تہ رشوت ڏينداسون تہ اها بہ گهٽو ڪري پنجابين ۽ مهاجرن ۾ ئي وينديي، پر غير قانوني آمدني ماڻهوءَ کي بزدل ۽ ڪانئر ۽ عياش بڻائي ٿي ۽ اهڙي طرح انهن ڪمزور ماڻهن سان ٽڪر ڪائڻ سولو آهي. پر سرڪار پنهنجي اها ڪمائي ڪري، جيڪا قانوني طرح ماڻهن تي استعمال ڪندي، اها سنڌ لاءِ هاجيڪار ٿيندي ڇو جو اهو سڄو پئسي جو استعمال نوي سيڪڙو سنڌ جي دشمنن ۽ هٿيارن خريد ڪرڻ تي ٿيندو.

اهڙي طرح جيترو ٿي سگهي، حڪومت جي ملڪيت کي نقصان پهچايو وڃي. ريلوي، NLC جي ٽرڪن، هوائي جهازن، سرڪاري عمارتن کي جيترو بہ نقصان پهچائي سگهجي پهچايو وڃي. پلي ريلوي مان بلب ئي ڇو نہ چورايو وڃي، پلي ريلوي جون سيٽون ڇو نہ ڦاڙيون وڃن. سرڪاري نمبر لڳل ڪارون بہ انهيءَ زمري ۾ اچن ٿيون. مطلب تہ اهڙو نقصان پهچائجي، جنهن جي مرمت ڪرڻ سان سرڪار جو خرچ وڌي، سرڪاري خزاني تي بار پئي. سرڪاري پنو، سرڪاري ٽاچني بہ ضايع ڪجي تہ سنو. سرڪاري ملڪيت کي باھ لڳائي سگهجي تہ سڀ کان بهتر. پاڪستان جي هر سرڪاري شيءِ کي جيترو نقصان پهچائي سگهجي، اوترو چگو.

●

# 28 جنوري 1984

ٽيليويزن تي خبرنامي ۾ ڏيکاريو ويو ته مالديپ ٻيٽن جو صدر جڏهن اسلام آباد پهتو ته کيس ٻن ٻارن پاڪستان جي روايتي لباس ۾ گلدستا پيش ڪيا. اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. هر ملڪ ۾ ائين ئي ڪنهن ٻئي ملڪ مان ايندڙ سربراهه کي ٻار گلدستو ئي پيش ڪندا آهن. پر مون جيڪا ڳالهه عام طرح پاڪستان ۾ نوٽ ڪئي آهي، سا اها ته پاڪستان ۾ جڏهن به ڪو غير ملڪي سربراهه ايندو آهي ۽ کيس ٻار گلدستو پيش ڪندا آهن ته اهي ٻار "روايتي لباس" يا ته شيرواني ۽ جناح ڪيپ ۾ هوندا آهن، يا وري مٿي تي "ڪلهو يعني پنجابي "طُري" وارو پٽڪو ٻڌل هوندو اٿن. ٽيڻ ته ائين ڪپي ته ڪراچيءَ ۾ جيڪو غير ملڪي سربراهه اچي، انهيءَ کي ٻار سنڌي لباس ۾ گلدستو پيش ڪن ۽ اهڙيءَ طرح جنهن صوبي ۾ اهو غير ملڪي سربراهه وڃي ته کيس ٻار پنهنجي پنهنجي صوبي ۾ روايتي لباس ۾ گلدستو پيش ڪن، ۽ اسلام آباد ۾ واري واري سان هر صوبي جي لباس ۾ ٻار گلدستو پيش ڪن.

اڄ مالديپ ٻيٽن جي صدر کي جن ٻارن گلدستا پيش ڪيا انهن کي پنجابي "طُرو" ٻڌل هو.

●

# 29 جنوري 1984

مالديپ جو صدر جڏهن تربيلا بند تي پهتو ته سندس آجيان ۾ ٻن ٻارن کيس روايتي لباس ۾ گلدستو پيش ڪيو. ٻن ٻارن ڇوڪر ۽ ڇوڪريءَ کي پناٽڪي ڊريس پيل هئي.

پر هتي سنڌ ۾ خاص طرح ڪراچيءَ ۾ جيترا سرڪاري مهمان اچن ٿا، انهن کي سنڌ جي روايتي لباس ۾ پيش نه ٿو ڪيو وڃي.

محمد عمر ميمڻ (سنڌ يونيورسٽي جو اڳوڻو استاد) ٻڌايو ته سرحد ۾ جيڪي به پيڙهه جا پٿر رکيا وڃن ٿا، اهي سڀ انگريزيءَ ۾ آهن، جڏهن ته سنڌ ۾ جيڪي به اڄڪلهه پيڙهه جا پٿر رکيا وڃن ٿا، اهي نه ته انگريزيءَ ۾ آهن، نه سنڌيءَ ۾، پر موربگو اڙدوءَ ۾ آهن.

هر ماڻهوءَ جي حياتيءَ ۾ ڪو اهڙو واقعو، ڪو اهڙو حادثو ضرور ايندو آهي، جيڪو ان جي حياتيءَ جو نمونو بدلائي ڇڏيندو آهي. انهيءَ واقعي کان پوءِ ڪي پنهنجي حياتي بهتر ڪري ويندا آهن، ته ڪي حياتي بدتر ڪري ويندا آهن. منهنجي حياتيءَ ۾ به گهڻا اهڙا واقعا ٿي گذريا جن منهنجي حياتيءَ تي زبردست اثر ڪيو.

جڏهن 1953ع ۾ بابا گذاري ويو ته ان وقت آئون ٻري مئٽرڪ ۾ هئس ۽ آئون ٻار هئڻ ڪري پاڻ ۾ ڪجهه به تبديلي نه آڻي سگهيس. ايتري قدر جو جيئن وڏو ٿيندو ويس تيئن سست، ڪاهل، بيڪار ۽ غير ذميوار ٿيندو ويس.

تنهن کان پوءِ هيرآباد واري گهر وڪڻڻ جي، حياتيءَ ۾ عظيم ترين

غلطي ڪري، لطيف آباد ۾ مسواڙي گهر ۾ رهڻ لڳس ته به حياتيءَ کي بهتر نه ڪري سگهيس. 1969ع ۾ گهر وڪيوسون. انهيءَ وچ ۾ هيرآباد ۾ رهندي 1961ع دوران يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ملي ته به حياتيءَ جي بي قاعدگي ۽ غير ذميداري برقرار رهي.

1970ع ۾ شادي ڪيم ۽ حياتيءَ جو نئون باب شروع ڪيم ته به شروعاتي ڪجهه مهينن کان پوءِ، پنهنجن ساڳين افعالن تي موٽي آيس. 1975ع ۾ امڙ تي اڌ رنگ جو حملو ٿيو ۽ اسين سڀ ڀائر ۽ ڀينر سخت ڏکي ۾ اچي وياسون ته به آئون سڌري نه سگهيس. 1977ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۾ سيڪريٽريءَ جي تمام سٺي نوڪري حاصل ٿي ۽ سڀ سهوليتون هوندي به ساڳيا افعال رهيا. 1979ع ۾ ادبي بورڊ جي نوڪري ختم ٿي ته يونيورسٽيءَ ۾ موٽي آيس. 19 ڊسمبر 1979ع تي زبردست هارٽ اٽيڪ ٿيو. ان مان بچي ويس، پر پوءِ به حياتي بهتر نه ڪري سگهيس.

1982ع ۾ منهنجي ۽ امان جي حياتين ۾ زبردست دکدائڪ ترين واقعو ٿيو ۽ امڙ ويچاري اوچتو گذاري ويئي. بس اهو هڪڙو واقعو هو، جنهن منهنجيءَ حياتيءَ ۾ ڪجهه باقاعدگي آندي. بس هر وقت اهو خيال رهيو ڇڻ منهنجي هر ڪم کي امڙ پاڻ جاچي ڏسندي هجي ۽ منهنجي سڄي حياتيءَ ۾ زبردست ڦيرو آيو. امڙ ويچاري مرندي به پنهنجي اولاد جو ڀلو ڪري ويئي ۽ نيٺ مون کي حياتي باقاعدگيءَ سان گذارڻ جو پهريون سبق مليو. اهو سبق ته جيڪڏهن آئون حياتي هن کان پهرين باقاعدگيءَ سان، منظم نموني سان، ذميواريءَ جي احساس سان گذاريان ها ته نه امڙ کي اڌ رنگ ٿئي ها ۽ جيڪڏهن ويچاريءَ کي اڌ رنگ ٿيو ته به ايئن اوچتو نه گذاري وڃي ها.

اڄ آچر، 29 جنوري 1984ع تي هڪ ٻيو اهم ترين ڏينهن منهنجي حياتيءَ ۾ آيو آهي، جڏهن آئون پنهنجي نوڪريءَ جي انتها تي پهچي، پروموٽ ٿي پروفيسر ٿيو آهيان. آئون سمجهان ٿو ته اهو پنهنجي آخري ڦيري آڻ وارو نقطو Final Turning Point سمجهان ٿو ۽ جيڪڏهن اڃا به خاميون رهيل آهن، سي دور نه ڪيم ته جيڪڏهن مون تي، منهنجي زال تي، منهنجي ٻارن تي ۽ منهنجي ڀائرن کي ڪي تڪليفون آيون ته پوءِ اڳي وانگر انهن سڀني تڪليفن جو، جيڪي خدا نخواستا هن کان پوءِ اينديون، تن جو مان ذميدار رهندس.

مون هن کان پهرئين ڊائرين ۾ ور ور ڪري پاڻ کي تنبيهه ڪئي آهي ته

آئون سڌري وڃان، آئون حياتي باقاعدگيءَ سان گذاريان، منظم نموني گذاريان، ذميداريءَ سان گذاريان، فوقيات (Priorities) جو تعين ڪريان ۽ انهيءَ پٽاندر ڪم ڪريان. آئون سمجهان ٿو ته نه رڳو اها منهنجي حياتيءَ جي Final Turning Point آهي، پر منهنجو آخري موقعو آهي ۽ هي Last Chance آهي. جيڪڏهن قدرت طرفان مليل اهڙي بهترين احسان ڪي مون چڱي طرح پروڙي، پنهنجي حياتي نه سڌاري ته هن ڪان پوءِ نه سڌري سگهندي.

امان جاني! تنهنجو پٽ اڄ نوڪريءَ جي ترقيءَ جي آخري حد تي پهچي ويو. امان، اڄ آئون پروفيسر ٿي ويس. امان، تون جيڪڏهن اڄ جيئري هجين ها ته ڪيڏو نه خوش ٿئين ها. امان، اڄ دل پئي چيو ته پروفيسريءَ جو آرڊر وٺندي ئي تو وٽ ڊوڙندو اچان. پر امان تون ته هتي هئينءَ ئي ڪونه. تون ته ڳوٺ ويٺي آهين. آئون تو وٽ سپاٽي ضرور پهچندس. امان، اينترو خوش هوندي به لڳي پيو ته ڪجهه ڪسر رهجي ويئي آهي. شايد تو وٽ پهچي ڪجهه رهيل ڪسر پوري ٿئي. امان، اڄ منهنجي خوشيءَ جي اهم ترين ڏينهن مان هڪ ڏينهن آهي. پر امان، اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا آهن. امان، جڏهن به آئون تمام گهڻو خوش ٿيندو آهيان ته تون ياد اچي ويندي آهين ۽ اکيون پرجي ايندڻيون آهن.

امان! مون کي اڄ خبر پئي ته انتهائي خوشيءَ ۾ اکين ۾ ڳوڙها جيڪي پرجي ايندا آهن، سي ڇو پرجي ايندا آهن. ماڻهو انهن کي خوشين جا ڳوڙها چوندا آهن پر کين شايد خبر نه هوندي آهي ته اهي ڳوڙها لاشعوري طور انهن ويجهن جي ياد ۾ وهندا آهن، جيڪي انهيءَ خوشيءَ ۾ شريڪ ٿي نه سگهندا آهن، پر خوشيءَ ۾ ڳوڙهن وهائيندڙن کي انهن جي سرت ئي نه پوندي آهي. امان، اڄ تو کي ياد ڪري خوشيءَ جي موقعي تي آئون روئان نه پيو. بس خوشيءَ ڪان اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا آهن. پر فرق اينترو آهي ته مون کي خبر آهي ته منهنجي خوشيءَ ۾ تنهنجي شريڪ نه ٿي سگهڻ ڪري اکين مان ڳوڙها وهن پيا. پر امان، مون ته تو کي ڪڏهن به پاڻ کان جدا ٿي ويل نه سمجهيو آهي، پوءِ اکين ۾ ڳوڙها ڇو پرجي آيا آهن!

●

# 30 جنوري 1984

محمد ابراهيم جويي صاحب نهايت ئي هڪ اهم نقطو ٻڌايو. پاڻ فرمايائون ته "اچو ته اسين پاڻ ۾ هڪ ٻئي کي وچن ڏيون ته جڏهن به ڳالهائڻ ۾ پاڪستان جو نالو وٺون تڏهن پاڪستان بدران پنجابستان چئون. لکت ۾ البت پاڪستان ئي لکڻو پوندو." پاڻ وڌيڪ چوڻ لڳا ته "ايئن پنجابستان چوڻ سان هر ڪو غير پنجابي نيٺ پنجابستان ئي چوڻ لڳندو ۽ ايئن پنجابستان چوڻ سان پنجاب نه رڳو بدنام ٿيندو پر پاڪستان جو نظريو به ختم ٿيندو."

اڄ عابد زبيريءَ سان ملاقات ٿي. عابد زبيري، اين ڊي پي جو سيڪريٽري آهي ۽ ايم آر ڊي جو شايد انفرميشن سيڪريٽري به آهي. هو هن وقت حيدرآباد جيل ۾ آهي، پر بيمار هجڻ ڪري اڄڪلهه ايل ايم سي ڄامشورو ۾ داخل آهي. ساڻس ڳالهيون ڪندي مون چيو ته "اسين سنڌي پاڪستان بدران پجابستان چوندا آهيون." عابد زبيري چوڻ لڳو ته "مون گهڻو اڳي 1973ع ڌاري جنگ اخبار ۾ به ٽي قسط وار مضمون لکيا هئا ۽ مون اهو "پنجابستان" جو اصطلاح استعمال ڪيو هو، جو ته بيوروڪريسي معنيٰ پنجاب، فوج معنيٰ پنجاب، سياسي آمريت معنيٰ پنجاب."

مون کيس ڳالهيون ڪندي چيو ته اسين "اڙدوءَ کي اڙدو سامراجيت" چوندا آهيون، ته پاڻ چوڻ لڳو، "هن گهڻو وقت اڳي هفتيوار "صبح سنڌ" سنڌيءَ ۾ ڪڍي هئي ۽ ان ۾ هن اهو اصطلاح "اڙدو سامراجيت" گهڻو وقت اڳي لکت ۾ استعمال ڪيو هو.

هڪ دوست ٻڌايو ته سي آءِ ڊي جي هڪ رٽائرڊ ايس پي پير بخش پناڻ ٻڌايو ته کيس پوليس جي هڪ چوڌري آفيسر چيو هو، "اوهين سنڌي، هندو اندرا جي ڪڇ ۾ ڪرڻ پسند ڪريو ٿا، ملحد ڪميونسٽن جي ڪڇ ۾ ڪرڻ گهرو ٿا ته پوءِ ڀلا اسان مسلمان پنجابين جي ڪڇ ۾ ڇو نه ٿا ڪرو!"

●

# 31 جنوري 1984

عابد زبيري ٻڌايو تہ پاڪستان جي آئين ساز اسيمبلي Constituent Assembly جي پهرين اجلاس جي شروعات قرآن شريف جي تلاوت سان نہ ٿي هئي. تنهن کان پوءِ مولانا شبير احمد عثمانيءَ کي اسيمبليءَ جو ميمبر ڪو-آپٽ Co-opt ڪيو ويو ۽ پوءِ ٻئي اجلاس کان هن تلاوت شروع ڪئي.

عابد زبيري اهو بہ ٻڌايو تہ هن ڪافي سال اڳ "نواءِ وقت" جي سالگرهہ جي موقعي تي لاهور ۾ تقرير ڪندي چيو هو، "مون کي پاڪستان ٺهڻ کان پهرئين ڪٿي بہ چيل يا ڇپيل 'پاڪستان ڪا مطلب ڪيا؟ لا الہ الا الله' نعري جو ثبوت ڏيو."

اڄ ٽي وي تي خبرن ۾ ڏيکاريو ويو تہ مالديپ واري صدر جي پشاور پهچڻ تي ڪيس ٻن ٻارن گلدستو پيش ڪيو. ٻنهي ٻارن کي روايتي پٺاڻڪو لباس پيل هو. جڏهن تہ سنڌ ۾ اهڙن ٻارن کي سنڌي لباس نہ ٿو پارايو وڃي!

سري لنڪا جي انڊر-23 ڪرڪيٽ ٽيم پاڪستان جو دورو ڪري رهي آهي. جيئن تہ پاڪستان ۾ قومي سطح تي يا ٻي ڪنهن بہ سطح تي ۽ انڊر 23 جي ٽيم جو تصور موجود نہ آهي، ان ڪري فرينڊلي مئچز Friendly matches ۾ سائوٿ زون، نارٿ زون، ايسٽ زون ۽ ويسٽ زون نالي سان ٽيمون سري لنڪا جي خلاف مئچون کيڏي رهيون آهن، جڏهن تہ ٺيڪ ائين ڪپندو هو تہ اهي سنڌ، پنجاب، سرحد، بلوچستان جي نالي سان ٽيمون سڏائين ها. پر BCCP وارن تہ پاڪستان ۾ صوبائي سطح تي ٽيمون ختم ڪري ڇڏيون آهن ۽ هاڻي اهي ٽيمون

فرمن، بئنڪن ۽ عجيب نالن سان قائداعظم ٽرافي ۽ پيٽرنس ٽرافي چئمپيئنشپ ۾ حصو وٺي رهيون آهن. هندستان، آسٽريليا، انگلنڊ، ويسٽ انڊيز، سائوٿ آمريڪا، نيوزيلنڊ مطلب ته هر ملڪ پنهنجن انتظامي يونٽن سان مئچون ۽ چئمپيئنشپ منعقد ڪرائيندو آهي. پاڪستان ۾ به شروعات ۾ ائين ٿيندو هو، پر پوءِ ون يونٽ ڪان هنن صوبا جو ختم ڪيا ته ڪرڪيٽ مان به صوبا ختم ڪري ڇڏيا، ايتري قدر جو زون به ناهيائون. ون يونٽ ختم ٿيڻ ڪان پوءِ وري صوبا بحال ٿيا ته ڪرڪيٽ ۾ به صوبا بحال ٿيا پر 1977ع ۾ ڪرڪيٽ ۾ صوبن جي نالي سان ڪرڪيٽ ائسوسي ايشنون بحال نه ٿيون آهن. ڀڄو اتم ته هڪ BCCP جي ميمبر رضا الله (جيڪو هڪ سنڌي آهي) صوبائي ائسوسي ايشن بحال ڪرڻ لاءِ ڪيس به دائر ڪيو آهي. صوبائي ائسوسي ايشنون بحال نه ڪرڻ جو هڪ ڪارڻ ته صوبن جي نالن ڪي گهٽ ۾ گهٽ استعمال ڪرڻ ۽ صوبائي تشخص ۽ فخر ختم ڪرڻ آهي ۽ ٻيو ته گورنرس اليون، پريزيڊنٽس اليون فرمن ۽ بئنڪن جي نالن سان پنجابي رانديگرن ڪي ور ور هر هنڌ گهڻا موقعا ڏيڻ آهي. مثال طور پشاور گورنرس اليون جو ڪپتان ظهير عباس (پنجابي) مقرر ڪيو ٿو وڃي، پر جيڪڏهن سرحد ائسوسي ايشن هجي ها ته انهيءَ علائقي يا صوبي جو رانديگر ڪپتان مقرر ٿئي ها ۽ ٻيا رانديگر به اتان جا هجن ها. پر هي ته پنجاب جي رانديگرن کي گهڻا موقعا فراهم ڪرڻا آهن ۽ راند ۾ پنجابين جو حد ڪان وڌيڪ حصو گهرڻ "پنجابيت" جو بدترين مثال آهي. آئون جلد هن موضوع تي انگريزي ۾ تحقيقي مقالو لکندس.

جڏهن کان 1979ع جي 19 ڊسمبر تي مون کي دل جو سخت دورو پيو تڏهن کان مون پنهنجي حياتي ڪافي باقاعدي گذارڻ جي عادت ته وڌي آهي، پر ته به آرام جي سلسلي ۾ کاڌي جي سلسلي ۾ ڪافي بد احتياطي ٿيو وڃي.

مثال طور مانين جي وچ ۾ ڪجهه نه کائڻو آهي. يعني نيرن ۽ ٻنهرن جي مانيءَ جي وچ ۾ ڪجهه نه کائڻو آهي. اهڙي طرح ٻنپهرن ۽ رات جي مانيءَ جي وچ ۾ به ڪجهه نه کائڻو آهي. پر جيئن ته صبح جو، ٻنپهرن جو ٻارهين وڳي يا شام جو ڇهين وڳي ڏاڍي بک لڳندي هئي، ان ڪري ڪڏهن ميوو، ڪڏهن سنئڪس وغيره چرندو رهندو هوس.

هن جنوري 1984ع جي مهيني ۾ مون همت ڪري پڪو فيصلو ڪيو آهي ته ٻن وقتن وارين مانين جي وچ ۾ هرگز نه کائيندس. مون کي اڄ ڏاڍي خوشي ٿي آهي جو هي سڄو مهينو مون ٻن وقتن جي مانين جي وچ ۾ ڪجهه نه کائي ڪافي همت جو مظاهرو ڪيو آهي. آئون سمجهان ٿو ته هاڻي آئون ان سلسلي ۾ ڪامياب ٿي رهندس. نه ته هونئن ڪڏهن ميوو، ڪڏهن بسڪوٽ، ڪڏهن پيٽيس ۽ ڪڏهن سموسا به کائي ويندو هوس.

هن مهيني ۾ مون ڊپارٽمينٽ ۾ چانهه تي بسڪوٽ نه کاڌا. اهڙي طرح سموسا ۽ پيٽيس بلڪل ڪٿي به نه کاڌم. البت ٻه ٽي ڀيرا بسڪوٽ ۽ ٻه ٽي ڀيرا بامبي بيڪري جا ڪيڪ کاڌم. جيڪي مون کي نه کائڻ کپندا هئا. ايندڙ مهيني کان سوچيو اٿم ته بسڪوٽ ۽ ڪيڪ نه کائبا. البت بامبي بيڪريءَ جو ڪو ڪيڪ ڪڏهن ملي ويو ته عام مقدار کان اڌ جيترو کائبو. ڪيڪ به تڏهن کائبو جڏهن اهو چاڪليٽ ڪيڪ، منڪرون ڪيڪ ۽ فروٽ ڪيڪ هوندو، ڇو ته اهي مون کي هونئن به وڻندا آهن. البت پلين ڪيڪ، ڪريم ڪيڪ يا گلاس ڪيڪ هوندا ته نه کائيندس. اهڙي طرح عام چاڪليٽ، جيڪي ڪئڊبري ۽ ٽريلر ڪمپني وغيره جا هوندا، جيڪي مون کي وڻندا آهن، تمام ٿورا کائيندس، خريد ته ڪڏهن به ڪري نه کائيندس.

مون انهيءَ چرڻ جي باري ۾ هڪ ڳالهه نوٽ ڪئي آهي ته جيڪڏهن گهر ۾ اهڙو ڪو مال هوندو ته من ضرور هرڪندو. ان ڪري ڪوشش ڪري گهر ۾ اهڙو مال آڻجي ئي نه. پر تڏهن به مون کي شاباس آهي جو هن مهيني ادا افضل(1) جا آندل ڪئڊبري چاڪليٽ جا ٻه وڏا ڪنگ سائيز پترا Slabs گهر ۾ پيل هئا، جيڪي ٻارن خوب کاڌا، پر مون مَن کي ماري ٻه ٽي ٽڪرا، اهي به ننڍڙا، کاڌا. آئون سمجهان ٿو هاڻي آئون کائڻ جي سلسلي ۾ ڪافي ضبط ڪري سگهان ٿو. هن مهيني ۾ ٻه شاديون هيون، جتي شاديءَ جي ماني کائڻي پيئي. جيتوڻيڪ مون چانور، شير مال ۽ گجرن جو حلوو نه کاڌو پر ته به ٻوڙ رڪو کاڌم، جيڪو آئون سمجهان ٿو بناسپتي گيهه ۾ ٺهيل هو ۽ مون کي بناسپتي گيهه بنهه جهليل آهي. اڳتي آئون شادين ۾ اهو به نه کائيندس. ڪوشش ڪري شاديءَ ۾ وڃڻ کان اڳ ۾ کائي ويندس. آهي ته اهو ڏاڍو ڏکيو فيصلو، پر ڇا ڪجي مون کي ان تي هلڻو پوندو.

انهن ٻن شادين کان سواءِ مون ٻيون ٻه دعوتون به کاڌيون ۽ انهن ۾ به

(1) قمر، مُنهنجي گهر واريءَ جو ڀاءُ (ليکڪ)

احتياط ڪري چانور، شير مال ۾ گيھ وارا پيا ہوڙ نہ کاڏم پر تڏھن بہ ڪجھ نہ ڪجھ کائڻو پيو. ڪجھ ٿريل مال بہ کاڏم، جيڪو کائڻ تہ مون لاءِ بنھ منع آهي. هاڻي اڳتي گھرو دعوتن ۾ تريل مال بہ نہ کائيندس. بس وڏ ۾ وڏ ڪڪڙ جو ہوڙ، چو تہ ڳائو گوشت ۾ ٻاڪرو گوشت بہ منع آهي. ڳائو گوشت تہ بنھ منع آهي، البت ٿورو ٻاڪرو گوشت کائيندو آهيان. تنھن کان سواءِ، پلو ۾ مڇي کائڻ جي موڪل آهي، پر اهي بہ تريل نہ. دعوتن ۾ ماڻھو مڇي ورلي رکن ۾ پلو بہ جيڪڏھن رکن ٿا تہ اهو تريل ٿو ٿئي، جيڪو صحت لاءِ هاڃيڪار آهي.

آئون چانھ ۾ ڪافي جي باري ۾ ڪافي ڪنٽرول ڪري ويو آهيان ۾ روزانو ٽن چانھ جي ڪوپن ۾ هڪ ڪافيءَ جي ڪوپ کان وڌيڪ نہ پيئندو آهيان. پر تہ بہ ڪوشش ڪندس تہ ٽن چانھ جي ڪوپن کان گھٽائي بہ ڪوپ ڪريان ۾ ڪافي بہ De-caffinated هجي تہ اها پيئان.

ها اها ڳالھ ٻڌائڻ وسري ويئي تہ مانين جي وچ ۾ جوس البت ملي وڃي تہ پيئندو آهيان ۾ پيئڻ بہ کپي.

اهڙي طرح ٻنپهرن جو مانيءَ کان پوءِ بہ ڪلاڪ آرام ڪندو آهيان. ڪوشش ڪندو آهيان تہ اهو معمول هلندو رهي، پر تڏھن بہ ڪڏھن ڪڏھن بد احتياطي ٿي ويندي آهي، جيڪا گھٽين حالتن ۾ تہ Avoid بہ ڪري سگھجي ٿي ۾ آئون ڪوشش ڪندس تہ هرروز ٻنپهرن جو آرام نہ ڦٽايان.

اهڙي طرح صبح جو ڪلاڪ ۾ شام جو بہ ڪلاڪ پنڌ ڪرڻ کپي. صبح وارو معمول تہ باقاعدي هلندو آهي، پر شام جو پنڌ ڪنهن سبب ڪري نہ ٿي سگھندو آهي. جيتوڻيڪ هن مهيني ۾ سخت سيءَ جي ڪري صبح جو پنڌ بنھ نہ ٿي سگھيو. انهيءَ کي پورو ڪرڻ Compensate لاءِ مون کي شام جو پنڌ باقاعدي ڪرڻ کپي ها، پر اهو بہ هن مهيني نہ ڪر ي سگھيس. هاڻي سوچيو اٿم تہ پنڌ ڪرڻ ۾ سستي نہ ڪندس. جيڪڏھن صبح جو پنڌ نہ ٿي سگھيو تہ شام جو ضرور ڪندس، چو تہ مون لاءِ اها ڪسرت آهي. دل جي مرض وارن لاءِ خاص طرح ۾ سڀني صحت لاءِ عام طرح، پنڌ ڪرڻ بنيادي شرط آهي.

تنھن کان سواءِ ميڊيڪل چيڪ اپ جي باري ۾ڪافي سستي ڪندو آهيان ۾ اهو آئون سمجھان ٿو تہ زيادتي پيو ڪريان. خدانخواستہ جيڪڏھن ڪجھ ٿي پيو تہ ڏاڍو پڇتائيندس. جنوريءَ جي هن مهيني ۾ ميڊيڪل چيڪ اپ Due هو، پر سڄو مهينو سستيءَ ۾ گذري ويو. اهڙيءَ طرح ڏندن جي ڊاڪٽر

(Dentist) کي پاڻ کي ۽ ٻارن کي ڏيکارڻو هو، پر انهيءَ ۾ به سستي ڪئي اٿم. اهڙي طرح ڪَن جي سلسلي ۾ علاج ڇڏي ڏنو هئم، ۽ وڌيڪ جهل نه ڪيم. مون پنهنجي ٻارن ۽ زال جي صحت کي "فوقيت نمبر1" ڏني آهي. هاڻي ان پٽاندر ڪم ڪندس.

مون مٿي پنهنجي صحت بهتر ڪرڻ جي باري ۾ ڪافي تفصيل لکيا آهن. اُهي هونئن ته غير دلچسپ لڳندا پر صحت جي سلسلي ۾ هڪڙو بنيادي فلسفو منهنجي ذهن ۾ آيو آهي. اهو هيءَ ته هونئن اسين هي سڀ ماڻهو پنهنجي صحت کي بهتر ڪرڻ لاءِ تا رٿايون، پر اصل ۾ اهو سڀ اسين پنهنجي اولاد لاءِ تا ڪريون. جيڪڏهن اسان جي صحت سٺي هوندي ۽ اسين مرضن کان آجا هونداسون ته اسان جي صلاحيت بهتر ٿيندي ۽ اسين بهتر زندگي گذاري پنهنجي اولاد لاءِ بهتر ماحول پيدا ڪنداسون. پر جيڪڏهن اسان جي صحت بهتر نه هوندي ته اولاد لاءِ ڪهڙي قرباني ڏيڻ جي دعويٰ ڪنداسون؟ اسان جي صحت بهتر معنيٰ ته حياتي لاءِ گهٽي محنت، نوڪريءَ ۾ سٺي محنت ۽ ٻين ڪمن ڪارين لاءِ گهڻو وقت ۽ انهن سڀني جي ڪري سٺا نتيجا ۽ اهڙي طرح بهتر مستقبل.

ماڻهو اولاد لاءِ پئسو خرچ ڪري، قربانيءَ جي دعويٰ ڪن ٿا، پر سگريٽ، شراب، آفيم، چرس ۽ هيروئن استعمال ڪري پنهنجي صحت برباد ڪري، پنهنجي اولاد لاءِ حياتي ڏکي ڪري؛ اصل ۾ پنهنجي عادتن ۽ مفاد لاءِ اولاد جي قرباني ڪن ٿا. جيڪڏهن ڪنهن عادت ڪري اهو پئسو پيءُ ماءُ پاڻ تي خرچ ڪن ته ظاهر آهي ته اولاد لاءِ گهٽ خرچڻو پوندن ۽ اهڙي طرح اولاد ڏکيو گذاريندو. پنهنجي صحت جو خيال نه رکي، حياتي بي قاعدگي ۽ لاپرواهيءَ سان گذارڻ، پيءُ جي صحت جو خراب ٿيڻ، انهيءَ تي پئسو خرچ ٿيڻ ۽ ٻارن جو ماحول برباد ٿيڻ، اهي سڀ پنهنجي لاءِ مصيبتون پيدا ڪرڻيون آهن. انهيءَ ڪري جيڪڏهن اسين صحت جو يعني پنهنجي ذاتي صحت جو خيال رکنداسون ته اهو اصل ۾ اسين ٻارن جو تا خيال رکون، ڇو ته پيءُ جي صحت بهتر هوندي ته هو عام زندگيءَ ۾ هر ڪم سٺي طرح سان ڪندو. صحت بهتر هوندي ته وقت کان اڳ بيمار ٿي سڄي خاندان لاءِ مصيبت نه بڻبو. صحت سٺي هوندي ته وقت کان

اگ مري ٻارن کي ٻي سهارو نہ ڪندو. انهيءَ ڪري پيئرن کي کپي تہ جيڪڏهن اولاد کي سکيو ڏسڻ گهرن ٿا تہ پنهنجي صحت جو ائين خيال رکن جئن هو پنهنجن ٻچن جو خيال رکندا هجن.

اهڙي طرح ماءُ پيءُ جيڪو خرچ ڪن ٿا، سو ضروري شين کان سواءِ پيو جيڪو بہ خرچين ٿا اهو جڻڪ پنهنجي اولاد واري حصي مان خرچ ٿا ڪن. مثال طور ماءُ پيءُ فلمون ڏسي پئسا خرچ ٿا ڪن، پر جيڪڏهن پئسا بچائن تہ ٻچن جي ڪاڏي، ڪپڙن، تعليم ۽ صحت لاءِ ڪم ايندا. اهڙي طرح ماءُ پيءُ گهمڻ ڦرڻ، فئشن ڪرڻ ۽ گهر کان ٻاهر کائڻ پيئڻ تي خرچ ٿا ڪن، سو جڻڪ اولاد جي کاتي مان خرچ ٿا ڪن. جيڪڏهن اهي ڏوڪڙ بچائين تہ اولاد تي خرچ ٿيندا. اهڙي طرح ماءُ پيءُ جي ذهن تي صحت ۽ کاڌي تي خرچ کان پوءِ، پئسو پئسو بچائي پهرين گهر ناهڻ گهرجي. انهيءَ کان پوءِ ئي هو اولاد لاءِ ڪجهہ ڪري سگهندا. اولاد جي مستقبل جي سلامتي پنهنجو اجهو ناهڻ تي آهي. ماءُ پيءُ جي گڏيل ڪوشش اها هجڻ گهرجي تہ پئسو پئسو بچائي ٻارن لاءِ پنهنجو اجهو ناهين. انهيءَ کان پوءِ ئي پيءُ آرام سان مري سگهي ٿو.

اهو ئي ڪارڻ آهي جو مون جنوري 1984ع کان ترجيحات طئہ ڪيون آهن. اها منهنجي صحت رڳو منهنجي لاءِ نہ آهي، پر ان جو اثر سڌيءَ طرح منهجي اولاد تي اثر ٿيندو آهي. جيڪڏهن مان پنڌ Walk نہ ڪندس، جيڪڏهن مان پنهنجي صحت جو خيال نہ رکندس تہ منهنجي صحت خراب رهندي ۽ دوائن تي وڏيڪ خرچ ايندو ۽ ٻارن لاءِ پئسا گهٽ ٿي پوندا.

اهڙي طرح پنهنجو گهر نہ هئڻ ڪري ٻارن جو آئيندو ڪيڏو نہ اونداهو ٿي سگهي ٿو. خدانخواستہ جيڪڏهن مون کي ڪجهہ ٿي پوي تہ ٻار ڪيڏانهن ويندا؟ ان ڪري آئون پئسو پئسو بچائي گهر ناهڻ ٿو گهران. اهو ئي ڪارڻ آهي جو آئون انهيءَ اصول تي ڪم ڪندي، قمر سان گڏجي پهرين گهر ناهڻ جو ٿو سوچيان. آئون جيڪي ڪجهہ چوان پيو، اهو پنهنجي لاءِ نہ آهي، پر هر ڪنهن لاءِ آهي. پنهنجي صحت جو خيال ڪرڻ ۽ پئسو پئسو بچائي ڪفايت ڪرڻ، اهي بہ اصول هر ماءُ پيءُ کي اڏو رکڻا آهن، جيڪڏهن هو پنهنجن ٻچن کي سکيو ڏسڻ ٿا گهرن.

آئون اڃا وقت جي ورڇ صحيح نہ ڪري سگھيو آھيان. انھيءَ ڪري گھٽا ڪم ڪري نہ سگھيو آھيان. جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ صبح نوين وڳي پھچان ٿو ۽ منجھند جو ٻين وڳي موٽان ٿو. انھيءَ ڪري جاگرافيءَ جو ڪم، ڪلاس جي تياري، ريسرچ ۽ ڊان اخبار جو اڀياس، سڀ ڊپارٽمينٽ ۾.

ٻنپھرن جو ماني کائي، آرام ڪري، پنجين وڳي ڏاري اٿي، پنجين کان ڇھين ستين تائين ڊائري لکڻ، خط لکڻ، عام پڙھڻ وغيرھ جو ڪم ڪرڻ ۽ ٻارن کي پڙھائڻ. ڇھين ستين کان ساڍي ستين وڳي تائين شام جي مھل پنڌ ڪرڻ ۽ ساڍي ستين کان اٺين وڳي تائين رات جي ماني ۾ صرف ڪندو آھيان.

اٺين کان نوين وڳي تائين ٻارن سان ڪچھري، نوين کان ڏھين وڳي تائين ٻارن سان ڪچھري، پڙھائي ۽ ٻيو گھر جو ڪم ڪار ۽ ڏھين کان ٻارھين وڳي تائين تخليقي لکيت Creative writting جو ڪم ڪرڻ ۾ ورھايان ٿو.

اھو تہ عام پروگرام ھوندو. البت جيڏي مھل بہ موقعو مليو اوڏي مھل ڊائري لکبي. ٽي وي جي انگريزي پروگرامن لاءِ ۽ فلمن لاءِ وقت ڪڍبو. ماڻھن جي گھرن تي وزٽ ڪبي، ماڻھو اسان سان ملڻ لاءِ ايندا. اسين شھر ويندا سون، شاديون مراديون ۽ ٻيون دعوتون ۽ فنڪشن اٽينڊ ڪرڻ، ڳوٺ وڃڻ، ڪراچي وغيرھ وڃڻ جا پروگرام بھر حال اوچتا ٿيندا رھندا ۽ مٿيون شيڊيول ڊسٽرب Disturb ٿيندو رھندو تہ بہ عام ڏينھن لاءِ اھو ئي شيڊيول رھندو.

سڀاڻي کان ڏسندس تہ آئون پنھنجو شيڊيول ڪيئن ٿو نڀايان ۽ پروگرام پٽاندر ھلڻ ڪري، منھنجي اپت Out -put ڇا ٿي ٿئي. بھرحال بہ ڳالھيون طئہ آھن: ھڪ تہ جاگرافيءَ جو ڪم جاگرافي ڊپارٽمينٽ ۾ ئي ڪبو ۽ ٻيو تہ روزانو رات جو 10 کان 12 وڳي تائين تخليقي لکيت جو ڪم ڪبو.

●

# 1 فيبروري 1984

مالديپ جو صدر ڪراچيءَ پهتو ۽ ڪيس آجيان ڪندڙ ٻن ٻارن گلدستو پيش ڪيو. ٻارن ڪي جناح ڪيپ پيل هئي ۽ شايد پهراڻ نما شيرواني پيل هئي، پر بهرحال سنڌي لباس نہ هو!

اڄ امان جانيءَ وٽان اسين ٻئي زال مڙس ۽ سڀ ٻار ٿي آيا سون. ڪيڏي نہ آنڌ مانڌ هئي من ۾. 29 تاريخ جنوريءَ جي جڏهن ڪان پروفيسريءَ جو آرڊر مليو هو تہ امان سان ملڻ لاءِ دل ٻئي چيو تہ سڀ ڪان پهرين اها خوشخبري امان کي ڏوڙي وڃي ٻڌايان. پر ڳوٺ هڪ ٻہ ڏينهن وڃي نہ سگهيس ۽ من ڏاڍو آنڌ مانڌ ۾ ورتل هو. جڏهن اڄ وڃي ڳوٺ پهتس ۽ امڙ جي قبر وٽ ويهي دعا گهريم تہ اصل ۾ امان کي باقاعدي چيم، "امان، آئون هاڻي پروفيسر ٿي ويو آهيان." ۽ مون محسوس ڪيو تہ امان اهو ٻڌي مرڪي ڏنو ۽ مون محسوس ڪيو تہ امان ڳراٽڙي پائي مون کي ڇاتيءَ سان لڳائي رهي آهي، ڪيڏي نہ خوش هئي امان ان وقت. دل ٻئي چيو تہ ڪاش ڳوٺ ۾ رهندو هجان تہ امان سان روز ملان!

●

# 9 فيبروري 1984

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي انگريزيءَ ۾ هڪ جرنل ڪيڏندي آهي، ”سنڌالاجيڪل اسٽيڊيز“ Sindhological Studies. مون کي 1983ع ۾ ان جي ايڊيٽوريل بورڊ تي کنيو ويو هو. ان وقت انسٽيٽيوٽ جو انچارج ڊائريڪٽر ڊاڪٽر غلام علي الانا هو ۽ هن ئي مون کي ايڊيٽوريل بورڊ تي کنيو هو. پهرين ميٽنگ، جنهن ۾ آئون شريڪ ٿيو هوس جولاءِ يا آگسٽ ڌاري 1983ع ۾ ئي ٿي هئي.

هڪڙي ڳالهه آئون ٻڌائي ڇڏيان ته سنڌالاجيڪل اسٽڊيز جرنل جو جيتوڻيڪ شروع کان ايڊيٽوريل بورڊ رهندو پئي آيو، ته به انهن ميمبرن منجهان هڪ ڄڻو بهرحال ايڊيٽر مقرر ڪيو ويندو آهي ۽ جيستائين مون کي ياد ٿو پوي ته شروع کان ئي ونئي انهيءَ جرنل جو ايڊيٽر مظفر يوسف رهندو آيو آهي.

مظهر يوسف جو سنڌ يونيورسٽيءَ سان يا ڪنهن به يونيورسٽيءَ سان ڪوبه تعلق نه آهي. هُو بنيادي طرح هڪ صحافي يعني فري لانس صحافي ۽ هڪ برک ڏاهو (انٽليڪچوئل) آهي. پاڻ مهاجر آهي، يو پي جو آهي ۽ ظاهر آهي ته مادري ٻولي اڙدو اٿس. مظهر يوسف هوندئن ته پاڻ کي ترقي پسند ظاهر ڪندو آهي ۽ ”ڊيلي نيوز“ وغيره ۾ ۽ ”سنڌي ڪانفرنس“ ۾ سنڌ جي نقطہ نظر جي حمايت ڪندو نظر ايندو آهي ۽ هن وقت ته انگريزي جنرل ”سنڌ ڪوارٽرلي“ Sindh Quarterly ۾ شاهہ صاحب (غلام مصطفيٰ شاهہ) سان گڏ جوائنٽ ايڊيٽر به آهي. پر چون ٿا ته پيپلز پارٽيءَ جي دؤر ۾ ”سنڌ ٿرو دي سينچريز“ Sindh Through the Centuries سيمينار ۾ ”سنڌ ڪوارٽرلي“ جو جيڪو خاص نمبر پئي نڪتو، اُن ۾ انهيءَ سيمينار تي ۽ پيپلز پارٽيءَ جي سنڌ دشمن پاليسين تي زبردست تنقيد ڪيل هئي. هِن انهيءَ جي سڄي رپورٽ، جرنل پبلش ٿيڻ کان اڳ، سرڪار کي پهچائي، جرنل جيڪو اڃا بائينڊنگ جي مرحلي ۾ هو، تنهن کي ضبط ڪرائي ڇڏيائين ۽ اهڙي طرح هڪ

ڊڪليئريشن مليل رسالي جو شمارو شايع ٿيڻ کان اڳ ضبط ڪرڻ جو عالمي رڪارڊ قائم ٿيو.

هاڻي جڏهن "سنڌالاجيڪل اسٽڊيز" جي نئين ايڊيٽوريل بورڊ جي گڏجاڻي ٿي، جنهن ۾ آئون ڀريون پيرو شريڪ ٿيس، ان ۾ اها راءِ به زيرِ بحث آئي ته "سنڌالاجيڪل اسٽڊيز" جو ايڊيٽر مظفر يوسف ئي رهندو. اصل ۾ زير بحث ڇا آيو، پر ڊاڪٽر الانا اهو فيصلو ڪري اسان کان رڳو رسمي ها ٿي ڪرائي. پر مون سڌو سنئون ان تي اعتراض ڪيو، ڇو ته منهنجو شروع کان ئي اهو خيال هو ته هيڏي ساري سنڌ يونيورسٽي هوندي، جنهن ۾ 450 کن استاد پڙهائين ٿا، انهيءَ هيٺ هلندڙ هڪ اداري جي جرنل جو ايڊيٽر ٻاهريون ماڻهو هجي، سا نه رڳو سنڌ يونيورسٽيءَ جي بي عزتي آهي، پر تنهن کان سواءِ ٻاهر اهو به غلط تاثر ويهندو ته سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ اهڙو ڪو قابل استاد آهي ئي ڪونه، جيڪو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ هڪڙي جرنل جي ايڊيٽر ٿيڻ جو اهل هجي، ۽ ٻاهريون ايڊيٽر اهو هجي، جيڪو سنڌي هجي. جيتوڻيڪ اهو پيو نقطو آئون آف دي رڪارڊ لاءِ هتي درج ڪريان ٿو. ڇو ته اهو اعتراض ظاهر ظهور ڪرڻ ناممڪن ته نه، پر ڏکيو به آهي. سو جڏهن ڊاڪٽر الانا چيو ته هو مظهر يوسف کي ايڊيٽر مقرر ڪرڻ لاءِ رٿ ڏئي ٿو ته مون ان جي هڪدم سڌن سنون لفظن ۾ مخالفت ڪئي ته هيڏي ساري يونيورسٽيءَ جا استاد هوندي، يونيورسٽيءَ کان ٻاهر جو ايڊيٽرمقرر ڪرڻ يونيورسٽي جي بي عزتي آهي. تنهن تي محمد حسين پنهور چيو ته جيڪڏهن ڪو ڪواليفائيڊ ۽ ڄاڻو ماڻهو سنڌ تي ڪم ڪندڙ هجي ۽ اهو مهاجر هجي ته ڇا هن کان سنڌ لاءِ ڪم نه وٺجي؟ تنهن تي مون به نهه پهه وراڻيو ته هي مهاجر ۽ سنڌيءَ جو سوال ڪونهي. هتي يونيورسٽيءَ يا يونيورسٽيءَ کان ٻاهر ماڻهوءَ جي هجڻ جو سوال آهي. جيڪڏهن اوهان سمجهو ٿا ته آئون مظهر يوسف جي مخالفت، سنڌس مهاجر هجڻ جي حيثيت ۾ ڪريان ٿو ته پوءِ آئون ڊاڪٽر مبارڪ علي خان جو نالو پيش ڪريان ٿو.

مبارڪ علي خان به مهاجر آهي ۽ يونيورسٽيءَ سان تعلق رکي ٿو. پر اها ڳالهه ڪنهن به نه مڃي. بورڊ جا ٻيا ميمبر ڊاڪٽر الانا، محمد حسين پنهور، مهتاب راشدي ۽ لال بخش جسڪاڻي به اتي موجود هئا، پر انهن مان ڪنهن به منهنجي تائيد نه ڪئي. محمد حسين پنهور ۽ ڊاڪٽر الانا ته سڌو سنئون مخالفت ڪئي. رڳو ڊاڪٽر مبارڪ علي خان اهڙو هو، جنهن منهنجي ڀرئين

نقطي جي تائيد ڪئي ته يونيورسٽيءَ کان ٻاهر جو ماڻهو ايڊيٽر نه هجڻ کپي. پر جڏهن مون مورڳو ئي ڊاڪٽر مبارڪ عليءَ جو نالو پيش ڪيو ته پوءِ هو خاموش ٿي ويو، ڇو ته ظاهر آهي ته پنهنجي ئي نالي جي پاڻ پنيرائي ڪيئن ڪري ها.

انهيءَ ميٽنگ ۾ اسان هڪ ٻيو فيصلو به ڪيو. اُهو اهو ته جرنل مظهر يوسف پاڻ ڪراچيءَ مان ڇپرائيندو هو ۽ ان جي في صفحي جو اگهه 75 رپيا چارج ڪندو هو، جڏهن ته سنڌ يونيورسٽيءَ جي پريس في صفحي جو اگهه 35 رپيا وٺي ٿي. انهن فيصلن سان بهرحال "سنڌالاجيڪل اسٽڊيز" جي ميٽنگ پوري ٿي. انهيءَ ميٽنگ جي ڪافي عرصي کان پوءِ وري جرنل جي ايڊيٽوريل بورڊ جي ڪا به ميٽنگ نه ٿي. پوءِ هڪڙي ڏينهن ويجهڙائي ۾ مون ٻڌو ته ايڊيٽوريل بورڊ جي ميٽنگ ٿي به ويئي. پرحيرت جي ڳالهه آهي ته ان ميٽنگ ۾ مون کي، ڊاڪٽر مبارڪ علي خان کي ۽ شايد لال بخش جسڪاڻي کي سڏايو ئي ڪونه ويو. مون کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ته بنان اطلاع ڏيڻ جي، منهنجو نالو ايئن ايڊيٽوريل بورڊ تان هٽايو ويو!!!

اها خبر پوڻ کان پوءِ ردِ عمل ته اهو ٿيڻ کپي ها جو انهيءَ ڪاوڙ ۾ آئون ڪو ڪاوڙ ڀريو خط لکان ها ۽ انچارج ڊائريڪٽر کان پڇان ها ته ڪهڙن سببن ڪري منهنجو نالو ڪڍيو ويو؟ يا عام طرح سان پروپئگنڊا ڪريان ها ته ڏسو ڊاڪٽر الانا، مهتاب راشدي ۽ محمد حسين پنهور سازش ڪري منهنجو نالو ايڊيٽوريل بورڊ تان هٽائي ڇڏيو، ڇو ته مون هڪ ڇمڇي مظهر يوسف کي ايڊيٽر بڻائڻ تي اعتراض ڪيو هو. ڪاوڙ جو سخت لفظن ۾ اظهار ڪريان ها ۽ ڊاڪٽر الانا به جڏهن ملي ها ته ان وٽ احتجاج ڪريان ها. مطلب ته منهنجي من ۾ جيڪا به ڳالهه ردِ عمل طور اڀري، ان جو هڪدم اظهار ڪريان ها ۽ عملي طور هڪدم ڪاوڙ ڀريو قدم کڻان ها. پر مون ايئن نه ڪيو. مون سوچيو، ايئن ته هرڪو ڪري ٿو، نتيجي ۾ جهڳڙا وڌن ٿا، ويڇا پون ٿا ۽ اسين سنڌي هڪ ٻئي جا دشمن ٿيو پئون جو اسان سنڌي ليکڪن ۽ دانشورن جي وچ ۾ ڪا هم خيالي ۽ equation آهي ئي ڪانه. ان ڪري اسين ذاتي طور اهڙا قدم کڻندا آهيون جو هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پوندا آهيون. جيڪڏهن مجبي به کڻي ته اڳلو ڪو قدم کڻي ٿو ۽ اهو بدنيتيءَ تي ٻڌل آهي يا ڏاڍائي تي ٻڌل آهي يا لئه ڪرڻ خاطر ڪنيو ويو آهي ته به ٻئي کي ان قدم جي رد عمل ۾ جهڳڙو نه ڪرڻ کپي. پر ٻهرين لنگهي وڃي ۽ تفصيل سان ٻڌائي اڳلي کي قائل ڪري يا پڌرو (expose) ڪري ۽ پوءِ به جيڪڏهن حالت بهتر نه ٿئي ته پوءِ ٻلي هر قدم کڻي.

سو مون به ڪنهن قدم کڻڻ کان پهرين مهتاب راشديءَ سان ملڻ ضروري سمجهيو ۽ فيصلو ڪيم ته آئون سندس آفيس ۾ لنگهي ويندس ۽ ڪيس ٻڌائيندس ته "اسين ڪڏهن غلط فهميءَ ۾ ۽ ڪڏهن خوش فهميءَ ۾، هڪ ٻئي جا مخالف ٿي پوندا آهيون. پر آئون سمجهان ٿو ته پهرين ڊائلاگ هجڻ ضروري آهي، ۽ ان کانپوءِ هڪ ٻئي جو نقطو ٻڌڻ کان پوءِ به جيڪڏهن ڪو مطمئن نه ٿئي ته پوءِ هر پارٽيءَ جي مرضي آهي ته جيڪو قدم وٺي سو کڻي." مان مهتاب راشديءَ کي اهو نقطو به ٻڌائيندس ته "اسين سنڌي هم خيالي ۽ Equation نه هجڻ ڪري هڪ ٻئي کي ويساهه ۾ نه آڻي اهڙا قدم کڻندا آهيون، جو هڪ ٻئي جا مخالف ٿي پوندا آهيون. جيئن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر حميدا کهڙو ۽ وائيس چانسلر پروفيسر الياس ابڙي جي وچ ۾ پڻ هم خيالي ۽ Equation نه هئڻ ڪري، ابڙي صاحب ايئن سمجهيو ته هو وائيس چانسلر آهي، ماتحت جي حيثيت ۾ ڊاڪٽر کهڙو ڪانئس هر ڳالهه جي اجازت وٺي ۽ ڊاڪٽر کهڙو وري ايئن سمجهندي ته هوءَ پاڪستان اسٽڊيز سينٽر ۾ انچارج ڊائريڪٽر آهي، ۽ هوءَ سڌو سنئون مرڪز هيٺ آهي، ان ڪري ڪيس وائيس چانسلر کان ڪا اجازت وٺڻ ضرورت ڪانهي، ان ڪري هن اهڙا قدم کنيا، جنهن سان ائين لڳو ته وائيس چانسلر کان جڻ پڇڻ جي ضرورت ئي ڪانهي ۽ انهيءَ ڇڪتاڻ واري ماحول ۾ ڊاڪٽر کهڙو ۽ پروفيسر ابڙو هڪ ٻئي جي خلاف ٿي پيا. جيڪڏهن پروفيسر ۽ ابڙي ۽ ڊاڪٽر کهڙي جي وچ ۾ قومي نظرين جي ڪري هم خيالي هجي ها ته پروفيسر، وائيس چانسلر هوندي به پاڻ کي "باس" Boss سمجهي ڊاڪٽر کهڙي سان زبردست وارو رويو اختيار نه ڪري ها، ۽ اهو سمجهي ها ته هو جينوئيڪ وائيس چانسلر آهي، پر سنڌ يونيورسٽيءَ جي سڀ کان اهم شخصيت ڊاڪٽر کهڙو ئي آهي ۽ اهڙي طرح هو سنڌ يونيورسٽيءَ جا اهم فيصلا ڊاڪٽر کهڙو سان صلاح ڪري پوءِ ڪري ها ۽ هوڏانهن ڊاڪٽر کهڙو، ڊائريڪٽر پاڪستان اسٽڊيز سينٽر جي ڊائريڪٽر واري حيثيت ۾ فيصلا کڻي پاڻ ئي ڪري ها، پر وري به پروفيسر ابڙي جي صلاح سان ڪم ڪري ها ته اهڙي طرح سنڌ يونيورسٽي ۾ خوشگوار ماحول سان ڪم هلي ها ۽ ڪڏهن به ڊاڪٽر کهڙي پروفيسر اياز ابڙي وچ ۾ ڇڪتاڻ نه هلي ها."

انهيءَ ڪري ئي مون سمجهيو ته آئون هاڻي "سنڌالاجيڪل اسٽڊيز" واري معاملي تي مهتاب راشديءَ سان ڪابه ظاهري، باطني يا لکپڙهه ذريعي ڪنهن به ڪنفرنٽيشن Confrontation ڪرڻ کان پهرين ساڻس ملي

”ڊائلاگ“ ذريعي ڳالهہ ٻولهہ ڪري، ان معاملي تي پهرين ڳالهائيندس ۽ پوءِ فيصلو ڪندس.

آئون مسز راشديءَ وٽ لنگهي ويس ۽ ڪيس پهرين تہ ٻڌايم تہ ”اسين سنڌي، جنهن بہ اداري ۾ ۽ جتي بہ پهچون ٿا، اتي پاڻ ۾ ضرور وڙهون ٿا. شايد ان ڪري جو صاف صاف ڳالهہ نہ ٿا ڪريون ۽ جيڪڏهن صاف صاف ڳالهہ ڪريون ٿا تہ پوءِ اصولي ڳالهيون نہ ٿا ڪريون ۽ هر معاملي تي الڳ الڳ اصول ٺاهي وڙهون ٿا. هاڻي اوهان ئي ٻڌايو تہ مون کي ۽ مبارڪ علي خان کي ”سنڌالاجيڪل اسٽڊيز“ جي ايڊيٽوريل ڪاميٽيءَ تان ڇو هٽايو ويو آهي؟ ان لاءِ نہ اوهان کو اطلاع ڏنو ۽ نہ ئي اوهان اسان کي ڪڍڻ جو کو ليٽر ئي روانو ڪيو.

تنهن تي مسز راشديءَ چيو تہ ”اوهان کي ايڊيٽوريل ڪاميٽيءَ تان ڪڍيو نہ ويو آهي، پر جيئن تہ اوهان کي ڪو - آپٽ Co-opt ڪيو ويو هو، ان ڪري پبليڪيشن آفيسر کان ليٽر ڪڍڻ وقت اوهان جو نالو درج ڪرڻ رهجي ويو. ان ڪري آئون معذرت ڪريان ٿي. هاڻي ايندڙ ميٽنگن ۾ اوهان کي ضرور شريڪ ڪيو ويندو.“

اها ايڪسپلينيشين منهنجي لاءِ ڪافي هئي، جيتوڻيڪ مون کي صاف لڳو تہ پبليڪيشن آفيسر مسٽر عبدالقادر جوڻيجي، انچارج ڊائريڪٽر مسز راشديءَ جي صلاح سان ئي اسان جا نالا ڪڍيا هوندا، نہ تہ مسٽر جوڻيجي کي کهڙي طاقت آهي، جو منهنجو نالو ائين درج ڪرڻ کان ڪڍي ڇڏي. پر تڏهن بہ مون هروڀرو ڳالهہ وڌائڻ ضروري نہ سمجهي ۽ مسز راشديءَ جي سمجهاڻيءَ کي جيئن جو تيئن درست سمجهي( تہ هن پنهنجي غلطي محسوس ڪئي ۽ اها ڪافي هجڻ کپي) مون ان ڳالهہ کي درگذر ڪيو.

اسان کي ائين ئي ڪرڻ گهرجي. اختلاف جي صورت ۾ هڪ ٻئي وٽ لنگهي وڃي ۽ صاف طرح سان هر ڳالهہ هڪ ٻئي آڏو بيان ڪرڻ گهرجي. جنهن بہ ڏُر زيادتي ڪئي هوندي، اها پاڻهي محسوس ڪندي ۽ جيڪڏهن ڏاڍائي ناهي ڪئي تہ پوءِ مفاهمت تي ويندي، نہ تہ اختلاف رهندو بلڪہ وڌي ويندو. پر اهو اختلاف اصولي هوندو ۽ گهٽ ۾ گهٽ ائين تہ چئي سگهبو تہ پهرين مفاهمت جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ ٻنهي ڳالهائڻ يا ٻنا ڊائلاگ جي جيڪي بہ اختلاف ٿين ٿا، انهن مان پنجاهہ سيڪڙو بلڪہ نوانوي سيڪڙو اختلاف ختم ٿي سگهن ٿا، جيڪڏهن ٻئي ڌريون هڪ ٻئي سان آمهون سامهون ويهي ڳالهائين.

●

# 31 مارچ 1984

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته ُسپر هاءِ وي تان آيس پئي، ته ڄامشوري وٽ پي ڊبليو ڊي ڪالوني وٽ هڪ ماڻهو بيٺو هو ۽ ان سان گڏ هڪ ننڍڙو ڇوڪرو به بيٺو هو. ماڻهوءَ جي عمر سٺ سال کن هوندي ۽ هو شلوار جو اڳٺ هڪ هٿ سان مٿي جهليو، ٻئي هٿ کي شلوار جي اندر وجهي ”وَٽُ سوري“ رهيو هو. مسلمانن ۾ نمازي ماڻهو پيشاب ڪرڻ کان پوءِ پاڻي استعمال ڪندا آهن ۽ جتي پاڻي نه هوندو آهي ته ڪنهن پٿر يا پٽر سان پيشاب جي جاءِ کي ڇهي، پيشاب جا ڦڙا ان ۾ جذب ڪرائي، پوءِ پٿر اڇلائي ڇڏيندا آهن. اهو ان ڪري جو پيشاب جو ڪو به ڦڙو سرير يا ڪپڙي کي نه لڳي جيئن ناپاڪائي نه ٿئي. جو ناپاڪائيءَ جي حالت ۾ نماز نه ٿي پڙهي سگهجي.

آئون انهيءَ عمل ڪندڙ ماڻهوءَ کي يعني وٽ سوريندڙ همراهه کي ڏسي، پهرين ته اڳتي وڌي ويس، پر پوءِ سمجهيم ته ڪنهن سنڌيءَ جو ائين رستي تي وَٽُ سورڻ ڪيتري به پاڪائي جو عمل ڇو نه هجي، ائين ظاهر ظهور ڪرڻ سنو لڇڻ ڪونهي. آخر ڏسندڙ اسان سنڌين جي باري ۾ ڪهڙي راءِ قائم ڪندا. ان ڪري آئون گاڏي ڦيرائي موٽي آيس ۽ هن همراهه وٽ گاڏي بيهاريم. هو همراهه پنهنجي عمل ۾ اڃا مشغول هو. ڪيس چيم:

”چاچا، ائين رستي تي وٽ سورڻ مناسب ڪونهي.“

”ڇو مناسب ڪونهي؟! ڪا چوري پيو ڪريان؟“ اصل ڏند ڪرٽيندي ڇوڙ لڳو، جڻڪ اوچتو بلڊ پريشر چڙهي ويو هجيس. مون کي هرگز اميد ڪانه هئي ته مڙس ائين ٽپي باهه ٿي ويندو.

”ڏسو نه ائين اڳٺ ڇوڙي، شلوار جي اندر هٿ وجهڻ تمام خراب ڳالهه آهي.“ مون ته اڃا ”ائين اٿو ڳوهڻ“ چيو ٿي، پر الائي ڪيئن، اهي لفظ چترائي روڪي ويس.

"ڇو خراب ڳالهه آهي!!؟ پاڪائي خراب ڳالهه آهي! نماز پڙهڻ خراب ڳالهه آهي! تون ته موٽر اينئن ڦيرائي آيو آهين ته مون سمجهيو ته ڪٽيو ٿو هلين،" پوڙهو ڪاوڙجندو ويو. "پر خبر پيئي ته تون ڪو مون کي پڙهائڻ آيو آهين."

آئون سندس رد عمل تي ماٺ ٿي ويس. پهرين ته سوچيم ته وجي ڏوڙ پائي، آئون هليو ٿو وڃان. ڪو ماڻهو ڪا چڱي ڳالهه ٻڌڻ لاءِ تيار نه آهي ته ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ پر وري خيال آيم ته نه يار، اهو به تنهنجو مشن آهي ته پنهنجن ماڻهن ۾ ڪا اهڙي ڳالهه ڏسين جيڪا سڌاري جي قابل هجي ته اهو به تنهنجو قومي فرض آهي ته انهيءَ کي سمجهائين. اهو سوچي کيس چيم: "ها چاچا، توکي موٽر ۾ به ڪٽڻو هو ۽ اهو به ڇوٽو هو." اهو ٻڌي هن پوڙهي جي ڪاوڙ ڪجهه ڍري ٿي ۽ هن پنهنجو مذهبي عمل پورو ڪري، شلوار مان هٿ ڪڍيو ۽ اهو پٿر هٿ ورائي ٻنان ڏني پويان اڇلايو. شڪر ٿيو ته اتي ٻيو ڪو ماڻهو بيٺل نه هو ۽ اهو پٿر يا پٿر، پٿرن سان ملي ويو. شايد اهو وري ٻئي ڪنهن مومن جي خدمت لاءِ حاضر ٿي سگهي ٿو. سايد پهرين به ڪنهن "مومن" جي خدمت ڪري چڪو هجي ۽ هن خدمت جو موقعو هن ٻيهر يا ٽيهر حاصل ڪيو هجي.

ڪيس ڪار ۾ ويهاريندي جڏهن اسين هلڻ لڳاسون ته رستي ۾ وري چيومانس، "چاچا اوهان ڪاوڙجي پيا، مون ته هڪ عام اخلاق جي ڳالهه پئي ڪئي ته اينئن رستي تي پيشاب ڪرڻ ۽ وري سلوار جو اڳڻ هٿ ۾ جهلي، ٻئي هٿ سان وٽ سورڻ سنو ڪونه ٿو لڳي، جو عام رستو آهي. ماڻهو پيا اچن وڃن، عورتون ۽ نينگريون به پيون لنگهن ته اهو اصل ۾ مورڳو ئي هڪ قسم جي اوگهڙ ٿي وڃي ٿي. ان ڪري چاچا توهان کي جهليم پئي. آئون پاڻ ماسترا آهيان. آخر اسان توهان کي نه ٻڌائينداسون ۽ توهان اسان کي نه ٻڌائيندؤ ته پوءِ اسين ڪيئن سڌرنداسون."

مون کي لڳو ته چاچي جي منهن تي هاڻي اها ڇڪتاڻ نه هئي. پوءِ هن نهايت بدليل لهجي ۾ چيو ته "منهنجي عمر سٺ سال آهي، پر مونکي گذريل چاليهن سالن ۾ ڪنهن به اينئن نه روڪيو ته ڪو رستي تي اينئن وٽ سورڻ پلو ڪونهي، اها بي تهذيبي آهي."

۽ آئون سوچڻ لڳس ته واقعي جنهن عمل تي گذريل چاليهن سالن ۾

ڪنهن اڪر ٻه نه ڪڇيو هجي ته اهو عمل سنو آهي يا خراب ته پوءِ عمل ڪندڙ تي ڇڏڻي ميار.

بهرحال مون کي اميد آهي ته هُو بزرگ هاڻي باقي ڇمار ته اينئن رستي تي ڪليو ڪلايو وَتُ ته نه ڪندو وتندو.

اهڙي قسم جو هڪڙو ٻيو "عمل" آهي جو سنڌين ۾ ڏاڍو عام جام آهي. خبر ناهي ته اهو ايترو عام ڇو آهي، بظاهر ان جو ڪو خاص ڪارڻ ته نظر نه ٿو اچي.

اوهان ڏٺو هوندو ته سنڌي جوان ڪٿي رستي جي ڪنڊ پاسي ۾ بيٺل هوندا ته انهن سان گڏ هڪ ٻه ڄڻا شلوار جا پائنچا گوڏن تائين ڪنيو، پنيون اگهاڙيون ڪيو، پنهنجي سٿرن تي پيا هيٺ ڪان مٿي هٿ ڦيريندا. يا ڪٿي پاسي تي يا ڪپ تي ڪنهن دڪيءَ تي ويٺا هوندا ته انهن مان هڪ ٻه ڄڻا اينئن گوڏن تائين سلوار سيريو مٿي ڪيو، پنيون ۽ گوڏا اگهاڙا ڪيو ويٺا هوندا. منهنجي مراد هن عمل سان وَرڪڻ واري عمل سان ڪانهي جا ٻني ٻاري ۾ يا ڪم ڪرڻ مهل پورهيت ڪندا آهن، پر انهيءَ عمل سان آهي جيڪي گهڻو ڪري ڪچهري ڪندي وقت ڪندا آهن. هوٽلن ۾ ۽ مانڊڻين تي ڪرسيءَ تي ويٺل ٻه ڳهڻا ڄڻا نوجوان سلوار مٿي ڇڪيو ٽنگون اگهاڙيون ڪيو ويٺا هوندا آهن. انهيءَ عمل جو هڪ عجيب رخ وري اهو آهي، جيڪو مون مٿي بيان ڪيو آهي، يعني سلوار مٿي ورايو، وري هٿ ٻه سٿرن تي هيٺ ڪان مٿي ڦيريندا رهندا آهن. مون ڏاڍو سوچيو آهي ته آخر اهو بي تهذيبيءَ جو مظاهرو ڇو ڪندا آهن. اهو سرت ونديءَ سان Consciously يعني ڄاڻي ٻجهي ڪيو ٿو وڃي يا اهو بي سرتيو Unconscious عمل آهي! جيڪڏهن ٻنهي صورتن مان ڪو به هڪ جواب آهي ته پوءِ سوال ٿو پيدا ٿئي ته اينئن ڇو آهي؟

منهنجو پنهنجو ويچار آهي ته شايد ڪاڙهي جي ڪري اينئن ٿو ٿئي، جو ٽنگن تي هلڪو پگهر ٿو اچي ۽ جڏهن سلوار مٿي ڪرڻ سان ان تي هلڪي هوا لڳي ٿي ته ٽنگن تي هلڪي ٿڌڪار جو احساس ٿئي ٿو. پر هيءَ عمل گهڻو ڪري نوجوان، جوان ۽ وچولي عمر وارا ماڻهو ڪن ٿا، جڏهن ته پوڙها نه ٿا ڪن.

اهو ته هڪ طبعي Physical ۽ سرت وند Conscious عمل آهي. پر ڪو

سائيڪياٽرسٽ يا سائيڪالاجسٽ شايد انهيءَ تي ويچار ڪندو ته ان عمل جو ذهني يا بي سرتيو هجڻ جو ڪارڻ شايد سيڪس ۾ نظر اچي. ڇو ته اهو عمل ڪرڻ وقت گهٽو ڪري همراهه ڪچهري ڪندا، مرڪندا ۽ تمام هلڪڙن موضوعن تي ڳالهائيندا نظر ايندا آهن ۽ هيڏانهن هوڏانهن به ڏسندا رهندا آهن. ڇو ته جيڪڏهن انهيءَ جو سبب ڪاڙهو هجي ها ته پوءِ هرڪو يعني پوڙها به ائين ڪندي نظر اچن ها ۽ اڪيلا ڪم ڪار ڪندي به ائين ڪندا نظر اچن ها. پر عام طرح ڏٺو ويو آهي ته ايئن ڪو اڪيلو ماڻهو، ڳنڀير ڪم ڪندي، اهو عمل ڪندو ورلي نظر ايندو. بهرحال اهو به بد تهذيبيءَ جو مظاهرو آهي، جيڪو مون سنڌ يونيورسٽيءَ جي ڪالونيءَ ۾ رهندي، گهڻن نوجوانن ۾ ڏٺو آهي، جنهن ۾ پٽيوالا، چوڪيدار، مالهي ته نهيو پر ڪلرڪ ۽ سپرنٽينڊنٽ به نظر ايندا آهن. وڏيڪ حيرت جي ڳالهه ته شاگرد جيڪي هاسٽلن ڪان هيٺ اچي مارئي هاسٽل ۽ سپر هاءِ وي جي ڪنڊ تي اچي بسن جو انتظار ڪندا آهن، اهي به اهو عمل ورجائيندا رهندا آهن.

ويجهڙائي ۾ نيٺ مون ڪي نوجوانن جي هڪڙي ٽوليءَ ڪي ايئن ڇوڙو پيو. انهن ٽن ڇئن مان هڪڙو همراهه انهيءَ سپر هاءِ وي تي مارئي هاسٽل جي ڪنڊ تي نهيل دڪيءَ تي شلوار جا پائنچا اصل بنهه مٿي ڪري، سٿرن تائين ٽنگون اگهاڙيون ڪيو، دڪيءَ جي مٿان ٽنگون چاڙهيو، پانهن وسيلي ٽنگ سان ڪانپ ٻڌيو وينو هو.

"پائو اوهان ڪير آهيو؟" مون پڇيومانس.

"آئون..... آهيان." هن پنهنجي آڪهه ٻڌائي.

"منهنجو مطلب آهي ته هتي ڇا ڪندا آهيو؟"

"مالهي آهيان."

"ادا هاٺي دل ۾ نه ڪيو ته هڪڙي ڳالهه پڇان ته اوهان هيئن شلوار جا پائنچا مٿي ڇو ڪٽندا آهيو، ۽ ڳوٺن ۽ وسندين ۾ ايئن ماڻهو ڇو ڪندا آهن؟ اهي ته نهيو پر شاگرد ته هتي سپر هاءِ وي تي پائنچا مٿي ڪيو سٿرن تي هٿ ڦيريندا رهندا آهن. اسين ايئن ڇو ڪندا آهيون؟" مون يڪساهي سچي ڳالهه ڪري ورتي ۽ مون ٻين جو به ذڪر ڪيو ته مٿان مالهيءَ ايئن سمجهي ته آئون رڳو ڪيس اڪيلو پيو هاها ڪريان.

هن همراهه کو جواب ته نه ڏنو، بس ايترو سو چيائين، "سائين اوهان جي ڳالهه صحيح آهي. ايئن نه ڪرڻ کپي." ۽ هن همراهه شلوار جا پائنچا ستڙن تان لاهي هيٺ ڪري ڇڏيا. مون رڳو ايترو چيو مانس، "ادا ڳالهه خراب آهي، اسان کي سونهي نه ٿي، ان ڪري چيومانوَ."

هي ڳالهه لکندي لکندي هڪ ٻي ڳالهه مون کي ياد آئي آهي ته ان جو به ذڪر ڪندو هلان. يونيورسٽيءَ جا رهاڪو ڪالونيءَ ۾ هاسٽلن ۾ گهمندي ڦرندي رستن تي پلٽي هڻي، پٽ تي ويهي ڪچهري ڪندا آهن ۽ خاص ڪري سپر هاءِ وي تي اچي، اهو به خاص طرح رات جي وقت، پاسي تي اچي ويهي رهندا آهن.

هڪڙي پيري مون کان رهيو نه ٿيو ۽ نيٺ هڪ نوجوان جي ٽولي کي چوڻو پيو: "ادا، سپر هاءِ وي تي الائي ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو لنگهندا هوندا ۽ جڏهن يونيورسٽيءَ جي پاسي هوندا ته اهو سوچيندا هوندا ته هتي ملڪ جا سڀ کان وڏيڪ پڙهيل ڳڙهيل ماڻهو رهن ٿا ۽ وري جو نظر پوندن ته يونيورسٽيءَ جا ماڻهو ايئن رستن تي پلٽيون هنيو وينا آهن، ته ڪهڙو تاثر قائم ڪندا!" نوجوان شايد مون کي سڃاڻيندا هئا جو چپ چاپ ايئن اٿي هليا ويا ، نه ته ٿي سگهي ٿو ته مورڳو ئي ڪاوڙجي پون ها . انهيءَ واقعي کان پوءِ گهٽا ماڻهو ايئن ويٺل ڏٺا اٿم ، پر ڪين نه چيو اٿم .

اهو صحيح آهي ته يونيورسٽيءَ ۾ اهڙو ڪو باغ، ڪو ميدان، ڪو پرامينڊ نهيل ڪونهي. جتي بينچون رکيل هجن ۽ ماڻهو پنهنجن گهرن کان يا هاسٽل کان نڪري ٿورو واڪ ڪن ۽ ويهن به. پر انهيءَ سهوليت نه هئڻ جو اهو مطلب به ڪونهي ته ايئن رستي تي پلٽي هڻي ويهجي.

هيءَ ڳالهه لکندي مون کي هڪ ٽين ڳالهه به ياد آئي آهي. اها هيءَ ته يونيورسٽيءَ جا گهٽا هيٺئين درجي جا ملازم ۽ ڪجهه شاگرد به ايئن يونيورسٽي جي رستن تي هلندي هلندي ڪنهن وڻ جي هينان يا ڪنهن ٽڪريءَ ڏانهن منهن ڪري پيشاب ڪرڻ ويهو رهن. شهرن ۾ ته واقعي مسئلو آهي جو

اُتي پبلڪ ٽائليٽ ڪونهن، پر هتي ته هر ڊپارٽمينٽ ۾، هر آفيس ۾ ٽائليٽ آهي ۽ ٽورو صبر ڪري يا ٽورو پنڌ ڪري ماڻهو ٽائليٽ ۾ وڃي پيشاب ڪري سگهي ٿو. پر ڪير آهي جو ماڻهن کي سمجهائي ته ايئن ڪليو ڪلايو رستن جي پاسن ۾ ويهي ۽ اهو به يونيورسٽيءَ ۾، پيشاب ڪرڻ ڪيترو نه بد تهذيبيءَ جو مظاهرو آهي!

مون ڪوشش ڪري جڏهن به ڪنهن کي ايئن ڏٺو آهي ته کيس سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

پر هڪڙي پيري ڏاڍي حيرت ٿي جڏهن هڪ استاد کي هڪ ڊپارٽمينٽ جي ٻاهران ٻوڙن وٽ پيشاب ڪندي ڏٺم. اصل پنڌ پهڻ ٿي ويس. استاد کي چوڻ جي همٿ ته نه ڪري سگهيس، البت اهو سو پنهنجو پاڻ سان واعدو ڪيم ته انهي بد فضيلتي استاد سان آئون پاڻ نه ڳالهائيندس، جو هو ڳالهائڻ جي قابل ئي ڪونهي. جيڪڏهن ڪٿي ڪنهن گڏجاڻيءَ ۾ ملي ويو ته وڏ ۾ وڏ يڪو سيني کي سلام ڪندس ۽ هر هڪ سان هٿ ملائڻو پيو ته ڪٽي هن سان به هٿ ملائيندس. بس اهڙي بدفضيلتي کان جيترو پري رهجي اوترو بهتر، جيئن کيس به احساس ٿئي ته آخر ساڻس ماڻهو ڇو نه ٿا ملن.

ڪجهه ڏينهن ٿيا ته ڪتون واڻايم. ڪتن واڻڻ واري ڪم شروع ٿيڻ کان پهرين هُن مون کان پڇيو ته کيس گوڏ پائڻ جي اجازت ڏني وڃي ته جيئن ڪتون واڻڻ مهل سخت گرمي نه لڳي. آئون اهو سوال ٻڌي حيران ٿي ويس ته هن مون کان اهو سوال پڇيو ڪيئن، ڇو ته هو ته آرام سان شلوار مٿائي گوڏ پائي ڪم ڪري ها. اها جيڪڏهن ڳالهه آهي ته آئون کيس منع ڪريان ها ڇو ته آئون ايئن ٻاهر گوڏ پائڻ جي خلاف آهيان. پرُ مون کي حيرت ٿي ته هُن ڪاريگر ڪيئن سمجهيو ته آئون سنڌين کي ايئن گوڏ استعمال ڪرڻ جي خلاف آهيان.

مون کانئس پڇيو، ”ڇو گوڏ پائڻ لاءِ خاص موڪل پيو گهرين؟“

”سائين ڳالهه اها آهي ته سال ڏيڍ ٿيو ته اسين به دوست گوڏيون پايو ٻاهر دڪين تي وينا هئاسون ته اوهان اچي اسان کي چيو هو ته ايئن گهرن جي اڳيان اچي ويهڻ نه گهرجي ۽ ٻيو ته گوڏ پائڻ سني تهذيب جي نشاني ڪانهي. سو ان ڪري اوهان کان موڪل پئي گهريم.“

بهرحال مون هن کي گوڏ پائڻ جي موڪل ته ڪانه ڏني، پر مون کي پنهنجو پاڻ تي اچرج به لڳو ته ڪن ماڻهن کي (جن کي آئون سڃاڻان به ڪونه) هڪ چڱي هدايت ڏني هئي ۽ هنن ياد رکي، جيتوڻيڪ مون کي ياد نه هو ته مون ڪنهن کي گوڏ پائڻ کان روڪيو هو.

گوڏ جي باري ۾ آئون پنهنجي راءِ واضح ڪندو هلان. گوڏ واقعي ڪنهن زماني جي ضرورت رهي هوندي ۽ هينئر به غريبن لاءِ ڪم ڪرڻ جي سهوليت ڏئي ٿي، جو شلوار جي پيٽ ۾ پگهر گهٽ اچي ٿو ۽ سولائي سان خريد ڪري، بنان سلائي جي خرچ جي ٻڌي، گذر ڪري سگهجي ٿو. هونئن به واٽر يا تلاءُ يا کوهه يا نلڪي وٽ وهنجڻ لاءِ به گوڏ اوگهڙ ڍڪڻ جو سنو ڪم ڏي ٿي ۽ اهو ڪم ونڻ به گهرجي. باقاعدي گوڏ ٻڌي عام طرح سان هلڻ چلڻ، گهمڻ ڦرڻ يا ائين ئي گهر جي در وٽ بيهي يا ويهي ڪچهري ڪرڻ مناسب نه ٿو لڳي. گوڏ ڪيتري به مضبوطيءَ سان ۽ خبرداريءَ سان ٻڌجي ته به هلڪي ڦلڪي اوگهڙ ضرور ظاهر ڪندي. مون ماڻهن کي گوڏي تائين ۽ هوا لڳڻ جي صورت ۾ اجا به سٿر تائين اگهاڙو ٿيندي ڏٺو آهي. پيو ته اسان ۾ گوڏ ته نهيو پر شلوار سان به انڊر ويئر پائڻ جو رواج ڪونهي. ان ڪري گوڏ ۾ هنڌ تي يا ڪٿي به ليٽڻ سان ۽ اڪ لڳي وڃڻ سان گوڏ وڏيڪ اوگهڙ ڪري سگهي ٿي، بلڪ ڪندي آهي. گوڏ جي سنهڙي ڪپڙي هئڻ ڪري قميص مٿي اڏامڻ سان به اوگهڙ ٿئي ٿي ۽ گوڏ سان نماز پڙهڻ سان سجدي ۾ وڃڻ مهل به اوگهڙ ٿئي ٿي. ان ڪري آئون ان خيال جو آهيان ته گوڏ بيحيثيت ويس جي استعمال نه ڪرڻ کپي. ٻاهر ته ڇا پر گهر ۾ به نه ڪرڻ گهرجي. ڪنهن زماني ۾ البت ضروري هوندي، جو درزيءَ کان يا گهر ۾ شلوار سبڻ جي تڪليف کان ۽ خرچ کان ماڻهو بچي سگهندا هوندا، پر گوڏ ته اهڙي ڪلچر ۾ شامل ٿي هئي جو بطور فيشن به استعمال ڪئي وڃي ٿي. بلڪ ڪي چون ٿا ته گوڏ پائڻ جي ڪين اهڙي ته هير پئجي ويئي آهي، جو هو ڪنهن ٻئي ويس ۾ آرام ئي محسوس نه ٿا ڪن.

بهرحال ڇا به هجي، اسان کي گوڏ بحيثيت هڪ پوشاڪ جي ترڪ ڪرڻ کپي. اها اسان جي سلوار ئي آهي جيڪا وَرن جي ڪري نهايت فضيلت وارو ويس آهي. محمد اسماعيل عرسائيءَ ته "سنڌي سڀاجهڙا" ڪتاب ۾ پاجامي کي به رد ڪيو آهي ته پاجامي ۾ ور نه هجڻ ڪري اوگهڙ ٿئي ٿي. جيڪي ڳالهيون اسان جي ڪلچر ۾ ڪن خاص دورن ۾، ڪن خاص ضرورتن جي ڪري،

داخل ٿي ويون هجن، انهن کي تياڳڻ مناسب آهي ته جيئن اسان جو ڪلچر بهتر کان بهتر ٿئي.

اهو صحيح آهي ته اسان جا وڏا گوڏ پائيندا هئا. هئا ڇا پر اڄا به پائيندا آهن. مون کي چڱيءَ طرح ياد آهي ته منهنجو ابو پاڻ گوڏ پائيندو هو. هو بئنڪ جو مئنيجر هو ته به گهر ۾ ڪڏهن ڪڏهن گوڏ پائيندو هو.

هتي آئون پنهنجي پيءُ جو مثال ان ڪري ٿو ڏيان ته مٿان ماٺو گوڏ سان ڪو جذباتي لڳاءُ سمجهن ۽ اهو چون ته ظفر حسن پين تي ته تنقيد ڪري ٿو پر پنهنجن جي ڳالهه نه ٿو ڪري. آئون ايترو چوندس ته جيڪڏهن منهنجو پيءُ حيات هجي ها ته آئون ساڻس گوڏ تي بحث ڪري ڪيس مجرائڻ جي ڪوشش ڪريان ها ته گوڏ ايترو فضيلت پريو ويس نه آهي، جيترو اوهان سمجهو ٿا.

اسان کي سنڌي قوم جي ننڍڙي ننڍڙي ڳالهه تي بحث ڪرڻ گهرجي، تيڪاٽپٽي ڪرڻ گهرجي ۽ ان جا گڻ ۽ اوگڻ الڳ الڳ ڪري فيصلو ڪرڻ گهرجي ته جيڪا ننڍي ۾ ننڍي ڳالهه به مناسب نه آهي، سا اسان کي پنهنجي رهڻي ڪهڻي ۾ سوچ مان ڪڍي ڇڏڻ کپي ته جيئن اسين "آدرشي قوم" جي درجي ڏانهن وڌندا رهون ۽ جيئن مائوزي تونگ هڪ آدرشي انسان بنجڻ لاءِ پنهنجي قوم ۾ انسان ذات لاءِ هڪ وصف ۾ ڪمٽمينٽ ڏني آهي، اهڙي طرح اسين به هر ننڍي وڏي ڳالهه هر مفڪر، هر مذهبي شخصيت، هر نظريي جي پرچار ڪرڻ وارن مان، جيڪا به ڳالهه بهتر سمجهون سا ورنايون ۽ اهو نه سمجهون ته فلاڻي ڳالهه يا عمل ذاريو آهي، ان ڪري خراب آهي.

ڳالهه نڪتي آهي ته روزمره جي جيوت ۾ ڪجهه ٻيا مثال به ڪٿجن، جيڪي منهنجي نظر ۾ اسان کي ترڪ ڪرڻ کپن.

اهو عام طرح ڏٺو ويو آهي ته دعوتن ۾ ماٺو کائڻ مهل هڏا الڳ پليٽ ۾ رکڻ بدران يا ته دسترخوان تي ايئن ئي ڪپڙي تي رکندا ويندا آهن، يا ٽيبل جي هيٺان اڇلائيندا ويندا آهن، يا گوڏن ۾ يا باغن ۾ مورڳو ئي پاڻ کان پري ڪنهن ڪنڊ پاسي ۾، يا پنهنجي پنيان اڇلائيندا ويندا آهن. ٺيڪ ته ايئن کپي ته يا ته ٻوٽيون وغيره، ميوي جون کلون وغيره الڳ خالي پليٽ ۾ رکيون وڃن، يا پنهنجي ئي پليٽ جي ڪنڊ ۾ رکيون وڃن. اهو ئي صحيح طريقو آهي. آئون

شادين وغيره ۾ ڏاڍا دلچسپ منظر ڏسندو آهيان. جڏهن گهڻا مهمان هئڻ ڪري مختلف ماڻهن کي کارايو ويندو آهي ته پهرين هڪڙو ماڻهن جو جٿو کائيندو آهي ۽ ان جي کائڻ کان پوءِ ٻيو جٿو کائڻ ايندو آهي ۽ انهيءَ وچ ۾ دسترخوان جي ڪپڙي کي گهڻو ڪري ڇنڊي ورِي وڇايو ويندو آهي. جڏهن دسترخوان تان پليٽون کڻي، دسترخوان ڇنڊڻ لاءِ کڻبو آهي ته ان تي هڏا ئي هڏا پکڙيا پيا هوندا آهن ۽ عجيب ڪراهت ڀريو منظر هوندو آهي. جيڪڏهن اهي هڏا وغيره الڳ پليٽن ۾ رکيا وڃن ها، ته پليٽون کڻي وڃڻ مهل اهي به کڄي وڃن ها. دسترخوان بهرحال ڇنڊڻو ته هوندئن ئي پوي ٿو، پر اهڙو ڪنو تيل دسترخوان ته نه هجي. ڪي ميزبان ته ويچارا دسترخوان تان هڏيون هٿن سان ميڙي به کڻندا آهن.

عام طرح هڪ ٻي عادت به مون مردن ۾ يعني سنڌي مردن ۾ ڏاڍي عام ڏٺي آهي. اها آهي کنهڻ جي عادت. ڪي ته هڪ مخصوص هنڌ تي قميص جي اندر ۾ قميص جو پلاند کڻيو پيٽ کان هيٺ سٿر جي اندر کنهندا رهندا آهن. بقول ماهتاب محبوب جي هڪ ڪهاڻيءَ ۾ استعمال ڪيل لفظ جي ته ”کونهڙو“ ڪندا رهندا آهن. اهو لقاءُ ته نهايت بدفضيلتيءَ جو ڏيکاءُ آهي. رستن تي، چوواٽن تي هلندي، ڪچهريون ڪندي همراهه بي پرواهه ٿيو کنهندا رهندا آهن. ڪاش! آئون پنهنجن دوستن کي انهيءَ معيوب حرڪت کان جهلي سگهان.

هن موضوع تي پيو لکان ته انيڪ اهڙيون ڳالهيون ياد پيون اچن جهڙوڪ ٿڪ اڇلائڻ. همراهه ٿڪ اڇلائيندي ڏسندا ئي ڪونهن ته ڪٿي ٿڪ پيا اڇلايون. اوهان جي سامهون ايندڙ ئي رستي تي ”آخ ٿو“ ڪري ٿڪ اڇلائيندا آهن، جيتوڻيڪ رستي تي هلندي ٿورو پاسيرو ٿي رستي جي ڪنڌ پاسي ڳان پل ڪن بيهي، جهڪي، ڪنڌ هيٺ ڪري ٿڪ اڇلائي سگهجي ٿي يا نڪ صاف ڪري سگهجي ٿو.

بس يا ريل ۾ ته کي بنهه اندر ئي تائين اڇلائيندا آهن، جيئن ته ٽيڪ بس ۾ يا ريل ۾، دريءَ کان ٻاهر تائين اڇلائڻي آهي. پر جيڪڏهن دريءَ جي پر ۾ به ماڻهو وينل نه هجي، پريرو ئي هجي، پر ٻئي مسافر کي تڪليف ڏيڻي به ٻاهر تائين اڇلائڻي آهي. اندر ته ڪنهن به صورت ۾ نه اڇلائڻي آهي.

اهڙي طرح اوهان رستي تي گهٽا ماڻهو ڏٺا هوندا ته دڪانن تي، مانڊڻين تي، نيلهن تي وکر وني يا ڪا ڪائڻ جي شيءَ وني، ان جي ڪل يا ويڙهيل ڪاغذ کي ئي رستي تي ڦٽي ڪري ڇڏيندا آهن. آئون خاص ڪري ڳنڊيري ڪائيندڙن کي ڏسندو آهيان ته نيلهي وارن وٽ بينا ڪائيندا هوندا ۽ ڇوڀا اتي ئي رستي تي اڇلائيندا وڪيريندا ويندا آهن. تيڻ ته ايئن ڪپي جو نيلهي واري وٽ ئي ڪو خالي ڪوڪو هجي، جنهن ۾ ڇوڀا يا شيءَ جون ڪلون اڇلائيون وڃن. پر نيلهي وارن وٽ ايتري فضيلت ڪٿي! ان ڪري اسان تي خاص طرح لازم آهي ته مانڊڻي يا نيلهي تان ڪوبه وکر وني، جيڪڏهن اتي ئي استعمال ڪرڻو آهي ته پوءِ وکر تي ويڙهيل ڪاڳر، يا ڪاڏي جي شيءَ جي ڪل يا ڳنڊيري جي ڇوڀن جهڙي شيءِ، ڪنهن خالي ڪاڳر منجهه يا ڪنهن ڪاڳر جي خالي ٿيلهيءَ ۾ وجهندا وڃون ۽ پوءِ ڪنهن مناسب هنڌ تي، رستي جي ڪنهن ڪنڊ ۾ يا ڪنهن گند اڇلائڻ جي جاءِ تي، اهو گند ڪچريءَ ۾ اڇلايون.

مون ته گهڻن کي ڪار مان ميوي جون ڪلون ۽ وکرن جا ڪاغذي ريپر اڇلائيندي ڏٺا آهن ۽ ايئن هلندي ڪار مان نارنگيءَ يا ڪيلي جون ڪلون يا چپس جا پئڪيٽ يا سگريٽ جا پئڪيٽ اڇلجندي ڏٺا آهن، سي ڏاڍا خراب لڳندا آهن، ۽ گندگي پکيڙڻ ۾ اضافو ڪندا آهن. ايئن ڪار مان ڪچرو هاءِ وي تي هلندي به نه اڇلائجي. ڪار ۾ ڪا پلاسٽڪ يا ڪاڳر جي ٿيلهي هجي، جنهن ۾ چپس، سوئيٽس جا ريپر، ٿيلهيون، ميون جون ڪلون ۽ ٻيو گند ڪچرو وجهبو وڃجي ۽ پوءِ رستي تي جتي ڪنهن هوٽل وغيره وٽ ماڻهو ويهي ته اُتي اها گند ڪچري جي ٿيلهي ڪنهن گند اڇلائڻ جي جاءِ تي اڇلائجي. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي ڪٿي ترسڻو نه به هجي ته پوءِ گهر پهچي گند جي ڊبي ۾، اهو ڪچرو اڇلائجي، پر رستي تي ايئن ڪڏهن نه اڇلائجي. اسان جي شهرن، هاءِ وي ۽ ان جي آس پاس پکڙيل ڪچرو ماحول کي گندو ڪندو ۽ ايئن گند اڇلائيندڙ کي

ماڻهو بدفضيلتو سمجهندا.

هڪ ٻي عجيب حرڪت يا نظاري جو ذڪر ڪندو هلان. ماڻهو پنهنجي گهر جو گند ڪچرو پنهنجي ئي در جي اڳيان اڇلائي ڇڏيندا آهن. فليٽن ۾ رهندڙ ته سنهو ٿلهو ڪچرو مٿان فليٽن مان ئي هيٺ اڇلائيندا آهن. پنج ڇهه ماڙ تان مون تي به گند اچي لڳو آهي ۽ اهو به ٽي ڀيرا ٿيو آهي. ڪار پارڪ ٿيل آهي ۽ ان جي ڇت مٿان ڪچرو ڪنهن فليٽ مان اڇلايل پکڙيو پيو آهي. هڪ ڀيري ته ڇت پان سان رڱي پئي هئي، ڪنهن پان جي نلهي ٿڪ نه، پر شايد سڄو اگالدان اڇلايو ويو هو. ڇا اسان شهرن ۾ رهي اهو به نه سکيا آهيون ته گهر جو گند ٻاهر ڪيئن ڪڍجي ۽ ڪٿي اڇلائجي؟

باقي فليٽن جي اندر، ڏاڪڻين تي، هر ماڙ جي ڪنڊ تي، ڏاڪڻ ته پان جي ٿڪن سان اهڙي ته پرائي ٿي پئي هوندي آهي، جو ڏسندڙ کي الٽي پيئي ايندي. اهو صحيح آهي بلڪه شڪر آهي جو سنڌي ٻين جي ڀيٽ ۾ گهٽ پان کائن ٿا، پر تڏهن به ڪي ڪي کائيندا آهن ۽ منهنجي هر انهيءَ سنڌيءَ کي، جيڪو پان کائيندو آهي، ڏسي اها خواهش اڀرندي آهي ته ڪاش انهن کي پان کائڻ کان جهلي سگهان! آئون سمجهان ٿو ته جيتري گندگيءَ جو هڪڙو اسم پان آهي، اوترو ٻيو ڪونهي. ڪا آفيس، ڪو فليٽ، ڪا ڪنڊ بچيل ڪانهي، جتي پان جو گارو نه لڳو پيو هجي. منهنجو وس پڄي ته پان تي بندش وجهي ڇڏيان.

اڄ عجيب موضوع ذهن ۾ آيو آهي. سوچيان پيو ته اسان ۾ جيترا اوگڻ آهن، اهي هڪ هڪ ياد ڪري لکندو وڃان ۽ هڪ انڊيڪس ناهيان. هڪ يڪي لسٽ.

سياري ۾ لوئي پائڻ سنڌ جي هڪ روايت آهي. لوئي، کٿو، اجرڪ، مرد توڙي عورتون سڀ اوڍيندا آهن. پر هتي هڪ انهيءَ لوئيءَ جو ذڪر ٿو ڪريان جيڪا خاص طرح مرد اوڍيندا آهن. اها لوئي آهي گلابي رنگ جي، جيڪا اسان جا جاننا مرد پائي پري کان عورت نظر ايندا آهن. اصل ۾ اها لوئي ته ڪا مردائي ۽ عورتائي ڪانهي، پر انهيءَ جو گلابي رنگ اهڙو آهي، جو مرد تي ٻنهه سونهي نٿو. ڪن مردن کي ته مون سائي رنگ جي به لوئي پائيندي ڏٺو آهي ۽ اها به عورتائي لڳندي آهي. اصل ۾ گلابيءَ جي ڀيٽ ۾ اها عورتائي ڪجهه

گهٽ لڳندي آهي ۽ پائبي گهٽ آهي. پر گلابي لوئي ته ذري گهٽ هر مرد کي خاص طرح ڳوناڻي مرد کي پاٽل نظر ايندي آهي. دل چوندي آهي ته آئون ماڻهن کي وڃي پاڻ چوان ته "يار اهورنگ ته نه پايو." پر وري سوچيان ٿو ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ نظر اچي ته ان کي ڪٽي ڇنجي، پر هتي ته سڄو ملڪ منصور لڳو پيو آهي. ڪو باقاعدي اخبار ۾ اشتهار ڇپرائجي، ڪي پوسٽر ڇپرائي لڳارائجن، تڏهن ڪو وڃي اسان جا مرد اها گلابي لوئي ڇڏين ۽ گهر ۾ عورتن جي حوالي ڪن، باقي منهنجي چوڻ تي اهو "لوئي انقلاب" اچڻ ڏکيو آهي.

اصل ۾ پوشاڪ ۾ ڪي رنگ ٿيندا ئي عورتاڻا آهن جن مان گلابي ته سؤ سيڪڙو عورتاڻو رنگ آهي. اهڙي طرح ڳاڙهو رنگ به عورتاڻو آهي، خاص طرح ڇڊو ڳاڙهو. البت گهاٽو ڳاڙهو، جنهن کي ناسي (Maroon) رنگ چئجي ٿو، اهو البت مرد کي به سونهي ٿو. اهڙي طرح واڱڻائي ۽ سائو رنگ به عورتاڻو رنگ ئي شمار ڪبو. ڪاش اسان جي عام ماڻهن کي خبر هجي ته عورتاڻا رنگ ڪهڙا يا مرداڻا رنگ ڪهڙا! ٻيا عورتاڻا رنگ ته خير مرد ايترا نٿا پائين پر اها گلابي لوئي، لڳي ٿو، آهي ئي هڪ انهيءَ رنگ جي. اجا ٻيو ظلم اسان جا ساٿي اهو ڪندا آهن ته انهيءَ گلابي لوئي تي پرت پريل هوندو آهي. اها پرت واري گلابي لوئي ته اصل به سؤ سيڪڙو عورتاڻي لڳندي آهي، پر اها وري اسان جا مڙس فخر سان پائيندا آهن.

اهو ساڳيو گلابي رنگ اڄڪلهه اسان جي سنڌي ٽوپيءَ ۾ به ڏاڍو استعمال ٿئي پيو. جيتوڻيڪ ناسي ۽ مرون رنگ وڏيڪ ناهوڪا ٿا لڳن، ۽ سنڌي ٽوپيءَ ۾ ڳاڙهو رنگ به هلي وڃي ٿو، پر ٽوپيءَ ۾ گلابي رنگ ته پوءِ وڃي ٿيا خير. آئون سمجهان ٿو ته پڙهيل لکيل ۽ شاگرد اها گلابي لوئي تيا ڳي ڇڏين ته اسين پاڻ تي ماٺو ڪلاٽڻ کان بچي وڃون.

هڪ ٻي عادت اسان جي اها ڏاڍي عجيب آهي ته اسان کي ڪنهن سان ملڻو هوندو ته نه ڏسندا سون، وقت نه ڏينهن. اول ته صبح جو ستين اٺين وڳي ويندا سون، جيڪو شيو ڪرڻ جو، نيرن ڪرڻ جو، وهنجڻ جو، تيار ٿيڻ جو وقت آهي، يعني آفيس وڃڻ جو. ٻيو ٻنپهرن جو ڏرتتيءَ جو، ٽين چئين وڳي ويندا سون، جيڪو سياري توڙي اونهاري ۾ آرام جو وقت آهي يا پوءِ وري رات

جو ڏهين يارهين وڳي ويندا سون، جيڪو لکڻ پڙهڻ يا سمهڻ جو وقت هوندو آهي. باقي شام جو پنجين ڇهين يا ستين وڳي جو، جيڪو وقت آهي ملڻ جو، ان وقت نه ويندا سون. اهڙي طرح هفتي ۾ هڪڙو ڏينهن موڪل جو هوندو آهي؛ جنهن ۾ گهر جي ڪم ڪار، ٻارن ٻچن جي لاءِ وقت ڪڍيو آهي. پر انهيءَ ڏينهن تي ڪچهري ڪري سندس موڪل جو ڏينهن به ٻارن کان ڦري وٺندا آهيون. ڪاش، اسين بي وقتا ماڻهن جي گهرن تي نه وڃون! ڪاش، اسين موڪل جي ڏينهن تي ماڻهن جي گهرن تي نه وڃون ۽ ڪاش، اسين پنهنجي حياتي منظم نموني گذاري سگهون!

ڏاڍي خواهش اٿم ته ڪو ڪتابڙو لکان يا ڪو مضمون ئي لکان، جنهن ۾ اسان جي سماج جون اهي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون يا خاميون لکان، جو ته بظاهر اهي ننڍيون ڳالهيون پنهنجي Cummulative effect سان سنڌي قوم ۽ سماج جو منفي رخ پيش ڪن ٿيون. جيستائين اسين پنهنجي روزمره جي جيوت ۾ سلڇڻا اخلاق ۽ منظم رهڻ جا طور طريقا نه ورتائينداسون، تيسين اسان جي تهذيب يافتا قوم هجڻ جي دعويٰ نلهي ئي رهندي. وڏي ڳالهه ته قوم جي شناخت ۽ قوم جي آزادي به ماڻي نه سگهبي. ڪنهن قوم جو پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيڻ لاءِ پهريون شرط آهي منظم حياتي گذارڻ. (1)

●

(1) هتي نوٽ بوڪ نمبر 2 جو مواد پورو ٿيو. (مرتب)

’ڇا اسان مان هرهڪ پنهنجي ڪهاڻي نٿو لکي سگهي؟ ڪرڻو فقط هيءُ آهي تہ واندڪائيءَ ۾ قلم کڻي، نهايت سچائيءَ سان پنهنجو ٻاروتڻ ياد ڪري ويهي ان جو بيان لکون تہ اسان ان وقت ڇا هئاسون؟ اسان جو اُٿڻ-ويهڻ ڪهڙي نموني سان هو؟ اسان کي ڇا ڇا وڻندو هو، ۽ ڇا ڇا نہ وڻندو هو؟ اسان کي ڪنهن سان پيار هو، ۽ ڪنهن سان نفرت هئي؟ مطلب تہ بنا ڪنهن اُڏڪي جي، تہ ماڻهو اسان کي ڇا ڪري سمجهندا، اسين نهايت ايمانداريءَ سان ويهي پنهنجي ٻاروتڻ جي ڪهاڻي لکون. منهنجي استدعا آهي تہ اوهان مان هرهڪ اها ڪوشش ڪري. جي اسان جي سيني پڙهيلن نهايت سچائيءَ سان، پنهنجي سوانح لکڻ شروع ڪئي، تہ آءٌ اوهان کي خاطري ٿو ڏيان تہ، اسان مان ڪيترائي فقط انهيءَ سوانح لکڻ سان مصنفن جي صف ۾ شمار ٿيندا ۽ ٿي سگهي ٿو تہ ڪن جا قلمي داستان اهڙا تہ معياري ڪتاب بنجي پون، جو انهن جهڙا ڪي ورلي لکيا ويا هجن. سينٽ آگسٽين (St. Augustine) روسو، (Rousseau)، گوئٽي (Goethe) گانڌي، مڙني ائين ڪيو ۽ ٻيا بہ سوَ اهڙا نڪرندا. ڪن مصورن پنهنجون تصويرون ڪڍيون، سَوَن وري پنهنجون سوانح عمريون لکيون.‘

[علم ادب جي ترقيءَ جا طريقا - علامہ آءِ. آءِ. قاضي]

موضوع: ڊائري/آتم ڪهاڻ

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪٻئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ ڪان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ پلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.
شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيههہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجھہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ-

اِن حسابَ سان اڄڪلهہ جي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

ون ون کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)